# رهاڻ

سهيڙيندڙ

جي. ايم. سيد

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# رهاڻ

## (سيد ميران محمد شاهه مرحوم جا چونڊ خط
## جي. ايم. سيد ڏانهن)

(1924-1963ع)

"ڏينهان ڏورن ڏٿ سين، راتيان ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري."

- شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه

مرتب

**جي. ايم. سيد**

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ
2005ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# رهاڻ

## سيد ميران محمد شاهہ مرحوم جا چونڊ خط

(1924 - 1963ع)



**سيد ميران محمد شاهہ**

جنم: 19 مارچ 1898ع

وفات: 16 نومبر 1963ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]


| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1965ع | تعداد هڪ هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 1978ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو ٽيون | جون 2005ع | تعداد هڪ هزار |

قيمت: هڪ سؤ پنجويهه رپيا

[ Price Rs.125-00 ]

خريداريءَ لاءِ

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(فون ۽ فيڪس نمبر: 633679 - 0222)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ڇپائيندڙ پاران

ڇپيو ويندو آهي تہ خط اڌ ملاقات آهي. خط کي اڌ ملاقات اُن ڪري چون ٿا، جو خط لکڻ دوران ماڻهو هڪ طرفو ٿي، رڳو پنهنجي اندر جوا حوال رقم ڪري ٻئي کي آگاهي ڏيندو آهي. دُنيا ۾ اهڙا بيشمار خط آهن، جيڪي لکيا تہ شخصي سطح تي ويا هئا، پر بعد ۾ اُنهن جي اهميت اجتماعي حوالي سان بہ ٿي وئي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ "خط" بہ دراصل هڪ دور جي تاريخ آهي، جنهن ۾ لکندڙ نيڪ نيتيءَ سان سچن پچن حالن احوالن ۽ واقعن جي آگاهي ڏئي ٿو.

عام طور تي خط ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا اُهي، جن ۾ روزمره جي عام روايتي واقعن کان آگاهي مليل هجي، ٻيا اهي خط جن ۾ خاص ۽ غير روايتي واقعن جي ڄاڻ ڏنل هجي. "رهاڻ" اهڙن ئي غير روايتي حالن احوالن تي لکيل خطن جو هڪ مجموعو آهي. اِهي خط جناب سيد ميران محمد شاهہ **1924**ع کان **1963**ع واري عرصي دوران پنهنجي همعصر ۽ ويجهي دوست جناب جي. ايم. سيد ڏانهن لکيا هئا. هي خط پنهنجي اندر ۾ **39** سالن جي هڪ پوري تاريخ رکن ٿا. ڇاڪاڻ تہ ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ **1924**ع کان **1947**ع تائين اُن جي ورهاڱي جو دور آهي، جڏهن تہ **1947**ع کان **1963**ع تائين سورهن سالن جو عرصو پاڪستان جو شروعاتي دور آهي. انهن ٻنهي دورن جي حالات ۽ واقعات کي سمجهڻ ۾ هي خط بيحد ڪارائتا ۽ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

ترتيب جي لحاظ کان ڪتاب ۾ ڪل ڇهہ فصل ڏنا ويا آهن. پهريون فصل سيد ميران محمد شاهہ جي زندگيءَ بابت ڏنل مختصر احوال تي

# پيش لفظ

سيد ميران محمد شاهہ سان منهنجي واقفيت مارچ 1924ع ۾، مٽياري سادات ڪانفرنس جي موقعي تي، سن ۾ ٿي، جا سگهوئي وڏي وجهي راز محرم دوستيءَ جي درجي تائين پهتي. سندس حياتيءَ جو مختصر احوال هن ڪتاب جي پهرئين فصل ۾ ڏنو ويو آهي. هتي سندس مون ڏانهن لکيل اٽڪل هزار ڪن خطن مان، جي مون وٽ سڀ محفوظ آهن، 243 خطن جو مجموعو پيش ڪريان ٿو، جنهن ۾ مرحوم جا مختلف موقعن تي لکيل خط ڏنل آهن. انهن مان تاريخي مواد هڪ طرف ملي سگهندو، ۽ ٻئي طرف سندس واقع نگاري، ادبي مذاق، زندہ دليءَ ۽ فلسفہ حيات تي بہ روشني پئجي سگهندي.

هنن خطن مان ڪن جو اختصار ڪيل آهي. ڪي، سواءِ عبارتن ۽ غير ضروري مواد جي، سمورا ڏنل آهن. ڪن جو انگريزيءَ مان آزاد ترجمو ڪيل آهي. هڪ خط منهنجو لکيل بہ ڏنل آهي، ڪن خطن جي هيٺان نوٽ لڳل آهي. اسان جي دوستي شخصي رفاقت جي بنياد تي ٻڌل هئي. هو بہ جذباتي هو، ۽ آءٌ بہ جذباتي پئي رهيو آهيان. هن تي ايراني تهذيب جي رند مشرب جو اثر وينل هو. آءٌ بہ، مشرق جي اڪثر مسلمانن وانگر، انهيءَ فضا جي پيدائش هوس، جنهن مطابق زندگيءَ جو مقصد انتهائي خوشيءَ جو حصول ٿئي ٿو. يونان جي ايپيڪيورين ۽ اسٽوئسزم واري فلسفي جو مقصد گهڻو ڪري ساڳيو وڃيو بيهي.

جهڙيءَ طرح زمين جي زرخيزيءَ ۽ آبهوا جي تبديليءَ ڪري ساڳيا درخت مختلف شڪل ۽ شباهت وٺن ٿا، تهڙيءَ طرح ساڳئي فلسفہ حيات جو بہ طبيعتن جي اختلاف سبب مختلف اثر پوي ٿو. سو، برادرم ميران محمد شاهہ جي طبيعت لاڙ جي معتدل هوا جي اثر هيٺ اعتدال ڏانهن مائل هئي، ۽ منهنجي طبيعت جبل جي گرم ۽ تيز هوائن ڪري انتها پسنديءَ ڏانهن راغب هئي. هن تي حافظ شيرازيءَ جي رندانہ تعليم جو گهڻو اثر وينل هو، ۽ آءٌ بہ انهيءَ لهس ۾ لوساڻجي ويو هوس. شاهہ لطيف جي سلوڪ جي سمجهڻ لاءِ هو بہ ساري زندگي جوياي حق تي رهيو، ۽ آءٌ بہ انهيءَ بحر عميق ۾ جهوتون پائي

ڪي ماٽڪ هٽ ڪرڻ جو سودائي پئي رهيو آهيان.

ميران محمد شاهه جي خطن پڙهڻ بعد معلوم ٿي سگهندو تہ هر حسين شڪل، خوبصورت نظاري، مٺي آواز ۽ عمدي ماحول مٿس اثر ڪيو ٿي، ۽ انهيءَ مان هن لطف ۽ خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. اهڙن موقعن تي هو اڪثر پڇئي ويهندو هو تہ:

دمِ فرصت غنيمت دان و داد خوشدلي بستان،
بسي گردش ڪند گردون، بسي ليل و نهار آرد.

هو بنيادي طور عاشق مزاج، صاحبدل ۽ محبت جو متوالو هو. هو "الله جميل ويحب الجمال" جي رنگ ۾ رڱيل هو. سندس ڪيترن خطن ۾ هيءَ مصرع لکيل هوندي هئي:

ما قصہ سڪندر و دارا نخوانده ايم،
از ما بجز حڪايت مهرو وفا مپرس
حافظ رسيد موسم گل معرفت مخوان،
درياب نقد عمر وزچون و چرا مپرس.

سندس زندگيءَ جو فلسفہ حيات مهرو وفا تي بيٺل هو:

1- هو ساري زندگي هڪ سچي، وفادار، بي غرض ۽ مثالي دوست جو ڳولائو رهيو.

2- هن ڪائنات جي هر شيءِ ۾ حسن پرکڻ جي ڪوشش ڪئي.

3- هن حسن جي تعريف کي ذڪر الاهي تي سمجهيو، ان ڪري ان کي ورد زبان بنائي ڇڏيو هئائين.

4- باوجود معتدل مزاج هئڻ جي، هر حسين شيءِ جي تعريف ڪرڻ کان نہ ڊڄندو هو:

مرد مان را از عسس شب گرخيالي در سرست،
من چنانم ڪز خيالم باز نشناسد عسس.

هن جي اعتدال پذير طبعيت سندس زندگيءَ تي بہ مٿي ذڪر ڪيل فلسفہ حيات موجب اثر ڪري ويئي هئي، جنهن مطابق حال کي مستقبل تي ترجيح ڏني ويجي. سياست ۾ صلح (Compromise) ضروري سمجهيو ويجي ٿو. ان کي "پريڪٽيڪل پاليٽيڪس" جي نالي سان سڏجي ٿو. ان خيال جا ماڻهو

زندگيءَ جي هر موقعي مان فائدو وٺڻ جا حامي آهن. انهن وٽ خيالي دنيا عملي دنيا جي موجودگيءَ ۾ ڪا هستي نٿي رکي. خدمت خلق لاءِ هو طاقت جو حصول لازمي ٿا سمجهن ۽ ڪمپرومائيز (صلح) کان سواءِ طاقت حاصل ٿيڻ مشڪل آهي." جمهوري سياست ۾ جتي تعداد جي شمار سان فيصلا ٿين ٿا، دماغ ۽ اصول جي ايتري پڇا ڪانهي، جيتري عملي سياست جي. ان ۾ ڪارڪنن کي مٿان لهي، هيٺ جڳ سان جڳ جهڙو ٿي هلڻو آهي.

دوش از مسجد روي ميخانہ آمد پير ما،
چيست ياران طريقت بعد ازين تدبير ما،
مان مريدان زو بسوي ڪعبہ چون آريم چون
روبسوي خانہ خمار دارد پير ما.

هن ۽ مون، ٻنهي، خوشي جو حصول زندگيءَ جو انتهائي نصب العين ڪري ٿي سمجهيو. ليڪن اسان جون طبعيتون باوجود همخياليءَ جي مختلف هيون. هن جي دل سالم هئي. بهشتي سادگيءَ مان، مون وانگر، عقل يا شڪ جي داٽي چڪڻ ڪري، تڙجي ٻاهر نڪتل ڪونہ هو. بقول شاهہ لطيف:

الله ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا

هن مستقبل جي موهوم خيال خاطر حال کي ڇڏي ڏيڻ، رهبانيت ٿي تصور ڪيو. "لا رهبانيت في الاسلام" تي عمل ڪندي چون چرا کان سواءِ نقد عمر حاصل ڪرڻ کي گناهہ نٿي سمجهيائين. سياسي زندگيءَ ۾ گهڙي ڪم ڪرڻ جو ابتدائي خيال 16 ڊسمبر 1924ع تي، مون سنڌ تعليمي ڪانفرنس جي موقعي تي سندس دماغ تي ويهاريو. اتي ئي مهيني جي آخر ۾ کيس سن دعوت ڏئي اچڻ لاءِ چيم، جتان کيس رئيس فقير بخش خان ڪاڇي، ڀاڻوني سيدن، هالن جي مخدومن ۽ ڀٽ شاهہ جي پيرن سان ملاقات ۽ واقفيت ڪرائڻ لاءِ ويس. سنڌ اسيمبليءَ ۾ ويهارڻ جي ڳالهہ سيد حاجي عبدالحڪيم شاهہ صاحب سان پهرين مون چوري. آخر اهي ڳالهيون وڏي وڻ تي ويون. 1926ع جي اليڪشن وقت اميدوار بيٺو، پر منٿ ڪري ويهاري ڇڏيائونس. وري 1928ع ۾ سر غلام حسين جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل تي وڃڻ وقت خالي ٿيل ضمني چونڊ ۾ چونڊجي ويو.

اتي ڪم ڪرڻ بعد، جو طرف خود مطلبي ڏسي تنگ ٿيڻ لڳو ۽ حقيقي خوشي حاصل نہ هيس. پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري، آڪٽوبر 1931ع تي پوني مان هڪڙو ڏکيو خط لکيائين، جنهن ۾ چيائين: "جيستائين توهين اچي مون سان سياسي طرح ٻانهن ٻيلي نہ ٿيا آهيو، منهنجي ساري زندگي بيسود ۽ بيڪار ٿيو پوي. اوهان کان سواءِ ڪائونسل ۾ رهڻ بيڪار آهي."

هن گهٽن کي آزمايو هو، پر سڀ خود مطلب نڪتا. بمبئي ڪائونسل وقت تہ آئون ساڻس شريڪ ٿي ڪونہ سگهيس، ليڪن جڏهن سنڌ جدا ٿي ۽ چوندبون ٿيون تہ ٻيئي ڄڻا سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آياسون. پر کهڙي خبر هئي تہ باوجود همخياليءَ ۽ شخصي دوستيءَ جي طبيعتن جو اختلاف اسان کي سياسي دنيا ۾ علحدو ڪري ڇڏيندو. ائين ٿيو، ۽ ان لاءِ اعتدال ۽ انتها پسندي جون طبيعتون ڪارڻ بڻيون. مون هن کي 8 - اپريل 1926ع تي هڪ ڏکيو خط لکيو هو، جو هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي: ان مان پتو پوندو تہ آءٌ ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿي ٻيهڻ ۽ ڪيس ليڊر تسليم ڪري ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هوس، ليڪن سندس ان حيثيت طئي ڪرڻ لاءِ ڪن مقرر معيارن تي هلڻ لازمي ٿي چاتم، پر هن انهن سمورين ڳالهين کي عملي دنيا جي دائري کان ٻاهر ٿي سمجهيو. ڇي: خدمت خلق، سواءِ طاقت جي ڪري نہ سگهبي، ۽ طاقت صرف ڪمپرومائيز سان حاصل ٿي سگهي ٿي.

طبيعتن جي انهيءَ بنيادي اختلاف اسان کي سياسي طرح علحدو ڪري ڇڏيو. ليڪن باوجود انهيءَ جي اسان جي شخصي دوستي ۽ ثقافتي لاڳاپي ۾ ڪڏهن بہ ويڇو نہ پيو. آءٌ گهڻو ئي سخت گير، سخت ڪوش رهندو آيس، پر هن جي اعتدال پسند طبيعت سڀ ڳالهيون برداشت ڪندي، سنگت نوڙيندي آئي. هو سدائين "منهنجي مداين جي ڪَلَ پريان پيئي، ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا. ڏوراپو ڏيئي" جو رويو اختيار ڪندو آيو. جنهن ڪري آخر تائين دوستي نباهي نيائين:

جيسين هئي جيئري، وساري نہ ويني،
وجين پون پيني، ساريندي کي سڄڻين.

تازو چوندن وقت سندس رويي بابت مون هڪ سخت خط لکيو هومانس، ان جا جواب جيڪي موڪليائين، سي خطن ۾ موجود آهن. انهن جو لبِ لباب اهو هو تہ 'منهنجي توهان سان شخصي دوستي رهي آهي، نہ سياسي. اوهان

جون ٽوڪون اڳي بہ برداشت ڪيون اٿم. آئيندي بہ ڪندو رهندس. انشاءالله اها محبت قبر تائين قائم رهندي.' هن دور ۾ جڏهن سياست ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ تي ايترو حاوي ٿي ويئي آهي، جو سياسي اختلافن ڪري شخصي دوستيون بہ ٽٽيو وڃن. تنهن عام دستور کي برادرم ميران محمد شاهہ باطل ٺهرائي، ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هرو ڀرو سياست سڀ ڪجهہ نہ آهي. ان کان ٻاهر ٻيون بہ ڪي مودت جون رسيون آهن، جي دوستي هلائي سگهن ٿيون. انسان وڳر ڪري رهڻ وارن جانورن مان آهي. هن جي خوشي سڳر ۾ ساٿ سان گڏ رهڻ ۾ آهي. ماروئي جي مارن لاءِ واجهائڻ، ڪونجن جي وڳر ڪري هلڻ جا ڪيترائي مثال شاهہ صاحب انهيءَ جي ثبوت ۾ ڏنا آهن. انهيءَ نقطي نگاهہ کان، همخيال ۽ باوفا دوست جو ڳولي لهڻ ۽ ان سان نباهڻ، زندگيءَ ۾ خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ مکيہ مقصد ٿيو پوي. سيني صاحبدل ماڻهن وانگر، ميران محمد شاهہ انهيءَ وٿ جو ڳولائو هو.

سندس خطن مان معلوم ٿيندو تہ جڏهن عمدا نظارا، سهڻيون شڪليون، مطلب تہ هر طرح جي خوشيءَ جا اسباب موجود ڏنا اٿس، تہ بہ هن کي اڪيلو انهيءَ جو حظ حاصل نہ ٿي سگهيو. ان ڪري اهڙن موقعن تي اڪثر چئي ويهندو هو:

باده و مطرب و گل، جملہ مهياست ولي،
عيش بي دوست ميسر نہ شود، يار ڪجا است.

مون کي بہ هن انهيءَ ئي احساس سان محرم راز دوست بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ان ۾ پوريءَ طرح ڪامياب نہ ٿيو. ٻيو جنهن ماڻهوءَ سندس زندگيءَ تي گهرو اثر ڪيو ۽ هن جي اعليٰ معيار چونڊ پٽاندر موزون ٿي نظر آيو، سا هئي 'مدموذيل طريقي'

سندس 21 جون 1939ع جي خط ۾ لکي ٿو تہ "ڪاڏي ڪان فارغ ٿي ڊرائنگ روم جي فرش تي گاديون وڇائي، ٽيئي دوش بدوش ٿي حياتيءَ جي دقيق نڪتن ۽ خلقت انسان جي عميق مسئلن تي گفتگو ڪرڻ لڳاسين."
سندس خيال ۾، دل جي خوشي ۽ اطمينان حاصل ڪرڻ حياتيءَ جو لب لباب هئڻ گهرجي. انهيءَ نصب العين کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏجي. ڀوءِ ڪٿي هن خاڪي جسم کي قربان ڪرڻو پوي، تہ بہ دريغ نہ ڪجي. ان کان

سواءِ زندگيءَ جو جوهر ۽ حياتيءَ جو مقصد هڪ کيل تماشو ئي پوندو.“ اهڙي بلند حوصلگيءَ ۽ فلسفہ حيات جي باريڪ نڪتن جي اپٽار بعد، بي اختيار اوهان جو نالو پيش ڪيم تہ منهنجو هڪ عزيز انهيءَ سٽاٽي سمنڊ جي سفر جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. باقي اسان انسانن جي اتي پڇت نہ آهي. ان تي پاڻ اوهان سان تبادلہ خيالات جو اشتياق ڏيکاريائين. خير، نيا پو اسان پهچايون ٿا آئيندي مرضيءَ جا مالڪ آهيو.“

اها عورت ڪيس غير معمولي ڏسڻ ۾ آئي هئي. هوءَ بہ رند مشرب جي هئي. انتهائي خوشي حاصل ڪرڻ، زندگيءَ جو مقصد ڪري ٿي سمجهيائين ۽ جذباتي بہ هئي، ليڪن ان سان گڏ آئيڊيلزم جي لغار لڳل هيس. آخر ۾ منهنجي بہ ان عورت سان واقفيت ٿي. جهڙيءَ طرح ميران محمد شاه ان کي عورت جو بهترين نمونو شمار ڪيو ٿي، ساڳيا خيال ’مدموذيل طريقي‘ کي منهنجي لاءِ ويهجي ويا. اها هڪ تثليث نهي پيئي. ان دوستيءَ مان اڳتي هلي ڇا نتيجو نڪري ها، اها خبر خدا کي، ليڪن هن جي اوچتي انتقال انهن اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. ميران محمد شاه کي ان کان پوءِ ويراڳا واسو ڏنو ٿو ڏسجي. جڏهن ڪو عمدو نظارو، ڪا حسين شڪل سندس سامهون ايندي هئي ۽ حافظو ياد ڏياريندو هوس: در، ياب نقد عمر، وزچون چرامپرس. تہ شاه جو آواز اچي ڪنن تي پوندو هوس: ”پسي ڳاڙها گل متان ڪو گل ڇانگي کي چاري.“ مون تي بہ ’طريقيءَ‘ جي انتقال نئون ورق ورايو. ”لا احب الافلين“ اکين اڳيان ڦرڻ لڳو.

گهڻي وقت کان هو بہ بيمار گذارڻ لڳو هو. آءٌ بہ ڪجهہ وقت بيمار ٿي رهيس. گهڻو وقت سرڪاري پابندين ڪري کليءَ طرح، مرضيءَ مطابق دوستن جي ملڻ کان محروم ٿيل هوس. گهڻي وقت کان ڪيس ۽ مون کي روح رچندين رهاڻين ڪرڻ جو شوق دامنگير هو. پر قدرت کي اهو منظور نہ هو، ۽ هو بنا ملاقات جي ان طرف ويو، جتان ڪنهن پتو ڪونہ آندو آهي تہ حميرن سان ڪهڙو حساب ٿيو!

انسان ويچارو دائمي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪري ٿو. بهشتي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ عبادتون ڪري ٿو. دوستيون ڳنڍي ٿو، هر سني شيءِ مان لطف حاصل ڪري ٿو. ليڪن ڪهڙي خبر آهي تہ اهي سڀ

زندگيءَ وانگر عارضي آهن، جنهن کي ساٽيهه تو ڄاڻجي، سي ڳالهيون مانجهاندي جو ماڳ آهن. ماڻهوءَ جي آتت لاءِ، ٻئي جنم ۾ گڏجڻ جو دلاسو ڏنو، سڀ ڪجهه ڪيو، ليڪن يقين سان ڪجهه چوڻ جي اهل نه بنيو آهي.

هن ذرتيءَ تي لکا ورهين کان زندگيءَ جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شايد اڳتي به زندگي هلندي اچي. اهي سڀ ثبوت حياتِ ڪل جا آهن. ليڪن شخصي زندگيءَ جو تسلسل اڃا به تشنه ثبوت رهيو پيو آهي. جهڙيءَ طرح شخصي حيات جو تسلسل مشڪوڪ آهي، اهڙيءَ طرح سان شخصي خوشي به عارضي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ويچارن فيلسوفن گهڻي متا ماري ڪئي آهي. ڪي رهبانيت جا قائل ٿي، هن زندگيءَ کي عارضي سمجهي، دائمي زندگي ۽ دائمي خوشيءَ جي ڳولا ۾ سرگردان رهيا، ته ڪي رند بنجي، ايپيڪيورين فلسفي جا پوئلڳ ٿي، نقدِ حيات حاصل ڪرڻ ۾ مستغرق رهيا، پر ڏسڻ ۾ شايد ائين اچي ٿو ته ٻنهي ڌرين شخصي زندگيءَ جي تسلسل تي بنياد رکي پنهنجا نظريا بنايا آهن. بهرحال، جيستائين زندگيءَ جو تعلق آهي، دائمي حيات ۽ دائمي خوشيءَ جي کوجنا جاري رهندي:

”جيڪر قيامَ مِڙن، ته ڪَرَ اوڏا سپرين.“
(شاهه)

**غلام مرتضيٰ**
سن 14-12-1963ع

# فصل پهريون

## ميران محمد شاهه جي زندگيءَ جو مختصر احوال

### خاندان جو احوال

شاهه صاحب، مٽياري سيدن جي منعمائي پاڙي جي ٽڪڙ ۾ وينل ساداتن مان هو. سندن وڏي ڏاڏي سيد عبدالڪريم شاهه شهيد (جنهن جي پاءُ سيد شهمير ٽڪڙ جو ڳوٺ ٻڌو هو) کي ٻه فرزند ٿيا: سيد بادو شاهه، ۽ سيد قاسم شاهه.

الف: سيد بادو شاهه جي فرزند سيد عبدالحڪيم شاهه مان سيد اسدالله شاهه وڏو ڄائو، جنهن کي وري سيد الهه بخش شاهه فرزند ٿيو. سيد الهه بخش شاهه جا پنج فرزند ٿيا: (1) سيد حاجي عبدالحڪيم شاهه (2) سيد حاجي غلام شاهه (3) سيد حاجي قاضي اسدالله شاهه (4) سيد حاجي محمد حافظ شاهه ۽ (5) سيد حاجي علي اصغر شاهه.

ب: سيد عبدالحڪيم شاهه شهيد جي ٻئي فرزند سيد قاسم شاهه کي چار فرزند ٿيا: (1) سيد چڱل شاهه (2) سيد محمد شاهه حڪيم (3) سيد شرف علي شاهه (4) سيد حسين شاهه. انهن مان پهريون لاولد وفات ڪري ويو، ۽ پوئين جو اولاد اڳتي هلي بند ٿيو.

نمبر 3، سيد اشرف علي شاهه، جي اولاد مان سيد عبدالهادي شاهه، لطف علي شاهه ۽ حاجي غلام احمد شاهه آهن.

نمبر 2، سيد حڪيم محمد شاهه، کي ڇهه فرزند ٿيا: (1) سيد غلام نبي شاهه (2) سيد چڱل شاهه (3) سيد حافظ ميران محمد شاهه وڏو (4) سيد حاجي محمد رحيم شاهه (5) سيد فيض محمد شاهه ۽ (6) سيد حاجي غلام نبي شاهه حڪيم.

انهن مان نمبر 1، 2، 4 ۽ 5 لاولد ٿيا.

نمبر 6، جي اولاد مان سيد فيض احمد شاهه وارا ٿيا.

نمبر 3، سيد حاجي ميران محمد شاهه حڪيم، متوفي 1309هه مطابق 1845ع کي، چار فرزند ٿيا: (1) سيد محمد شاهه مجذوب (2) سيد زين العابدين شاهه عرف چگل شاهه (3) حاجي عبدالقادر شاهه (4) سيد محمد شاهه دوم.

انهن مان نمبر 3، حاجي عبدالقادر شاهه جي اولاد ۾ حاجي محمد رحيم شاهه ۽ ٻيا ٿيا.

نمبر 4، سيد محمد شاهه دوم مان سيد محمد اڪرم شاهه ۽ سيد محمد اشرف شاهه ٿيا.

نمبر 2، سيد زين العابدين شاهه کي ٻه فرزند ٿيا: (1) سيد ميران محمد شاهه ۽ (2) سيد قاسم شاهه. هتي اڃ ميران محمد شاهه جي زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪريان ٿو.

## شخصي زندگي

سيد ميران محمد شاهه 19 مارچ 1898ع تي حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊي محمد خان تعلقي جي ٽکڙ ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم حافظ محمد يوسف ۽ حافظ محمد هارون وٽ حاصل ڪيائين. پوءِ پرائمري اسڪول مان چار درجا پاس ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ پڙهي، 1921ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. بعد ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جتان بي. اي ۽ ايل. بي جا امتحان ڏنئي، 1924ع ڌاري حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين.

اول ۾ مسٽر سنتداس منگهارام وڪيل جي فرم ۾ داخل ٿي وڪالت ڪرڻ لڳو. وڪالت ۾ معمولي قابليت ڏيکاريائين. سرڪاري نوڪريءَ لاءِ ٻه-ٽي دفعا ڪوشش ڪيائين، پر ڪانه ملي سگهيس. وڪالت جي ڪري، لڏي اچي حيدرآباد ويٺا، جتي اڃا تائين سندس خاندان رهي ٿو. کيس مائٽاٽي زمين ۽ وڪالت مان پيدائش ٿيندي هئي. ليڪن اها سندس والد جي ڪفايت شعاريءَ جي باوجود پوري نه ٿيندي هئي. آخري وقت ۾ هو بيمار ٿيو. سياست کان ٻاهر زندگي گذاري رهيو هو. کيس هڪ فرزند سيد قبول محمد شاهه ٿيو، جو جوانيءَ ۾ پيءُ کي داغ فرقت ڏيئي وفات ڪري ويو. ٻيو ڪو نرينو اولاد ڪونه آهي. کيس ٻه نياڻيون آهن، جن مان هڪ حاجي غلام احمد شاهه جي گهر ۾، ۽

هڪ سندس ڀائٽي قمر الزمان جي گهر ۾ آهي. سندس والد 5 فيبروري 1950ع ۾ وفات ڪئي هئي.

## سماجي ۽ سياسي زندگي

هي ننڍي هوندي کان سندس عزيز ۽ بزرگ، حاجي اسدالله شاهه مرحوم جي خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ وقت، باوجود پڙهڻ جي، سياسي ماحول ۾ پلبو هو.

مارچ 1924ع تي، سن ۾، مٽياري سيدن جي ڪانفرنس ۾ حصو ورتائين. ان کان پوءِ سنڌ ايڊيوڪيشن ڪانفرنس، منعقده حيدرآباد، جو جوائنٽ سيڪريٽري ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

1925ع ۾، حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو. انهيءَ سال ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، اسڪولبورڊ حيدرآباد جو چيئرمين چونڊيو.

1928ع ۾، سر غلام حسين هدايت الله جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبر مقرر ٿيڻ بعد، سندس خالي ٿيل جاءِ تي، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾ بمبئي ڪائونسل تي ميمبر چونڊيو.

1929ع ۾، حيدرآباد ضلعي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو. بمبئي ڪائونسل ۾ انهن ڏينهن ۾ جي سنڌ طرفان هشيار ۽ تعليم يافته ميمبر چونڊيل هئا، انهن مان هي هڪ هو.

صوبي بمبئيءَ طرفان سائمن ڪميشن کي مدد ڏيڻ لاءِ جا ڪميٽي مقرر ٿي هئي، ان تي ٻه ميمبر ٿي ڪم ڪيائين. ان ڪميٽيءَ اڳيان سنڌ جي جدائيءَ بابت جڏهن سوال آيو ته سنڌ جي هڪ ميمبر سر شاهنواز خان ڀُٽي جڏهن سرڪاري رپورٽ تي سنڌ کي جدا ڪرڻ جي خلاف ووٽ ڏنو، ته هن ان ۾ اختلافي نوٽ لکي، سنڌ جدا ڪرڻ تي زور ڏنو.

1936ع تائين پاڻ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هلندو آيو. ان کان پوءِ هڪ سال لاءِ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر ٿي رهيو. 1937ع ۾ جڏهن آزاد سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊيون ٿيون، ته مسٽر نور محمد وڪيل ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾، حيدرآباد شهر ۽ تعلقي مان سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو. ڪجهه وقت سر غلام حسين جي وزارت ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري هو، ۽ پوءِ سنڌ

اسيمبليءَ جي اسپيڪر، ديوان ڀوڄسنگ جي انتقال ڪرڻ تي، 1938ع ۾، سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو. جنهن عهدي تي هو 1946ع تائين قائم رهيو.

ان کان پوءِ سنڌ سرڪار ۾ وزارت جي عهدي تي، مختلف چيف منسٽرن جي وزارتن ۾ 1952ع تائين هلندو آيو.

1952ع ۾، پاڪستان طرفان کيس اسپين جو سفير مقرر ڪيو ويو. جتان 1953ع ۾، سرڪار جي انهن عهدن تي سرڪاري عملدار مقرر ڪرڻ جي پاليسيءَ ڪري پوئتي هٽايو ويو.

ان کان پوءِ کيس ڪراچي امپروومينٽ ٽرسٽ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي 1957ع تائين فائز رهيو.

1940ع کان 1952ع تائين، سنڌي ادب جي ترقي لاءِ تڏهوڪيءَ سنڌ سرڪار جي قائم ڪيل مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو چيئرمين رهيو ۽ ان کان پوءِ "سنڌي ادبي بورڊ" جو آخر تائين ميمبر هو. پوين ڏينهن ۾، ڪجهه وقت بورڊ جي اعزازي سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪيائين.

1932ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو بنياد وڌائين. 1950ع ۾، وزير ٿيڻ تي، شاهي رستي کان ڀٽ شاهه تائين پڪو رستو نهرائي، ادبي ڪانفرنس کي نئون رنگ ڏنائين.

ڪيترو وقت "شاهه لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ" جو چيئرمين ٿي رهيو.

"سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي به ڪم ڪيو هئائين.

جڏهن کان مسلم ليگ طاقت ۾ آئي، تڏهن کان مسلم ليگ جو ميمبر رهندو آيو.

سندس سياسي زندگي سنڌ جي اڪثر تعليم يافته ميمبرن وانگر هئي.

## ادبي ۽ ثقافتي زندگي

شاهه صاحب ننڍي هوندي کان شعر چوندو هو. سندس تخلص "مير" "ميران" ۽ "مهجور" رهيا آهن. ڪيترا شعر چيا اٿس. نثر جو به سنو لکندڙ هو. سواءِ چند مضمونن جي، نثر ۾ ڪو ڪتاب ڪونه لکيو اٿس. شعر ۾ سندس

"ڪليات ميزان" شايع ٿي چڪو آهي.

1924ع کان وٺي، مون سان واقفيت ٿيڻ بعد، مختلف جڳهين تان مون کي جي خط پئي لکيا اٿس، انهن مان ڪي چونديون هن ڪتاب ۾ ڏنا اٿم: انهن مان سندس سوانح تي ڪي قدر روشني پوڻ سان گڏ، سندس قلم جي رواني ۽ رنگين مزاجيءَ جو بہ پتو پئجي سگهي ٿو.

تعليمي معاملن سان هن کي خاص دلچسپي هوندي هئي: سنڌ مدرسه بورڊ، سنڌ ڪاليج، سنڌي ادبي بورڊ، بمبئي يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ مان سندس انهيءَ لاڙي جو پتو پئجي سگهندو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ناهڻ لاءِ جا ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي، ان جو بہ چيئرمين ٿي ڪم ڪيو هئائين.

سندس زندگيءَ جو نمايان ڪم شاهہ لطيف جي ميلي جي موقعي تي ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس جو بنياد وجهڻ، ۽ موجوده ثقافتي مرڪز جي تجويز تيار ڪري، ڪوشش وٺي، ان جي تعمير شروعات ڪرائڻ هو. سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ هن جون ڪوششون وسارڻ جهڙيون نہ آهن.

راڳ جو خاص شوقين ۽ ڄاڻو هو. شاهہ لطيف ۽ روميءَ جو شارح ۽ پوئلڳ پئي رهيو. حافظ شيرازيءَ جي رندي مشرب جو مٿس خاص اثر هو.

ڪوآپريٽو تحريڪ ۾ پڻ خاص دلچسپي وٺندو رهيو. ورهين جا ورهيہ سنڌ پراوينشل ڪوآپريٽو بئنڪ جو ڊائريڪٽر هو.

وڏو زنده دل، رنگين مزاج ۽ يار ويس شخص هو. شخصي دوستيءَ جو سچو، ۽ محنتي انسان هو.

## مون سان تعلقات

شاهہ صاحب جي مون سان پهرئين دفعي واقفيت، مارچ 1924ع تي، سن ۾ سڏايل مٽياري سيدن جي ڪانفرنس جي موقعي تي ٿي، جا وڃي گهريءَ دوستيءَ جي درجي تي پهتي. سياسي، سماجي ۽ ادبي ڪمن ۾ گڏ پئي رهياسون. سنڌ اسيمبليءَ ۾ اتحاد پارٽيءَ طرفان ميمبر چونڊجڻ بعد، جڏهن هن وڃي سر غلام حسين جي وزارت سان شموليت ڪئي تہ ان کان پوءِ اسان جا سياسي لاڙا جدا پئي رهيا، ليڪن شخصي ۽ ادبي بنيادن تي ڪڙا ٿيل دوستاڻا

تعلقات ڪڏهن بہ نہ ٽُٽا. ڪيترا دفعا آءٌ ساڻس سخت بيانيءَ ۽ سخت ڪوشيءَ سان پيش آيو هوندس، پر پاڻ ڪڏهن بہ منهن نہ مٽيائين. سندس سياسي خامين ۽ ڪوتاهين جو حساب مون کي وٽو نہ آهي، انهن عيبن کان آءٌ بہ خالي نہ آهيان. هتي صرف هي بيان ڪافي ٿيندو تہ باوجود طبيعتن جي جدا هئڻ جي، هڪ تار ڳنڍيل هئي، جا اسان کي آخر تائين ڳنڍيو پئي آئي. اها تار شاهہ لطيف پٽائيءَ جي محبت ۽ لاڳاپي جي هئي:

"وڏي وس هئام، پاروچا پنيور ۾."

آءٌ اجا سندس لکيل خطن کي ڪتابي صورت ڏيئي، ڪيس ملاحظي لاءِ موڪلڻ وارو هوس، تہ اوچتو تاريخ 16 نومبر 1963ع مطابق 28 جماد الثاني 1383هہ، چنچر ڏينهن داغ مفارقت ڏيئي، انهيءَ طرف روانو ٿي ويو، جتان ڪوبہ ڪونہ موٽيو آهي:

متي ٿر رَهي، ويا گذاري ڏينهڙا،
ڪڏهن ڪونہ آئيو، تن پنهوارن پَهي،
ويڙا سي وَهي، جنب گذاريم جن سين!

هاڻ هي ڪتاب، سندس عيوض، سندس بزرگ ۽ دوست صاحبزادي عبدالستار جان سرهنديءَ ۽ عزيز اولاد سيد اسدالله شاهہ حسينيءَ جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو:

گر قبول افتد زهي عز و شرف.

حديثِ دوست نگويم مگر بحضرتِ دوست،
ڪہ آشناي سَخن آشنا نگهدارد
راز يڪ بر خلق نهفتيم و نگُفتيم
با دوست بگوئيم ڪہ او محرم راز است

---

مقناطيس اوهان جو نفس نفيس آهي.

اچ سارو ڏينهن درد سريءَ ۽ فڪرات ۾ گذريو. انهيءَ حالت جا هڪ ڪان گهڻا وجهہ آهن. تنهن ڪري انهن جو بيان هن بيگاهہ وقت ۾ قرتاس جي تنگ ميدان تي ڪرڻ ڪان قاصر آهيان. انهيءَ فڪرات جي بحر بي ساحل ۾ غوطہ زني ڪندي، اوهان جي موڪليل خط جي يادگيري آئي. يقيناً، اهو ٻـُڏيءَ ڪي تار ۾ ترهو ٿي پيو.

تعليمي ڪانفرنس جي موقعي تي اوهان جي رهڻ جي جاءِ لاءِ انتظام ڪيو اٿم.

سياڻي ڪوئيٽا ميل ۾، گورنر بمبئيءَ ڪي لاڙ ڊويزن جي زميندارن پاران ائڊريس ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ وڃي رهيو آهيان.

(5)

حيدرآباد، سنڌ

21- ڊسمبر 1924ع

اوهان ڪي ڪانفرنس جي موقعي تي ڏنل واعدي مطابق، آءٌ تاريخ 23- سن ۾ ايندس. پوءِ پروگرام هيٺينءَ طرح رٿيو:

24- ڊسمبر سن ۾ رهبو.

25- ڊسمبر شڪار تلورن جو ڪبو.

26- ڊسمبر ڪاچين ڪان هالا هلبو.

27- ڊسمبر پٽ شاهہ هلبو.

28- تاريخ موٽي حيدرآباد اچڻو اٿم، جو 29- تاريخ چاچي محمد شاهہ جو بارهو آهي.

[نوٽ: هي گشت سندس سياست ۾ داخلا لاءِ تعارف طور رٿيل هو. انهيءَ موجب، پهرين ڪاچين ۾ رئيس فقير بخش خان وٽ وياسون. اتان ياٽوٽ جي سيدن ۾ وياسون، جتان هالن پراڻن مان ٿي، مخدومن وٽ هالن ۾ وياسون. اتان پٽ شاهہ تي وڃڻ ٿيو.]

# سال 1925ع

الهندو ڪَچو، حيدرآباد

8- جنوري 1925ع

مون کي افسوس آهي تہ پٽ شاھ تان اوهان کان موڪلائڻ بعد احوال موڪلي نہ سگهيو آهيان. ڳوٺ اچي والد سان ڪائونسل ۾ بيهڻ جو ذڪر ڪيم، گشت جو احوال ٻڌايم، هو شامل راءِ ٿيو. باقي محمد ڪامل شاھ جي چوڻ لاءِ ڪو عمدو موقعو ڏسي، گڏجي وٺس هلنداسون. پوءِ جيڪا صلاح بيٺي، ان موجب ڪبو. مون کي والد هدايت ڪئي آهي تہ اُبهرائي نہ ڪريان. موقعي تي سڀ ڪو ڪم ڪبو. اوهان ان وچ ۾ مون لاءِ ماڻهن کان واعدا وٺندا رهو. منهنجي حوصلي افزائي ۽ ترقيءَ جا سرچشما اوهين آهيو، ان ۾ خوشامد نہ آهي.

(2)

الهندو ڪَچو، حيدرآباد

19- جنوري 1925ع

اوهان جو ڪاغذ پهتو. شيخ ٿيهر، ساهرن ۾ وڃڻ ڪري جواب ڏيڻ ۾ دير ٿي. ڪراچي ضلعي جي زميندار ۽ آبادگار ايسوسيئيشن ناهڻ جي مبارڪ هجيوَ. اميد تہ رولن جي ڪاپي ٽنڊي ڊويزن زميندار ايسوسئيشن جي سيڪريٽريءَ کان جلد وٺي موڪليندس.

ورڪنگ ڪميٽي انجمن سادات مٽياريءَ جي ڪڏهن ٿيندي، تہ رول ناهي، انجمن رجسٽرڊ ڪرائڻ جو انتظام ڪجي؟

(3)

حيدرآباد

8- جون، 1925ع

اوهان جو خط پهتو. ان جي مطالعي سان جا خوشي دل کي حاصل ٿي آهي، ان جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. وڏيڪ خوشي ان ڪري ٿي آهي جو

اوهين هن ناچيز کي سنيءَ نظر سان ڏسو ٿا. پڪ اٿم تہ اوهان کي منهنجي نقصن جو پتو نہ آهي، يا اوهين انهن تي پردہ پوشي ڪري نظر استحسان سان ڏسڻ گهرو ٿا. باهر سير لاءِ حال ڪونہ ٿو وڃان.

اوهان مون کي بمبئي ڪائونسل لاءِ اميدوار بيهارڻ جو خيال ڪيو آهي، ان لاءِ آءٌ پاڻ کي ڪم- حيثيت ٿو تصور ڪريان. هيءَ اوهان جي شفقت ۽ عنايت آهي، جا اوهان کي منهنجي عزت افزائيءَ لاءِ آماده ڪري رهي آهي.

منهنجي دل جي تقويت واسطي اوهان جي وڏيڪ مشوري ۽ ترغيب جي ضرورت آهي. ملاقات جو وجهہ ملي تہ عزم بالجزم ڪيو وڃي. پير غلام حيدر شاهہ بلڙيءَ واري سان جلد ملڻ جو خيال اٿم. پير صاحب مون سان بہ اهڙي گفتگو ڪئي هئي.

'انجمن سادات متياري' کي پڪي پايي تي بيهارڻ لاءِ ڪوشش ونڻ گهرجيو. سيڪريٽريءَ جو خط پهتو هوندو.

---

## سال 1926ع

(1)

الهندو ڪَچو، حيدرآباد

19- مارچ 1926ع

دادا سائين، خط پهتو. مطالعي ڪان دل کي سرور حاصل ٿيو. اوهان جهڙن دوستن جي دلداري غم نہ ڪٽيندي تہ ٻي ڪهڙي دوا درمان ٿيندي؟ پر قاضي اسدالله مرحوم جي صدمي جي جگر خراش آتش سرد ٿيڻ مشڪل پيئي نظر اچي. الله مرحوم کي جنت ۾ جاءِ ڏئي، ۽ اوهان جهڙن عالي خيالن کي اسان جو راهبر بنائي، ڇوتہ مرحوم ڪان پوءِ ڏڻ ٻي ڏنار ٿئي پيا آهيون. مون کي اميد آهي نيڪ اوهين اها جاءِ پريندا. آءٌ اوهان ۾ اهي آثار موجود ڏسان ٿو.

مير غلام محمد خان ٽالپر جي خيالن بابت "الوحيد" جا 16، 17 ۽ 18 مارچ 1926ع جا پرچا پڙهي ڏسندا. ان مان ان بزرگ جي نيڪ ارادن جو پتو پوندوَ.

(2)

سنتداس ڪمپني، حيدرآباد

7- مئي 1926ع

اوهان سان سب جججيءَ جي وڻڻ لاءِ حال ڪيو هوم، ان لاءِ 4- مئي ڪراچيءَ وڃڻو پيم. محمد ڪامل شاهہ ڏاڍي مدد ڪئي. جديشل ڪمشنر انٽرويو لاءِ 18 تاريخ ڏاري گهرائيندو. اوهان جي بمبئي ڪائونسل لاءِ اميدوار بيهڻ جو احوال اخبار ۾ پڙهيم، اهو احوال ڪوڙو يا سچو، مهرباني ڪري ڪمر همت جي ٻڌي بيهجو ڪامياب الله ڪندو.

(3)

ڪراچي

21- مئي، 1926ع

سب جججيءَ جي انٽرويو لاءِ ڪراچي آيس. سومر ڏينهن ڪپڙا لٽا خوب پائي، جديشل ڪمشنر سان سب جججيءَ لاءِ ملاقات ڪئي ويئي. سب اميدوار

حاضر هئا. ملاقات جو نتيجو بروقت معلوم ٿيو: ميان رحيم بخش شيخ ۽ محمد بخش ميمڻ ۽ ٻن هندن جي سفارش ٿي آهي. اسان کي نوڪريءَ جي نوڪريءَ کان خدا بچائي ورتو! قوم جي خدمت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. مون اوهان جهڙن دوستن جو چيو ڪري، نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، ڪاميابي قادر جي اختيار هئي.

پير بلڙيءَ وارو بمبئيءَ کان پهچي ويو آهي. صلاح آهي ته گڏجي ٽکڙ ۽ سعيد پور، فاتحه خوانيءَ لاءِ هلجي. ان موقعي تي ڪائونسل بابت ڪجهه پتو پئجي ويندو.

## (4)

حيدرآباد

30- مئي 1926ع

هڪ خط اڳي موڪليو اٿم، جواب ڪونه مليو. سبب ججي نه ملي. دل ڪانه هيم، پر روزگار جي تنگيءَ ان لاءِ مجبور ڪيو هو. الله تعاليٰ ڪن کي پڪن سان پيدا ڪيو آهي، ڪي بي پر پيدا ڪيا اٿس. مون لاءِ اوهان جهڙيءَ هستيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو دوست ۽ مددگار ڪونه آهي. هاڻ هڪ دفعو وري اوهان سان صلاح ڪرڻ گهران ٿو ته آئيندي لاءِ منهنجو پروگرام ڪهڙو هئڻ گهرجي.

سعيدپور ۽ ٽکڙ، فاتح خوانيءَ لاءِ ڪڏهن اچڻ جو ارادو رکو ٿا؟

## (5)

حيدرآباد سنڌ

2- سيپٽمبر 1926ع

چيئرمين ضلعي لوڪلبورڊ اسڪول بورڊ جي چونڊ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. اوهين 5 سيپٽمبر آچر ڏينهن هتي پهچندا. اسڪولبورڊ جي چونڊ سومر ڏينهن 6 سيپٽمبر 1926ع تي، 8 وڳي صبح جو ٿيڻي آهي. سستي ڇڏي، مهرباني ڪري ضرور ايندا.

(6)

حيدرآباد

18- سيپٽمبر 1926ع

ادا سائين! اڄ رات مون وٽ پير صاحب جهوڪ وارا ۽ عموي صاحب ميان محمد ڪامل شاهه آيا. مون کي چيائون تہ غلام مرتضيٰ شاهه کي بمبئي ڪائونسل جي اميدواريءَ تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ ڪراچيءَ هل. آءٌ بيمار آهيان، جيئن ڏسي آيا آهيو. نہ تہ روبرو اچان ها. هن عريضيءَ وسيلي عرض ٿو ڪريان تہ پاڻ ۾ مخالفت چڱي نہ آهي. اوهين درونديش آهيو. اوهان کي اخوت جو خيال صد بار زياده آهي. قربانيءَ جو مادو بہ وڌيڪ اٿوَ. اوهين هن دفعي پير صاحب کي بنا تڪليف جي چونڊايو تہ دل راضي ٿيس. اوهين آئيندي لاءِ شاهدن جي روبرو واعدو وٺندا تہ هو پاڻ نہ بيهي، اوهان کي مدد ڪري. متارڪي لوٺي نہ لڄائبي. مون کان بہ هٿ ڪڍايائون، اوهين بہ هٿ ڪڍو.

(7)

الهندو ڪَڇو، حيدرآباد

11- نومبر 1926ع

من از آن حسنِ روز افزون کہ يوسف داشت دانستم،
کہ عشق از پرده عصمت برون آرد زليخا را.

منا ادا سائين، بعد سلام نيڪ انجام عرض تہ خط پهتو، احوال معلوم ٿيو. قريب ٻارهن مهينن جي جنگ جدل، محنت ۽ تقسيمِ مال بعد، هن ضلعي اندر سر غلام حسين ۽ ميان نور محمد وڪيل گوئيہ ميدان ڪٽي، اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويا. اسان جي ڳُٽين ۽ ڳارن جو بہ خاتمو ٿيو.

ڪجهہ دل خوش ٿي تہ قوم ۾ ڪجهہ بيداري ٿي آهي، جو نور محمد جهڙي دوالي بند کي چونڊيو اٿن. ان مان اميد پيئي ٿئي تہ پئسي ۽ پوزيشن کان وڌيڪ، قومي خدمت جو احساس ٿيڻ لڳو آهي. الله سائينءَ کي روزي نماز جي ٿورڙي پرواهہ آهي! سندس مخلوق جي خدمت پنهنجي ذاتيات تي مقدم سمجهي ڪم ڪرڻ گهرجي، اهوئي توشو حياتيءَ جي نيڪ ڳالهين مان چڱي وڃڻو آهي. سعديءَ چيو آهي تہ:

زنده است نام فرخ نوشيروان بعدل،
گرچہ بسي گذشت کہ نوشيروال نماند.

الحمد لله، منهنجي اميدواريءَ جي گفتگو بہ هينئر ٺي هلي رهي آهي، يعني ماڻهو پيا وچن تہ سر غلام حسين جي ايگزيڪيوٽو ميمبر ٿي وڃڻ بعد ان جاءِ پرڻ جو لائق هي آهي.

شال اسان جي قوم کي خدا اهو خيال دل ۾ وجهي تہ سندن خادمن کي چوندين، جيڪڏهن آءٌ پاڻ ڪنهن وقت بہ خود مطلبيءَ کي قومي خدمت تي ترجيح ڏيان تہ مون کي بہ سرتابي ڪري. البت، الله جي مهربانيءَ سان ڪائونسل جي لياقت لاءِ علم ۽ خدمت خلق جو جذبو مون کي حاصل آهي، پر هن مسڪين وٽ پئسو نہ آهي. پر مثال اڪين اڳيان موجود آهي تہ ڪيئن عرب جا صحابي بي سرو ساماني‌ءَ جي باوجود صداقت ۽ شجاعت سان ملڪن تي قابض ٿي ويا.

دعا ڪجو، خلقِ خدا جي خدمت جي خدا توفيق عطا فرمائي. مون خدمت جو ٻج پنهنجي دل ۾ پوکي ڇڏيو آهي، شل خدا ان کي بار آور ڪري!

(8)

حيدرآباد

8- نومبر 1926ع

گذريل خط بعد حالتن جدا رخ ورتو آهي. عموي صاحب محمد ڪامل شاه جي ڪم لاءِ ٽرپارڪر ويس. افسوس اهو آهي تہ "جنين ڪاڻ مُياس، سي ڪانڌي ٿيم ڪينڪي!" مون ۽ محمد ڪامل شاه اوهان کان پير غلام حيدر شاه جي سامهون بمبئي ڪائونسل جي اميدواريءَ تان هٿ ڪڍائي، ڪيس بنا مقابلي چوندرايو. هن واعدو ڏيئي، پوءِ ان کان ڦري، سڄيءَ سنڌ ۾ وڃي محمد ڪامل شاه جي مخالفت ڪري، ميرزا فرخ بيگ کي مدد ڪئي آهي. هي اٿو منهن جو حال! جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي: محمد ڪامل شاه اميد تہ وڏي تعداد ۾ ڪامياب ٿيندو، پر صاحب کي پرکي ڇڏيوسون.

صلاح آهي تہ خان محمد نظاماڻيءَ کي پاڻ وٽ رکي، وڏيڪ انگريزي تعليم حاصل ڪريو.

# سال 1927ع

(1)

حيدرآباد

29- جنوري، 1927ع

بمبئي زميندارن جي وفد سان گڏجي ويو هوس، جتان خير سان واپس آيو آهيان. اميد تہ اوهين بہ خوش هوندا.

(2)

ڊل نهر، سرينگر، ڪشمير

26- مئي 1927ع

پيارا ادا سائين! السلام عليڪم! آخر پهچي وياسون. 21- تاريخ حيدرآباد مان روانو ٿي، لاهور پهتس. اتي ڪجهہ وقت سير ڪري، 23- تاريخ راولپنڊيءَ پهتس. ساڳئي ڏينهن شام جو، موٽر رستي، راه ملڪ سنبل و سوسن اختيار ڪيم. رستي جي آسپاس زمين جي گلزاريءَ ۽ زرنگاريءَ، گلن ۽ ٻوٽن جي خوشگواريءَ جو ذڪر ڪرڻ هن ڪاغذ جي تنگ ميدان تي فضول ٿيندو. البت اوهين پنهنجي خداداد تخيل کي ڊوڙائي، اهڙي پرفضا ملڪ جو فوٽو ڪڍي سگهو ٿا. خير قصو ڪوتاهہ، واٽ ۾ مڪان طريٽ وٽ منزل انداز ٿيس.

رات ترسي، صبح جو ڪوهہ مريءَ جي دلڪش نظاري کي ڏسندو، شام جو 6 وڳي 194 ميل ڪري، سرينگر پهتس. برادرم قبول محمد هڪ هفتو مون کان اڳ ٿي هن ملڪ ۾ آيل هو، تنهن ٻيڙي پلڙي ڇڏي هئي. ان ۾ اچي مقيم ٿيس. هيءَ ٻيڙي شهر توڙي ٻئي ڪشمير جي ملڪ جو سير ڪرائيندي. هي هڪ پاڻيءَ تي هلندڙ گهر آهي، جنهن ۾ انسان جي هر قسم جي آسائش جو سامان مهيا آهي. اسان جي ٻيڙيءَ کي پنج ڪمرا، بہ ڪاڪوس، هڪ اسٽور روم ۽ هڪ متي ڇتي، شام جي آرام گاهہ لاءِ آهي. فرنيچر يورپين فئشن تي پيل اٿس. چينيءَ جا برتن، ڪانٽا، ڇريون، سڀ موجود اٿس. مطلب تہ يورپين بنگلن جهڙو سامان منجهس موجود آهي. هن کي "هائوس- بوٽ" سڏين ٿا. هزارها اهڙا هائوس- بوٽ موجود آهن. يورپين سير لاءِ گهڻا آيل آهن. سرينگر شهر جي پر ۾ ڊل جي ڍنڍ آهي، جا

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ٻارهن ميلن جي گردي ۾ آهي. چوڌاري جبل اٿس. ان جي ڪناري سان سرسبز چنار ۽ ٻين قسمن جا وڻ قطارن ۾ بيٺل آهن. ان ۾ پاڻيءَ تي ترندڙ ٻنيون بہ بيٺل آهن. اسين هن وقت اهڙي ڍنڍ جي ڪناري وارن بهشت نشان، رشڪ جنان باغن جي سير لاءِ ويندا سون. منهنجي طبيعت پوريءَ طرح نيڪ نہ ٿي آهي.

الله اميد تہ اوهان کي فرزند عطا ڪندو. اطلاع موڪليندا. خط هن ائڊريس تي موڪليندا:

[نوٽ: ان خط جي پڇ ۾ برادرم قبول محمد شاھ لکي ٿو تہ ميران محمد شاھ ساٽس واعدو ڪيو هو تہ اوهان کي وٺيو ايندو هاڻ چوي ٿو تہ ڏاڍو جوان ٿي نہ آيو. ائين نہ ڪرڻ گهرجي.]

## (3)

ڍل مڪان گاندريل، سرينگر، ڪشمير

14- جون 1927ع

پيارن کان پيارا. دل جا زيور، خوش خلق ياءِ سلام باش. بندگي عرض تہ

گرچہ دوريم، از بساطِ قرب همت دور نيست،
بنده شاها شمائيم و ثنا خوانِ شما.
دورم بصورت از درِ دولت سرائي دوست،
ليڪن بجان و دل ز مقيمانِ حضرتم.

هن وقت ڪشتيءَ ۾ سوار، آبِ روان جي ڪنار ڪنار پيو وڃان. وقت صبح جا ساڍا ست ٿيا آهي. ڪناري جا سبز درخت، صانعِ ڪردار جي ثنا خوانيءَ ۾، نسيم سحريءَ جي جهوٽڪن تي صداءِ سبحان الله چئي رهيا آهن. پاڻيءَ جي شفاف سطح ۾ آسمان جي گوناگون رنگن جو پرتو، شڪلِ نو عروسہ رانگر، عجب حسن ماب نظر اچي رهيو آهي. اُتانهن پهاڙن جون چوٽيون، برف جي سفيد چادر ڍڪي، جهادِ اڪبر واسطي اشاري لاءِ محتاج بيٺيون آهن. بلبلِ بهار، گل جي ناز بي نياز ۽ حسن جي انداز کان بي تاب ٿي، نغمہ سنجيءَ ۾ قادرِ مطلق کان وصلِ گُل جي دعا گهري رهي آهي. اهڙيءَ گهڙيءَ ۾ هن ناقص جي نظر. زمين آسمان لتاڙي، جبل ڏونگر ڏوري، اوهان جي آستان تائين پهچي وڃي آهي. آخر بلبل کي گل کان سواءِ ڪهڙو آرام ايندو. پرواني کي شمع کان

سواءِ ڪهڙو عيش نصيب ٿيندو. تاڙي کي اَبر ڪان سواءِ ڇا مرام پلئُ پوندو. اوهان جي دوري هنن جملي لذات کي مختصر ۽ معدوم ڪري ڇڏي

بــي آب بـــہ ماهيــان چـــہ گذشـــت؟
بـي سبزه بـــہ آهـوانِ صحـرا چـہ گذشـت؟
بگذشـــت و بگـــذرد بهرڪـــس، ليڪـــن!
من دانمر و دل، ڪہ بي تو بر ما چہ گذشت؟

رات هڪ ڪتاب جو مطالعو ڪري ختم ڪيم، جنهن ۾ هڪ سچي عشق جي تصوير ڪينچيل هئي. ان ۾ معشوق جي وفاداري عاشق جي عشق ڪان سبقت کڻي ويئي، ۽ آخر پنهنجي جان عاشق جي مهجوريءَ ۾ ڏيئي، عشق جو مثال قائم ڪيائين.

عاشقان را درد و غم بسيار مي بايد ڪشيد،
داغِ يـار و غصـﮥ اغيـار مـي بـايد ڪشـيد.
هرڪہ عاشق شد اگرچہ نـازنين عـالم است،
نازڪي ڪي راست آيد، بارمي بايد ڪشيد.

اسان جا همسفر، باوجود پنهنجي مايہ علم ۽ سرمايہ ڪثير جي، يدِ قدرت صنعت کي بنظر استحقار ڏسن ٿا، يا تہ فقط هڪ معمولي جهنگل سمجهي، بعضي بيزار ٿين ٿا.

آه، بي درد بي چشمانہ اهڙيءَ عدم همرازي ۽ دلتنگيءَ جي دوران، هي نامو، نسيمِ سحريءَ هٿان ارسالِ خدمت ڪريان ٿو، جو اميد تہ درِ دولت تي رَسي، آستان بوس ٿيندو.

اي بـاد، اگـر بـہ گلشـنِ احبـاب بگـذري
زنهـار عـرض ده بـر جانـان پيـام مـا
اي نسـيمِ سـحري، بندگـي مـن برسـان،
ڪہ فرامـوش مڪـن وقـتِ دعـاءِ سـرحم
خرم آن روزڪہ زين مرحلہ بر بندم رخت،
در سـرِ ڪـوي تـو پرسـند رفيقـان خبـرم
راهِ خلـوت گـہ خـاصم بنمـا تـا پـس ازيـن،
ميخـورم بـا تـو ديـگر غـمِ دنيـا نخـورم

چوڌاري گل و گلزار، آب روان ۽ سبزه زار جي بهار آهي. مگر جيستائين يار غمگسار نہ آهي، همراز نہ آهي، نڪتہ شناس نہ آهي، يا مذاق نہ آهي، تيستائين قدرتْ جي رعنائيءَ ۽ نيچر جي دلربائيءَ جو لطف دل تي اُنائي نٿو سگهجي.

بي تو، سرو روان، باگل و گلشن چہ ڪنم،
زلفِ سنبل چہ ڪنم عارضِ سوسن چہ ڪنم!

جيئن جيئن ڪشتي اڳتي نهر کي لتاڙيندي هلي، تيئن تيئن نظارو دل کي مست ۽ مخمور ڪندو وڃي. ڇونہ اهڙي منظر دلڪشا ۽ منزل دلربا تي بلبل بيتاب، عاشق پُر آب ۽ شاعر سخن ساز ٿئي!

دران چمن ڪہ نسيمي و زد زطره دوست،
چہ جاي دم زدنِ نافهاي تاتاريست.

هن ملڪ جي حسن عالمتاب منهنجي دل کي هيڪاري بيتاب بنائي ڇڏيو آهي.

نہ ديدار دل تي ميسر، نہ وصل جو واءُ برسر،
چشم گريان، دل بريان، حيران ويران پيو وتان.
فغان ڪ اين لوليانِ شوخ، شيرين ڪار شهر آشوب،
چنان بردند صبر از دل ڪہ ترڪان خوانِ بغمارا.

همراز هجي، جنهن سان درد دل اورجي، دمساز هجي، جنهن سان روح ريجهي:

آنڪس است اهلِ بشارت ڪہ اشارت داند،
نڪتهاي هست بسي محرمِ اسرار ڪجاست.
باده و مطرب و گل، جملہ مهيا ست ولي،
عيش بي دوست مهيا نہ شود، يار ڪجاست.

آخرين نصيحت ”حافظ“ جي عمل درآمد تي، مجبوراً صبر ڪرڻو پيو ٿو:

’حافظ‘ از بادِ خزان در چمنِ دهر مرنج،
فڪر معقول بفرما، گل بي خار ڪجاست.

احوال دل جو هن ڪاغذ جي تنگ ميدان تي ڪرڻ سراسر احمقي آهي. همسفر طعنا پيا هڻن تہ ڪاغذ ۾ ڇو مستغرق ٿيو آهين. تمسخر تہ ناهي ۽ فضول بڪواس ۾ ڇو شامل نٿو ٿين. تنهن ڪري اوهان جي صورت دل ۾ ذري قلم کي روڪيان ٿو. ورنہ:

قلم از قصہ عشق از بنويسد همہ عمر،
عمر آخر شود و قصہ بہ پايان نہ رسد.

الله اوهان کي عمر دراز بخشي، همدم همراز بخشي، خوشي ابتهاج بخشي! من مون دل پُر درد تي بہ نظر شفقت ڪري، پيرا پري هتان تي وجو:

دلم ڪہ گوهرِ اسرار حسن و عشق درون است،
توان بدست تو دادن گرش نڪو داري.
ترا بحر گذري هست بيقرار دگر،
مرا بجز تو ڪسي نيست غمگسار دگر.

خبر نہ آهي، ڇا جو ڇا لکي ويو آهيان. شايد اوهان جي طبع ۽ دل، مفهوم تي گران گذري، پر آءٌ جوشِ محبت ۾ لکي وينو آهيان.

ز تاب آتش دوري شدم غرق غرق چون گل،
بيار اي باد شبگيري نسيم زان عرق چينم،
حديث آرزو مندي ڪہ در اين نامہ ثبت افتاد،
هما ناڪہ غلط باشد ڪہ حافظ داد تلقينم.

اسين بہ جلد وطن ڏي واڳون وارڻ وارا آهيون. هن خلد برين کي سگهو خيرباد چونداسون، ۽ اچي اوهان جي در دولت جا آستان بوس ٿينداسون. پيا درد جا داستان، غمِ هجر جا بيان، ذڪر سنبل ۽ ريحان، گلِ گلستان، حسنِ پرستان ۽ آبِ روان جا، روبرو عرض ڪبا.

قصہ عشق شده از شبِ ديجور دراز.

شايد 25- تاريخ ڌاري حيدرآباد پهچي وڃون. هتان گهٽو ڪري 19 تاريخ روانا ٿينداسون. ڪوهہ مريءَ جو ديدار ڪري، پوءِ موٽنداسون. حال تہ اسڪولبورڊ، انجمنون، ڪورٽون، سڀ فراموش آهن. جڏهن هن فردوس مان نڪري انهيءَ عالمِ خروش ۾ ايندا سون تڏهن جا ڪم تڏهن. اجا تہ "حافظ" جي تلقين تي عمل درآمد آهيون:

دمِ فرصت غنيمت دان و دادِ خوشدلي بستان،
بسي گردش ڪند گردون، بسي ليل و نهار آرد.

*بنده مير "مهجور".*

قلم تازو: ڪاغذ موضع گاندربل جي پوسٽ ۾ وجهان ٿو. هن ڳوٺڙي ۾ هر طرف سنئي پاڻيءَ جا چشما آهن. مڇيءَ جو شڪار آهي. هر طرف چنار ۽ سفيدي جي وڻن جي قطار آهي. درياءَ ڇڇي، ٻن ٽن شاخن ۾ ٿي ويو آهي. جبلن جي دامن ۾ باغ ۾ ياچيون هزارها نمونن جون آهن، جي ڏسي دل کي فرحت اچي ٿي. آبهوا بلڪل خوشگوار اٿس. اسين ٻه ڏينهن هتي رهي، سرينگر موٽنداسون.

---

## سال 1928ع

حيدرآباد سنڌ

22- جنوري 1928ع

خط پهتو. ڪراچيءَ سب ججيءَ جي انٽرويو لاءِ ويل هوس، جتان نقشِ طالع معڪوس نظر آيو. حياتي جي دور، دورِ گردون جي نقشِ قدم تي هلڻ جو هميشه لاءِ فيصلو ڪري ويو.

آءٌ ڪو ناقابل نه هوس، مگر منهنجي طالع ۾ قوم جي خدمت جو طوق دايه ازل وجهي ڇڏيو هو، جنهن ڪان ڪنڌ ڪير ڪڍائي. شايد قسمت ۾ آرام ۽ آسائش جي حياتي روز ازل لکيل نه هئي. زماني جي بحر اشتغال ۾ غوطه زني ڪرڻي اٿم، جيئن ڇهه سال اڳي پنهنجي هڪ غزل ۾ چيو هوم:

اصل ڪان "مير" مگر خلقيا آهن خالق،

غمن جي غله ڪشي لاءِ دل ۽ دوش سندم.

هاڻ اوهان ڏسي ورتو ته منهنجو ڪوبه قصور نه آهي: آءٌ آرام جي زندگيءَ ۽ ادبي خدمت لاءِ نوڪري پنيان هوس، مگر قدرت کي اهو منظور نه هو. هاڻ منهنجي حياتيءَ جي ڪشتي اوهان جي ناخداتيءَ جي خواستگار ۽ طلبگار آهي. جي رهنمائي ڪندا ته ساحلِ مراد کي پهچي ويندي، ورنه حياتي بحرِ زخار ۾ ڪنهن نه ڪنهن ٽڪريءَ تي ٽڪرائجي، راهِ عدم ڏي رواني ٿي ويندي.

چڱو ٿيو جو مون تان سن ڪانفرنس جي پريزيڊنٽيءَ جو بار لٿو. بزرگن جي وچ ۾ صدر ٿيان ڪونه ها. چوندا ته "ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا ڪاڻ وارا." منهنجي خيال ۾، ان لاءِ ميرزا قليچ بيگ موزون ٿيندو. طبيعت جي علالت ڪري، 28 تاريخ شام جو ايندس.

(2)

حيدرآباد

25- جنوري 1928ع

خط سن جي ميلي تي اچڻ لاءِ پهتو:

جهان بڪام دل اڪنون شود ڪہ دور زمان،
مـرا بـہ بندگـي خواجـہ زمـان انداخـت.

ڪيسن لاءِ بدين ۽ نندي شهر وڃڻو اٿم. ٿڪجي پوندس، تہ بہ اچي حاضر ٿيندس.

از سـر ڪـوي تـو رفتـن نتـوانم گـاهي،
ورنہ اندر دل بيدل سفري نيسـت ڪہ نيسـت.

ميرزا قليچ بيگ صاحب وٽ ويس، چيائين تہ بمبئيءَ وڃي ٿو، ان ڪري مجلس ۾ اچي ڪونہ سگهندو.

## (3)

ديہہ مهراڻ

7- فيبروري 1928ع

حـافظ مريـدِ جـامِ جـم سـت، اي صبـا بـرو،
وز بنـده بندگـي برسـان شـيخِ جـام را،

پيارا مٺا سائين! قربان شوم! اڄ ڪٿي آهيان؟ روحاني طرح تحت الثريٰ ۽ جسماني طرح گنجي ٽڪر جي هڪ هيناهينءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي، جنهن جي گرد و نواح جي سينري اهڙي دلڪش ۽ هوشربا آهي، جنهن جو بيان ناقص قلم ڪرڻ کان قاصر آهي. دل بي اختيار جهولي ٿي.

بده ساقي، مي باقي ڪہ در جنت نخواهي يافت،
ڪنارِ آبِ رڪنا بـاد گلگشـتِ مصلـيٰ را.

درياءِ سنڌ پنهنجا بہ بازو پکيڙي، هڪ بيٽ کي هتي بغلگير ڪيو آهي. ٽڪريءَ جي پاڙ کان اتر- ڏکڻ، چئن ميلن پنڌ تي، فقير جي چيٽن جي آبادي آهي، جنهن جي فرشِ زمردين پژمزده دل کي شگفتہ بنائي ڇڏيو آهي. ڪٽڪ جي سبزيءَ ۾ وري ڄانيي جي گلن، مٽرن جي گل ۽ مکڙيءَ، موريءَ جي ٻُوري، اهڙيءَ ميناڪاريءَ جو ڪم ڏنو آهي جو صانعِ ڪردگار جي ثنا خواني ورد زبان آهي. ايرندي کان گنجي جبل جي قطار آهي، جو پنهنجو لطف پاڻ ٿو رکي. سج جي طلوع وقت ان جو زرين رخ سڄي جبل جي سطح کي منور ڪريو ڇڏي. مطلب تہ جنهن طرف نظر ڦيربي، ان طرف حسن پنهنجو ڪمال ڏيکاري رهيو

آهي. فطرت جي ناظر ۽ صانع جي ثنا خوان لاءِ ڪافي ذخيرو آهي.

بهار آمد ڪه از گلبن همي بانگِ هزار آيد
بهر ساعت خروشِ مرغ از هر مرغزار آيد.
تو گوئي ارغنون بستند بر هر شاخ و هر برگي،
ز بس بانگ تدرو صلصل و دراج و سار آيد.
بهر جا جشني وخوشي بهر گامي قدح نوشي،
نماند غالبا هوشي چون فصل نو بهار آيد.

اهڙي مڪان تي اوهان جي يادگيري لازمي آهي:

باده و مي مطرب و گل جمله مهياست ولي،
عيش/بي دوست ميسر نشود يار ڪجا ست.

ويچاريءَ مرحومه زيب النساءِ به، شالامار باغ لاهور ۾، نهر جي ڪناري تي ويهي، بي اختيار، في البديهه هي شعر پڙهيو:

چهار چيز از دل غم برند، ڪدام چهار؟
شراب و سبزه و آبِ روان و روي نگار.

هنن چئن شين مان شراب جي عيوض مون وٽ اُٽ جو کير موجود آهي، جو ٻرهل جي ڪري حڪيمن ان جي پيئڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي. ٻاڇي هر طرف آهي، سنڌو ندي ٽر ۾ آهي، باقي روي نگار هن جاءِ تي ملڻ محال آهي!

اوهان کي اچڻ لاءِ عرض ڪيو هوم، پر اوهان ڪمن جي ڪثرت ڪري اچڻ کان انڪار ڪيو. آءٌ به صرف هڪ هفتي لاءِ آيل آهيان. وڏيڪ عرصو رهان ها ته منت ڪري وٺي اچان ها.

سر غلام حسين اپريل ڏاري ايگزيڪيوٽو ميمبر ٿي وڃي ٿو. ان جاءِ لاءِ ميرزا سڪندر بيگ سخت ڪوشش وٺي رهيو آهي. ظاهراً مون کي چوايائين ته هو ٻاءِ- اليڪشن لاءِ ڪونه بيهندو: ان جو مطلب ته آءٌ غافل هجان ظاهر ۾ رڳا شيعا هن جي طرف آهن، جن مان سڀ ڪنهن کي هو ٻڌندو وڃي ٿو. اسان کي هشيار ٿيڻ گهرجي. مٽياري سيد، هالا جا مخدوم، ٻٽائي ۽ نصرپور جا پير، پير غلام حيدر شاهه کي هٿ ڪرڻو آهي. ٻٽائي، شيعا هئڻ ڪري، لاڙو مرزا ڏانهن ڪندا. مخدوم ميان غلام محمد صاحب کي ميرزا ناهڻ جي ڪوشش پيو ڪري. مخدوم ميان غلام

حيدر نہ ٿهندس. رئيس فقير بخش خان کي ونـي، مخدوم صاحب کي اڳ ۾ ملي، واعدو ونـڻ گهرجي. آءٌ 18- تـاريخ شـام جـو، چنچـر ڏينهن، هالا پهچندس. 19 تاريخ هالا جي اسڪول ۾ جلسو آهي، اوهين مهرباني ڪـري رئيس صاحب کي ونـي اتي ايندا. هي وقت مدد جو آهي.

(4)

حيدرآباد

7- مارچ 1928ع

خط پهتو. زماني جي احوال بسنت عرض تہ ميان غـلام حيـدر صاحب جو نياپو پهتو آهي تہ مخدوم صاحب وڏو 15- مارچ هالن ۾ واپس ايندو، ڪيس جلدي ملو. اوهين رئيس فقير بخش خان کي ونـي، هالن ۾ 18، 19- تاريخن تـي ايندا، پر جي رمضان جي ڪري تڪليف ٿئي تہ پوءِ عيد کان پوءِ هلجي. اتان پٽاين تائين هلبو.

پـر احسـان الله شـاهہ جهندي واري کي بہ چوڻ گهرجي. آءٌ حيدرآبـاد ميونسپالٽيءَ لاءِ بہ اميـدوار بيٺـو آهيـان. قـاضي عبدالقيـوم ۽ ميـان اميـن الدين بہ اميدوار آهن. ان تڪ مان چار ميمبر چونڊبڻا آهن. انهـيءَ وارڊ ۾ سيد منن شاهہ ۽ شـير علـي شـاهہ، ٽنـدي غـلام حسـين وارو، مڪيـہ باشـندا آهن. منـن شـاهہ، قـاضي صـاحب جـو خليفـو آهـي. جتـي بـہ قـاضي هونـدو، مجبوري ڏيکاريندو.

(5)

حيدرآباد

20- مارچ 1928ع

منهنجي حالتِ زار اچي ڏسو. هڏن جو پڃرو ٿي ويو آهيان. آسمان جي رخ تي ابر سياه ٿو ڏسان. ظلمتڪدي ۾ گامزن آهيان. اوهان جي خضر رسائيءَ جي ضرورت آهي. هڪ طرف ميونسپالٽي، ٻئي طرف ڪائونسـل آهـي. اچـو، اچـي منهنجي مدد ڪريو. مخالف ڏر جي ڪوشش ڏسان ٿو تہ دل ڪنبيو وڃي.

(6)

حيدرآباد

20- اپريل 1928ع

آءٌ اربع ڏينهن صبح جو لاهور ميل ۾ ڪراچيءَ پهچندس. حاجي علي اصغر شاهه حج تي وجي ٿو، ان کي اماڻڻ اچان ٿو.

(7)

حيدرآباد

2- مئي 1928ع

مخدوم ميان غلام حيدر جي شادي 5- مئي تي آهي. مون کي 12- مئي تي گهرايو اٿس. شايد جدا جدا وقتن تي ماڻهو گهرايل آهن.

(8)

حىدرآباد

28- مئي 1928ع

ڪائونسل جو ڪم قريب آهي. 20- جون تي جاءِ خالي ٿيندي. 20- جولاءِ چونڊ ٿيندي. اوهين اچا ماٺ ۾ آهيو! اچو ته ڪم جي ورچ ڪجي.

شيخ صاحب جي آفيس 2- جون کُلي ويندي. مرزا جو ڪم به زور آهي، عيد ذوالحج کان پوءِ هتي ايندا چاچي ولي محمد شاهه ڪائونسل ۾ مدد جو انجام ڪيو هو. پاڻوني سيدن، زير پير وارن سيدن ۽ بين کي چوڻو اٿوَ.

(9)

حيدرآباد

20- جون، 1928ع

اڄ صبح جو، خدا جي مهربانيءَ سان ميونسپالٽيءَ جي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيس. پهريون نمبر آيس. قاضي ميان عبدالقيوم جو فخر ٽُٽي پيو. هن ڪهنه مشق جي سامهون آءٌ ضعيف البدن ۽ ڪمزور چا هوس، پر خدا جي مهرباني ٿي.

(10)

حيدرآباد

28- جون 1928ع

بمبئي ڪائونسل جي اليڪشن جي تاريخ مقرر ٿي ويئي آهي. نامينيشن فارم 2- جولاءِ تي پريو ۽ اسڪروٽني 5- جولاءِ تي، چونڊ 17- جولاءِ تي ٿيندي. هاڻ غفلت ڪرڻ پاڻيهي شڪست کي دعوت ڏيڻي آهي. اوهين پنهنجي ڪمن ۾ مشغول آهيو. هاڻي تاريخ ٻڌڻ بعد اميد ته جلد ايندا ته مٿيارين مان ٿي پوءِ هالن ۾ گڏجي هلون. چاچا ولي محمد شاهه کي ڏسجو. پير فتح محمد شاهه آراضيءَ جا مريد، ٽنڊي ولي محمد ۾ آهن. لڪيءَ جي سيدن جا سريد، حيدرآباد آهن.

(11)

ايجنٽ نامو

سيد غلام مرتضيٰ شاهه ولد سيد محمد شاهه کي بمبئي ڪائونسل جي ضمني چونڊ لاءِ، هالا ميونسپل آفيس جي پولنگ لاءِ، ايجنٽ مقرر ڪريان ٿو.

چونڊ 17- جولاءِ 1928ع تي ٿيندي- ميران محمد شاهه

(12)

حيدرآباد

31- جولاءِ، 1928ع

تار

مبارڪون! مون کي 2424 ووٽ، شيخ صاحب کي 1693 ووٽ ۽ مرزا کي 1519 ووٽ مليا.

[بمبئي ڪائونسل جي چونڊ ۾ ڪاميابيءَ بابت.]

(13)

ڪائونسل هال، پونا

13- جولائي، 1928ع

خيريت سان پوني پهتس. سر غلام حسين جي موٽر بيٺي هئي. ان ۾

سوار ٿي وڃڻ ويس. سندس بنگلي ۾ مهمان آهيان. محمد ڪامل شاهہ بہ اتي آهي. آبهوا خوشگوار آهي. آءٌ طبيعت ۾ خوش نہ آهيان. ذات ۾ سور اٿم. قبضيت بہ اٿم. الله جو فضل ٿيندو.

هينئر ڪائونسل ۾ ويٺو آهيان. وطندار ائڪٽ ۾ درستيءَ بابت بحث هلندڙ آهي. ان جو تعلق دکن جي جاگيردارن سان آهي. هائوس جو توجهہ ڪونہ آهي. ان ڪري قلم ڪڍي اوهان ڏانهن خط لکيو اٿم. پهرين تاريخ "سائمن ڪميشن" جي بائيڪاٽ جو ٺهراءُ پيش ٿيندو، جنهن لاءِ ٻنهي ڌرين، يعني پبلڪ ۽ سرڪار طرفان ڪنويسنگ (Canvassing) هلي رهي آهي. منهنجو پهريون ڏينهن آهي، پيو حالتون جاچيان. مسلمانن جي، ڪائونسل ۾ ڪا بہ وقعت نہ آهي. هڪ پارٽي ڀُٽي صاحب جي، ٻي مسٽر نور محمد جي، ٽي پريزيڊنسيءَ جي مسلمانن جي: آءٌ ان ڳالهہ ۾ مشغول آهيان تہ مسلمان اتفاق ڪن، ۽ جيڪو قدم کڻن سو گڏجي کڻن، نہ تہ قوم جو خدا حافظ آهي. ڪائونسل ۾ عزت بجاءِ ذلت ٿئي ٿي. اڄ هڪ ميٽنگ شام جو 6 بجي سڏايل آهي، خدا ڪري ڪو نتيجو نڪري. وڌيڪ احوال پوءِ عرض رکندس. ڪائونسل جو اجلاس 6-7 ڏاري پورو ٿيندو. 12- تاريخ موٽي حيدرآباد ايندس. خبر ڏيندا تہ آئيندي اوهان ڪراچي ضلعي مان ڪائونسل لاءِ بيهندا يا نہ؟ صرف احوال معلوم ڪرڻ گهران ٿو.

## (14)

ڪائونسل- هال، پونا

4- آگسٽ، 1928ع

هڪ خط اڳي موڪليو اٿم، جواب ڪونہ پهتو آهي. هتي جو احوال هي آهي تہ "سائمن ڪميشن" سان تعاون ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿي ويو. مسلمانن يڪمشت ٿي، ڪميشن سان تعاون ڪرڻ جي فائدي ۾ ووٽ ڪيو.

هڪ ڪميٽي، ڪائونسل پنهنجي پاران چونڊي، سائمن ڪميشن سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪلي آهي، جنهن جا ست ميمبر آهن، انهن ۾ بندو بہ هڪ آهي. وڏو ڪم آهي، ۽ وڏي جوابداري آهي. سر ڀٽو سنڌ مان ٻيو ميمبر آهي. مسلمانن جي حقن جي پوري نمائندگي ڪرڻي آهي. سنڌ ۾ اچڻ بعد، اخبارن

ذريعي، مسلمانن کان رايا گهرائيندس.

آءٌ هتي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي درستيءَ جي بل لاءِ ترسيل آهيان. اهو زميندارن جي خلاف آهي. اڱاري ڏينهن حيدرآباد روانو ٿيندس. لوڪل بورڊ جو نامينيشن پيپر مختيارڪار روڪيو آهي، ان لاءِ اپيل ڪندس.

(15)

حيدرآباد

12- آگسٽ 1928ع

ٽيون ڏينهن هتي پهتو آهيان. پاڻ ڪي هڪ ٻئي سان ملڻ گهرجي. اوهان سان سنڌ جي مستقبل بابت ذڪر ڪرڻو اٿم. سنڌ جو جدا ٿيڻ، اسان جي لاءِ موت ۽ حياتيءَ جو سوال آهي. ان سوال تي غور ڪري، احوال موڪليندا.

شيخ صاحب وارا اليڪشن جي ڪري ناراض آهن، انهن کي پرچائڻو آهي، ان ۾ اوهين مدد ڪندا.

(16)

حيدرآباد، الهندو ڪَچو

28- نومبر 1928ع

اميد ته اوهان ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽ چونڊجڻ بعد، ان ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هوندي. اميد ته ماٺهن جي اميدن موجب صحيح نڪرندا. ڪڏهن بنگلو مسواڙ تي وٺندا، ۽ ڪڏهن موٽر وٺندا؟

آءٌ بمبئي 2- تاريخ ڊسمبر ويندس، 19- تاريخ موٽندس.

# سال 1929ع

(1)

حيدرآباد

2- جنوري 1929ع

"انجمن نصرت الاسلام" نالي سان حيدرآباد ۾ هڪ جماعت قائم ڪئي وئي آهي. 12- جنوري 1929ع تي، هومسٽيڊ هال ۾، آرين سان مناظري ڪرڻ لاءِ، هندستان ڪان وڏا عالم، مولوي ثناءَ الله امرتسري، محمد ابراهيم سيالڪوٽي، بابا خليل داس، وغيره ايندا. اوهان کي ان ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏجي ٿي.

(2)

حيدرآباد

7- فيبروري 1929ع

خط پهتو. آءٌ انهيءَ وقت نصرپور، خانپور، تاجپور، هالا، ڪندو ۽ سيڪاٽ طرف گشت تي ويل هوس. اتي تعليم ڏانهن ماڻهن جو توجهه ڇڪايم. خاطو نه آهي جو احوال اخبارن کي موڪلي. آءٌ پنهنجي پڄنديءَ آهر، حتي المقدور، قوم جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

ڪالهه آرين جي مقابلي ۾ هندستان جي عالمن جو جلسو ٿيو، ان جي به صدارت مون کي ڪرڻي پيئي.

اوهان جي ڪار گذاريءَ جا احوال اخبارن ذريعي پيا معلوم ٿين. خدا اوهان کي نيڪ ارادن ۾ ڪامياب ڪري.

(3)

حيدرآباد

25- مارچ 1929ع

خط پهتو. اوهان جي ڳوٺ سڏار هلچل جي سلسلي ۾ ڪيل ڪوشش جو احوال اخبارن ۾ پيو پڙهان. سياڻ رات دهليءَ وڃان تو. اتي مسلم ليگ ۽ سائيمن ڪميشن جون ڪانفرنسون آهن. 8- تاريخ مهابليشور پهچندس. 15- اپريل حيدرآباد ايندس. ڪائونسل جون چونڊون نزديڪ ٿينديون وڃن. چونڊ

ٿيندي، مخالف ڪھڙا بيھندا. ان جو پتو نہ آھي. شيخ عبدالمجيد جو گھڻو خيال اٿم تہ شل ھو ھتان نہ بيھي، ڪيس ايڏھين ڪٿي بيھاريندا. قاضي عبدالقيوم واعدو ڪيو آھي تہ شيخ صاحب ڪي حيدرآباد بيھارڻ جي خيال کان ھٽائيندو. منھنجي ٿوري عرصي واري ڪم جي خبر، بابا مير محمد بلوچ کان پوندي.

(4)

دھلي، راءِ سينا

8- اپريل 1929ع

بيا بنگر نسيم، و نھر، گل، بلبل بھارستان،
نواي نائي وني بشنو، ببين ناز نگارستان.

مدت کان ھن شھر جي جديد حصي ۾ مقيم آھيان، جنھن کي 'راءِ سينا' يا نئين دھلي سڏجي ٿو. شايد اوھان بہ ھن يشت نشان حصي جو معانو ڪيو ھجي. ۾ موسمِ بھار ۾ ھن جي لطافت فردوسِ برين جي مشابھہ آھي. جنھن ڪري جڏھن صبحگاھہ ان جي چمنن جي چھچٽي ۽ سڙڪن جي سينگار، گلن جي بھار تي نظر وجھجي ٿي تہ دل کي نھايت شگفتي حاصل ٿئي ٿي.

ھفتي کن کان مسلم ليگ آل پارٽيز ڪانفرنس، اسيمبلي، پروانشل ڪميشن جي ڪانفرنس ۽ سائمن ڪميشن سان صبح جو سڄو وقت بحث مباحثي ۾ ويندو ھو. الحمدلله، شام جو ھر روز ھڪ نہ ٻيءَ بزمِ الفت جو سامان ميسر ھوندو ھو. پارٽين، ائٽ ھوم، ڊنرن جي ڌماڌم ھئي. ھن وقت بہ ڊنر لاءِ سوٽ پايو، تيار ٿيو ويٺو آھيان. نہ رڳو ايترو، پر رات جو اجا بہ محمد شاھہ جو پاڻ کي مھمان تصور ڪري، عشرت ڪدي ۾ لطفِ صحبت ۾ حظ الفت وٺڻ کان دريغ نٿو ڪريان، جنھن جو احوال روبرو پيش ڪندس. انھيءَ صحبت ۾ يارانِ طريقت بہ شريڪ آھن. انھن جي ترغيب ڪري، ھيڪاري دلِ بيتاب کان صبر ۽ استقلال پائمال ٿيو وڃي ۽ حافظ ياد اچي ٿو:

دوش از مسجد سوي ميخانہ آمد پير ما،
چيست يارانِ طريقت بعد ازين تدبير ما.

دھليءَ جي ديوار کي ڏسي، سندس گذريل شاھي شان ياد اچي ٿو. آءٌ بہ حافظ شيرازيءَ جي پوري تقليد ڪري رھيو آھيان.

مي بده، مي بستان، دست بزن، پاي بکوب،
بخرابات نہ از بھر نماز آمده.

صبح جو سويرو بمبئيءَ روانا ٿيندا سون. 13- اپريل تائين اتي هوندس. 15 يا 10- اپريل ڪراچيءَ پهچندس، جي اتي هوندا تہ ملڻ ٿيندو.

(5)

حيدرآباد

29- اپريل 1929ع

اوهين گشت ۾ هئا. ڪراچيءَ ۾ ويو هوس، جتي ڊسلوا ۽ ٻيا مليا، جن کي اوهان ڏانهن رنجش گهٽي هئي. اوهان جي گشت جي پروگرام کي هنن حسد جي نظر سان ڏٺو ٿي، بلڪ ان کي بيقاعدي ٺهرائڻ جي ڪوشش هين. مون ڊسلوا سان بحث ڪيو تہ لوڪل بورڊ ائڪٽ جو مفهوم اندر پروگرام اچي وڃي ٿو. قاضي عبدالرحمان شاديءَ بعد هتي آيو. جنهن ڪليڪٽر جي حڪم جي ڪاپي ڏيکاري. مهرباني ڪري، ڪنهن قائديدان سان مشورو ڪري، جواب ڏجو. اوهان جي خلاف سازش هلندڙ آهي، قاضي عبدالرحمان ان ۾ شامل آهي. ٻيو مقصد تہ سندن ڪونہ ٿو ڏسان، شايد اوهين چيف آفيسر جي منشا مطابق نہ هلندا هوندا. اوهان جي رسوخ کي شاهنواز شاھ جي طاقت جي منافي سمجهن ٿا. اهڙيءَ مخالفت هوندي، اوهان کي نهايت خيال سان قدم کڻڻ گهرجي. ڪي لوڪل بورڊ اندر گهرا دوست بہ هئڻ گهرجن. منهنجا پڻ پنهنجا مخالف ٿيا آهن: شاھ محمد شاھ ۽ ٻيل شاھ (محمد صالح شاھ). بقادار شاھ بہ بعضي ساڻن سُر ملائي ٿو. آءٌ تہ هر ڪنهن سان هٿ ٻڌندو اچان. الله اوهان کي حاسدن جي حسد کان پناھ ۾ رکندو.

اينڊڙ ڪائونسل جي چونڊن ۾ شاهنواز شاھ ۽ يار محمد ميمڻ مختيارڪار، شيخ صاحب کي حيدرآباد مان بيهارڻ جي ڪوشش ڪندا. آءٌ 4- مئي بمبئيءَ ويندس، ان کان اڳ ملڻ ضروري ٿو ڄاڻان. اوهان 3- تاريخ تائين ڪراچي رهجو، متان آءٌ اچي نڪران.

(6)

حيدرآباد

8- جون 1929ع

6- جون تي موڪليل خط پهتو. هن دنيا ۾ ڪو سچو دوست ملڻ محال پيو نظر اچي. خاص ڪري اسان جهڙن نادارن جو دوست ٿيڻ محال آهي. اهڙيءَ

تاريڪيءَ ۾ اوهين روشن ستاري وانگر ڏيکاري ڏيو ٿا. خوشامند سمجهو يا دل جو سچو اظهار سمجهو، منهنجو اوهان لاءِ اهو رايو آهي:

"گر قبول افتد زهي عز و شرف."

آءٌ سياڻي مٺياريءَ وڃان ٿو. ميان الهيار شاهه ۽ پين ساداتن جو رخ ڏسندس. پير بلڙيءَ وارو ڪراچيءَ ۾ آهي، اوهان کي ملندو، ان کي پارت ڪندا.

(7)

ڪائونسل- هال، پونا

23- جولاءِ، 1929ع

ٻوڏن جا هيبتناڪ احوال پيا ٻڌجن. اميد تہ اوهان کي بارش فائدو پهچايو هوندو. البت جاين کي نقصان پهتو هوندو. مون هتي ڪائونسل ۾ مهمليءَ جو ٺهراءُ آندو، جنهن تي بحث ٿيو. بمبئي سرڪار ڪُٺل آهي، پر اميد تہ ڪجهہ ڪندي. آءٌ 11، 12- آگسٽ ڌاري سنڌ پهچندس.

(8)

حيدرآباد سنڌ

3- سيپٽمبر 1929ع

هيترا مينهن- پاڻي ٿيا، ٻوڏ پيئي ٻُڌجي، اوهان جو ڇا حال آهي؟ اسان وٽ برساتن گهڻا نقصان ڪيا آهن. مون بمبئي ڪائونسل ۾ مهمليءَ جو ٺهراءُ آڻي، ٻہ لک رپيا امداد لاءِ منظور ڪرايا آهن، جي مفت ورهايا پيا وڃن. اسان جي ڳوٺ تہ گنجي ٽڪر تي اچي وينو آهي. آءٌ ٻہ دفعا ڪراچيءَ آيو آهيان، اوهان جو پتو نہ آهي.

(9)

پونا

1- آڪٽوبر 1929ع

هتي 26- سيپٽمبر پهتو آهيان. سر غلام حسين وٽ رهيل آهيان. سيان ڪائونسل پوري ٿيندي. هن دفعي مزو نہ آهي. 'سائمن ڪميشن، 12- آڪٽوبر پوني ايندي.

## سال 1930ع

(1)

حيدرآباد

27- جنوري 1930ع

خط پهتو، مس پگٽ کان ويهن ڏينهن کان نرس وٺي موڪليان ٿو. ڏهه رپيا کيس روزانو ڏبا.

(2)

حيدرآباد

11- فيبروري 1930ع

خط پهتو. پڙهي نهايت ارمان ٿيو. اوهان کهڙي بلي ماري آهي جو مسٽر گبسن، ڪليڪٽر ڪراچي، اوهان کي دڙڪا ٿو ڏئي! اوهان کي خبر هوندي ته هو ڇهن مهينن لاءِ موڪل تي وڃي رهيو آهي. خدا نهڙ نيندس. ڊسلوا کي واقعي سندس ماڻهو مقرر نه ٿيڻ ڪري باهه هوندي. آءٌ نٿو سمجهي سگهان ته گبسن اوهان کي ڪهڙو نقصان پهچائي سگهندو. اوهان ڪا چوري نه ڪئي آهي، نه اوهين بدچال آهيو. رڳو مسٽر گزدر کي انجنيئر ڪري رکائڻ ڪري، بورڊ کي سسپينڊ ڪرائي نٿو سگهي. نهايت، ته گزدر جي مقرريءَ جي سرڪار منظور نه ڏيندي، بس. ان حالت ۾ ٻيو انجنيئر رکي سگهندا. گبسن آءِ. سي. ايس ۽ سينيئر ڪليڪٽر آهي، نه ته سڏا سوال ڪائونسل ۾ موڪليان ها. ڪامورا ڪامورن تي ڪونه پوندا، خاص ڪري آءِ. سي. ايس. تي.

(3)

پُور بندر

19- فيبروري 1930ع

هي خط بمبئيءَ ويندي، جهاز مان، پور بندر جي ويجهو لکيو اٿم. "شاهه" جا سامونڊي بيت ياد اچن ٿا. افسوس جو شاهه جو رسالو ساڻ ڪونه اٿم، نه ته وينو سامونڊي سُر پڙهان ها. شاهه صاحب پـُور بندر جو نظارو شايد ڏٺو هو،

ڇوي ٿو تہ "پُور بندر پهچاياٿين." خير، هينئين مصرع اُچاريندو رهان ٿو:

سڙهہ سنوان، لاڄو نوان، اولا جنهين عاج،
ساٿي سفر هليا، پسري جنگ جهاج،
حاصل ڪرين هاج، واحد وڻجارن جي.
دعا ڪجو تہ خير سان بمبئيءَ پهچان!

مسٽر گزدر واري معاملي ۾، سر شاهنواز ڀُٽو ۽ خانبهادر کهڙو مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اميد تہ وڏهي حق وٺنداسون. شاهہ جو رسالو موڪلي سگهو تہ چڱو، ڇوتہ شاهہ جي رسالي ۽ ديوان حافظ کان سواءِ دل کي آرام نہ آهي.

## (4)

ڪائونسل- هال، بمبئي

22- فيبروري، 1930ع

هڪ خط جهاز مان موڪليو اٿم. هتي ڪائونسل جي هاسٽل ۾ رهان ٿو. سينري نهايت عمدي اٿس.

14- مارچ تائين رهڻ جو ارادو اٿم. اوهان جي لوڪل بورڊ بابت هتي گُهٽي پروپيگنڊا ڪئي اٿم. منهنجيءَ تقرير بعد گرانٽ لاءِ واعدو ڏنو اٿن. "سنڌ هيرالڊ" بہ ڏيڪاري اٿمانِ. گزدر لاءِ مٿا مونا پيا هٽون. اخبارن کي منهنجي تقرير ڇاپڻ لاءِ موڪلي اٿم.

## (5)

بمبئي

8- مارچ، 1930ع

اوهان جي لوڪل بورڊ جي معاملي جو مون کي نهايت انتظار آهي. الله دشمنن کي خوار خراب ڪري! اڄ ڪمشنر جو بيو جواب آيو آهي، اهو بہ گول نموني هو. اوهين ڪمشنر سان ملو، سَر ڀُٽي، خانبهادر کهڙي، خانبهادر الهہ بخش ۽ سر غلام حسين سان ان باري ۾ مليو آهيان. چون ٿا تہ بورڊ کان ٻئي دفعي منظوري وٺي موڪليو تہ گزدر جي منظوري وٺائجي. مسٽر هري لعل ڊيسائي، وزير لوڪل سيلف گورنمينٽ، جو بہ اهو چوڻ آهي.

(6)

بمبئي

12- مارچ 1930ع

مون ڪراچي لوڪل بورڊ جي گرانٽ ڪليڪٽر جي بند ڪرڻ بابت سَر پُـٽي، خانبهادر کهڙي، خانبهادر الهه بخش، هري لعل ڊيسائي کي ڏٺو آهي. ڊيسائي صاحب ڪائونسل ۾ چيو آهي ته ڪمشنر يا ڪليڪٽر کي گرانٽ رد ڪرڻ جو ڪوبه حق ڪونه آهي. گزدر لاءِ مسٽر غلام حسين چوي ٿو ته هن مون سان گهٽيون برايون ڪيون آهن، پر هو سندس خلاف نه آهي، قسم پيو کڻي. سرڪار جاري ڪيل سرڪيولر (جنهن ۾ گزدر کي سرڪاري نوڪريءَ ۾ نه رکڻ جو حڪم ڪيل آهي) بابت چوي ٿو ته ڪئبينٽ جو پاس ڪيل آهي، سو رد نه ٿيندو. وغيره.

(7)

حيدرآباد

17- مارچ 1930ع

اڄ حيدرآباد پهتو آهيان، 23- تاريخ ڪراچيءَ ايندس.

(8)

حيدرآباد

20، جون 1930ع

سن مان لکيل خط پهتو. پوني ويو هوس، آفيسون بند هيون. وزير سان مليس، ان چيو ته گزدر جا ڪاغذ اجا وٽس ڪونه پهتا آهن، اچڻ بعد غور ڪندو. چيو اٿس ته گزدر ڪائونسل جي اجلاس جي وقت پوني ۾ اچي. آءٌ 23- تاريخ ڪراچيءَ ايندس. گزدر کي چوندا ته پوني لاءِ تيار ٿئي.

(9)

حيدرآباد

20- سيپٽمبر 1930ع

تار

مبارڪون هجنوا مون کي 4026 ووٽ مليا. مير بنده علي خان کي، 4280 ووٽ مليا ۽ مسٽر نور محمد کي 4214 ووٽ مليا.

## سال 1931ع

(1)

حيدرآباد

1- جنوري، 1931ع

جيڪب ڪانفرنس تي ضرور هلجو. اوهان کان سواءِ ان ۾ ڪوبہ مزو نہ هوندو. 7، 8- تاريخ اتي رهي، 9- تاريخ واپس اچڻ تي قلندر جو ميلو ڏسندا ايندا سون.

[نوٽ:خانبهادر الهہ بخش، جيڪب ۾ گهوڙن جي نمائش جي موقعي تي، لوڪل بوردن جي پريزيڊنٽن ۽ سياستدانن جي ڪانفرنس گهرائي هئي.]

(2)

بمبئي

2- فيبروري 1931ع

اوهان کان موڪلائي جهاز ۾ چڙهي، بمبئيءَ پهتس. ڊاڪٽر دائود پوٽي وٽ. باندرا ۾ رهان ٿو. شاهہ جو رسالو پڙهي، لطف وٺي رهيو آهيان.

(3)

بمبئي

10- مارچ 1931ع

اوهان جو خط پهتو، مهرباني. اوهين سدائين ياد آهيو. اجا تائين ڪوبہ اهڙو دوست پيدا ڪونہ ٿيو آهي، جو اوهان جو مقابلو ڪري سگهي.

در ضميرِ من نمي گنجد بغير از دوست ڪس،
هر دو عالم را بہ دشمن ده ڪہ مارا دوست بس
خاطرم وقتي هوس ڪردي ڪہ بينم چيزها،
تا ترا ديدم نڪردم جز بديدارت هوس.

اسين اڄڪلهہ نهايت مشغول رهون ٿا. بمبئي ڪائونسل جي تاريخ ۾ سرڪار کي هيڏي مقابلي جو سامهون ڪڏهن بہ ڪونہ پيو آهي، جهڙو اڄڪلهہ

اٿس. نهايت ڪمزور به همٿ جهلي ويو آهي ۽ عام ماڻهن طرفان آواز پيو ڪڍي.

دادو ضلعي لاءِ سرڪاري تجويز پاس ڪرائي ويئي. باوجود اسان جي مخالفت جي ڪوٽڙي ڊويزن جي قسمت جو فيصلو ٿي ويو. اوهين پلي ٺهراءُ پاس ڪريو، ميٽنگون سڏايو، ته اوهين ڪراچيءَ ڪان جدا ٿيڻ نٿا گهرو. مون سوال پڇيو هو، سرڪار جواب ڏنو، معاملو زير ويچار آهي. گزدر جي سوال لاءِ، جنهن صورت ۾ هن وقت سرڪار جي خلاف آهيون، ڪين وجي عرض ڪرڻ مناسب نٿو نظر اچي. آفيسر هن وقت سخت ناراض آهن.

آءٌ ڪراچي ڪانگريس واري اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ گهران ٿو، اتي جڳهه لاءِ انتظام ڪرائجو.

(4)

بمبئي

19- مارچ 1931ع

عجب آهي، منهنجي اڳي موڪليل خط جو جواب ڪونه موڪليو اٿوَ! آءٌ ۽ خانبهادر کهڙو، بئي ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس ڪي ڏسڻ گهرون ٿا. اسان جي سيٽ رزرو ڪرائجو.

(5)

حيدرآباد

26- مارچ 1931ع

آءٌ هتي پهتو آهيان، 28- تاريخ مارچ، صبح جو ڪراچيءَ پهچي ويندس. ڪانگريس اجلاس لاءِ ٽڪيٽ وني ڇڏيندا. آءٌ سبجيڪٽس ڪميٽيءَ جي مٽنگ به ڏسڻ گهران ٿو، ان جي ٽڪيٽ به وني ڇڏيندا.

(6)

ڪراچي

1- سيپٽمبر 1931ع

اوهان جا نياپا ۽ سنيها سرزمينِ هند جي گوشي گوشي مان، بلڪ ڪشمير جهڙي فردوس برين مان، منهنجي خستہ دل ۽ خشڪ دماغ کي خوش ڪري رهيا هئا. انهن جو جواب ڏيندو رهان ها، پر ائڊريسن کان اڻ واقف هئڻ ڪري انهيءَ فرض جي بجا آوريءَ کان قاصر رهيس. شڪر جو مشرق و مغرب گهمي، موٽي وطن ۾ وارد ٿيا. شيخ عبدالمجيد جي خط مان اوهان جي پهچڻ جو پتو پيو. يڪدم ڪراچيءَ آيس، پر اچي نلهي ميدان تي بيٺس- يعني نہ اُٺ، نہ جت. سسئيءَ وارو سور رهيا، سي وٺيو، گوشہ تنهائي اختيار ڪريو. اوهان جي اچڻ لاءِ چلہ ڪشي ڪريو ويٺو آهيان. حافظ جي ڪلام تي عمل درآمد آهي:

ڪنج آزادگي و ڪنج قناعت گنجي است،
ڪہ بہ شمشير ميسر نہ شود سلطان را.

مانيءَ جي چٽي شيخ صاحب تي، جنهن اوهان جي همسائگيءَ جو دم هنيو آهي. آخر اسان کي بہ ڪُوي ليليٰ کان ٻاهر نہ وڃڻو آهي، چاهي فاقہ ڪشي ڪرڻي پوي!

سنڌ فنانس ڪميٽيءَ اڳيان 3- تاريخ شاهدي ڏيڻي آهي، جنهن جو ٻار الهہ بخش، کهڙي ۽ ميران محمد شاهہ کنيو آهي! سبحان الله! اسڪولن ۾ هڪ حساب بہ ڪڏهن صحيح ڪونہ ڪڍيوسون، عمر حسابن جي سورن ۾ گذري، اچ وڏا ايڪانامسٽ ٿيو، قوم ۽ ملڪ جي قسمت جو بوجهو ڪڻي رهيا آهيون! الله آهي جو قوم جو ٻيڙو پار ڪري!

شيخ صاحب انگلينڊ جي هواخوريءَ جون تياريون پيو ڪري. واپس اچڻ بعد اسان حلقہ قلندران، ريش تراشيدگان ۾ زيادتيءَ جو ٻاعث ٿيندو. اڏ درجن سوٽيڊ بوٽيڊ ايم. ايل. سي. قلندرن جو ڪائونسل ۾ هئڻ ضروري آهي: هڪ ڪٽل آهي سو بہ هاڻ پورو ٿيندو! "نئين رفارم" بعد شايد پنجاهہ سيڪڙو اضافو ٿئي. پوني ۾ تہ سڀ مون کي زور ڪري رهيا هئا تہ تون وڃ، پر هتي سنڌ ۾ اچڻ بعد سيني کي خود پسندي ۽ خود غرضيءَ جو مرض ويڙهي ويو آهي. کهڙي ۽ الهہ بخش تي شيخ صاحب زور رکي رهيو آهي تہ هو سنڌن خرچ تي وڃن. هو انڪار ڪري رهيا آهن. آءٌ فنڊ جي عدم موجودگيءَ ڪري وڃي نٿو سگهان. سر آغا خان جي تار آئي آهي تہ ڪي مسلمان انگلينڊ اچي، سنڌ جي

جدائيءَ لاءِ ڪم ڪن: اوهين جي اچي نڪرو، تہ چڱو:

چه خوش است پيش زلفت سر شکوه باز ڪردن،
گل هاي روز هجران بہ شب دراز ڪردن.

## (7)

ڪراچي

2- سيپٽمبر، 1931ع

ڪالهہ خط موڪليو اٿم. ريلوي لائين پڇڻ ڪري، فنانس ڪميٽيءَ جا ميمبر دهليءَ کان ڦري ايندا. اوهين ان ڪري چنچر ڏينهن ايندا.

## (8)

ڪراچي

3- سيپٽمبر 1931ع

اوهين ڪونہ آيا. شيخ صاحب کي زياده تڪليف ڏيڻ جي عيوض، سامان کڻي الهہ بخش انصاري وٽ وڃي رهان ٿو. ولايت لاءِ فيصلو ٿيو تہ چار ڄڻا وڃن: الهہ بخش، کهڙو، شيخ صاحب ۽ آءٌ. خرچ سڀ ڪو پاڻ ڀريندو. هاڻ آئون ڪٿان آڻيندس؟ چاچا غلام نبي شاهہ رٽ ڏني تہ ميران محمد شاهہ کي پبلڪ خرچ تي موڪلجي، پر رٽ بحال نہ ٿي.

## (9)

ڪائونسل- حال، پونا

29- سيپٽمبر 1931ع

آءٌ هتي ڪالهہ پهتو آهيان ۽ نئشنل هوٽل ۾ رهان ٿو. خوش نصيبي سان هن دفعي مون کي تو وارو روم الاٽ ٿيو آهي، جنهن ۾ تون جولاءِ ۾ رهيو هئين. هتي همخيال ساٿي ڪونہ اٿم، پر تنهن هوندي بہ وقت کي مختلف مشغولين ۾ صرف ڪري رهيو آهيان. وڌيڪ احوال موڪليندو رهندس.

مون پنهنجي ڪلارڪ کي چيو آهي تہ منهنجي 'رسائيءَ ۽ لاپي' تي ڪائونسل ۾ ڪيل تقرير جو ترجمو ڪرائي، توڏانهن موڪلي تہ "الوحيد" ۾

شايع ڪرايو. اوهين ترجمي جي زبان کي درست ڪري سگهو ٿا. جيستائين تون انهن تي زور نه رکندين، هو نه ڇپيندا. هاڻي شايد آفيسرن جي رسائيءَ لاءِ مقاطعدار رکن!

هن ڪائونسل جو اجلاس 12- آڪٽوبر ڌاري پورو ٿيندو.

(10)

نئشنل هوٽل، پونا

4- آڪٽوبر، 1931ع

هيڪلائــي هيــل، پورينديــس پنهــون ڏي،
آڏا ڏونــگر لڪيــون، سـوريون ســُـڃن سـيل،
پيلي آهن پيل، جي سور پريان جا ساڻ مون.

اڳي هڪ خط موڪليو اٿم، هي ٻيو خط موڪليان ٿو. ڇو طرف حالتن جي ڪري دل پرچي اچي ٿي. آءٌ ڏسان ٿو ته سڀ ڪو جوڙو، پنهنجي عمر طبيعت سائيءَ سان گڏ، هتي پوني ۾ زندگي جو لطف حاصل ڪري رهيو آهي. رڳو آءٌ هڪ بي نصيب انسان آهيان، جنهن کي ڪو سنو ساٿي ملي نه سگهيو آهي. ان مان منهنجي اها مراد نه آهي ته مون کي ڪنهن انسان جي صحبت نٿي حاصل ٿئي. اهي گهڻا آهن، پر اهڙو ڪوبه ڪونه ٿو ملي، جنهن مان روح کي راحت ملي ۽ هم طبيعت ساٿي هجي. آءٌ تصنع کي ڌڪاريان ٿو. ظاهر داريءَ جي دوستيءَ کان نفرت اٿم. آءٌ اهڙي صحبت مان يڪدم ڪڪ ٿيو پوان، پوءِ اها صحبت ڪٿي ظاهري ڪشش ڪندڙ ۽ دلچسپ ڇونه هجي.

نخست مو عظت پيـر مـي فـروش ايـن سـت،
ڪـــ از معاشـــر نــاجنس احتــراز ڪنيـــد.

عارضي طور، ڪنهن صنف نازڪ جي صحبت ۾ سڪونِ دل حاصل ٿئي ٿو ۽ خوشي به حاصل ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح، وڏيءَ سوسائٽيءَ ۾ داخلا ملڻ تي ڪامياب ٿيو آهيان. ڪالهه رات هڪ دوست جي سنگت ۾ دل جي پڙاس لاٿيم. هن محبت آميز گفتگو ڪئي، عزت سان ڏٺو، اهو سڀ ڪجهه هڪ هفتي جي ساندهه ملاقات بعد نصيب ٿيو. پر هيءُ سڀ هيٺانهينءَ سطح ۽ عارضي قسم جي خوشي هئي. حقيقي خوشي، جهڙي همخيال دوست جي

صحبت مان حاصل ٿئيَ ٿي، اهڙي ہي ڪا ورلي هوندي.

مان گهڻو ملڪ گهميو آهيان، ڪيترن ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون اٿم، پر ڪوبہ سچو، همخيال، همہ صفت موصوف دوست تہ جهڙو ڪونہ ڏٺو اٿم. هيءَ خوشامند نہ آهي، چاڪاڻ تہ نہ مون کي ۽ نہ توکي ان جي ضرورت آهي، نہ ان جو پاڻ وٽ قدر قيمت آهي. پر هي آءٌ گهڻي تجربي بعد لکان ٿو. هتي ہيو سڀ ڪجهہ مطلب جو يار آهي. حافظ چوي ٿو:

مرا بوصلِ تو گر زانڪ دسترس باشد،
دگر ز طالع خويشم چہ ملتمس باشد.
اگر بهر دوجهان يڪ نفس زنم با دوست،
مرا ز هر دوجهان حاصل آن نفس باشد
خوش ست باده رنگين و صحبت جانان،
مرام "حافظِ" بيدل درين هوس باشد.

هاڻ ٻڌو، شاهہ ڇا ٿو چوي:

ڪوڙين تنهنجون ڪامڻيون، تون ڪوڙن سندو ڪانڌ،
مون ڪي ميٽ مَ داسڙا، وڃان مَ وڙ وانڌ،
مون وڃيءَ ۾ پاند، تو چنيسر هٿ ۾.

ان وانگر جيستائين هن سياسي زندگيءَ ۾ تون اچي شريڪ نٿو ٿئين، منهنجي ساري زندگي بيسود ۽ بيڪار ٿيو پوي. ملڪ ۽ قوم جي فائدي جي ڪا اميد نہ آهي. اوهان جهڙي مددگار کان سواءِ ڪائونسل ۾ رهڻ بيڪار آهي. مون هتي گهڻن دوستن کي آزمايو آهي، مون ساڻن سنگت رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هر ڪو مطلب جو نڪتو. خود مطلبيءَ کان سواءِ ڪابہ منجهن ہي وصف ڪانہ هئي. تنهن ڪري، آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ جيستائين تون سياسي زندگيءَ ۾ مون سان شريڪ ڪار نہ هوندين، ڪائونسل ۾ رهڻ اجايو اٿم. آءٌ اهڙي خود مطلبيءَ جي ماحول ۾ ڪڪ ٿيو پوان ۽ ممڪن آهي تہ زندگيءَ جي جدوجهد ۾ ڪامياب بہ نہ ٿيان. دل تي جيڪي تري آيم، اوهان ڏانهن موڪليان ٿو. ممڪن آهي، اوهان جي قيمتي وقت تي هيءَ خرافات بارگران گذري، تنهن ڪري وڌيڪ لکڻ بند ڪريان ٿو. آخر ۾ خدا کان هيءَ دعا گهران ٿو تہ 'اي مولا! اسان ٻنهي کي زندگيءَ جي جدوجهد ۾ ڪڏهن

ٻہ جدا نہ رک، ۽ گڏ هلاءِ، تہ خلق خدا جي خدمت ڪري سگھون!'

ڪائونسل 9- تاريخ پوري ٿيندي، پوءِ موٽي ملڪ ايندس.

(11)

بمبئي

1- ڊسمبر 1931ع

خدا جي مهربانيءَ سان، اسان "سڪسيشن ڊيوٽي بل" کي 34-69 جي اڪثرت سان ٿڏي ڇڏيو. گذريل ٻن سالن ۾ سرڪار کي هيءَ پهرين شڪست آهي. اتفاق جو اهو فائدو آهي! هن دفعي سنڌي ميمبرن همت جهلي پاڻ ملهايو. ڄام جان محمد جوڻيجو اڪيلو انسان هو جنهن بل تي سرڪار سان ووٽ ڪيو!

مون ۽ کهڙي گڏجي، مسٽر گزدر لاءِ سر رسٽم وڪيل، وزير لوڪل سيلف گورنمينٽ، کي ڏنو آهي. هن واعدو ڪيو آهي تہ هو هن مسئلي تي همدرديءَ سان غور ڪندو.

اميد تہ ڪراچيءَ ۾ 10، 11- تاريخ بئنڪ جي ميٽنگ تي ملنداسون.

(12)

حيدرآباد

15- ڊسمبر 1931ع

شاهہ عبداللطيف جي عرس مبارڪ تي اوهان کي ڳالهائڻو آهي، تقرير لکي تيار ڪريو اچجو.

# فصل ٽيون

## سال 1932ع

(1)

حيدرآباد سنڌ

11- فيبروري 1932ع

ميان مقبول شاهه کان معلوم ٿيو ته اوهين به بمبئيءَ هلو ٿا. آءٌ به هلان ٿو. 17- تاريخ تي ڪراچي ايندس. 18- تاريخ جهاز "وينا" ڇٽندو. گڏجي هلنداسون. ساڳيءَ ڪئبن ۾ سيٽ رزرو ڪرائجو. 17- تاريخ "سنڌ سينٽرل ڪو آپريٽو بئنڪ" جي ميٽنگ تي ملنداسون.

(2)

ڪائونسل هال، بمبئي،

10- مارچ، 1932ع

اسان جو سيشن جلد پورو ٿيندو. تو اتي جو احوال ڪونه موڪليو آهي. اسان جا ڊزن کن ميمبر لاهور ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ تيار ٿيا آهن. تون به هل، بشرطيڪ فنڊ ۾ گهرو حالتون اجازت ڏين. اها ڪانفرنس مسلمانن جي تاريخ ۾ اهميت ٿيندي. ساري هندستان کان ان ۾ عيوضي ايندا. 21- تاريخ لاهور وڃڻو آهي. اسين اسلاميه ڪاليج ۾ رهنداسون.

(3)

حيدرآباد

19- اپريل، 1932ع

چيف آفيسر عبدالرحمان کي سرڪار سنڌ- ڪائونسل تي مقرر ڪيو آهي. مسٽر گبسن کيس سرڪار جي خدمت جي صلي ۾ مقرر ڪرايو آهي.

(4)

حيدرآباد

4- جون، 1932ع

تجويز آهي تہ "سنڌ جي ڪلچر ۽ زندگيءَ تي صوفي متي جو اثر" جي عنوان تي شاهہ لطيف جي ميلي تي ليڪچر ڪرائجن. اوهان کي عرض ڪجي ٿو تہ سنڌي اديبن ۽ روحاني رمزن کي سمجهڻ وارن صاحبن کي ميلي تي اچڻ لاءِ دعوت ڏيندا. ان موقعي تي صوفي ڪانفرنس سڏائڻ جي تجويز رٿيل آهي، جتي بهترين اديب ۽ درويش خيالن جا ماڻهو ڪٺا ڪرڻ جي مراد اٿئون. هيٺين ماڻهن جي مدد گهري اٿئون:

(1) غلام مرتضيٰ شاهہ (2) ڊاڪٽر گربخشاڻي (3) ڇينمل پرسرام (4) لعل چند امر ڏنو مل (5) منگهارام ٿهلراماڻي (6) صوفي عبدالستار صاحب، جهوڪ (7) صوفي روشن الدين، ڊورو نارو ۽ (8) نواب غلام حيدر خان صاحب، ٽاجپور.

(5)

حيدرآباد

8- جون، 1932ع

ميلو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو 18- جون کان 22- جون تائين آهي. ان تي ڪيترائي ڪم رٿيل آهن، جهڙوڪ:

(1) بازار جي، صحت جي نقطہ نگاهہ کان جوڙجڪ ڪرائڻ.

(2) زرعي نمائش جو انتظام ڪرائڻ.

(3) سوديشي نمائش جو انتظام ڪرائڻ.

(4) مڪاني هنرن جي نمائش ڪرائڻ.

(5) ڪو آپريٽو ڪانفرنس ڪرائڻ.

(6) زمينداري ڪانفرنس ڪرائڻ.

(7) عڪس- بتيءَ ذريعي صحت ڪاتي جو پرچار ڪرڻ.

(8) اسڪولي شاگردن جو، تعليم لاءِ پرچار ڪرڻ.

(9) صوفي مجلس سڏائڻ.

(10) راڳ ۽ ساز جي مجلس ڪوٺائڻ.

گزدر بمبئيءَ لاءِ پيو چوي. پيو ٻُڏان اُپڙان. يونيورسٽيءَ جون ٻه- ٽي لاڳيتيون ميٽنگون گُسايون اٿم. جي 12- جون بمبئيءَ وڃان ته 16- تاريخ موٽي اچي سگهان ٿو. ميلي لاءِ ڪوشش پيو ڪريان، پر رڪاوٽون گهٽيون آهن. اوهين راڳ ۽ صوفي مجلس لاءِ انتظام ڪجو.

(6)

حيدرآباد سنڌ

11- جون، 1932ع

بمبئيءَ وڃي ڪونه ٿو سگهان. پٽ شاهه جي ميلي جو ڪم گهڻو آهي. پير پٽائي، ميلي تي ڇڪلي بند ڪرائڻ جي خلاف آهن. لوڪلبورڊ 400 روپيا منظور ڪيا آهن، اوهين مدد ڪرائيندا.

(7)

هالا

14- جون 1932ع

ڪالهه ٽهلراماڻي ۽ ڊاڪٽر ڏيارام سان گڏجي، شاهه پٽ تي ويس. انهن سرزمين ڏني ۽ بوٿ (Booths) اڏڻ شروع ڪيا اٿن. ڪراڙ ڍنڍ جي ڪناري تي ڊيليگيٽن جي ڪئمپ ٿيندي. اڄ هالن ۾ مخدوم غلام حيدر صاحب وٽ مدد لاءِ آيو آهيان. هن تنبن ۽ ڪجهه فرنيچر جي ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي. 30 مزدور به ڏيندو. جن کي ماني اسين کارائيندا سون. آءٌ اڄ حيدرآباد موٽي وڃان ٿو. وري 17- تاريخ پٽ تي ايندس. اوهين به ان تاريخ تي اتي ايندا ته ڪم جي سرانجامي ڪري سگهون. تنهنجو هئڻ نهايت ضروري آهي. ڏٺي بخش شاهه پاٽوٺيءَ کي چوندا ته اتان کي ڪم ڪار لاءِ ماڻهو آڻي. ڄاموٽ محمد علي شاهه ڪجهه راڳيندڙ آڻڻ جو واعدو ڪيو آهي. تون ۽ ڄاموٽ، راڳ جي مجلس جو انتظام ڪندا. اسان جي ادبي سوسائٽي، صوفي مجلس ۾ تصرف تي تقريرن جو انتظام ڪندي. پنڊال اڏي رهيا آهيون. ٽهلراماڻي اليڪٽريسٽي ۽ لائوڊ اسپيڪرن جو انتظام ڪندو. جلد اچ، سخت ڪوشش

وٺ. شاهه لطيف جي ميلي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ اچي شريڪ ٿيءُ.

(8)

ڪراچي

1- جولاءِ، 1932ع

آءُ ڪالهه ڪراچيءَ پهتو آهيان. اوهان کي لکيو هوم، پر اوهين نه آيا، ۽ نه جواب موڪليوَ. شايد اوهان کي منهنجي ولايت وڃڻ ۾ دلچسپي نه آهي. ڪالهه جي ميٽنگ ۾ فيصلو ٿيو ته 5- جولاءِ تائين ڪهڙو ولايت نه وڃي ته پوءِ مون کي وڃڻ گهرجي. ڪهڙي کي چيئرمين اسڪول بورڊ ٿيڻ جو شوق آهي، جي سندس مخالف هٿ نه ڪنيو ته هو ولايت نه ويندو. ميٽنگ کان پوءِ سر شاهنواز خان پُٺي مون کي خلاصيءَ طرح يقين ڏياريو ته هو خانبهادر امير عليءَ جي فرزند کي هٿ نه ڪڻائيندو، ان ڪري ڪهڙو ولايت وڃي نه سگهندو. مون انهيءَ آسري تي جهاز جي برٿ به رزرو ڪرائي ڇڏي آهي. پاسپورٽ لاءِ به ڪوشش ڪئي اٿم. سڀ بندوبست ڪري ٿو ڇڏيان. هاڻ صرف پئسن جو انتظام ڪرڻو آهي، ان ۾ اوهين مدد ڪريو، حاجي عبدالرحيم شاهه ۽ خانبهادر عظيم خان کي چئو. حياتيءَ ۾ اهڙا موقعا مشڪل ملن ٿا.

(9)

احمد نگر

2- آڪٽوبر 1932ع

خط پهتو. آءُ ڪيترا دفعا سر شاهنواز، سر غلام حسين ۽ الهه بخش کي گزدر لاءِ چوان ٿو، پر اڄ نه سڀاڻ ڪري رهيا آهن. يو، بئنڪ ڪائونسل جي ڪم ۾ مشغول آهي. توهين هاڻ دادو وڃو ٿا. گزدر کي خدا جي حوالي ڪريو، جيئن ان کي منظور هوندو، تيئن ڪندو. گبسن جا ڏڙڪا ٻُڌي، عادي ٿي ويا آهيون. هن جي به اها عادت ٿي ويئي آهي.

لوڪل بورڊ اليڪشن اچي ٿي. اليڪشن لاءِ تيار رهڻو پوندو.

ڪالهه شام پوني کان احمد نگر پهتا آهيون. دکن ملڪ جي سبزه زاريءَ کي ڏٺو اٿئون. عجب ملڪ آهي. هي شهر خاص جهونن يادگارن مان آهي.

اسين احمد نگر جي ڪليڪٽر جا مهمان آهيون. سر شاهنواز خان، خانبهادر کهڙو، خانبهادر الهہ بخش، امين الدين، ڪليڪٽر ڪولابا، سڀ گڏ آهيون. اڄ سير لاءِ نڪرون ٿا. چاند بيبي، مشهور بهادر راڻيءَ جي محل ۾ لٿل آهيون. خود اها ڳالهہ پراڻن قصن جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

رات يارهين بجي کان ساڍي ٽين بجي تائين عالمِ سرود جو سير پئي ڪيوسون. عجيب لطف آهي. اجا هڪ رات آهي، غم غلط پيا ڪريون. بيان نٿو ڪريان، في الحال تصور کان ڪم وٺو.

## (10)

پونا

11- آڪٽوبر 1932ع

چہ خوشست پيش زلفت سرشڪوه باز ڪردن،

گل هاي روز هجران بہ شب دراز ڪردن

ادا سائين! هي خط محض واقع نگاري ء شبهاي نشاط ۽ انسباط جي ڪارگذاريءَ جي ارادي سان لکان ٿو. چوتہ خبر اٿم تہ اوهين منهنجي دل ۽ دماغ جي اختراع جا ورق ۽ منهنجي حياتيءَ جي دؤر جا پردا ايامِ ڪثير تائين محفوظ رکندا آهيو. جا خدمت آءٌ خود پنهنجي لاءِ ڪرڻ کان قاصر آهيان. حياتيءَ جي دور دوران جي تلون طبع طبقن جي رنگيني ۽ واقعات جي خوشہ چيني دفتر ۾ داخل ڪرڻ بہ ڪن چيدن انسانن کان پڄندي. جيئن تہ راتوڪو واقعو منهنجي حياتيءَ جي دؤر ۾ هڪ خاص جاءِ رکي ٿو، تنهن ڪري قلمبند ڪري، توهان جي حراست ۽ حفاظت ۾ ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان.

راجا پرتاب گير سنگهہ، مهاراجا دکن جي هڪ امير گهراڻي جو فرد آهي. تمام دولتمند هستي آهي، جنهن جو هاڻي گهڻو قيام بمبئيءَ ۽ پوني ۾ ٿئي ٿو. زماني حال ۾ پوني اندر هڪ پُرفضا بنگلو ۽ پُر لطف باغ سندس قبضي ۾ آهن، جي نهايت آراستہ پيراستہ آهن. گلن جي جڳمڳ ۽ چمن جي چٽساليءَ ۽ درختن جي قطارن بنگلي جي صحن کي فردوسِ برين جو رقيب بنائي ڇڏيو آهي.

بهرحال، انهيءَ مڪان جنت نشان ۾ هي بي سرو سامان مهمان ٿيو. محفل جي ترتيب ۽ تجويز، مشرق ۽ مغرب جي مرڪب قانون مطابق هئي،

مهاراجا ايدار، ڪرنل هاتي، سر غلام حسين، سر علي محمد دهلوي، جنسِ ڪثيف مان موجود هئا. ڪن کي فُل ڊنر ڊريس، ته ڪن کي ديسي لباس زيب تن هو. جنسِ لطيف مان چار پري چهره بانون ۽ دلفريب بيگمون، مس ڪوٺاوالا، مسز هاتي ۽ مس هاتي، ۽ مسز الن بيدي موجود هيون. اهي چار پريزاديون ملڪ پارس جي پيدائش، ۽ ٻه حورو شون، هڪ ارمني ۽ هڪ انگلش هيون. انهن جي حسن جي تابش ۽ ناز جي روش نمڪين نگاهن جي نالش جو ذڪر هن ڪاغذ جي تنگ ميدان تي ڪرڻ کان قاصر آهيان. هرهڪ جي ادا، لياقت ۽ لوا لطافت ۽ لقا، محبت ۽ مدعا، علحده علحده هئي. هن فقير، ناز جي نخچير کي ٻه هڪ پرپرو سان پابزنجير ٿيڻو پيو. گفتگو جو دور ۽ صحبت جو سلسلو آبهوا جو ذڪر، فرحت ۽ فڪر کان، دنيا جي ڪوني جي سير کان، عالمِ ارواح جي اُپتار تائين پهچي ويو. هيءُ هو اسباب چشم ۽ اسباب لسان، باقي اسباب گوش ۽ سامان دهان جو بندوبست به خاطر خواه هو. هڪ ڪلونت ستار جو استاد، ۽ هڪ طوائف بانخره و ناز ۽ آبلا بيحاب، مجلس ۾ مهيا ۽ ميسر هيون. شراب جو دور ۽ سماع جو شور، پنهنجي اهميت رکندڙ هئا. مگر منهنجي ته هيءَ حالت هئي جو هرهڪ لفظ جيڪو طوائف جي دهن مان نڪتو ٿي، تنهن کي پهلوءَ ۾ ويٺل ماهرو ۽ پيش نظر پريروين جي هرهڪ عضوي جي انداز ۽ نياز سان مشابهت ڏيئي، صانع ڪردگار جي ڪرشمن جي صفت ۽ ساراهه ۾ مستغرق هوس. منهنجي پر ۾ ويٺل سيم تن جو اسم گرامي "نرگس" هو. حقيقت ۾، حق تعاليٰ تو ڄاڻي ته واقعي اها نرگس نيمخواب کان هرگز ڪم نه هئي ۽ سامهون پريرو، جا پنجن قدمن تي متمڪن هئي، ان جو اسم گرامي 'شبنم' هو. اها واقعي ڪوهه ڪاف جي پري روين مان هئي، جنهن جي چشم پُرخمار، حسن آتش بار، زلف گوهه دار، گفتار ۽ رفتار، عالم بيخودي جو طاري ڪري ٿي ڇڏيو. هوش پرواز ڪري ويو ۽ عقل ناچار ٿي پيو. مختلف طعامن جا اقسام ۽ شرابن جا دور شروع ٿي ويا. پر منهنجيءَ طبع کي چشم ساقي جي پياس ۽ الفت جي اُساٽ محسوس پئي ٿي، بس.

راجا صاحب ڊنر وقت نهايت مهذب الفاظ ۾ تقرر ڪري مهاراجا ايدار معزز مهمانن جي مرحبا ڪئي. دهلوي صاحب مهاراجا طرفان نهايت عمدي نموني ۾ جواب باصواب ادا ڪيو.

ميز تي چانديءَ جون ڪٽوريون، ٿالهيون ۽ گنڊون بہ موجود هيون، تہ ڪانٽا، ڇريون ۽ پليٽون بہ مهيا هيون. انگريزي ڪاڏو بہ ميسر هو تہ تہ مُغلائي مڪلف طعام بہ موجود هئا. مغرب ۽ مشرق جو پورو مرڪب هو. هرهڪ کي معشوق پهلوءَ ۾ وينل هو، جن کي انهن پريروين جي پرداخت ۽ نگهداشت ڪرڻي پيئي ٿي.

ڊنر بعد راڳ ۽ سرود جو وارو آيو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان، ۽ دل جي ڪيفيت بہ بيان ڪري آيو آهيان. مجلس جو رنگ روپ 2 بجي صبح تائين برار هليو. ان کان پوءِ نازڪ بدنن رخ بہ نقاب ڪيو، ۽ اسين سڪ جا ستايل، طوائف جي طبع آزمائي ۽ فراق جي ڦٽن جي سلائيءَ ۾ رات جي 4 بجي تائين محو ۽ مستغرق رهياسون.

ان کان پوءِ هرهڪ، شڪوه جانان ۽ گلہ روزگار ڪندو، اشڪ حسرت هاريندو، بسرِ پُرخار تي، بدن ۾ بيمار ٿي، داخل ٿيو. اجا تائين شرابِ ڪنهہ جيئن خمار موجود آهي، جنهن جو نقشو پيش خدمت ڪيم:

گر قبول افتد زهي عز و شرف

باده و مطرب و مي جملہ مهيا ست ولي،

عيش بي دوست ميسر نہ شوديار ڪجاست!

حياتيءَ جي حڪايات ۾ اهڙا واقعا منهنجيءَ نظر ۾ هڪ خاص اهميت رکن ٿا، جي الله جي قدرت بيڪران ۽ صنعتِ بي پايان جو ذخيرو موجود ڪري ڏين ٿا. تنهن ڪري واقع نگاريءَ کان رهي نہ سگهيس، ۽ اوهان جي سمع خراشي ڪيم، جنهن لاءِ معافي طلب آهيان. اميد تہ 16- آڪٽوبر تي سنڌ پهچي ويندس. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

## سال 1933ع

(1)

ڪراچي

3- فيبروري 1933ع

اڄ اوهان جي بنگلي مان گوٺ وڃون ٿا. اسان ان ۾ پوريءَ طرح لطف ورتو. البت اليڪٽريسٽي، بلن نہ ڏيڻ ڪري، ڪٽيل هئي. اسان ٻتيون باري پئي وقت گذاريو. مسز طيبجي ڪالهہ اسان وٽ آئي. سندس چوڻ هو تہ تنهنجا پئي دوست، گزدر ۽ حاتم، بمبئي ڪائونسل لاءِ هڪ ٻئي جو مقابلو ڪري رهيا آهن. تن ۾ اڇي ٺاهہ ڪراءِ.

7- فيبروري "سنڌ سيپريشن" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ سڏايان ٿو. ان تي اچج. گزدر جي پارت اٿئي.

(2)

ميٽنگ، اسٽيشن

7- فيبروي 1933ع

هينئر 4 بجي صبح جو. ميٽنگ اسٽيشن تي پهتس، ۽ مون پهچڻ سان پڇا ڪئي، پر خبر ڪانہ ملي. ڪالهوڪي شام واري گاڏي گسي ويئي. هتي اچڻ بعد خوشخبري ٻڌير تہ اوهين لوڪل بورڊ ميمبريءَ ۾ ڪامياب ٿيا آهيو. هاڻ منهنجو ڪم ڪونہ آهي، نہ تہ اُٽ تي بہ هليو اچان ها.

[نوٽ: جهرڪن جي تڪ مان ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ لاءِ بيٺو هوس، ان لاءِ آيو ٿي.]

(3)

حيدرآباد

9- اپريل، 1933ع

اڄ ڪراچيءَ ڪان خط پهتو آهي تہ اوهان ڪي ڪراچي ضلعي جي لوڪلبورڊ پريزيڊنٽيءَ تان رٽائر ڪرڻ تي شهرين طرفان جا آجيان ڪئي ويئي

ڏيئي رهي آهي. دلين جي ڪشش ۽ اکين جي آتش پنهنجي تابش پيون ڏيکارين، مگر بيوس ٿي، حد اعتدال ۾ رهن ٿيون:

وه رعبِ حسن تا غالب کہ وقتِ ديدِ جمال،
هم اپنا حال اشارون سي، ڀي سنا نہ سکي.

مثلا، اسان جي همسايگيءَ ۾ هڪ پَري وشن جي ٽولي فروڪش هئي. بمبئي خواجن جي نسل مان هئا. پردو ڪونہ هون، مگر مسلماني رسم رواج موجب حجاب بيحساب هون. اندر جي الفت ۽ اکين جي آتش هڪ ماه وش جي سيني ۾ سوراخ ۽ چت ۾ چلڪ ڪاري وڌو. واجهائڻ ۽ باڏائڻ مان اندازو لڳايو ويو تہ حضرت عشق پنهنجي فيض مان ڪيس مستفيض ڪيو هو، مگر "ڏکن ۾ جاياس، سورن مون کي سانڍيو" وارو مثال پيش آيو. ناگهاني ڪُوچ ۽ اوچتيءَ الوداع، تنهن فراق جو فرق ۽ وڇوڙي جو ورق واري ڇڏيو، جنهن ڪري اکيون اکين سان ملائي، هنجون هاري هليو ويو. اسان جي اندر ۾ درد دکايو ويو. هاڻ باوجود برساتن، فرحتن ۽ آسائش جي، هن ديري ۾ دل نٿي لڳي.

باده و مطرب و مي، جملہ مهيا ست ولي،
عيش بي دوست ميسر نہ شود، يار ڪجا ست!

ارادو آهي تہ 17- مئي هتان نڪري، 21- تاريخ حيدرآباد پهچان. اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿيو آهيان!

## (5)

حيدرآباد

4- جون 1933ع

سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي اسٽاف ڪميٽيءَ جي ميمبر جي حيثيت ۾، اميد تہ اوهان ڪم پورو ڪري آرڊر ڪڍايا هوندا. توهان سان ضروري مسئلن تي گفتگو ڪرڻي آهي، ڪراچيءَ کان موٽندي هتان ٿي ريندا.

"پيپليز پارٽيءَ" “Peoples Party” جي ميٽنگ 28- جون تي رکي اٿوَ، ان کي بدلي ڪرائيندا. پير غلام حيدر شاه مشهد وڃي ٿو. مون کي بمبئي يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ وڃڻو آهي.

(6)

حيدرآباد

17- جولائي 1933ع

ڪراچي آيس، اوهين ڳوٺ روانا ٿي چڪا هئا. ٿهلراماڻي آيو هو. قاضي جان محمد جي خط لاءِ چيائين، سو لکيم. اوهين عبدالستار جان کي لکو تہ سندس مريدن کي ٿهلراماڻيءَ لاءِ چوي.

(7)

پونا

29- آگسٽ 1933ع

خط پهتل آهي. عدم فرصتيءَ سبب جواب ڏيڻ ۾ تاخير ٿي.

گزرد هتي آهي، پر هن جي ڪم جو اڪلاءُ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. آءٌ هتي 18- تاريخ پهتو آهيان. سياڻ 30- تاريخ هتان رواني ٿيڻ جو ارادو آهي. 2- تاريخ سنڌ پهچي ويندس.

هتي پوني جي آبهوا خوشگوار آهي، مگر شهر ۾ پلينگ جي زور ڪري ماڻهو گهڻا نہ آهن. البت ڏنرون ۽ پارٽيون جام آهن، جن ۾ پيو وقت گذري. هتي ڪيئن وقت گذريو، ڪهڙن ڪهڙن طبقن، مرحلن ۽ منزلن تان عبور ڪرڻو پيو، ان جو بيان ڪرڻ محال آهي. ڪائونسل ۾ ويٺو آهيان، تنهن ڪري هوا پولٽيڪل آهي: لطيف خيال ۽ لذيذ احوال ڪاغذ تي لکي نٿو سگهان. بئي وقت سموري ڪارگذاري، اندر جي انتظاري، بدن جي بيقراري، عرض رکبي. حياتيءَ جي بحر بي پايان، قلزم بيڪران ۾ گهڙين جي گردابن جي گردش، ۽ قلزم جو طلاطم. ڪنهن وقت دل ۽ دماغ کي عالم بيخودي جي حوالي ڪريو ڇڏي. ان وقت اوهان جهڙي ناخدا جي رهبريءَ ۽ دستگيريءَ جي ضرورت آهي، نہ تہ ساخل مزاد ۽ مرحلہ مقصد کي پهچڻ محال آهي. هي محض قلم جي نوڪ جا ڪلما نہ آهن، مگر دل جي درياءَ جي تري جا اڪيچار احوال آهن، جن جي سوجهڻ لاءِ سمجهہ سالم ۽ عقل ڪامل گهرجي.

(8)

سملا

9- سيپٽمبر 1933ع

نســيم خلــد ميــوزد ز طــرف جوئبارهــا،
كـ بـوي مشـك ميدهـد ز سـوئي مرغزارهـا
مـرا ز خـاك و خشـت مـا دميـد سـبز كشـتها
چــه كشــتها بهشــتها نــه ده نــه صــد هزارهــا.

توهان کي تعجب لڳندو تہ هندستان جي ڏکڻ کان کيئن اُتر اچي ويو آهيان! هتي پهاڙ جي چوٽيءَ تي 6- سيپٽمبر وارد ٿيو آهيان. هوٽل امپيريل ۾ لٿل آهيان. هڪ هندو دوست، مسٽر هيرا، ساڻ اٿم. دنيا جي هر هڪ حصي جا ماڻهو هندستان جي پايہ تخت ثاني جي رودڻ تي گهمندا نظر اچن ٿا. سڄو شهر جبل جي چوٽيءَ تي، ڏاکڻ وانگر هيٺ مٿي آهي. جبلن جون چوٽيون پائين جي درختن سان ڇانيل آهن. قدرت جي نظاري کان سواءِ، ماڻهن جي رنگ برنگ رونق دل کي بهلائيندڙ آهي. مال، فردوس برين جي هڪ سڙڪ نظر اچي ٿو. غريب- امير، پاءَ پيادو سير کندو نظر اچي ٿو، گاهہ گاهي رکشا جي رم جهم ڏسبي آهي. سڀ کو نر- ناري، عمدي پوشاڪ پائي، سير ۾ مست نظر ايندو آهي. محبوبن مہ روين جي شوخ ۽ شرمگين آهو- چشم، حسينن جي آتش، هرهڪ سُيار جي سيني ۾ سوز ۽ دل ۾ درد پيدا کندڙ آهي. مفلس ۽ نادار کي کير پڇي کونہ ٿو، بيدل ۽ بيکار کي ڏسي کونہ ٿو، هر کو پنهنجيءَ ڌُن ۾ نظر اچي ٿو. هن مسکين کي سوءِ سوز، اکين جي آس، دل جي پياس، کجهہ بہ حاصل نہ ٿيو آهي. گلزار ڇہ سود ۽ سبزه زار ڇہ مطلب، جيکڏهن دل جو دلدار ۽ غمن جو غموار کو نصيب نہ آهي!

دنيا بيکسن ۽ مفلسن جي صداي احتجاج تي کو پنهنجو رنگ نہ بدلائيندي، مگر سندس بوقلمي ۽ رياکاريءَ جي شکايت کرڻ کان قلندر جو بوٿ بہ کو بند کري نہ سگهندو!

فلڪ ناهنجار جي کجرفتار جي شکايت، صبر جي سِرَ دل تي ذري، قدرت جي نظارن ۽ فطرت جي بهارين تي اکتفا کري، چار ڏينهن چمن جو ڇهچٽو ڏسي، سنڌ ڏي واڳ ورائڻي پوندي. ايندڙ آچر تي حيدرآباد پهچندس.

(9)

حيدرآباد

19- نومبر 1933ع

ڪالهہ ڪراچيءَ مان موٽي آيس. معلوم ٿيو تہ اوهان کي بخار هو.

برادرم محمد قاسم شاهہ کي پٽ ڄائو آهي. نالو قمر الزمان رکيو اٿس. اوهين پنهنجي فرزند جي خيريت کان واقف ڪندا.

## سال 1934ع

(1)

حيدرآباد

5- جنوري 1934ع

بعد سلامن، نئين سال جي مرحبائن ۽ عيد مبارڪن جي، احوال روشن هجي ته اوهان جي پوئينءَ ملاقات بعد بمبئيءَ جي سفر جو احوال نهايت رنگين آهي. ڪاش، فرصت جا انبار ۽ صحبت جا سامان مهيا هجن ها ته يارانِ الفت ۽ محبانِ طريقت اڳيان داستان دل ستان ۽ بيان بي پايان نذر رکجن ها.

ڪي دهد دست اين غرض يا رب ڪه همدستان شوند.
خاطر مجموعه ما زلفِ پريشان شما.

بمبئيءَ جو سفر پنجن ڏينهن تائين محدود رهيو. وقت جي تنگيءَ، دل لڳيءَ ۽ دلدادگيءَ مسخر ڪري رکيو هو، جوته زمانه ناتال ۾ بمبئيءَ ۾ تنگي ۽ دلتنگي بدتر از ڪفر تصور ڪيون وينديون آهن. هر گلي ڪوچي ۾ سماع ۽ سرود، عنبر و عود، رقص و رباب، شراب و ڪباب جي گفتگو هئي. بس، هر جنسِ لطيف پنهنجي حسن ڪي تاب، آبروءَ ڪي آب، بدن جي بناءَ ۽ چشم جي چٽاءَ ۾ مستغرق نظر آئي ٿي. تاج محل 'گرينس' ۽ 'مئجسٽڪ' هوٽلون ته بجاءِ خود، مگر اسان جي غريب 'اپالو' به انهيءَ جشن عام، دورِ جام، ڪبڪ خرام ڪان خالي نه هئي. 41- ڊسمبر ڪي "نيو ايئرس ايو" (New years Eve) جي ناميءَ سان ياد ڪيو ويندو آهي. ڪن محبن جي اسرار تي رهي پياسون.

دلپسند ڊاڪٽر حميد جي مڪان جنت نشان ۾ جلسِ رقص ۽ رباب جو اسباب مهيا ڪيو ويو. نازڪ اندامن، خوش خرامن جو ڪثير تعداد، بمع اربابِ حال و خوش منوال، به وارد ٿي ويو. دورِ گردون مثل، دورِ جام به هلڻ لڳو. رنگ تي رنگ چمڻ لڳو. غم غرق، ۽ رنج ترڪ ٿيڻ لڳو. پري روين جي پروانگي ۽ دل زدگين جي ديوانگي، مهه وشن جي مستانگي ۽ دل جلين جي بيگانگي، هڪ عالمِ عبرت ۽ موجِ مسرت پيدا ڪري ڇڏي هئي.

ڪنهن فقط نظر بازيءَ تي اڪتفا ڪئي، ته ڪنهن جرعه ڪشيءَ تي بس

ڪئي، ڪنهن پري ورين جي ڪمر ۾ پيچ وڌو، ته ڪنهن سيني تي هٿ رکيو، ڪو دامِ گيسو ۾ گرفتار، ته ڪو شوخن جي شوخين جو شڪار ٿيو. مطلب ته ڪو ڪنهن جو روادار، ته ڪو ڪنهن جو طلبگار ڏسڻ ۾ ٿي آيو. رسم موجب، نيڪ ٻارنهن جي گهنٽي ٻُـرڻ تي، جنهن وقت نئين سال جو روح عـالمِ ارواح مان اُتري عالمِ اجسام ۾ ورود ڪيو ٿي، سڀ روشني پنجن منٽن لاءِ منقطع ڪئي ويئي، ۽ هرهڪ عاشقِ زار کي پنهنجي معشوقِ طناز کان بوسي بـازيءَ جي صورت ۾ خراجِ حسن وصول ڪرڻ جو وجهه وريو ۽ حق سريو ٿي.

بندي جي بغل ۾، بفضلِ ايزدي، ان وقت هڪ جرمن جنسِ لطيف مسز فيلن، جلوه گر هئي.

عالم بيخودي طاري ۽ بوسي بازيءَ جي بـارش جـاري رهي. هـر ڪنهن، صد سالہ ارمانَ، بخار جي صورت ۾ ڪڍي ڇڏيا. پنجن منٽن جي محدود مدت مگر مخمور مسرت جي ختم ٿيڻ تي وري روشني رائج ٿي "هئپي نيو ائير" (Happy New year) جي صداي فلڪ شگاف هر طرف کان اُٿڻ لڳي. هر ڪو هڪ ٻئي جي گلي جو هار، بهار بهار ٿيندو رهيو. چئين بجي صبح تـائين اهو عالم محويت ۽ محبوبيت طاري هو. ان بعد هرڪو، حسرت جون هنجون هاري، گوڙها ڳاڙي، پنهنجي مڪان ڏانهن واپس وريو.

اسين ٻئي ڏينهن، ميڙو متو ڇڏي، بمبئيءَ جي بهار کي خيرباد چئي، وطن مالوف ۾ وارد ٿي، عيد سعيد جي انتظار ۾، حيدرآباد حاضر رهياسون. عيد صبح وري بہ بخت بيدار ۽ طالع تجلي بار ٿيو: يعني نازڪ خرام، گل اندام سان دوچار ٿيڻ جو موقعو دستياب ٿيو. پشاور جي پرستان ۽ بلوچستان جي بهارستان، هن سنڌ جي ريگستان کي رشڪ ختن بنائڻ لاءِ، هڪ دلبند، جگر پيوند، ڏياري موڪلي آهي. جنهن جي شوش مزاجي، حسن اخلاقي، گفتگوي نغمہ سنجي، سڀ پژمده دل ۾ نئين جان وجهندڙ آهن. خانداني لحاظ سان بہ ماشاءَ الله هڪ نهايت نجيب فيمليءَ جا فرد آهن. سندن نام نامي اسم گرامي، مس قمر الدين آهي. سندن والد جو نالو سردار بهادر ڪرنل قمر الدين خان هو، جو فلڪ ڪج رفتار ۽ دورِ ناهنجار جو شڪار ٿي را عدم روانو ٿي ويو. مگر ڪثير تعداد ۾ جائداد ۽ جاگير سندس ٻن فرزندن ۽ ٻن دخترن نيڪ اخترن جي حوالي ڪري ويو آهي، جنهن مان هڪ ٽڪر، 110 ايڪڙ ديهہ 201، تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ آهي. اوهان کي هڪ دنمي

روبرو حيدرآباد اچي مشاهدو ڪرڻ گهرجي ڪڏهن ايندا؟

(2)

حيدرآباد

25- جنوري، 1934ع

ورڪنگ ڪاميٽي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" ڪراچيءَ ۾، پهرين فيبروريءَ تي ٿيندي، ان ۾ سنڌ جي تعليمي مسئلن تي غور ڪيو ويندو. اوهين مهرباني ڪري ان ۾ شرڪت ڪندا.

(3)

حيدرآباد

12- اپريل 1934ع

"سنڌ هندو ڪانفرنس" ڪراچيءَ ۾ مسلمانن تي حملا ڪيا ويا آهن. انهيءَ جي جواب وغيره لاءِ 21- اپريل 1934ع تي، حيدرآباد جي ڊاڪ بنگلي ۾ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ رکيل آهي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

(4)

حيدرآباد

23- مئي، 1934ع

ورڪنگ ڪميٽيءَ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ميٽنگ، 27- تاريخ مئي تي، شام جو، ڪراچيءَ ۾ اوهان جي بنگلي تي، مختلف مسئلن تي غور ڪرڻ لاءِ رکيل آهي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

(5)

بمبئي

28- آگسٽ، 1934ع

ٻ- چار خط پهتا آهن. پر اڪثر مشغوليءَ ڪري، هر هڪ نقطي تي

جواب ڏيڻ کان قاصر آهيان.

سر شاهنواز خان پڻ ڪائونسل جي ڪم ۾ مستغرق آهي. نئون ماڻهو هئڻ ڪري، محنت ڪرڻي پويس ٿي، جنهن ماڻهوءَ اڳي ڪو ڪتاب ڪڏهن نہ پڙهيو هجي، ان کي شاگرد وانگر روز پڙهڻو پوي ٿو. تنهن ڪري هن کي فرصت نہ آهي. خانبهادر الهہ بخش کي زميندارن پاران بيهڻ لاءِ گهڻو همٿايو اٿس، پر هو ڪونہ بيهندو.

مسز طيبجيءَ جي ميونسپالٽيءَ تي نامينيشن جي مبارڪ هجيوَ.

## (6)

حيدرآباد

6- سيپٽمبر 1934ع

پهرين سيپٽمبر جو لکيل بهارستان ڪن سببن ڪري، پوسٽ جي حوالي ڪري نہ سگهيس، تنهن ڪري هاڻي موڪليان ٿو.

ڪائونسل- هال، پونا

1- سيپٽمبر 1934ع

ما قصہ سڪندر و دارا نخوانده ايم،
از ما بجز حڪايت مهر و وفا مپرس.
'حافظ' رسيد موسمِ گل معرفت مخوان،
در ياب نقد عمر و ز چون و چرا مپرس.

هن کان اڳ ٽي خط دنياي دون جي بوقلمون احوالن جي فهرست بابت پيش ڪري چڪو آهيان. وڌيڪ نہ قلم ۾ طاقت آهي، نہ دل ۾. هاڻي ورونهن جو ورق ۽ اندر جو عرق پيش ڪريان ٿو. ڪاش، فرصت هجيم ها تہ فرسِ قلم کي ڪاغذ جي ميدان تي خوب ڪُڏايان ها.

ڪي دهد دست اين غرض يا رب ڪہ همدستان شوند،
خاطرِ مجموعہ ما زلفِ پريشان شما.

بهرحال، هن سفر با ظفر جي سامان مان ڪجهہ تحفو پيش ڪريان ٿو. سنڌ جي واديءَ پرخار ۽ هوائي ناهنجار کان بيزار ٿي، مارواڙ جي مرغزار ۽ گجرات جي گلعذار کان گذر ڪري، بمبئيءَ جي بهار مان پوني پار پهتس. هوا

خوشگوار، بوند بهار، ۽ چمن چوڏاري جي ديدار، سپ اندر جا انڌ ۽ قلب جا ڪٽ ڪوري ڪڍي ڇڏيا، ڇڻ مئل قالب ۾ نئين جان آئي.

پارٽين ۽ ڊنرن جي گرم بازاريءَ ۾، هر ڪو عشق ۽ عاشقيءَ جو ذڪر ڪري رهيو آهي. هرڪو پنهنجي لباس جي سينگار، جسم جي پالش ڪرڻ ۾ مستغرق رهيو آهي. جهڙوڪ مسٽر فاضل ابراهيم رحمت الله جي ڊنر، مسٽر عبدالرحمن سر محمد يوسف جي ٽرف ڪلب ۾ ڊنر، گورنمينٽ هائوس جو ائٽ هوم، ۽ پنجابيءَ جي ڊنر، انهن مان قابل ذڪر آهن، جن ۾ خورد نوش کان سواءِ نظربازيءَ جو نشان ۽ مهر ورزيءَ جو سامان مهيا هو. مسٽر عبدالرحمان، سر محمد يوسف انڊيري ڪاليج جي ڊونر (Doner) جو فرزند ارجمند آهي. هڪ خليق، بامذاق ۽ خوشرو نوجوان آهي. ان جي ڊانس پارٽي پوني جي پُرتڪلف ٽرف ڪلب ۾ هئي. ٽيهارو کن مهمان هئا. سپ ٽيل- ڪوٽ، سفيد واسڪوٽ، وغيره، يعني فل ڊريس سوٽ ۾ هئا. البت هندستاني خواتين جو حصو زياده هو، جن لاءِ حقيقت هيءَ آهي تہ ڪي نهايت سن رسيده ۽ قبيح هيون، تہ ڪي وري نهايت توسن ۽ ترڇي نظر واريون هيون. ڊانسنگ فلور تي ان رات ڪم از ڪم 50 جوڙا صنفِ لطيف ۽ جسنِ ڪثيف جا هم بغل، هم عنان، نچندا نظر آيا ٿي. بندي جي دل، پروانہ وار، هڪ ماهرو جي زلف گُره گير ۾ اڙجي ويئي، جنهن ڪري، سواءِ ان جي نرم نرم گفتگو ۽ گرم گرم عشوي جي، دنيا و ما فيها جي خبر نہ هيم:

در ضمير ما نمي گنجد بغير از دوست ڪس،
هر دو عالم را بہ دشمن ده ڪہ مارا دوست بس.
خاطرم وقتي هوس ڪردي ڪہ بينم چيزها،
چون ترا ديدم نہ ڪردم جز بديدارت هوس.

خوش قسمتيءَ سان، ڪيس ڊانس جي هنر جو حصو حاصل ٿيل نہ هو. جنهن ڪري سندس جامِ صحبت مان جرعہ ڪشي ڪري، رات جو 12- بجي، الوداع چئي، گهر ڏانهن روانا ٿياسون. اجا تائين نيو ڪلب ۾ پنهنجي ديدار کان مشرف ڪندڙ آهي: باسم مسمي مسز بخلي.

گورنر صاحب جو ائٽ هوم 23- تاريخ وقوع ۾ آيو. سادي نوين بجي شروع ٿيو. ان جي اهتمام ۽ انتظام جو ذڪر ۽ ان جي احتشام ۽ اختتام جو

بيان هن ڪاغذ جي تنگ ميدان تي ڪرڻ محال آهي "يڪ مشت نمونہ خروار" جي مصداق، عرض رکان ٿو.

اٽڪل 900 مهمان، جنسِ نازڪ ۽ جنسِ باغش جا آيل هئا. هرهڪ ڪي پنهنجي عهدي، درجي، طبقي جو لباس پيل هو. ملٽري، نيوي، جديشري، پوليس، سول سروس- هر هڪ ڪي پنهنجو پنهنجو رنگا رنگي، سوشل ۽ آفيشل لباس زيب تن هو. پـَري روين ۽ مهوشن جو بہ انداز نہ هو. جنهن ڪي سبز ساڙتي زيب تن هئي، ڪنهن ڪي ڪُلهائين قميص، تہ ڪن ڪي دڪني دوپٽو، وغيره. خاص طرح يورپين ليڊين ڪي جا نائيٽ، ڊريس پيل هئي، تنهن جو لطف پنهنجو هو. اڪثر ان لباس ۾ ليڊي صاحبہ جو نيم جسم نمودار ٿيو ٿي. بدن جي صفائيءَ، سيني جي ڪڙائيءَ ۽ ڪلهن جي بيهڪ، هر نظر باز جي اک لاءِ مقناطيس جو ڪم ڏنو ٿ ي.

ڪريم، پائوڊر، لپ اسٽڪ ۽ لونڊر، ساري سامان، گلشن ڪي هبڪار ڏيئي ڇڏيو هو. ہ يورپين ماهرو، پنهنجي حسن خداداد ۽ نزاڪت بي انداز ۾، هرهڪ جي نگاهہ جون نشانيون هيون. اهڙو حسن بندي بہ پنهنجيءَ حيات بي بقا ۾ ٿورو ڏٺو هوندو. بهرحال گورنر صاحب ڪي هٿ ڏيئي، مناين، مالن ۽ ميون تي گرگ گرسنہ جيئن وجي ڳاٽ ڏنوسين. ميز وٽ تہ پهتاسين، پر اڪين ڪي ڪارايونٰ يا وات ڪي! بهرحال ٻنهي جي پورائي ڪئي ويئي. مس ڪوناوالا وارين ٿن همشيرگان سان شرف دو چارگي حاصل ٿيو. بهرحال، ٿن ڪلاڪن جي اختلاط انباسط بعد، "گاڊِ سيو دي ڪنگ" (god save the King) جي ٻنڊبِ جي آواز تي، هرڪو ان بزم نشاط ڪي الوداع چئي واپس روانو ٿيو ۽ خواب خوشروين ۽ خوردو نوش جا لهندو رهيو.

ريس- ڪورس تي بہ هڪ ماهہ وش سان ملاقات ٿي. نهايت پر لطف وقت گذريو. ڪيترن سنڌي دوستن جي اکين ۾ خار ٿي پيس. ڪيترا بہ سبب اسباب ڏنم، پر طعنہ زنيءَ جو شڪار ٿيندو رهيس. خير:

مرد مان را از عسس شب گر خيالي در سرست،
مـن چنـاتم ڪز خيـالم بـاز نشناسـد عسـس

هڪ نئين دوست، سيٺ محمد علي دوست محمد سان بہ ملاقات جو وجهہ مليو. سندس سهري، سيٺ شريف ديو ڪانجيءَ سان بہ ملاقات جو وجهہ مليو.

پوڀون شخص اهو آهي، جنهن هزارها مسلمان پنهنجي ٽرسٽ- فنڊ مان پڙهايا آهن. هو هندستان اندر توڙي ٻاهر عجيب انسان آهي. سندس دختر نيڪ اختر هڪ ڪلچرڊ ليڊي آهي، جا محمد عليءَ جي قسمت جو ستارو آهي. ٻيئي نهايت خليق ۽ مهذب انسان آهن. جهڙي خدا صورت ڏني اٿن، اهڙي سيرت. هڪ ڇوڪرين جو يتيمخانو سنڀالين ٿا جو نهايت عمدي پيماني تي هلندڙ آهي، جنهن جي معائني جو وجهه مون کي ڏنائون. ڇوڪرين جي تعليم چڱي پيماني تي هئي. سندن بنگلو يتيمخاني لڳ، نهايت پر لطف باغيچي سان سينگاريل آهي. مسٽر محمد علي، علم ادب سان گڏ، آرٽسٽ به آهي. هر قسم جي آرٽ جو سامان سندس گهر ۾ مهيا آهي. سندس چوڻ آهي ته اهو سڀ سندس ستاري جي روشنيءَ جي برڪت آهي. راڳ جو نهايت شوقين آهي، سندس گهر ۾ ٻه ريڊيو سيٽ، هڪ دلربا، هڪ ستار، هڪ وائلن، هڪ گرامو فون، طبلا، مرڏنگ وغيره مهيا هئا. ٽينءَ رات منهنجي ڊنر ڪيائين، جنهن تي سڀ ساز وڄائي دل بهلايائين. قرب ۾ قابل ٿي ويو آهي. نهايت اصرار ڪيو اٿس ته ٻئي وقت مون وٽ اچي رهه ته هڪ ٻئي جي صحبت مان لطف حاصل ڪريون. منهنجو به اهوئي ارادو آهي- انشاءالله.

هڪ- ٻه دفعا سئنيما ۽ هڪ دفعي راڳ پارٽيءَ ۾ شموليت جو موقعو مليو آهي. مگر قابل ذڪر ڪونه آهي، ڇوته سواءِ لطيف جي ڪهڙو مزو:

گلعذاري ز گلستانِ جهان ما را بس،
زين چمن سايہ آن سرو روان ما را بس
يار با ماست چہ حاجت کہ زيادت طلبيم
دولتِ صحبتِ آن مونسِ جان مارا بس.

مسٽر پنجابي پوليٽيڪل طور ڀا به هجي، مگر اسان سان هن جيڪي به سوشل لائين ۾ قدم کنيا آهن، سي هرگز وسارڻ جهڙا نه آهن. ٻه دفعا ڊنر ڪارايائين، سو به بجاءِ خود، پر ڪالهه رات جو انتظام ڪيائين، تنهن هٽي ڪُهي وڌو! ڇا ذڪر ڪريان، ڇا بيان ڪريان؟ قلم قاصر، دل خواهانِ خير... دل ٿام ڪي سُنو!

مسز قزلباش اسان جي هڪ بمبئيءَ جي دوست جي زال آهي. سندس شڪل، نزاڪتِ طبع ۽ جلاوتِ گفتگو نهايت دلاويز ۽ دلڪش آهي. اصل پوني

جي هئي، جنهن ڪري مسٽر پنجابيءَ سان دوستاڻو تعلق هوس. مون سان بمبئيءَ ۾ ڊاڪٽر حميد جي جاءِ تي واقفيت ٿيس. بلڪل سوشل سوسائٽيءَ جي گرل آهي. ان جي اعزاز ۾ ڊنر جو انتظام ٿي ويو. مگر ميزبان جي مڪان تي پهچڻ سان ڊرائنگ روم جي هرهڪ ڪوچ تي هڪ هڪ ڪمسن، خوش خلق، خوشرو، بيباڪ ماهه وش متمڪن نظر آيو. گفتگو ۽ جستجو جي سلسلي جنبانيءَ بعد معلوم ٿيو تہ هي پري پيڪر سپ ايران جي گلشن جا گل آهن، هندستان جي ريگستان کي خندان ۽ درخشان ڪرڻ آيا آهن ۽ ڪجھ زماني کان پوني کي وطن مالولف بنايو اٿن. ابتدا ۾ حجاب بي انداز کان مهر خاموشي بستِ لب ٿيل هئي، مگر ميزبان جي لطفِ بيڪران ۽ مهرِ بي پايان جي ڪري شرم کي شڪست ۽ حجاب کي لت لڳائي ويئي. هر هڪ پنهنجي هم نشين سان جفت ٿي، ذڪرِ دنيا، ذڪرِ عقبيٰ، ذڪرِ عشق و عاشقي ۾ مستغرق ٿي ويو.

ميز تي منهنجي همڪنار مس ’درخشان‘ نازان و خندان ويٺي هئي. سندس قندِ پارسي ۽ شهدِ انگلش، پزموده دل ۾ آب ۽ بيجان جسم ۾ تاب آڻي ڇڏيو. سٽيي ۽ مٺي ڪاڏي کان حذر پئي ڪيائين تہ متان سندس نازل بدن تي گهڻو گوشت جي سُڏي چڙهي وجي. اجا طفل مڪتب آهي، مگر تاهم سندس ذهانت ۽ ذڪاوت لائقِ تحسين آهي. جسم برجستہ (Compact) اکيون آبدار، لب لعل، زلف سيہ فام، ڪاڪل دام در دام هئا. سندس بلائوس، بيحجابانہ، چوٿون حصو بدن جو عشاقن جي اکين جي آسائش ڪرڻ لاءِ کليل ڇڏي ڏنو هو. ايتري قدر جو سندس صاف سيني تي ٻن قبهاي نور جي ڪافوري ڪلسن جو بہ قدري ديدار ٿي سگهيو ٿي. گفتگو جو سلسلو ٽينيسن، بائرن، شيلي، ڊڪنس وغيره جي طرف ويو، جو پاڻ اجا درس خوانيءَ ۾ داخل آهي. 16 ورهيہ عمر مس هونديس. خدا ڏينهن ڏئيس! الله ڪن جي لاءِ اهي سيب زنخدان ۽ در دندان ناهي ڇڏيا آهن، اسان تہ فقط سڪندڙ آهيون. ’درخشان‘ ماه تابان کان سواءِ، سندس همشيره، ’فخريہ خانم‘، هڪ عجيب معشوق ماهہ وش آهي. چپن جي سنهائي، لبن جي لالائي، بدن جي نزاڪت ۽ طبع جي حلاوت ۾ سيني کان ٻہ رتيون ڪثر آهي. نهايت بامذاق گرل هئي، آرنسٽ بہ نظر آئي ٿي. سندس ساري بدن جي بيهڪ نهايت وزندار ۽ دلربا هئي. سندس مشڪڻ ۽ ٽهڪ ڏيئي کلڻ، پَسڻ وارن لاءِ آبِ حيوان جو ڪم ڏنو ٿي. ٽي مس نوشہ خانم

۽ چوٿين مس ڪلثوم هئي. عمر 18 ورهين کان وڌ هرگز نه، هرهڪ شوخ، طناز، بيباڪ ۽ پر مذاق هئي. دل بهلائيندي، پٽي راند ڪندي، رات جي 12 بجي الوداع جو آواز ڪيائون. هر نشين نقد جان ڪٽي ويئون، فقط جسم بيجان حوالي ڪري ويئون:

حافظ خدا تمهارا، جائو دلبر دل آرا،
سيني پسر آج ميري خنجر چلادو ڏارا!

اجا تائين سندن سلوڻي گفتگو ۽ سٺي صحبت جو اثر دل تي موجود آهي. اهي ڪي خوش بخت هوندا، جن کي اهي گل دائمي ميسر ٿي ملندا.

اين غنچہ خندانت دولت بد خواهد بود،
اي شاخ گل رعنا از بهرڪہ مي روئي

وڌيڪ قديم ڪٿڻ جي جرات نہ هئي، نہ ڪنيو ويو.

21، 22- آگسٽ يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ بمبئيءَ ويل هوس. مسٽر عبدالرحمن جو مهمان هوس، نواب محل ۾، جتي بہ چڱو لطف حاصل ڪيو ويو. هڪ ڏينهن ٻن دلربائن سان والڪرٽ تي ملاقات ٿي. مس خاتون، مس ماني، حيدرآباد دکن جي هڪ رٽائرڊ انجنير جون دختران نيڪ اختر هيون. انگريزي ۽ اردوءَ ۾ نهايت فصيح گفتگو ڪيائون ٿي. مس خاتون، معشوق طناز ڏٺي ٿي. اک جي اشاري، بدن جي بناوت مان معلوم ٿيو تہ اسپورٽ (Sport) آهي. صحبت ٿورو وقت ميسر ٿي، جنهن ڪري وڌيڪ چُرپُراند نہ ڪئي ويئي.

ٻي رات گزدر صاحب جي دوستن جي حوالي پاڻ کي ڪيوسين. انهن جو واسطو وري "انڊر ورلڊ" سان رهي ٿو. بني نوع انسان جي بوقلمون طبيعت جي ملاحظي ڪرڻ خاطر، هڪ نيم شب انهن جي هم صحبت رهي لطف ورتوسين، جن مان هڪ چٽڪو عرض رکان ٿو.

گهڻي وقت کان فلم ائڪٽريس جي ملاقات ۽ مجلس جي خواهش رهندڙ هئي. مسٽر قادر جي وسيلي هڪ چلچيلي ائڪٽريس ملڪہ جان سان چشم دوچار، برسرِ پيڪار ٿيڻ جو موقعو مهيا ٿي مليو. نهايت لطف جون گهڙيون گذريون. سندس گفتگو بلڪل سياسي اردو ۾، نهايت شيرين زبانيءَ سان ٿي. سندس چشم پرخمار ۽ رخسار گلعذار، ڪمر مثل تلوار جو هردار، دلِ پُر درد کي لحظي ۾ لڙڪائي وڌو. صبر ۽ سنجيدگيءَ جو جام لبريز ٿيڻ لڳو. هوش و

هواس گم ٿيڻ لڳو. دوست دشمن جي تميز پرواز ڪري ويئي. دنيا ۽ عقبيٰ فراموش ٿي ويئي. ٻنهي طرف عشق جي آگ ڀڙڪڻ لڳي:

صحبت ڪا جب مزا هي ڪہ هون وه ڀهي بيقرار،
دونــون طـرف هــو آگ برابــر لڳــي هوئــي!

پوءِ "عشق عقل جو لڳو آهي جهيڙو- ڪير نبيري، ڪير ميان!" اتي اوهان جهڙا جوڏا جوان، مرد باميدان گهرجن، جي نظر جي ناوڪ کي نگهوسار ڪري سگهن. باقي اسان جهڙن ضعيفن نحيفن جو ڪم نہ هو. بهرحال، اها رات بہ شب زندگي چئجي تہ مبالغو نہ ٿيندو.

ٻي رات ڊنر ڊاڪٽر حميد ڪئي هئي، جنهن جي ميز تي ڊاڪٽر عثماني ۽ عبدالرحمن ڪان سواءِ مسٽر ۽ مسز قزلباش ۽ مسز حميد. جا جرمن قوم جي آهي، جلوه افروز هئا. مسز حميد جيڪا جرمن آهي، مـگر هندستاني قانون نشست- برخاست کان پوريءَ طرح واقف آهي ۽ نهايت لطيف ۽ خوشرو خاتون آهي. سندس ٻاتائي انگريزي ڳالهائڻ ۾ بہ هڪ خاص لطف آهي. پنهنجي مرد سان بلڪل وفادار ۽ باشعار خاتون آهي. ايتري محبت ڪنهن هندستاني مرد ۽ زال ۾ ٿوري ڏسندا. مهمان نواز هڪ آهي. منهنجي هيستائين ٽي دفعا ڊنر ڪئي اٿن.

ساڳيءَ رات هڪ آسٽريا- هنگريءَ جي نـاچ ڪمپني آيل هئي، جنهن ۾ اڙرهن پري چهره ناچ ڪندڙ هيون. انهن جي نفيس بدن ۽ رقيق لباس ۽ پر لطف ناچ نهايت دل کي خوشنودي ۽ اندر کي آرام بخشيو. هڪ ڪيـل وقت تہ سندن بدن تي سواءِ هڪ چار آڱر چولي جي، ٻيو خير ئي خير نظر آيو. گهڻن جون تہ طبيعتون ئي خراب ٿي پيون. مغربي تهذيب جو نهايت عمدو نقشو اکيـن اڳيـان نظر آيو. تمام سوشل هيون. اسان جي دوستن تہ ڪين دعوت ڏيڻ جو بہ ارادو ڪيو هو. پر اڄ پوني هليو آيس. هنن لطف ورتو هوندو.... خدا بخشين، آمين!

رات جو هينئر ڏيڍ لڳو آهي، اڄ پاڻئيان ٿو تہ خط ڊگهو ٿي ويو آهي ۽ وڌيڪ لکڻ مان اوهان جي سمع خراشي ٿيندي، تنهن ڪري هيتري تي اڪتفا ٿو ڪريان. يار زنده، صحبت باقي. وڌيڪ امتحان روبرو ونجو.

شايد هن ديارِ گلعذار کي سومر ڏينهن خيرباد چئي، بمبئيءَ مان ڪجهہ گلچيني ڪري 9- تاريخ ڏاري سنڌ پهچندس.

هي ذڪر پوشيدو رکندا تہ چڱو. متان سنڌ جا ڪي مرده دل ماڻهو ان مان

اونڌا مطلب ۽ معنائون ڪڍن. وڏيڪ مرضيءَ جا مالڪ آهيو. اسان رندن جي راهہ ئي اها آهي!

گويند ذڪر خيرش در خيل عشق بازان
هرجا ڪہ نام حافظ در انجمن بر آيد.

## (7)

حيدرآباد

6- ڊسمبر 1934ع

اوهان کي معلوم آهي تہ جوائنٽ پارليامينٽري ڪميٽيءَ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ وائيٽ- پيپر جي بنيادن تي سفارش ڪئي آهي. هي پيو سنڌ جي جدائيءَ لاءِ سرڪار جو قدم آهي. وائيٽ- پيپر لڙڻ تي عام ماڻهن طرفان خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو هو. موجوده قدم وڌيڪ اهميت وارو آهي. خبر موڪليندا تہ ان لاءِ سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ سڏائجي يا نہ؟

## سال 1935ع

(1)

حيدرآباد

20- مارچ 1935ع

هتي حيدرآباد پهتو آهيان. اوهان کي خط نہ لکيو اٿم، ان لاءِ شرمسار آهيان، پر منهنجي حقيقت ٻڌندا تہ معافي ڏيندا. نهايت درد ڀريو داستان آهي. اميدن جي موڙي جيئن سر تي کڻي ويس، تيئن واپس آندي ويئي. ڪو خريدار ڪونہ آيو. جنسِ بي خريدار، شل تہ خاڪ رهي. احوال گهڻا آهن، جي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. اميد تہ جلد پيش نظر ڪندس. اوهين ڪراچي ڪڏهن ايندا؟

سر شاهنواز خان اوهان جو موڪليل پروگرام قبول نہ ڪيو آهي، جو چيائين تہ سندس پروگرام ڪليڪٽرن جي حوالي آهي. اسين بہ ڪيس دعوت ڪنداسون، تہ انهن کان اجازت وٺڻي پوندي. آءٌ تہ 15- اپريل تي ڪيس دعوت ڏيان ٿو.

ٺهلراماڻيءَ جي نوڪريءَ جو احوال موڪليندا.

(2)

حيدرآباد

23- اپريل، 1935ع

هڪ خط اڳي لکيو اٿم. قرارو شاهہ مهينن کان تنهنجو بنگلو والاريو وينو آهي، خالي ڪرڻ جو ارادو ڪونہ ٿو ڏسجيس. ٻين تنهنجن دوستن کي حق ان ۾ رهڻ جو نہ آهي، صرف قراري شاهہ کي آهي! آءٌ فيمليءَ سان اچڻ گهران ٿو. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ هو سڄو مئي جو مهينو بہ اتي رهڻ گهري ٿو. پير ميان الهيار شاهہ آيو، ان کي موٽائي ڇڏيائون. تون مالڪ وچيو هوٽل ۾ رهين، آخر بنگلو ڇا لاءِ ٺهرايو اٿئي؟

(3)

حيدرآباد

17- جون 1935ع

خط پهتو. پارٽيءَ جي ميٽنگ جو ذڪر ۽ رولن جي ڪاپي شامل هئي. مون ڪان صلاح ونو ها تہ بي صلاح ڏيان ها. پر هاڻ جنهن صورت ۾ ميٽنگ ڪوناتي وينا آهيو، تنهن صورت ۾ سمجهي سوچي قدم کڻجو. خانبهادر الهہ بخش ۽ مسٽر گردر کي ميٽنگ ۾ ضرور گهرائجو. سر شاهنواز جي پارٽي کهڙي آهي، سواءِ مٿي ذڪر ڪيل ٻن ماڻهن ۽ مون کان سندس وزير اعظم، خانبهادر الهہ بخش جو ان ۾ هئڻ لازمي آهي. ان کي اهو بہ لکو تہ اسان جي مشوري سان هلي. حاجي عبدالله هارون هن پارٽيءَ جي مضبوطيءَ لاءِ ڪوشش ڪندو. منهنجو نالو ڪيئن ڪميٽي مان ڪڍيو ويو. سو وڏو قصو آهي، ٿورو ذڪر ڪندس.

(4)

حيدرآباد

20- جون 1935ع

خط پهتو. آءٌ "پيپليز پارٽي" ناهڻ جي لاءِ ڪا راءِ مقرر ڪري نہ سگهيو آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ مختلف شخصي مفاد جي ماڻهن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ مان ڪو خاص فائدو حاصل ڪونہ ٿيندو. راشديءَ سان صلاح ڪئي اٿم. بهرحال، آءٌ 29- تاريخ ڪراچيءَ ايندس.

(5)

ڪائونسل- هال، پونا

9- جولاءِ 1935ع

چام جان محمد سان گڏ. سر پُٽي وٽ رهيل آهيان. هتي بارش پيئي پوي، ڏاڍي فرحت آهي. تون پڙهي خوش ٿيندين تہ هن دفعي مون گهٽو وقت ڪائونسل جي ڪم ۾ صرف ڪيو آهي. سوسائٽيءَ جي ڪشش کي اجا تائين رد ڪري، سارو وقت ڪم ۾ رڌل آهيان. آبادگارن جي قرضن بابت سوال پڇيا اٿم.

(6)

پونا

16- جولاءِ 1935ع

جمعو، ڇنڇر، آچر 12، 13، 14- جولاءِ، موڪل هئي، تنهن ڪري ڇاڄر جان محمد خان سان گڏ حيدرآباد دکن ويس. گزدر جا دوست، خورشيد مرزا، سميع الله شاهه، راحت ۽ ڪرنل علاؤ الدين مليا. جن چڱي خدمت ڪئي. ملڪ سرسبز ۽ شاداب هو. مسلمان رعبدار هئا. هڪ بہ قابلِ نظر جنسِ لطيف جو فرد نظر نہ آيو: "پردي ڪي ايسي تيسي!" ملفويا، بي نشان، لنگڙا انب گهٽائي ڪاڏاسون. پر چار منار جي باشندگان پُر بهار سان دوچار ٿيڻ جو موقعو دستياب نہ ٿيو، افسوس!

(7)

حيدرآباد

15- آگسٽ 1935ع

خط مصالحدار، مورخ 13- پهتو. اسان جي سست رڳن ۾ خون دوڙرو ڪرڻ لڳو. عدم فرصتي ۽ ڳنٽيون ان جو باعث آهن. بهرحال، اوهان جي حڪم موجب پيروي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، ۽ جيڪا اوهان خبر گهري آهي، اها موڪليندس. في الحال 18- آگسٽ 1935ع تي بمبئي يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ تي وڃان ٿو. 25- تاريخ موٽي ايندس. وڌيڪ حقيقت 31- تاريخ ڪراچيءَ ۾ پيش ڪندس.

في الحال هي فيصلو ڪرڻو آهي تہ آءُ ڪٿان بيهان. مخدوم ۽ بقادار شاهه ڪي ويهارڻ جو فيصلو ڪريو، يا ڪا تجويز ڳولي ڪيو تہ خرچ جي تڪليف ڪان ڇٽان ۽ ٻنهي ڪي فرصت ملي تہ ميمبرن جي چونڊائڻ، پارٽي آرگنائيز ڪرڻ ۾ وقت صرف ڪريون. خانصاحب حاجي محمد پاٽوليءَ هائوڪار ڪئي آهي تہ پلي آءُ سندس حد مان بيهان. پر پاٽولين جي ڳالهہ تي پروسو ڪونہ آهي. سر غلام حسين بيهاريندن، تہ آءُ ڇا ڪري سگهندس. جڏهن اسان جو عزيز بقادار شاهه نٽو سمجهي سگهي، تہ پوءِ ٻين تي ڪهڙو اعتبار

ڪبو؟ سڀ ڳالهيون ويچار هيٺ آئي، فيصلو ڪري، صلاح ڏيو. في الحال سر شاهنواز کي هڪ سخت شخصي خط لکو ته ايندڙ عارضي سنڌ حڪومت ۾ مون کي وزارت ۾ ٽي جاءِ وٺائي ڏئي، يا سنڌ ڪائونسل جي پريزيڊنٽي وٺائي ڏئي. مون ڪيس پوني ۾ چيو هو، جيائين ته ٽي جاءِ وزارت جي ڪانه پربي. پريزيڊنٽيءَ لاءِ الهه بخش لڳو پيو اٿس، پر دلاسو مون کي به ڏنو اٿس.

"سنڌ آزاد" ورڪنگ ڪميٽيءَ بابت اوهان جي اعتراض جو نوٽيس پهتو. نقل کهڙي ۽ سر غلام حسين کي موڪليو اٿم ته اوهان جي ڇا راءِ آهي. سر شاهنواز خان کي سمورو احوال موڪليو اٿم. ان جي راءِ لاءِ به ترسيل آهيان. ڪارروائي هن ريت هلي:

8 ميمبر حاضر هئا. اڳيون ميٽنگون 12 جي ڪورم سان هلنديون هيون. هن پوئينءَ ڪانفرنس ۾ ڪورم جو فيصلو ڪونه ٿيو هو. تنهن ڪري ورڪنگ ڪميٽيءَ جي اٺن ميمبرن 11- آگسٽ 1935ع تي فيصلو ڪيو ته ڪورم 8 جو هئڻ گهرجي، جو فيصلو درحقيقت ڪائونسل کي ڪرڻو هو. عام اصول ڪميٽين لاءِ ٽئي حصي جو آهي، پر عام طرح چوٿين حصي کان گهٽ ڪڏهن ڪورم ڪونه ٿيو آهي. تنهن ڪري چيئرمين بيقاعدي ميٽنگ هلائي.

هڪ سوال ايجنڊا تي 'سنگل ورسزپليولر' (Single V.plular) تڪ جو هو.

ٻيو جاگيردارن کي جدا سيٽ، لئنڊ اونرس جي ٻن جاين مان، ڏيڻ جو سوال هو.

ٽيون هڪ هزار ڍل وارن زميندارن کي ووٽ جي حق ڏيڻ جو سوال هو.

چوٿون سوال اهو هو ته وزير سنڌ ڪائونسل ۾ مقرر نه ڪيا وڃن. جنهن تي مون ۽ غلام نبي شاهه مخالفت ڪئي، پر کهڙي ۽ شيخ صاحب جي زور تي ٺهراءُ پاس ٿي ويو.

پنجون سوال هي هو ته سنڌ سيڪريٽريٽ بابت مسٽر پٽيل جي ڪيل رپورٽ ظاهر ڪرڻ گهرجي. هاڻي جيئن چئو ائين ڪريون.

[نوٽ: کهڙي صاحب منهنجي موڪليل خط جي جواب ۾ ميران محمد شاهه کي هينيون خط موڪليو. ۽ هن ان جي ڪاپي مون کي موڪلي.]

## خانبهادر کهڙي جو خط ميران محمد شاهہ ڏانهن

سنٽرل- هوٽل، ڪراچي

17- آگسٽ 1935ع

تنهنجو جي. ايم. سيد جي موڪليل خط جو نقل پهتو. هن جا دليل اجايا آهن.

(1) اها غلط ڳالهہ آهي تہ تو ڪن مخصوص ميمبرن کي ميٽنگ جا نوٽيس موڪليا هئا. پر جي واقعي ائين آهي تہ اهو تنهنجو ڏوهہ آهي، حاضر ٿيل ميمبرن جو ان ۾ قصور نہ چئبو.

(2) اها ڳالهہ غلط آهي تہ سنڌ جي عام راءِ سنگل سيٽ- تڪ جي فائدي ۾ آهي. سنڌ جي سيني اخبارن، خود مسٽر راشديءَ بہ سنگل سيٽ جي برخلافي ڪئي آهي. صرف "ڊيلي گزيٽ"، جا نيم سرڪاري اخبار آهي، جي. ايم. سيد جي راءِ سان شامل آهي. ازانسواءِ ورڪنگ ڪميٽيءَ متفق راءِ سنگل سيٽ جي مخالف ٺهراءُ پاس ڪيو آهي.

(3) ان خط ۾ سيد ڪي شخصي حملا ڪيا آهن، انهن جو جواب ڏيڻ بيڪار آهي.

(4) ايجنڊا ۾ اهو سوال ڪونہ هو، سا ڳالهہ هرويرو ضروري نہ هئي. اڳي ڪيترا سوال، ايجنڊا کان ٻاهر جا، فيصلا پئي ٿيا آهن.

توکي جنرل سيڪريٽريءَ جي حالت ۾ ڪاغذ مٿي سرڪار کي موڪلڻ گهرجن. سيد کي اعتراض آهي تہ وري ٻيءَ ميٽنگ اڳيان سوال آڻي سگهي ٿو. سر غلام حسين سان مون ڳالهہ ڪئي آهي، هو بہ مون سان شامل راءِ آهي. جي. ايم. سيد غلطيءَ تي آهي، جيڪڏهن هو سمجهي ٿو تہ عام راءِ سنگل سيٽ جي فائدي ۾ ٿيندي، تنهن ڪري، ڪميٽيءَ جو ٺهراءُ تون مٿي ڏياري موڪل.

(8)

حيدرآباد سنڌ

12- نومبر 1935ع

اوهان جو خط، پير الهيار شاهہ کي لکيل، هتي ورڪرن کي پڙهي ٻڌايو

ويو. جتي پير عبدالستار صاحب ۽ پير مڪان شريف وارو به حاضر هئا. ڪالهه ڪراچيءَ ويس. سر شاهنواز ۽ حاجي عبدالله هارون سان ذڪر ڪيم. جن اوهان جي تحريڪ جي تائيد ڪئي. اوهين فيصلو ڪهڙو به ڏيو. ان تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر منهنجو طرف به پڌو.

هتي ڪن جو چوڻ آهي ته مرزا سڪندر بيگ کي هت ڪٽائجي. جو ميان نور محمد لاءِ سر غلام حسين جي ڪري عام رايو وڌندڙ آهي. ان لاءِ روبرو اچي فيصلو ڪرايو.

مسٽر چينمل وارا 15-16- نومبر 1935ع تي ٽنڊي ڄام ۾ هارين جي ميٽنگ ڪن ٿا. ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته مسٽر نور محمد ان ۾ حصو وٺندو. خبر نه آهي، ان جو منهنجيءَ پوزيشن تي ڪهڙو اثر پوي. متان هاري نور محمد جي ڏٺن تي هن جي همدرديءَ جو اظهار ڪن، تنهن ڪري اوهين اچي ڪيس سمجهايو. هي ماڻهو خاص اوهان جي وٺڻ لاءِ اچي ٿو. صوفي جهوڪ وارا ۽ پير مڪان وارو به اوهان لاءِ ترسيا ويٺا آهن.

## (9)

ڪراچي

1- جولاءِ 1935ع

تون روانو ٿي موٽي سنڌ وئين، ته پوءِ مون سر شاهنواز خان کي سندس بنگلي تي ڏٺو ۽ هن کان پڇيم ته ٿلهراماڻيءَ بابت هن جو توسان بيرخي ڏيکاري. هن چيو ته هو بيمار هو، تنهن ڪري توسان گهڻي گفتگو ڪري نه سگهيو. وڏيڪ سندس چوڻ هو ته جڏهن گورنر آرڊر ڪيا آهن، ته ان تي وري غور ٿي نٿو سگهي، جيستائين سنڌ مان آفيسرن طرفان وري ڪا لکپڙهه نه اچي. ٿهلراماڻي کي چئج ته اپيل آفيسرن جي سفارش سان موڪلي.

آءٌ سنڌ ۾ 30- تاريخ موٽندس.

## سال 1936ع

(1)

حيدرآباد

3- جنوري 1936ع

اوهان جي حڪم موجب، پهرين جنوريءَ سڪرنڊ پهتس. گهڻن ڪمن ڪي چڏي اتي آيو هوس، پر اچڻ بعد معلوم ٿيو تہ اوهين اڳي ئي ٿي ويا هئا. آءُ مفت رلي آيس. سڪرنڊ مان وڃڻ وقت تار ڪريو ها تہ نہ اچ.

اتان موٽي، هالن ۾، مخدوم وٽ آيس. ميان غلام حيدر اسيمبليءَ ۾ بيهڻ جو ارادو ڪيو آهي، تنهن ڪري لاچار حيدرآباد مان بيهڻ جو ارادو ڪيو اٿم. اتان وري منهنجو دوست غلام علي ميمڻ بيهي ٿو.

نوٽ:

ورڪنگ ڪميٽي 'سنڌ آزاد ڪانفرنس'، سر غلام حسين جي بنگلي تي 2- فيبروري 1936ع تي ڪٺي ٿيندي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

(2)

ڪائونسل- هال، بمبئي

10- مارچ 1936ع

درد دل ڪا ڪوئي پهلو جو نڪالون تو ڪهون،
اپني روٺي هوئي دلبر ڪو منالون تو ڪهون،
جو مري دل مين هي ڪهتي هوئي ڊر لگتا هي
گد گدالون تو ڪهون، پائون دبالو تو ڪهون.

ادا سائين، تسليم.

مين هون بيتاب وه بدمست هي، افسانہ طراز،
دل ڪو ٿامون تو ڪهون، آنک سنڀالون تو ڪهون،
'داغ'، پابند قفس هون، نهي ڪچھ ڪر سڪتا،

دامِ صياد سي، مين چوٽ ڪي، جالون تو ڪهون.

اوهان جو گرامي نامو، مورخ 28- فيبروريءَ جو، 1- مارچ جي دستياب ٿيو. پهرينءَ سٽ ۾ بمبئيءَ جي تاروپود جي اظهار جي تقاضا ڪيل هئي. جواب ۾ تاخير ٿيو، جو هڪ مواد موجود نه هو، ٻيو ته خود اوهان وٽ پنهنجي آواگيءَ ۽ سراسيمگيءَ جي اُپٽار ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي فيصلي ڪرڻ جي تردد ۾ مبتلا هوس. بهرحال، اڄ فيصلو ڪيم ته چونڪ هي وقت بمبئيءَ جي بهارين، ڪُوچه بازارين کي قريب الوداعي پيغام آهي، ته پوءِ تاريخِ سوانح کي ڇو نه رنگدار بنائجي ۽ پنهنجو نالو يوسف جي خريدارن ۾ داخل ڪرائجي. هاڻي ٻڌو.

25- تاريخ فيبروري هتي وارد ٿيس، ۽ پنهنجي پراڻي قيامگاهه 'پولو هوٽل' ۾ رهائش حاصل ڪيم. مسٽر عثمان منا کي ٽيليفون ڪيم، جو آيو ۽ رات جو ڊنر ۽ اسپين جي 'نان اسٽاپ ريويو ڪمپني' جي ديدار جي دعوت ڏنائين. ان کان اڳ هڪ خطُ مس اينڊ کي لکيل هو ته اوهان جي ديار پُر پيار ۾ وارد ٿي ويا آهيون، جلوه نمائيءَ جي نوازش ٿئي. خير، رات جو مسٽر عثمان سان همرڪاب ٿي، هڪ مڪان جنت نشان ۾ وارد ٿياسون.

اهو مڪان مسٽر شمشاد حسن ايرانيءَ جو هو. هو صاحب مدت مديد کان بمبئيءَ ۾ ايراني خشڪ ميوي ۽ قالين فروشيءَ جو واپار ڪندڙ آهي. سڄو مڪان قالينن سان مرصع ۽ مسجع هو. سندس خاتون نهايت خوش خلق ۽ مهمان نواز هئي.

ازان سواءِ مسز ڪاز راني، ايراني وائيس ڪانسلر جي بيگم، به رونق افروز هئي. پر انهن جي علاوه هڪ ٻي شرميلي، چلچبيلي خانم به جلوه گر هئي. سندس نزاڪتِ بدن، سياهي چشم ۽ سرخي لب منهنجي من ۾ عجيب ڪيفيت پيدا ڪئي. هن جي نگهه ناز جو شڪار ٿي، دل جي تڙپ ۽ فرطِ اشتياق کان پاڻ نه روڪي، گفتگو شروع ڪيم. پر ڇو ته پري وِش پارسيءَ کان سواءِ ٻيءَ زبان کان بي بهره هئي، تنهن صورت ۾ استادانِ فارس کي ياد ڪري، سلڪ حرف زني شروع ڪيم. ڪمال حجاب و اضطراب بعد، سوال ۽ جواب جي لهر لڳي. عمر قليل ۾ پري رويانِ پارس سان ڪيترائي دفعا اختلاط و انبساط جو موقعو ميسر ٿيو آهي، مگر هن حوروش جي سخن سنجيءَ شڪر خائيءَ جي لذت بدرجه ڪمال پهتل هئي. آءٌ گفتگو بعد پنهنجي ڪم مايگي

محسوس ڪرڻ لڳس. عثمان جي موجودگيءَ ڪجهه مهلت جملن ناهڻ جي ڏني ٿي.

بهرحال، طعام تناول ڪري، ڪئپٽال سئنيما ۾ اسپئنشن ڊانس ڏسڻ لاءِ وياسون. اتي به عجيب ڪيفيت ڏسڻ ۾ آئي. پندرهن نوان گلوسوز، جگر دوز ڇوڪريون اسٽيج تي قلابازيون ڪائينديون ۽ ناچ- راڳ جو مظاهرو ڪنديون ڏسڻ ۾ آيون. يورپ جي تهذيب جو زنده فوٽو پيش نظر هو. بعضي بعضي سندن بلوري بدن تي سواءِ هڪ تمام رقيق سفيد سلڪ جي پٽيءَ جي، الله الله خير صلاح هو ۽ فقط به ڪوپا قبه نور تي موجود هئا. جوانن جي جذبات جي سخت آزمائش هئي. سڀ ڪو ضبط جوش ڪان سرخ رنگ ٿي رهيو هو. بعضي ته پنهنجي جلوه گيريءَ ۽ دلاويزيءَ جي تماشائيءَ لاءِ اسٽيج ڪان هيٺ لهي، بوسه بازيءَ جي گستاخي ڪيائون ٿي. اسان جي قسمت ۾ ته جتي وڃ اُتي دال وارو ليکو هو. ويجهو اچڻ جو موقعو نه مليو. آءٌ ته هن پري روءَ جي دامِ گيسو ۾ مبتلا هوس. لڪائي لڪائي، اکين جي اشاري سان پنهنجي دل جي داستان ٻڌائڻ ۾ مستغرق هوس. پر افسوس جو کيل ختم ٿيڻ بعد وري هن جي ديدار فرحت آثار ڪان محروم رهيو آهيان. البت ڪجهه عثمان جي غفلت جو قصور آهي، ۽ ڪجهه عثمان جي ناعاقبت انديش گفتگو ڪان اشتباه جي حالت جو سبب آهي، جو اڄ تائين فرطِ فراق ڪان دمبخود آهيان.

تاريخ 26- فيبروريءَ جي صبح جو، رات جي واقعي ڪري، بدن بيمار ۽ دل حيران رهي. سڄو ڏينهن، جبل الوند جيئن آڏو هو. خدا خدا ڪري 7 لڳا ته هوٽل ۾ مس ايند جو ديدار فرحت آثار ميسر ٿيو. عثمان جي موٽر موجود هئي، ان ۾ چڙهي، يڪدم ملبارهل جي طرف سير ۽ تفريح لاءِ وياسون. گرمجوشيءَ ۽ مدهوشيءَ ڪان، رستي ۾ روز روشن بتين جو خوف به ڪونه پئي ٿيو. خوب دل جا بخار ڪديا ويا. دل جي حالت ان وقت ڪهڙي هئي، ان جو بيان هن ڪاغذ جي تنگ ميدان تي ڪرڻ محال آهي.

بيخود رهي، وصال مين، بيهوش هجر مين،
ڪيا ڪاني مجهه سي، ڪب وه ملا، ڪب جدا هوا!
ڪس ڪس طره سي، اس ڪو جلاتي هين رات دن،
وه جانتي هين داغ هي، هم پر مٽا هوا.

سادي انين بجي، ڊنر جي وقت، مون کي خدا حافظ چئي، وري به آتشِ

فرقت ۾ داخل ڪري ويئي. وري 28- جي انجام تي جان جيارڻ لڳس.

27- تاريخ ڪائونسل ۾ گزدر صاحب ائڊجرن موشن (مهمليءَ جي رٿ) آندو ته سنڌ جي بجيٽ چونڊ ڪائونسل ۾ رکي ويئي آهي، جنهن تي خوب زور شور سان تقريرون ڪيون ويون. پر گورنمينٽ نه جنبد ته نه جنبد. پريزيڊنٽ وڏيڪ هدايت ڪئي ته سنڌ جي ميمبرن کي پريزيڊنسيءَ جي بجيٽ تي تقريرون ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ الله الله خير صلاح، ڇتاسون گهڻي خساري کان. پنهنجي بدقسمتيءَ جي ڏن ۾ رهياسون. مسز حميد جي ڊنر ميسر ٿي، سا ڪاڏيسون.

28- تاريخ پنهنجي محبوب متوالي جي راهه ڏسڻ لڳس. "لب پہ هي، دم اور آنک هي: در پر لگي هوئي" جو مصداق ٿيڻ لڳس. آخر 10 بجي رات جو رونق افروز ٿي، دل جون ڪسون لاٿم. اينڊ جي محبت ۽ مذاق، خوش خلقي ۽ خوش رُوئي، شوخي ۽ دل جوئي، انهيءَ حد ڪمال کي پهتل آهي جو پنهنجي تجربي مان چئي سگهان ٿو ته اهڙي ڪا بمبئيءَ جي بـَلد ۾ مشڪل نظر ايندي! اوهين شايد ان کي مبالغو سمجهو، پر آءٌ ان کي حقيقت ٿو سمجهان. ڪيترن بين دوستن جو رايو آهي ته ههڙي با سليقه ۽ با وفا عورت بمبئيءَ ۾ بلڪل ڪم نظر ايندي. خير، وري 3- تاريخ مارچ جي واعدي تي جيئڻ لڳس. تاريخ 29- خريداريءَ ۾ مصروف رهيس.

تاريخ پهرين مارچ ناوا بيٽ تي، جو 12 ميل سمنڊ جي اندر واقع آهي ۽ سر محمد يوسف جي ملڪيت آهي، سر آغا خان کي ڏنل پارٽيءَ ۾ شرڪت ڪيم. ان ۾ قريب پنج سؤ مهمان بمبئيءَ کان سوار ٿي هليا هئا. مسٽر عبدالرحمن خلف الرشيد سر محمد يوسف جي وسيلي آءٌ به ناوا ۾ پهتس. ناوا جي آبهوا ۽ سبز زاري قابل تعريف آهي. وڏو انتظام هو. بيگم آغا خان سان ملاقات جو شرف به حاصل ٿيو. ان کان سواءِ ڊاڪٽر حاجيءَ جي دختر پُر گوهر سان، جا بمبئيءَ جي دريڪتا (Champion of beauty compitation) آهي، اسان کي دوچار ٿيڻ جو موقعو حاصل ٿيو. ان جي حسن بينظير ۽ جسم جميل جو ذڪر ڪن اڳين خطن ۾ ڪري چڪو آهيان، تنهن ڪري وڌيڪ قلم کي طاقت بيان ڪانهي. هن جا چشم پُرخون، لب پُر نمڪ بيمثال نظر ايندا. بدن جي بيهڪ ۽ گلن جي رونق ڪنهن اعليٰ دماغ نقاش جي تصوير ڪيڏو لاءِ

ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. پنهنجي لاءِ گفتگو مناسب نہ سمجهيم. مسٽر ٽيڪمداس واڌو مل بہ ڏسڻ ۾ آيو هو، ڇا وهيو واپريو، سا خبر نہ آهي.

مسز شڪور جي ٽيبل تي سندس پاڙيجي، مس صفيہ بيگم بہ رونق افروز هئي، جنهن سان اوهان جي ملاقات ٿي چڪي آهي. مسز قزلباش ۽ مسز حميد بہ جلوه گر هيون. پُر مذاق گفتگو هلي. خدا حافظ چئي روانو ٿيس.

5- تاريخ عيدالاضحيٰ جو روز هو. اسپينڊ ميدان تي، وزير جنگ شاه محمد خان افغان سپهہ سالار جي امامت هيٺ، عيد نماز ادا ڪئي ويئي، ان صاحب جي بصيرت افروز تقرير ٻڌي ويئي. ماني ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌيءَ وٽ باندرا ۾ تناول ڪئي ويئي.

شام جو ڊنر خانبهادر عظيم خان سيني سنڌين کي 'تاج محل' (هوٽل) ۾ ڪئي. فراغتِ طعام بعد ڊانس ۽ ڪئبري شو هو، جنهن ۾ نظام دکن جو شهزادو معظم جاهہ، بمع پنهنجي بيگم نيلوفر سان گڏ، شريڪ هو. شهزادي نيلوفر جو حسن گلوسوز، تاج محل جي سڄيءَ فضا کي برق تابان ڪري، هرهڪ جي سيني کي ساڙي رهيو هو. سندس چپن جي شرينيءَ پري کان ئي تماشبينن جي تلخ ڪاميءَ کي رفع دفع ڪيو ٿي. هوءَ باحيا ۽ پُر عصمت خاتون نظر آئي ٿي. شهزادو بين ڇوڪرين سان بغلگير ٿي نچي رهيو هو. مگر شهزادي صاحبہ، خانداني متانت سان، بلڪ بي اعتنائيءَ سان، شوهر جي حرڪات کي ناپسنديدگيءَ جي نظر سان گهور ڪري مشائنو ڪري رهي هئي. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ شهزادو عياش، بي قياس آهي، هن دريڪا جو قدر شيشي کان زياده نٿو رکي. افسوس!

تاريخ 7- مارچ تي ڪائونسل- هال هاسٽل ۾ اچي مقيم ٿيس. جو هوٽل ۾ گهڻو خرچ ٿي ٿيو. هاڻ محبوب جي ملاقات ۾ مشڪلات نظر اچي رهي آهي. بهرحال، هتي اچي ويو آهيان. ملڻ لاءِ ٻئي هنڌ، سندس ئي دوستار جي گهر جو پاڻ انتظام ڪيو اٿس. زهي عزو شرف!

7- تاريخ شام جو، اڍائي بجي، مسز قزلباش فون ڪيو تہ ريس تي هل. موٽر وني، ڪائونسل- هال وٽ اچي بيٺي مٽرس زال بيٺا. هيٺ اچي ڏسان تہ هڪ دلبر، نُور انور، وڏي طمطراق ۽ خوش لباس سان، موٽر جي اعيان متمڪن آهي. ڪاري عينڪ چڙهيل، ۽ زمانہ دراز گذرڻ سبب سجاٽپ ۾ غلطي

(3)

ڪائونسل- هال، بمبئي

19- مارچ 1936ع

هڪ ٻگهو خط اڄي لکيو اٿر، پهتو هوندو. پوءِ جو حال ساڳيو آهي. البت هن چوڻ کان رهي نٿو سگهان تہ بمبئيءَ کان فرقت جو وقت قريب قريب اچي رهيو آهي. سڀ ڪو روز، فراق ۽ ڦوڙائيءَ جي يادگيري ڏياري رهيو آهي.

16- تاريخ سر علي محمد دهلويءَ، پرزيڊنٽ جي حيثيت ۾، سنڌ جي ميمبرن کي الوداعي پارٽي ڏني. 17- تاريخ سر رابرٽ بيل، هوم ميمبر ۽ خانبهادر ڪوپر، ديوان بهادر ڪامبيلي، هڪ عاليشان ڊنر تاج محل هوٽل ۾ ڏني، جنهن جي صدارت لارڊ برئبورن گورنر بمبئيءَ جي ڪئي. لارڊ برئبورن هڪ خوشمزاج جوان آهي. سندس الوداعي تقرير ظرافت ۽ خوش مذاقيءَ سان پرپور آهي. سر شاهنواز خان صلاحڪار، ۽ مسٽر ڪرپالاڻي چيف سيڪريٽري تي اچن ٿا. اها سرڪار طرفان الوداعي ڊنر هئي. سياڻي ڪائونسل طرفان الوداعي ٺهراءُ پاس ڪيو ويندو. بهرحال، جتان منهن ڪيجي ٿو، اتان سڀ ڪو الوداع چوي ٿو:

"هو ٿا پلاڻين، منهنجو هينئڙو ٿو هيٺو ٿئي!"

اسين بہ ٽپڙ ٻڌڻ جو ارادو ڪريون پيا.

ٺهلراماڻي هتي آيو هو، پر ان جا ڪاغذ هتي ڪين پهتا آهن. سندس ڪيس جو فيصلو هاڻ سنڌ سرڪار ڪندي.

ڊاڪٽر حميد ڪراچيءَ ايندو. مون صلاح ڪئي اٿمانس تہ پنهنجي بنگلي تي اچي رهي، انتظام ڪندا. فرنيچر بنگلي ۾ نہ آهي، حال مسواڙ تي وٺندا.

(4)

بمبئي

23- مارچ 1936ع

هڪ خط اڄي لکيو اٿر، پهتو هوندو. آءٌ ۽ ڊاڪٽر حميد 28- تاريخ "ويٽا" جهاز ۾ ڪراچيءَ پهچنداسون. سر شاهنواز خان بہ اسان سان گڏ هوندو.

(5)

[هينئون خط جي. ايم. سيد طرفان ميران محمد شاهه کي لکيو ويو.]

سن

8- اپريل 1936ع

ور تو زين دست مرا بـي سرو سامان داري،
مـن بــه آه سـحرت زلــف مشــوش دارم.

برادرم عزيز، تسليم

اڄ اوهان جي سمع خراشي ان ڪم لاءِ ڪريان ٿو، جنهن لاءِ شايد اوهين تيار نه هجو:

حديث دوست بگويـم مـگر بحضـرتِ دوسـت،
ڪــه آشــنا ســخن آشــنا نگهـــه دارد.

سنڌ جدا ٿي، نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي، پر ان سنڌڙيءَ جي مٿان مون کي نهايت پريشان ڪندڙ ڪارا ڪڪر نظر اچي رهيا آهن. سبزي ۽ باد بهاريءَ جي بدلي، مون کي خزان جا آثار نظر پيا اچن. سنڌ آزاد ٿي سو ته چڱو ٿيو، پر چؤ طرف ڪان ماڻهو ان کي مالِ غنيمت سمجهي هضم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن. خود مطلب ماڻهو صرف پئسي يا اثر جي سبب ان ماهه وش جي دامنِ عصمت کي ٽوڙڻ لاءِ ڳجهن وانگر اکيون کوڙيو بيٺا آهن ته ڪڏهن ٿيون اليڪشنون ٿين ته اسين به ٿا چونڊجون. انهن مان هرهڪ کي پنهنجي لاءِ سبز باغ نظر اچي رهيا آهن. ڪن جو خيال آهي ته ميمبر ٿيڻ ڪري هو ووٽ جي اثر هيٺ، وزيرن معرفت ڪامورن کي پنهنجي قبضي ۾ رکي، آسپاس جي ملڪ ۽ ماڻهن تي اقتدار حاصل ڪندا. ڪي وري ان طمع ۾ گرفتار آهن ته پنهنجيءَ وسيع جائداد ۽ ملڪيت جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هيءَ هڪ ڪارگر هٿيار ٿيندن. ڪي ائين پيا سمجهن ته هينئر ڪو پڇين به ڪونه ٿو، سو پوءِ وڏا وڏا ماڻهو سندن درن تي ڌڪا جهليندا. ڪن کي وري لقبن حاصل ڪرڻ جون لالچون آهن. لٽي به، چاچي ولي محمد شاهه وانگر، وقف ائڪٽ رد ڪرائڻ جو مقصد ڪنيو بيٺا هوندا.

اهي ارادا آهن اڻپڙهيل يا نيم خوانده وڏيرن جا. هاڻ هلو ته پڙهيل طبقي جي ارادن ۽ اميدن کي نظر مان ڪڍون. سر غلام حسين پيو سمجهي ته سنڌ ۾

ڪندي چيو تہ ڪيس وسارڻ سراسر غلطي ٿيندي. ان کان پوءِ، شيخ عبدالمجيد سنڌي، اُٿي، مٿين سيني خواهشمندن کي مخالف ٿي چوڻ لڳو تہ اوهين سڀ سرمائيدار گڏ ٿي، پانئيو ٿا سنڌ جي مالِ غنيمت کي ورهائي کڻندو. اوهان کي اٿين ڪرڻ نہ ڏيو. هن سندس خلافت، ڪانگريس، مسلم ليگ تحريڪن ۾ جيل ۾ وڃڻ جا حوالا ڏنا. "الوحيد" اخبار ذريعي ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ جو ذڪر ڪيو. چي، اوهان سيني کي گڏجي، سنڌ جي ڀلائيءَ خاطر، خود مطلبيءَ کي ڇڏي، باهمي سمجهوتي سان ڪم ڪرڻ گهرجي، نہ تہ اوهان جا ماڻهن اڳيان پول پڌرا ڪبا. ان کان پوءِ، ٻہ- ٽي هندو ڪارڪن اٿيا، جن چيو تہ سنڌ جدا ٿي تہ اٿين نہ سمجهو تہ سموري طاقت اوهان جي هٿن ۾ اچي ويئي. اسان جا ميمبر اسيمبليءَ ۾ ٽيون حصو آهن. اوهين وڏيرا پاڻ ۾ عهدن تان لڙي اسان جا محتاج ٿيندا. تنهن ڪري حڪومت جي واڳ اسان جي هٿ ۾ رهندي، سو اوهان کي اسان سان فيصلو ڪري، پوءِ ڪو ڪم ڪرڻو پوندو.

اهي حالتون ڏسي، مون کي هڪ هاتفي آواز ڪن پيو. جو چئي رهيو هو تہ اي سنڌ جا ڪارڪن، خود مطلبي ڇڏي، ملڪ ۽ ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪو پروگرام ناهي، سنڌ جي خدمت ڪرڻ شروع ڪريو. نہ تہ اوهان مان گهڻن جو حشر نهايت عبرتناڪ نڪرڻ وارو آهي. ڪي اليڪشن ۾ ناڪامياب ٿي، ڪُٺي، ، ي گوشہ تنهائي ۾ ويهندا. ڪي هڪ ٻئي جي خلاف سازش ڪري، سنڌ جي سياست کي خود مطلبيءَ جو آکاڙو بنائيندا. ڪي، باوجود خدمت ڪرڻ جي، عوام جي خواب غفلت جون دانهون ڪري. وقت گذاريندا. هندو مسلمانن جي خلاف سازشون ڪندا، تہ انهن جي رد عمل ۾ مسلمانن جو هڪ ڪٽر فرقو فرقيوار نفرت ڦهلائيندو. نتيجو اهو نڪرندو تہ اها ورهين جي محنت کان پوءِ هٿ ڪيل آزادي، ملڪ لاءِ آباديءَ جي عيوض بربادي آڻيندي. تاريخ شاهد آهي تہ جيڪي ماڻهو اتفاق ۽ خدمتِ خلق جي راهہ کي ڇڏي، خود مطلبين ڪري وراهجي، خانہ جنگيءَ ۾ مشغول ٿي ويا، انهن کان اها مليل امانت کسجي ويندي، ۽ وري عبرت ۽ سزا لاءِ ڪين گهڻو وقت مصيبتن ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو. ان آواز کان متاثر ٿي آءٌ توکي هي خط لکي رهيو آهيان.

اي ميران محمد شاهہ مون کي تو ۾ گهڻيون اميدون آهن. تون ان نسل جو فرد آهين، جنهن پيٽ سان پٿر ٻڌي خلقِ خدا جي خدمت ڪئي، جنهن جي

ڏاڍي، باوجود خليفہ وقت هئڻ جي، نوڪرياڻي گهر ۾ ان ڪري نہ رکي تہ متان بيت المال جو پئسو شخصي ڪم لاءِ ڪتب اچي، جنهن جو ڏاڍو حق جي آواز بلند ڪرڻ خاطر ڪربلا جي ميدانِ ۾ اولاد سان قتل ٿيو. پر ناحق اڳيان سر نہ نمايائين ۽ تيرهن سؤ ورهين تائين ان جو نسل ماڻهن جي خدا ڪارڻ خدمت ڪندو پئي آيو آهي. سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ جڏهن بہ اوهان ڪوشش ڪئي آهي، اڪثرئي ناڪامياب ٿيا آهيو. جيڪڏهن اوهين پنهنجي وڏن جي روايت کي قائم ڪرڻ گهرو تہ عوام جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ هر قسم جي لالچ ۽ خود مطلبي ڪڍي ڇڏيو. وزيرن ۽ گورنرن مٿان قبا ڪونہ اڏبا آهن. خدا جي راهہ ۾ بي لوث خدمت ڪرڻ وارن کي اهو درجو نصيب ٿئي ٿو. دنيا ۽ دين، ٻيئي هڪ مُٺ ۾ نہ ايندا. جيڪڏهن ڀانئين تہ تنهنجي سنڌڙي سرسبز ۽ شاداب ٿئي ۽ ان ۾ تنهنجي مرضيءَ مطابق سڌارا ٿين، تہ وزارت يا آمارت جي لالچ ڪڍي ڇڏ. بادشاهن کان، بادشاهہ بنائڻ وارن جو درجو وڌيڪ آهي. ”ڪانياري ٻلي، ڪُئي سنڌي زال“ - اهو مثال مشهور آهي. خود مطلبي ٻين کي شايد ڀانءِ پوي، پر توکي نہ پوندي. ان طريقي سان هلڻ ڪري، توکي وڏا مرتبا ملڻ وارا آهن.

تون سمجهين ٿو تہ وزير ٿيڻ سان تون وڌيڪ ملڪ جي خدمت ڪري سگهندين: پر توکي اها خبر هئڻ گهرجي تہ اوستائين تون وزير ٿيندين ٿي ڪونہ، جيستائين ڪنهن گروپ سان ملي، اصولن ۽ ملڪ جي بهتريءَ کي هڪ طرف رکي، ڏي- وٺ نہ ڪئي اٿئي. مون کي تو ۾ گهڻيون اميدون آهن. انهيءَ ڪم ۾ آءٌ توسان ٻانهن ٻيلي ٿي، پويان هلڻ لاءِ تيار آهيان. توکي الله تي توڪل رکي، ان ڪم ۾ هٿ وجهڻ گهرجي. اهو رزاق آهي. حال تي موهجي، مستقبل کي قربان نہ ڪرڻ گهرجيئي. جيئن هيترو وقت ڏکيو سکيو گذران پئي ٿيو اٿئي، تيئن آئيندي بہ پيو ٿيندءِ. پر قربانيءَ جو خيال ڌاري، ميدان ۾ نڪرڻ گهرجيئي. تون سنڌ جو ”ڪمال“ بنجي سگهين ٿو- بشرطيڪ، بنا مطلب هي، گروپ ناهي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ کان سواءِ، وزيرن کان پنهنجيءَ ’ڪيي پوزيشن‘ (Kye Position) جي عيوض، ملڪ ۽ قوم جا ڪم ڪرائيندين. ان حالت ۾ وزير توکان ڪنبندا. تنهنجو نالو ملڪ ۾ مشهور ٿي ويندو. وڪالت مان ٿي گهٽي ڪمائي ٿيندءِ. هاڻي اپيل ٻين کي ڇڏي، توکي ان لاءِ ٿو

ڪريان تہ تو ۾ درويشي جزو ڏسان ٿو ۽ محبت اٿم. هن وقت مالي مشڪلاتن ۾ ذرا آسودي زندگي گذاري جي شوق توکي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، پر اميد تہ تنهنجي هميت ڪي جوش ڏيارڻ ڪري تون اڳواڻيءَ جي لائق ٿي پوندين:

تــو بـــاز ســاعد شــاهي مرَ نــگرز اســتخوان
همــاي همــت خــود را بــہ بلنــد ده پــرواز

آخر ۾ خدا جي بارگاهہ ۾ سوال ٿو ڪريان تہ اهو تنهنجي قلب مان ڪمزوري ۽ لالچ ڪوري ڪڍي، ۽ توکي سندس صالح بندن جي صف ۾ ڪڙو ڪري. وما علينا إلا البلاغ- غلام مرتضيٰ

[نوٽ: هن خط جي ڪاپي ميان الهيار شاهہ مٽيارين واري ڪي بہ موڪلي ويئي. ميران محمد شاهہ ان جو جواب ڪو نہ موڪليو.]

(6)

حيدآباد

16- جون، 1936ع

پير ميان الهيار شاهہ جو خط آيل آهي تہ ڪيس مخدومن ماٺهو موڪليو آهي تہ اليڪشن ۾ صلح ڪجي. ان لاءِ 19- تاريخ مٽيارين ۾ صلاح مصلحت لاءِ گهرايو اٿس. اوهين اتي ايندا. انهيءَ صلح ۾ مون ڪي فائدو ٿيندو.

(7)

حيدرآباد

24- جون 1936ع

نوازشنامو پهتو. نقل پارٽيءَ جي رولن جو پهتو. اميد تہ پنج ميمبر ڪري موڪليندس. سياٽي يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ بمبئيءَ وڃان ٿو. 12- جولاءِ موٽندس. جيڪڏهن 2- تاريخ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ رکايو تہ بمبئيءَ مان سڌو ڪراچيءَ اچي اوهان سان ملان.

پارٽيءَ اندر لوئر سنڌ وارن جي پوزيشن ۾ ڪنهن بہ قسم جي رد بدل ٿي، تہ اسين جدا ٿي لوئر سنڌ پارٽي ناهينداسون. خانبهادر الهہ بخش ليڊريءَ جي ڪابہ حيثيت ڪنهن بہ صورت ۾ ڪانہ ٿو رکي. ڪم لٿي ڪان پوءِ ان يار ڪي

ملڪ ۾ ڪونہ ڏسندا. اها ڳالهہ تجربي تي مبني آهي، جنهن جو ذيان ڪجو، اچلائي پنتي نہ ڇڏجوس. اميدوار بہ الهہ بخش يا حاتم علوي بيهاريو تہ ڪامياب ٿيندو، نہ تہ ڪاميابي هڪ مشڪل ڳالهہ آهي. هيءَ مون ماڻهن ڪان رايا وٺي، پوءِ احوال عرض ڪيو آهي.

نوٽ:

ورڪنگ ڪميٽي "سنڌ آزاد ڪانفرنس"، 4- آڪٽوبر 1936ع تي، ڪراچيءَ ۾، جي. ايم. سيد جي بنگلي تي ڪٺي ٿيندي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

## سال 1937ع

ڪراچي

5- جون، 1937ع

مون کي اوهان جي والده جي وفات جو ٻڌي گهڻو ارمان ٿيو آهي. خدا کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي! تون سنڌ پروانشل ڪوآپريٽو بئنڪ تان استعيفا نہ ڏين ها. سيئي دوست ناراض آهن. صديقيءَ ۽ جمشيد جي وچ ۾ غلط فهمي وڌي ويئي آهي.

(2)

حيدرآباد

22- نومبر 1937ع

12- نومبر تي اليڪشن پٽيشن جو مدو پورو ٿيو. پر ججن کي اهڙو ساڳ لڳو آهي جو اجا نقصان پهچائڻ جا ڪي وجهہ پيا ڳولين. سر غلام حسين جا باز آهن. ان کي ڏنم، ان چيو تہ مان ڪري وٺنو هج. آءٌ پاڻيهي ان ڪم جي پورائي ڪندس. زباني گهڻو دلاسو ڏنو اٿس. خدا ڪري، اندر صاف هجيس. اچ وري ڪراچيءَ وڃان ٿو. هندن کي اوهان جي بل تي سخت ڪاوڙ آهي. نهچلداس جو اشتهار پڙهج.

(3)

حيدرآباد

6- ڊسمبر 1937ع

عيد مبارڪ!

2- ڊسمبر 1937ع تي ٽريبونل فيصلو ڏنو. مرحوم نور محمد جي اليڪشن درخواست رد ڪيائون. ميان عبدالرحمان بارسٽر ڪئي ڳالهہ ڪئي تہ ميان نور محمد سان ظلم ٿيل هو. تنهن ڪري 62 رول موجب سرڪار پاڻ درخواست هلائي. هاڻ اها رپورٽ سر غلام حسين معرفت گورنر وٽ ويندي.

ڏسجي، ڇا ٿو نتيجو نڪري. دعا ڪجو!، جيئن خدا هيترا مرحلا چاڙهيا آهن، سو آئيندي به پناهه ڏيندو.

اوهان جون تجويزون ورڪنگ ڪميٽيءَ اڳيان پيش ڪيون وينديون. سر غلام حسين کهڙي کي چيو ته ڪميٽيءَ اڳيان رکي. اميد ته اوهان 9- تاريخ ضرور ڪراچيءَ ايندا.

(4)

حيدرآباد

16- ڊسمبر 1937ع

اڄ مسٽر هيلي، آئي. جي. پوليس سان مليس. مرزا غلام حسين سب انسپيڪٽر لاءِ ڪيس سفارش ڪيم. هو مٿس سخت ڪاوڙيل هو. وڏيڪ چيائين ته توسان پاڻيهي احوال ڪندو. گولپ ڪليڪٽر منهنجي خلاف ٿي بيٺو آهي. چوي ٿو ته سر غلام حسين سان سيدن جي ناهه ڪري ميران محمد شاهه کي هٿ نٿو لايان، نه ته الاجي ڇا ڪري ڇڏيان. ان ڪري، حال سر غلام حسين خلاف ڪو تڪڙو قدم نه کڻج. منهنجي فيصلي تائين احتياط ڪان ڪم وٺندا.

## سال 1938ع

(1)

ڪراچي

10- جنوري، 1938ع

تو سنڌ پروانشل ڪوآپريٽو بئنڪ بابت احوال ٻڌو هوندو. گزدر ڪي بئنڪ جو چيئرمين چونڊيو ويو آهي. هندن بئنڪ مان احتجاج طور پئسا ڪڍائڻ شروع ڪيا آهن. مسٽر گزدر صدارت ڪرڻ قبول آهي، بشرطيڪ تون ان ۾ شريڪ ٿيندين. تنهن ڪري، مهرباني ڪري، 15- تاريخ حيدرآباد ايندا ته گڏجي ملا ڪاتيار هلون.

(2)

ڪراچي

7- فيبروري 1938ع

بمبئي ويو هوس، 5 ڏينهن اقامت گزين هوس. مسٽر جنها (جناح) سان ٻه دفعا ملاقات جو موقعو مليو. جنهن مسلمانن جي اتفاق تي گهڻو زور ڏنو. خصوصاً هينئر دنيا جي بين الاقوامي فضا ڪري، مسٽر جنها (جناح) جي استقامت جو ئي نتيجو آهي، جو ڪانگريس اڄ ڪلهه مسلمانن سان اتحاد لاءِ خواهان آهي. مستقبل ڪي فراموش ڪرڻ نه گهرجي. عظيم لڙائيءَ جو امڪان آهي. برٽش سرڪار سخت ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿيندي. هندستان زياده حقن لاءِ تقاضا ڪندو. جيستائين ٻن مکيه قومن جو ڪنهن پڪي عهدنامي جي بنياد تي اتفاق نه هوندو، ان وقت تائين مسلم قوم جي زنده ۽ با عزت رهڻ جو احتمال ڪونه آهي. اهو آهي مسٽر جنها (جناح) جي گفتگو جو لب لباب. آءٌ بلڪل سندس پيروُ ٿي ويو آهيان. ان تي عمل درآمد به ڪيو اٿم. جو هڪدم ڪراچيءَ پهچڻ سان پروانشل مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو، شيخ عبدالمجيد جي مدد سان، بنياد وڌو ويو آهي، جا ايسٽر ذاري گهرائي ويندي. آءٌ وري 12- تاريخ بمبئي وڃان ٿو. مسٽر جنها (جناح) هوندو ته ان سان احوال ڪندس. ۽ آئيندي لاءِ هدايت گهرندس. اوهان ڪي به پر پُٺ ليگ ۾ شامل

ڪري ڇڏيو اٿم.

اڄ سر غلام حسين سان سنڌ جي اقتصادي ترقيءَ تي بحث ڪيم. تقاوي لونِ بابت اسان جي سفارش ڪان ڪجهہ بيءَ طرح ڪرڻ گهري ٿو. پر اوهان جي مشوري تائين ترسايو اٿمانس.

کهڙي کي لکو تہ 19- تاريخ ورڪنگ ڪميٽي گهرائي. آءٌ 18- تاريخ بمبئي ڪان واپس اچي ويندس.

رولس ڪميٽي 21- تاريخ گهرايان ٿو. اميد تہ اوهين 19- تاريخ ڪان وٺي ڪراچي رهڻ جو فيصلو ڪندا. آءٌ سياڻي 8- تاريخ حيدرآباد پهچندس. 12- تاريخ بمبئي يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ روانو ٿيندس، بمبئيءَ جا احوال گهڻا آهن.

(3)

حيدرآباد

8- جون 1938ع

اوهان جي طبيعت جي بيچاڪائيءَ جو احوال معلوم ڪري، مون کي نهايت انتظار ٿي پيو. ان ساريءَ سنڌ ۾ هيجان پيدا ڪيو آهي. بيشڪ، مردن جي هر ڳالهہ اهميت رکي ٿي. مون کي 29- تاريخ سن اچڻ جو ارادو هو، پر خانبهادر الهہ بخش جي ڊرائيور ڪان معلوم ٿيو تہ اوهين ڪراچيءَ وڃو ٿا. بيو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ هندن ۽ مسلمانن جو تڪرار ٿي پيو آهي، جنهن ڪري صلح لاءِ اوڏانهن وڃان ٿو. اوهان جي پروگرام پهچڻ بعد سن اچڻ جو خيال ڪندس.

ڊاڪٽر دائود پوٽي لاءِ اوهان خانبهادر الهہ بخش ڪان واعدو ورتو آهي. شل پاري! قاضي تہ هاڻي سيني سيدن کي گاريون پيون ڏئي.

(4)

حيدرآباد

20- جون، 1938ع

(انگريزيءَ مان ترجمو)

منهنجي بمبئيءَ مان 13- تاريخ اچڻ تي اوهان جو پيار پريو خط پهتو، جنهن مان اوهان کي منهنجي بمبئيءَ جي حالات ۽ واقعات معلوم ڪرڻ جو

گهڻو اشتياق ڏنو. منهنجي سڪوت کي اوهين الغرضائي سمجهڻ لڳا آهيو، ليڪن ائين صحيح نہ آهي. منهنجي خيال ۾ هو تہ هاڻ اوهين سياسي مشغولين ۽ وزارتن جي پيچ- گهڙ ۾ اهڙو مشغول پئي رهيا آهيو، جو زندگيءَ جي ادبي ۽ تهذيبي ڳالهين ۾ وقت صرف ڪرڻ يا احوال پڏڻ لاءِ نہ وقت رهيو هوندو، نہ اڳين ساڳي دلچسپي هوندو. هاڻ جڏهن اوهان جي خطن مان معلوم ٿيو تہ ايتري مشغوليءَ جي باوجود اوهان جي انهن ڪمن ۾ دلچسپي گهٽ نہ ٿي آهي، ۽ مون کان ٻاهر جي واقع نگاريءَ ۽ زنده دليءَ جو احوال معلوم ڪرڻ جو شوق ڏيکاريو اٿو، ان ڪري تازو بمبئيءَ جي سفر جو احوال پنهنجي هميشہ جي انداز ۾، هن دفعي انگريزيءَ ۾ لکي موڪليان ٿو.

هتان بمبئيءَ ويندي، گاڏيءَ ۾، پنهنجي اڳوڻي چيف منسٽر سر غلام حسين جي ملاقات جو گهڻو لطف حاصل ٿيو. بمبئيءَ ۾ پهچڻ تي سر غلام حسين سر قاسم منا وٽ وڃي رهيو ۽ مون ۽ گبول اپولي هوٽل ۾ اڳي روم ورتا، جنهن کي نئين سر درست ڪيو اٿن، مسٽر پروچا، اڳي وانگر، هوٽل جي رهاڪن جي هر ڪنهن ضرورت مهيا ڪرڻ لاءِ ساڳيءَ طرح چشت نظر آيو. اتي هوٽل ۾ هڪ مسز فليس رهندي آهي، جنهن اندروني دنيا جي رهبريءَ ۾ گهڻي مدد ڪئي ٿي. ليڪن عثمان منا سارن بين پروگرامن کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. شام جو هو موٽر وني آيو. هن تاج محل هوٽل ۾ اڳي ئي غير معمولي انتظام ڪيو هو، تنهن ڪري پوئتي گبول صاحب کي مسز فليس جي ڪيل انتظام جي لطف وٺڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي وڃڻو پيم. تاج محل ۾ عثمان، سردار ڳڙهہ، ڪانياواڙ جي نواب سان ملايو، جتي راڳ- ناچ، خردو نوش جو سڀ سامان موجود هو.ا تي هڪ آمريڪن ڪئبري- ڊانسر ڇوڪريءَ پنهنجي ڪرتبن سان حاضرين کي نهايت محظوظ ڪيو. اتان ٽي، گرين هوٽل ۾ وياسون، جتي راڳ، ناچ، ڪاڏي ڪائڻ، صبح جا ٻہ لڳائي ڇڏيا.

ٻئي ڏنهن صبح جو، هيڏانهن هڏانهن گهمي، ڪم ڪاريون لاهي، واندا ٿياسون. شام ٿيندي ئي بمبئيءَ جي فلم ائڪٽرن ڏانهن وياسون. تون انهيءَ دنيا جي ڪشش ۽ خوبصورتيءَ بنسبت خيال ڊوڙائي سگهين ٿو تہ اتي ڪهڙو موج ۽ بهار جو عالم هوندو ڪارنيلين ريسٽورنٽ انهن جي گڏ ٿيڻ جو مڪان هو. مس سلطان جهان، ساگر فلم ڪمپنيءَ جي نهايت حسين ائڪٽريس، اتي

حاضر هئي. سندس عقابي اکين چو طرف ناظرين جي شڪار لاءِ پئي وجهہ وڏا، جتي سندس ڪيئي مداح شڪار ٿيڻ لاءِ اڳي گڏ ٿيا هئا. سندس مرجان جهڙن چپن، موتي مثل ڏندن جي مشڪڻ سان حاضر مجلس تي عجيب اثر تي پيدا ڪيو. سندس مرمري بدن، نازڪ ۽ لچڪيدار چيلهہ تي اها بيهڪ رکيو بيٺو هو. جنهن مصر جي راڻي قلوپطره يا فرانس جي مئڊم ڊميلو جي حسن کي شهہ ٿي ڏني. هن جي زبان مان بلبل شيراز وانگر عجيب آواز تي نڪتو. گفتگو، اردو ۾ ٿي ڪيائين. هن منهنجي عرض کي اونائي، غير فاني محبت ۽ دائمي دوستيءَ جو دلاسو ڏنو. جنهن مان مون کي اعتبار آيو تہ هوءَ ضرور منهنجي جذبات جو قدر ڪندي. هن جي گلابي ڳلن جي رنگ، موسم بهار جي آمد طرف اشارو پئي ڪيو. اها رات خير سان ختم ٿيڻ کي ويجهي هئي، تہ اهڙيءَ جنس جي ٻئي فرد کان، ٻيءَ رات، تاج محل هوٽل ۾، ملاقات جو واعدو مليو. جنهن جدائيءَ جي هولناڪ فراق کي اميد جي آسري تي گهٽ ڪري ڏيکاريو. اهڙيءَ طرح، رات خير سان گذري ويئي.

بارش جي گهٽائيءَ سردي پيدا ڪري ڇڏي هئي. ڏينهن جو گهڻو حصو، ٻين کان ستين بجي تائين، سينيٽ جي ميٽنگ ۾ گذاريو ويو. شام جو عثمان آيو، ۽ ان سان موٽر ۾ گهمڻ لاءِ روانا ٿياسون. پويان ڏنم تہ گبول صاحب حسرت جي نگاهن سان اسان جي نظر کان غائب ٿيڻ کي ڏسي رهيو هو.

نيٺ، موٽر هڪ جاءِ تي وڃي بيٺي. ٻنڻ دبائڻ سان اندران ٻہ ڪهڪاف جون پريون نڪري آيون، جي ريشمي وڳن ۽ عمدن زيورن سان ملبوس هيون. ٻيئي اچي موٽر ۾ پويان مون سان گڏ ويٺيون. مون کي ٻنهي جي وچ ۾ ويهڻ جو شرف حاصل ٿيو. هڪ فاني جسم کي غير فاني حسن جي آغوش ۾ جاءِ ملڻ، وڏي خوش نصيبي سمجهڻ گهرجي. ٻن پازيٽوز (Positives) هڪ نيگيٽو (Nagative) کي جذهن ڪرنٽ ڏيڻ شروع ڪيو، تہ ٿيئي ملي هڪ ٿي ويا. آخر موٽر تاج محل هوٽل جي دروازي تي بيٺي. ان مان لهي، لفٽ ۾ چڙهي، هال ۾ پهتاسون. اسان سان گڏ نواب سچين جي ويڳي همشيره هئي. هال اڳي ئي مختلف شاهي گهراڻي جي ماڻهن سان ڀريل هو، جي بمبئيءَ ۾ شهزادن جي ڪانفرنس لاءِ آيل هئا. ڪيترن شهزادن اسان کي گهوري پئي نهاريو- پر ان ڪري نقصان ڪونہ ٿي پهتو. بدن جي طعام کان، نظر ۽ روح جو

طعام ڪثرت سان هو. هال جي فلور تي شهزادن ۽ شهزادين جي رقص اهو لطف پيدا ڪيو هو جو ناظرين جا ڏند چپن سان ملي تي ويا. اسان قصن ۽ ڪهاڻين ۾ شهزادن، سندن محلاتن، شهزادين ۽ راڻين جون آکاڻيون، پرين ۽ ديون جي آکاڻين وانگر پئي ٻڌيون ۽ پڙهيون هيونسين. پر اڄ اهو اڻڏٺو عالم اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. اوچتو، نواب سچين جي اچڻ ذرا اسان جي عيش ۾ رخو وجهي ڇڏيو، جو سندس پيڻ ڪيس ڏسي سهمائجي ويئي. ليڪن خوش قسمتيءَ سان هو جلد ئي هڪ حسين عورت جي دام ۾ اچي ويو، ۽ هال ۾ هڪ چڪر ڏيڻ کان پوءِ، ڪنهن نامعلوم جڳهه ڏي هليا ويا. اتي جنهن موج ۽ لطف جو عالم هو، ان جو اظهار هتي حيدرآباد ۾ ڪرڻ منهنجي تصور ۽ قلم جي طاقت کان مٿي آهي. هتي بمبئيءَ کان سوين ميل پري، بدليل ماحول ۾ وينو آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ تنهنجو اعليٰ دماغي تصور، انهيءَ پردي کي چاڪ ڪري، ان اڻڏٺل نظاري کي ڏسڻ لاءِ تنهنجي گهڻي مدد ڪري سگهندو.

ٻئي ڏينهن، مسز سبحانيءَ سان لنچ کائڻ جو شرف نصيب ٿيو. مون کي ان غير معمولي شخصيت واريءَ عورت سان ان موقعي تي تباده خيالات جو موقعو مليو، جا سگهوئي پاڳ پيري ٿيڻ واري آهي.

بدقسمتيءَ سان، ڊاڪٽر حميد جي ولايت وڃڻ ڪري، سندس مجلسن جي مزي حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويس.

ليڊي ڪريم ڀائيءَ جي والد جي اوچتي انتقال ٿيڻ ڪري، سر ڪريم ڀائي ۽ ليڊي ڪريم ڀائيءَ جي مهمان نوازيءَ کان بہ مشرف ٿي ڪونہ سگهيس. ٻيءَ گرل فرينڊ جي ٻئنڊ ماسٽر سان شادي ٿيڻ ڪري، ملڻ جو موقعو ملي نہ سگهيو.

آخري ملاقات، گبول صاحب سان گڏ، ڪنائو مينشن ۾، ڊاڪٽر مس ويراڪراسي ڊيفرينزپازي سان ٿي. ساٿس ٿوري واقفيت اڳي ٿيل هئي. هن دفعي 'اسپيڪر سنڌ اسيمبلي' جي نالي مٿس وڏيڪ اثر ويهاريو. ڪارڊ ملڻ تي، يڪدم اسان کي هڪ سينگاريل هال ۾ وجي ويهاريو ويو. جلد ئي ڊاڪٽر صاحبہ جلوه افروز ٿي. سندس مُشڪي ڪيڪارڻ، بجليءَ جو ڪم ڏيئي، ساري هال کي روشن ڪري ڇڏيو. پهرين مون کي اسپيڪر ٿيڻ جي مبارڪ ڏنائين. سندس نازڪ هٿ جي گرمي ساري بدن ۾ سرايت ڪري ويئي. ان کان پوءِ گفتگو شروع ٿي، جنهن ۾ هن خوبصورت، نيڪ سيرت ۽ عالم عورت، سندس

بين الاقوامي معلومات سان اسان جي علم ۾ اضافو ڪيو. جيڪو رواجي ماڻهن جي دائره معلومات کان مٿي هو. هيءَ عالم، سنڌو درياهہ جي ڪناري تي، ڪوٽڙيءَ جي پُل بنائڻ واري انجنيئر جي گهر ۾ ڄائي هئي. پوءِ هن انگلينڊ، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ علم حاصل ڪري، اچي بمبئيءَ جي سوسائٽيءَ کي سينگاريو هو- بہ ڪلاڪ سنڌس مجلس جو مزو وٺي، ڪيس سنڌس زاد بوم، سنڌ ۾ اچڻ جي دعوت ڏيئي، موٽي جاءِ تي آياسون.

مون کي جناح صاحب سان ملاقات جو موقعو مليو، جو اڄڪلهہ "مسلم ليگ" جو روح روان ۽ مکيہ اڳواڻ آهي. هن جي غير معمولي شخصيت ۽ مدلل گفتگو هر ڪنهن ملاقاتيءَ تي اثر ڪرڻ کان رهي نٿي سگهي. سندس مڪمل ماسٽري تڏهن تسليم ڪبي، جڏهن توکي قائل ۽ مطيع ڪري.

اهڙيءَ طرح، ڇهن ڏينهن جي سفر بعد، جو خواب مثل گذري ويو، آءُ موٽي سنڌ ڏانهن روانو ٿيس. پر رستي ۾ هند الولي خواجہ معين الدين اجميريءَ جي زيارت ڪرڻ ضروري ڄاتم. زيارت ڪري، دعا گهري، پوءِ شاهجهان جي نهرايل 'دولت باغ' ڪيس، ساگر ڍنڍ جي ڪناري کي بہ ڏٺم. رستي ۾، گاڏيءَ هڪ فقير ۽ هڪ شاهزادي سان ملاقات جو موقعو مليو. جنهن جو ذڪر بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو.

پهريون اڳي ريلوي ۾ آفيسر هو، جنهن فقيري اختيار ڪئي هئي. ان کان هن جسم جي فاني ۽ روح جي بقا بابت ڪي نصيحت جا گفتا ٻڌا ويا. شاهزادو پرتپور جو راجا هو، جنهن وري جسم کي صاف سترو ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ تاڪيد ڪري، ان جا طريقا ٻڌايا. انهيءَ هڪ ٻئي جي ضف، گنڀير گفتگو سان خيالن کي منجهائي، بي ڪيف بنائي ڇڏيو هو. ليڪن خدا پلو ڪري هڪ پارسي ڇوڪريءَ جو، جا اجمير کان والد سان گڏ بيوار وڃي رهي هئي. تنهن سندس نمڪين ۽ روح افزا گفتگوءَ سان دل جي مرجهايل گل کي تازو ڪري ڇڏيو:

حديثِ مطرب ومي گو و رازِ دهر ڪمتر جو،
ڪہ ڪس نہ ڪشود نہ ڪشايد بحڪمت اين معمارا.

مارواڙ کان حيدرآباد تائين سفر ۾ گاڏن جي لوڏن، ڌوڙ جي بادلن، جهنگلن جي ميڄرن، اسان جي ٻاهران حاصل ڪيل آرام ۾ گهڻو زخنو وجهي ڇڏيو. نيٺ موٽي ماڳن تي اچي، پنهنجي يڪرنگي ۽ بيڊنگي روزاني ڪاروبار ۾ مشغول

تي، سنڌ جي روزمره زندگيءَ ۾ غرقاب تي ويس. مون کي خوف آهي تہ خط تمام ڊگهو تي ويو آهي، پر اميد اٿم تہ اهو منهنجي روايابتي واقع نگاريءَ ۽ زنده دليءَ جي احوالن جي اوهان وٽ محفوظ تيل دفتر ۾ اضافو ڪندو.

سنڌ مدرسي جي پرنسپال جي مقرريءَ بابت مون کي ڪابہ خبر نہ آهي. 16- تاريخ واري مدرسي بورڊ جي سب ڪميٽيءَ وارو وائيس پرنسپال جي مقرريءَ تي غور ڪرڻ لاءِ ڪني تيڻ واري هئي. جڏهن بہ اهو سوال ڪڇندو، تہ توسان صلاح ڪري قدم کنيو ويندو.

آءُ سيان ڪراچي ويندس، جتان 22- تاريخ موتي حيدرآباد ايندس. اتي ضلعي لوڪلبورڊ حيدرآباد طرفان مون کي 28- تاريخ ائڊريس ملڻ واري آهي.

اميد تہ خوش خورم هوندين.

(5)

سيل هوٽل، روم نمبر 51، سملا

28- آگسٽ 1938ع

توکي معلوم هوندو تہ 13- آگسٽ تي آءُ بمبئي يونيورسٽي سينيٽ جي ميٽنگ لاءِ ويل هوس. اتي چار ڏينهن رهي، پوني وجي، اتي بمبئي اسيمبليءَ جو اجلاس ڏسي، ڀوپال، آگري ۽ دهلي کان تيندو، 22- تاريخ هتي سملي ۾ پهتو آهيان. هتي سيل هوٽل ۾ رهان تو، جا وڏي ۾ وڏي ۽ فيشنبل هوٽل آهي. ڪيترا ڏينهن مرڪزي اسيمبليءَ جي اجلاس جو معائنو پئي ڪيو اٿم. اجلاس جي ڪارروائي، ڪار گذاريءَ جا رول ۽ بهترين سياسي ليڊرن جي تقريرن ٻڌڻ جو موقعو مليو اٿم. سيل هوٽل جي رهائش، مکيہ سياستدانن جي آمد رفت ۽ ملاقات جي ميسر ڪرڻ ۾ گهڻي سهولت ڏني. آءُ آفيسرن سان بہ پئي مليو آهيان. مون هندستان جي وائسراءِ سان بہ ملاقات ڪئي آهي. موجوده 'گريٽ مغل' جو ناٽ بہ ڏٺو اٿم.

هتي هڪ شخصي ڳالهہ جي ذڪر ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان. هتي نئين کان وڏي ماڻهوءَ جي واتان تنهنجو نالو ٻڌي، نهايت خوشي ٿيم. هرهڪ ماڻهوءَ سنڌ جي سياست ۾ تنهنجي اثر، آئڊئلزم ۽ عهدن جي لالچ کان مٿي هئڻ جي ڳالهين کي نهايت تحسين جي نگاهہ سان ڏٺو تي، چون پيا تہ شايد هيءُ ماڻهو سنڌ جي قسمت

کي نئون روپ ڏيارڻ وارو آهي. ڪيترا دعائون ڪري رهيا هئا تہ شل تون انهن اعليٰ مقصدن ۾ ڪامياب ٿين. خود وائسراءِ سلامت بہ اهڙو ذڪر ڪيو.

جناح صاحب، جنهن ڪان تازو ڊنر تان موڪلائي پنهنجي روم ۾ پهتو آهيان، نهايت آرزومند ۽ منتظر ڏٺم تہ هو ڪهڙيءَ طرح توکي پنهنجي دوستيءَ ۾ ڇڪي وٺي. هن کي هيءَ ڳالهہ ٻڌي خوشي ٿي تہ تون منهنجو پيارو ياءُ ۽ عزيز دوست آهين. هن جي خواهش هئي تہ آءٌ توکي تحريص ڏيئي، سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ڪشتيءَ جي ناکئي ٿيڻ لاءِ آماده ڪريان. مون کيس صاف ٻڌايو تہ 'هن کي سنڌس مستحڪم ارادن ۽ راين تان بدلائڻ لاءِ آءٌ موزون ماڻهو ڪونہ آهيان، بلڪ ٻيو بہ ڪو ڇدو ماڻهو سمجهيم ٿو، جو اهڙو اثر رکندو هجي، دليل، خوشامد، تحريص، کيس بدلائي نہ سگهندا. ليڪن مون کي اهڙا آثار نظر اچي رهيا آهن تہ چند ڪوتاهہ نظر ڪانگريسين جون غلطيون کيس مجبور ڪري، شايد هنن کان پري ڪن. ان وقت کيس مسلم ليگ طرف ڇڪڻ جي ڪوشش شايد بار آور ٿئي. هن وقت هن ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ خلافِ مصلحت ۽ دانشمندي ٿيندي.'

هتي مون کي ديوان لالچند نولراءِ، سنڌ جي ايم. ايل. اي. ۽ اسيمبلي ڪاتي وارن طرفان اسيمبليءَ جي ڪاروباري معلومات حاصل ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ملي آهي.

منهنجي هتي واري قيام جو سوشل حصو ڏکهي کهاڻي رکي ٿو. هتي صرف چند سٿون، پنهنجيءَ قديم روايت کي قائم رکڻ لاءِ، پيش خدمت ڪريان ٿو.

اڄڪلهہ تون سياسي مهاڄار جي جهنجهٽ ۾ اهڙو ڦاٿو پيو آهي جو خبر نہ آهي تہ توکي زندگيءَ جي انهيءَ پهلوءَ سان دلچسپي هوندي يا نہ. ازانسواءِ، تون پنهنجي رات- ڏينهن وارن سياسي مشغولين ۾ شايد منهنجو خط بہ رکي نہ سگهين ۽ اهو ڪنهن نا اهل غير موزون ماڻهوءَ جي هٿ چڙهي وڃي، ۽ اهو ان مان غلط معنيٰ ڪڍي. آءٌ اهو طرف صرف اهل دل ۽ محرمِ راز وٽ پيش ڪري سگهان ٿو، نہ مرده دل ماڻهن وٽ. بهرحال، جي تون اصرار ڪندين ۽ تون زندگيءَ جي ان پهلوءَ کان دلچسپي نہ گهٽائي آهي، تہ جهڙيءَ طرح اڳي ڪيترا دفعا ڪيو اٿم، موٽي ملڪ اچڻ بعد سمورو احوال لکي، تنهنجي معلومات ۽ رڪارڊ تي رهڻ لاءِ پيش ڪندس.

سملي جي آبهوا اڪثر نهايت خوشگوار آهي. وقتي بارش جا ڇنڊڪارا، صبح جو سرلي مان سج جون واڪايون، بدن ۾ تازگي پيدا ڪريو ڇڏين. هتي هر ڪو هاليڊي موڊ ۾ پيو ڏسڻ ۾ اچي. ڪيترين دليون انهيءَ ماحول ۾ رومانس جا جذبات ظاهر ڪيو وجهن. ننڍا وڏا، شام جو مال روڊ تي گهمندا نظر اچن ٿا. هر خوبصورت شيءِ کي داد ڏيڻ وارا به، مون وانگر، ڪيئي موجود آهن. هتي ملڪ جي هر حصي جا ماڻهو نظر اچن ٿا، ليڪن پنجاب جو حسن سڀ کي مات ڪيو بيٺو آهي. مغربي تهذيب هندستانين جي مٿئين طبقي جي رڳن ۾ سرايت ڪندڙ ڏسڻ ۾ پيئي اچي. جيڪڏهن مشرقي ۽ مغربي تهذيب جي ملاوت، ڪنهن مقصد جي حد نظر، رٿا مطابق ڪئي وڃي ته اهو مرج البحرين، ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ گهڻو مفيد ثابت ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن انهن اثرن کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو ويو ته ڪريل کير وانگر ڏيڍ ٿي، سوسائٽيءَ جي اها حالت بنائيندا، جهڙي ڪانگ ڪَنگَ جي هاٿي سڪڻ جي عيوض پنهنجي به وساري وينو، ۽ نه هيڏانهن جو ٿيو نه هوڏانهن جو.

راڳ ۽ ناچ سملي جي مٿئين طبقي جي ماڻهن جا خاص مشغلا ٿي پيا آهن. ٻئي جنسون، هندستان جي هيٺانهن پاڳن جي گرميءَ کان بچڻ لاءِ، آرام وٺڻ واسطي، هتي اچي رهيون آهن. هتي اچڻ بعد، هوا جي اثر ڪري تازا ٿيو، عشق بازيءَ جي ڪشش ۾ ڇڪجيو وڃن. هتي انساني فطرت، نفسيات ۽ دلي رجحانن جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ اهلِ نظر واسطي ڪافي مواد موجود آهي.

اڄ هتي خوبصورت شهر پهرينءَ سيپٽمبر تي ڇڏي واپس موٽندس. رستي تي، 5- تاريخ سکر ۾، ديوان پوڄسنگ جي پُتلي جي نصب ٿيڻ جو افتتاح ڪري، 6- تاريخ حيدرآباد پهچندس. مون کي اميد آهي ته تون ان وچ ۾ حالتن کي سازگار بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندين.

سر عبدالله هارون ۽ يوسف گهڻو مهربان هئا. هاڻي ان طرف آيل آهن.

## (6)

حيدرآباد

5- آڪٽوبر 1938ع

پير بقادار شاهه، آءٌ بابو ۽ پير الهيار شاهه مسلم ليگ اجلاس ڏسڻ لاءِ

ڪراچيءَ اچڻ گهرون ٿا. بنگلي ۾ بيا گهڻا ماڻهو نہ رهائيندا. حسن بخش شاهہ يا مقبول شاهہ جهڙا ماڻهو هوندا تہ پرواهہ ڪانہ آهي، پر اوهان وٽ گرو گنجو اچيو ڪنو ٿئي، اهو لحاظ رکندا.

(7)

حيدرآباد

1- نومبر 1938ع

تنهنجو 30- تاريخ موڪليل خط پهتو. مون کي پڙهي ارمان ٿيو تہ حسن بخش شاهہ واڻئي وانگر سوديبازيءَ تي لهي آيو آهي. ڪراچيءَ ۾ ٿيل صلح جي رخ تي نہ آهي. هن جي ڏکهين تقاضائين کي قبول ڪرڻ، مشڪل مسئلو آهي. مون کي افسوس آهي تہ منهنجي عرض جو شاهہ صاحب تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. نہ وري تون ئي هن کي سمجهائي سگهيو آهين. رسول بخش ڪجهہ بہ نہ آهي، اهو ڦڏو صرف حسن بخش شاهہ وجهي رهيو آهي. مهرباني ڪري وري ڪيس سمجهائي راهہ راست تي آڻڻ جي ڪوشش ڪج. سڀ ڪنهن کي اهو ويساهہ ويهي ويو آهي تہ منهنجو چيو تون قبول ڪرين ٿو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ ٻيئي گڏ اٿون ويهون ٿا.

پر اها ڳالهہ سياسي ڳالهين ۾ حقيقت نہ آهي. بهرحال، ماڻهن ۾ وينل اعتماد ۽ خيال ڏينهڪ نڪري ڪونہ سگهندا. مهرباني ڪري، وري ڪوشش ڪر. پر جي هو باز اچڻ کان ٻاهر هجي، تہ صاف جواب موڪل تہ سندس آسري تي ويهي نہ رهان.

(8)

حيدرآباد

18- ڊسمبر، 1938ع

مون کي ظاهر ڪندي خوشي ٿئي ٿي تہ والد حج تي 6- جنوري تي ڪراچيءَ کان وڃڻ گهري ٿو. تنهنجي بنگلي کي ڪتب آڻيندا سون، ان ڪري مهرباني ڪري اهڙو بندوبست ڪج، جيئن ان وقت بي انتها مهمانن کان فراغت هجيس. ڪنجيون بہ موڪليندا.

## سال 1939ع

(1)

حيدرآباد
20- اپريل، 1939ع

خط پهتو، احوال معلوم ٿيو. مون اوهان کي تار ڪئي هئي تہ هتي اچو تہ ڪراچيءَ ۾ جيڪي وهي واپري پيو، ان بابت صلاح مصلحت ڪجي. خانبهادر الهہ بخش باهي ويل آهي. ڪالهہ ساڻس فون تي شڪارپور ڳالهايم. ڪيس سمجهايم تہ جي. ايم. سيد تي ڪيس جي منظوري ڏيڻ نيڪ ڪم نہ هو، اهي رستا کين فائدي بدران نقصان پهچائيندا. جنهن تي پاڻ چيائين تہ ڪيس بابت کيس خبر نہ هئي، ڪراچي وڃڻ بعد جاچ ڪندو. هو سر غلام حسين کي ائين ڪرڻ نہ ڏيندو. وڌيڪ ڳالهيون ڪاغذ ۾ لکي نٿو سگهان. اڄ اوهان جو خط آيو تہ ڪيس داخل ڪونہ ڪيو ويو آهي. بقادار شاهہ هتي آهي، چوي ٿو تہ هتي اچو تہ صلاح ڪجي: اوهان کي ڪٿي ڪيس جي پرواهہ نہ هجي، پر اسان، اوهان جي عزيزن ۽ دوستن کي گهڻو انتظار آهي. هاڻي جي اچو تہ سيني تي احسان ڪندا، نہ تہ بہ اختيار وارا آهيو. پير الهيار شاهہ ۽ صاحبزادو عبدالستار جان بہ ملڻ لاءِ منتظر آهن.

(2)

(خانگي ۽ شخصي)
ڪف پريڊ، ڪولابا، بمبئي
21- جون، 1939ع

ادا سائين، تسليم! پراڻي دستور موجب، اڄ بہ قلم کڻي هن دفعي جي چوٿي سفر جو ذڪر توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. هن دفعي توهان جي گهڻي يادگيري آئي، جنهن جو سبب هيٺ ڏيندس.

13- جون تي، سر غلام حسين سان گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيس. فرسٽ ڪلاس ۾ رڳا بہ ڄڻا هئاسون، تنهن ڪري پيرو ڪان ٿمبڪٽو

تائين ذڪر اذڪار ڪندا هلياسون، جنهن ۾ گاهي ڳاهي تنهنجو ذڪر خير بہ ٿيندو هليو. ڪهڙي نموني جو، تنهن جي تفصيل لکڻ کان، اوهان جي تصور تي ڇڏيان ٿو، پاڻيهي سمجهي ويندا. جڏهن بمبئيءَ پهتاسون تہ ’سر‘ لاءِ ’سر‘ (Sir) بينل نظر آيو ۽ ڪامنر (Commoner) لاءِ ’ڪامنر‘: يعني هن لاءِ سر قاسم مِنا ۽ مون لاءِ عثمان مِنا ۽ ڊاڪٽر حميد جو سالو زورڪ.

عثمانَ جي اصرار تي، آءٌ هوٽل مئجسٽڪ ۾ وجي جاءِ گزين ٿيس. پهرين رات تہ آرام ۾ ڪَٽي. ٻيءَ رات هوٽل ۾ ڊانس جو انتظام ٿيل هو، 7 بجي شام کان 10 بجي رات تائين. ڊاڪٽر حميد، عبدالرحمان ولد سر محمد يوسف ۽ مسٽر زورڪ اتي منهنجا مهمان ٿي آيا. شهر جي ڪوني ڪوني مان حسين، مهہ جبين، سندن حسنِ خداداد جي نمائش ۽ تماشاين جي دل جي تپش لاءِ جوق درجوق اچي ويل هيون. حسن جي بهار ڪي زور وناءڻ لاءِ، ساز ۽ سينگار ۾ ڪين گهٽايو هئائون. اهڙي ماحول ۾ عشق جي بازار گرم هئي ۽ پريم جا پئگ وارو وار هلي رهيا هئا. سڀ ڪو پنهنجي منظورِ نظر جي ڪمر ۾ ڪمند وجهي، هوٽل جي دالان تي، محبت واري خمر جي خمار ۾ اچي، سماع جي سرور ۾ رچي، دنيا ومافيها کي وساري، الفت جو اکر اچاري، حالتِ استغراق ڪي پهتل هو. اسان ڇئن يارن جي حالت نرالي هئي، جو حسرت جي نگاهہ سان انهن خوش نصيب جوڙن کي تڪي رهيا هئاسون.

اتفاقاً، قسمت ياوري ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن ڪري فرانسيسي حورن جي هڪ جوڙي پنهنجي قدوم ميمنت لزوم سان رقصگاهہ کي رشڪِ جنان بنائي ڇڏيو. اهي ٻئي زورڪ جون پراڻيون واقفڪار هيون، تنهن ڪري نہ رڳو تعارف جو شرف حاصل ٿيو، مگر اسان کي سندن همڪنار ۽ همنوا ٿيڻ جو موقعو بہ مليو ويو. زهي نصيب! تمام دنيا جو، شرق کان غرب تائين ذڪر ٿيندو رهيو. دورانِ گفتگو ۾ منهنجي گاهي گاهي تعريف ٿيندي رهي، جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو سندن دولتخاني تي اچڻ لاءِ دعوت ملي ويئي. ڇہ خوش نصيبي! انڌو گهري هڪ اک، ملنس ٻہ!

بهرحال، انهيءَ موجب، ٻئي ڏينهن شام جو سرڪار جي دربار ۾، ڊنر سوٽ کي زيب تن ڪري، وجي وارد ٿياسون. مغرب جي دستور موجب، مڪان نهايت آراستہ ۽ پيراستہ هو. صفائي ۽ سنجيدگي تہ ڪو يورپ جي عورتن کان

سکي. سامان ٽورو، ناهہ گهٽو. انٽي پنهنجي گهرن جي گندگي ۽ وارفتگي اکين اڳيان اچي سامهون بيٺي. خيال آيو تہ ڪاش اسان جي عالمِ نسوان جي نقط نظر ۾ بود و باش جي معيار ۾ بہ ڪو انقلاب اچي! خير، ڊنر- ٽيبل تي چار ئي دوبدو ٿي ويٺاسون- مسٽر زورڪ ’مدموذيل لينا‘ سان، ۽ ما بدولت ’مد موذيل مارٿا‘ سان سٽل احساسن کي اُڀارڻ، غمن کي غلط ڪرڻ، خوشيءَ ۽ خورميءَ جي برقي لهر بدن ۾ پيدا ڪرڻ تہ مغربي جنسِ لطيف کان ڪو سکي. ٿوري ئي وقت ۾ هنن جي شيرين ڪلاميءَ، جا ٻاتيءَ انگريزيءَ ۾ هلي رهي هئي، اسان کي فرش کان عرش تي پهچائي ڇڏيو. نهايت خوش پيشاني ۽ فراخدليءَ سان فرائضِ مهمانداري ادا ڪيائون. اسين، جي بڪايل بگهڙن وانگر هنن جي اڏاوت، نفاست ۽ نزاڪت کي گهور سان تڪي رهيا هئاسون، تن کي تاڙي ويئون. اسان بہ پنهنجي آشفگيءَ جو بيحجابانہ اظهار ڪيو. توهان کي معلوم آهي تہ مغربي بيگمن ۽ مهوشن کي پنهنجي حسنِ خداداد جي تعريف بلڪل پسند ايندي آهي، ۽ پنهنجي محبت جي محويت ۽ مستانگي جو اظهار بہ خوشگوار لڳندو اٿن. تنهن ڪري بنا تردد اسان بہ وامق- عذرا ۽ ليليٰ- مجنون جو کيل شروع ڪيو، جنهن ڪري صحبت ۾ چهرائي ۽ گفتگو ۾ سلوٽائي داخل ٿيڻ لڳي. دل جا دوڙ ڪڍي، ٻي ٻجي صبح جو، خير سان واپس پنهنجي مڪان تي پهچي، چار پاين تي اچي ليٽاسون. ان کان پوءِ بہ ڪوشش ڪئيسون، پر هنن جي عدم فرصتيءَ ۽ منهنجي وقت جي تنگيءَ موقعو نہ ڏنو جو وري بہ حظِ صحبت اُٺايو وڃي.

تاريخ 18- جون 1939ع، آچر ڏينهن، مسٽر عبدالرحمان پنهنجي پُر فضا ۽ دلربا مڪان تي، جو پير عليءَ جي ٻيٽاريءَ جي سامهون، سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي، شام جو مدعو ڪيو. مسز حميد، مسز قزلباش ۽ هڪ جرمن ليڊي ’آنٽي‘ بہ آيل هيون. بنگلي جي ايوان ۾، سمنڊ جي ڪناري تي هڪ وڏو تلاءُ (Swiming Pool) ٺهيل آهي. ان جي ڪناري تي هڪ وڏو ورانڊو اڏيل آهي، جنهن ۾ نيٽ جي ڪرسين ۽ ڪوچن جون قطارون باترتيب پيل آهن. جوانن کي ترڻ جو شوق جاڳيو ۽ ليڊين کي مردن جي برهنگيءَ جي تماشي ڏسڻ جو اشتياق دامنگير ٿيو. مون کي بہ جسنِ لطيف جي اصرار تي پنهنجي لاغر جسم جي ٍ ٍائش ڪرڻي پيئي. ترڻ ۾ البت تحسين ۽ تبريڪ حاصل ٿيم.

رات جو ميٽرو سئنيما ۾ وياسون، جا هندستان ۾ هڪ محل جي مثال آهي.

19- تاريخ شام جو، مسٽر عبدالرحمان نوازش فرمائي وري ٻـ ڊنر جي دعوت ڏني. شام جو هو آيو، ۽ پنهنجيءَ موٽر ۾ کڻي، وارڊن روڊ طرف وٺي ويو. آهستي آهستي هڪ معمولي مڪان جي چوٿيءَ تي چڙهي وياسون. اليڪٽرڪ گهنٽيءَ جي آواز تي درڪشائي ٿي ۽ دروازي کلڻ سان هڪ ماهه وش، حور سرشت، پري پيڪر جو لقاءُ بجليءَ جي چمڪ جيئن اکين کي ڏنڊلائڻ لڳو:

"سـروقد، شمشـاد قـامت، نيئـڻ نرگـس نوڪـدار،
سڀ کان سهڻو، سرس صاحب، سونهن پريو سرور ڏنم."

جو مصداق نظر آيو. سفيد رنگ تي سياهه لباس، ڪڪرن جي ڪارونيار ۾ چنڊ جي نظاري جو سمان اکين اڳيان پيش ڪيو. هن جا ڪاريهر ڪاڪل، ڪمندن جيئن ور ورن ۾ وجهي، پيچ در پيچ ڪلهن تي ڪريل نظر آيا. ايوننگ پاجامو ۽ تنگ سلڪي فراڪ سندس بناوت کي فطرت کان زياده حسن ۽ نزاڪت بخشي رهيا هئا.

نهايت خوش پيشانيءَ ۽ تبسم خيز لهجي ۾ اسان جي مرحبا ٿي. مڪان ڇوٽو سو نظر آيو، مگر ان جي صفائي، آراستگي ۽ پيراستگي، باوجود سادگيءَ ۽ قناعت شعاريءَ جي، جاءِ جي رونق کي دوبالا ڪري رهي هئي. منهنجو تعارف مسٽر عبدالرحمان نهايت مبالغي آميز الفاظن ۾ ڪرايو. آءُ خود انهن لفظن کان شرمندگي محسوس ڪري رهيو هوس، جو منهنجي لياقت ۽ حيثيت جي مون کي پوري خبر آهي ۽ ٻي شايد توهان کي. بهرحال، احوال پرسيءَ بعد مون ان ماهه وش کان سندس تعريف جي التجا ڪئي، جا مختصر طور هنن لفظن ۾ ادا ٿي:

"هڪ آواره سر، پريشان دل، سراسيمه، وارفته عورت، جنهن جي رڳن ۾ والد جي طرفان ٽيونس (آفريڪا) جي عرب شيخ جو خون ۽ والده جي طرفان هڪ فرانسيسي ڄ گيردار جي ڌيءَ جو خون اختلاط ٿيل آهي. پئرس يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽ، ۽ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس جي ڊپلوما حاصل ڪيل آهيان. هندستان جي سرزمين جي سير جو شوق اُنن ورهين جي عمر ڪان اسڪول ۾ پڙهندي دامنگير ٿيم، جنهن لنڊن وڃي انگريزي سکڻ تي مجبور ڪيم. فلاسافيءَ ۽ ايٿڪس (اخلاقيات) سان خاص دلچسپي اٿم. البت

سرزمين هند ۾ ڪن وڏن آسرن ۽ اميدن جي ترهي تي تري اچي نڪتس. پر ساحلِ مراد تي پهچڻ کان اڳ، ناخدا جي بيوفائيءَ ۽ ڪج ادائيءَ جو شڪار ٿي، غم و الم ۾ مبتلا ٿي ويئي آهيان. دورانِ حياتيءَ ۾ ٻه دفعا دل کي فطرت جي تقاضا موجب دامِ محبت ۾ اڙايم- هڪ دفعي هنگرين سان، ۽ ٻيو دفعو هندستانيءَ سان. بدقسمتيءَ سان ٻئي دام تزوير نڪتا ۽ نه دلپذير. جيئن منهنجون اميدون هيون. هندستاني منظور نظر دلاسو ڏيئي، هندستان گهرائي، پاڻ پنهنجو دامن پيءُ جي مجبوريءَ تي ٻيءَ سان اٽڪائي، مون کي فرقتِ جاوداني ۽ داغِ حسرت ڏيئي، پنهنجن بنگلن ۾ عيش عشرت ۾ مستغرق آهي، ۽ آءٌ هتي ياس و الم ۾ حياتيءَ جون گهڙيون ڳڻتيءَ ۽ ڳاري ۾ گهاري رهي آهيان. منهنجي بيوسيءَ ۽ ڪسمپرسيءَ جي حالت کي ڏسي، هڪ 60 سالن جي عمر رسيده بئرسٽر، مسٽر مرزا، مون کي پنهنجي سايہ عاطفت ۾ رکيو آهي. گاهي گاهي مسٽر عبدالرحمان جهڙو رقيق دل مهربان، شفقت رسان انسان ملي وڃي ٿو، ته ان سان روح رهاڻ ڪري، دل جي المن کي ٿڌو ڪريان ٿي، ورنه پنهنجي ڪتابن سان ورونهن ۽ وندر ۾ وقت گذاريان ٿي.“

انهيءَ بيان ٻڌڻ بعد منهنجو سڄو جسم ڪاندارجڻ لڳو. انسانذات جي سخت دليءَ، قهر ۽ رمز تي تصوير اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. هن ماهہ وش جي چشم آلودگي ڏسي، رحم جي رڳن کي وڏيڪ جنبش اچي لڳي. بهرحال، دل جوئيءَ واسطي مون جوتشيءَ جو مِنهن ڪري دلاسو ڏنس ته تون ضرور ڪنهن وقت ڪنهن راجا يا وڏي ماڻهوءَ جي محلن ۾ موجود ڪندينءَ:

دورِ گردون گر دو روزي بر مرادِ ما نگشت،
دائما يکسان نباشد کارِ دوران غم مخور.

افسوس جو پارسيءَ ۾ درڪ نه اٿس. جيتوڻيڪ عربيءَ ۾ ماهر آهي. پئرس جي پرورده ۽ مغرب جي پيدائش هئڻ ڪري، وقت شناسي ته ڪو هنن کان سکي. پنهنجا غم ۽ غصا في الحال فراموش ڪري، سنهن چپن تي لالائيءَ سان گڏ مرڪ آڻي، اسان جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويئي. ڇڻ ته خوشيءَ جي سيج کان هن هڪ قدم ٻاهر نه رکيو هو. يڪدم ڊنر جو انتظام ٿي ويو. طعام جي تناول ڪرڻ کان فارغ ٿي، وري به ڊرائنگ- روم ۾ فرش تي گاديون وڇائي، ٽيئي دوش بدوش ٿي، حياتيءَ جي دقيق نُڪتن ۽ خلقتِ انسان جي

عميق مسئلن تي گفتگو ڪرڻ لڳاسين. سندس خيال ۾، دل جي خوشي ۽ اطمينان حاصل ڪرڻ جو اصل (Ideal) هن حياتيءَ جو لب لباب آهي ۽ انهيءَ اصول کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه ڪثر باقي نه ڇڏجي، چاهي انسان جي جسم خاڪيءَ کي قربان ڇونه ڪرڻو پوي. هن جي نظر ۾ سڀ بندشون انهيءَ اصول يا آئيڊئل جي حاصل ڪرڻ جي آڏو، مصنوعي ۽ انسان جون بنايل آهن. تنهن ڪري آئيڊئلسٽ (Idealist) کي انهن جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي. جماعت جي دستورن ۽ رواجن کي مسمار ڪري به، منزلِ مقصود تائين پهچڻ گهرجي. نه ته زندگيءَ جو جوهر ۽ حياتيءَ جو مقصد هڪ کيل ۽ تماشو تي پوندو ۽ پوءِ جانور ۽ انسان جي وچ ۾ اشرف المخلوقات جي مسئلي تي بحث ڪرڻ فضول تي پوندو. انهيءَ تي مون هن کان هڪ سوال پڇيو ته "انتهائي ۽ دائمي خوشي ۽ اطمينانِ قلب ڪيئن حاصل ڪري سگهن ٿا. ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ بعد انسان ڇا ڪري سگهي ٿو، ۽ ان کي ڪهڙو فائدو رسي ٿو؟" جواب ۾ چيائين "دائمي خوشي هڪ اڻڏٺل، وهم ۽ گمان کان مٿي، حقيقتِ اشياءَ ۽ راز هاي حيات جو معلوم ڪرڻ آهي، جنهن جي جستجو ۽ ڳولا ۾ هزارن ورهين کان درويش، فيلسوف ۽ اهلِ دل ماڻهو پئي رهيا آهن. ڪي انهيءَ راهه ۾ هلندي گذر ڪري ويا، ڪن کي انهيءَ آئيڊئل جي جهلڪ محو حيرت بنائي ڇڏيو. مغرب کي ڊونديءَ، مشرق طرف مون کي اهو اشتياق ڇڪي آيو آهي. آءٌ صرف هيترو چئي سگهان ٿي ته ان سڻاٽي سفر ۾ هڪ همخيال، هم نفس، باڪمال، باوفا، بيغرض ۽ سچي دوست جو ساٿ هجڻ، تسڪين جو سبب ۽ سهارو ٿئي ٿو. پوءِ 'دو دل يڪ شوند، بشڪنند ڪوه را' وانگر، انسان جي دسترس لامحدود ٿي پوندي. هن کي پارس هٿ اچي ويندو، جنهن جي لڳائڻ سان خاڪ به ڪيميا ٿي سون ٿي پوندي. ڪين اطمينان قلب حاصل ٿيڻ بعد، نه رڳو پاڻ مستفيد ٿيندا، پر آسپاس کي به رڱي سگهندا. انسان جيستائين آئيڊئل کي هٿ نه ڪيو آهي، ان وقت تائين آئيڊئلسٽ پيو سڏبو. يا، ٻين لفظن ۾، جيستائين ڪيميا جي ڳولا پيو ڪندو، ان وقت تائين ڪيمياگر پيو سڏبو. پر انهن ٻنهي حالتن ۾، نه ڪين ذاتي فائدو پهچندو ۽ نه ڪنهن ٻني بشر کي."

پيو نُڪتو جو بيان ڪيائين، سو اهو ته اڪثر ماڻهو جسم ۽ ان سان تعلق رکندڙ شين کي وڌيڪ پيارو رکندا آهن ۽ انهن جي خوشيءَ کي حقيقي

خوشي سمجهندا آهن. دنياوي جاهہ ۽ جلال، مال ۽ منال جو تعلق جسم سان آهي. آئڊئل جو تعلق روح سان آهي، تنهن ڪري آئڊئلسٽ، فطرت جي پابندي ڪندي، دائمي خوشيءَ جو متلاشي آهي ۽ مٽيريلسٽ (Materialist) جسم جي رضامنديءَ خاطر، عارضي خوشيءَ تي راضي ٿي وڃي."

ان تي مسٽر عبدالرحمان مذاق طور چيس تہ "جي جسم کي تو وٽ فوقيت نہ آهي، تہ توکي تنهنجي جسم جي ڪنهن بہ عضوي جي حفاظت جي پرواهہ نہ هوندي." چيائين تہ "برابر، مون کي ڪابہ عضون جي پرواهہ نہ آهي، جي گوشت ۽ پوست سان تعلق رکن ٿا، پر جيستائين انهن جو روح جي پاڪيزگيءَ سان تعلق آهي، تيستائين انهن جي حفاظت مون لاءِ لازمي ٿئي ٿي. مثلاً بوسي يا معصوم طريقي جي همڪنارگي مٿئين قانون کان مستثنيٰ ٿي سگهي ٿي، ليڪن جسمي خواهشن کي ايتريقدر وڌڻ نہ ڏبو جو بنيادي شيءِ، يعني روحاني خوشيءَ جي جستجو وسري وڃي."

بهرحال، انهيءَ نوع ۽ انهيءَ طرز جي گفتگو ڪرڻ ۾، اهڙي بلند حوصلگيءَ ۽ فلسفہ حيات جي باريڪ نُڪتن جي اپٽار بعد، بي اختيار اوهان جو نالو پيش ڪيم تہ 'منهنجو هڪ عزيز انهيءَ راهہ جي رهنمائيءَ بابت ڪجهہ خبر ڏيئي سگهندو، باقي اسان انسانن جي اتي پهچ نہ آهي.' پاڻ اوهان سان تبادلہ خيالات جو اشتياق ڏيکاريائين. خير، نيٺ اسان پهچايو، آئيندي مالڪ پاڻ آهيو.

ٻي بجي رات تائين گفتگو ڪرڻ بعد، جڏهن مسٽر عبدالرحمان تي غنودگي ڇانئجي ويئي، جو اهڙا دقيق مسئلا شايد هن جي دلچسپيءَ جو باعث ڪونہ هئا، اڌ رات مهل گهر پهتاسين.

ٻئي ۽ ٽئي ڏينهن ڪا خاص قابل ذڪر ڳالهہ ڪانہ ٿي. پر آخرين شام جو 21- جون، 6 بجي مهل ڪيس ٽيليفون ڪيم، ۽ يڪدم ملاقات جي اشتياق جو اظهار ڪيائين، جنهن ڪري ٻيا ڪم فراموش ڪري، بروقت سندس دولتخاني تي پهتس. سندس حسنِ ماهتاب اڳينءَ رات کان وڌيڪ جلوه افروز ڏسڻ ۾ آيو. زلفن جي پيچن ۾ زياده پيچيدگي ۽ سراسيمگي ڏسڻ ۾ آئي، پر ماهہ وش جي منهن ۾ سرهائيءَ ۽ سرخيءَ جي رونق بکڻ لڳي. چانهہ جو انتظام ٿيل هو، جا گڏجي نوش جان ڪئيسون. وري سلسلہ گفتگو شروع

ڪيوسون. اهو بہ ڪلاڪ کن هليو، جنهن ۾ پنهنجي پيدائش ۽ خاندان، تعليم ۽ تربيت، سفر ۽ حضر، عشق ۽ عاشقي، پريشانيءَ ۽ حيرانيءَ جو ذڪر ڪيائين. ڪنهن فلسفيانہ نُڪتي جي اُپٽار جو موقعو هٿ نہ آيو. جو ڊاڪٽر حميد صاحب هڪ وڏيءَ ڊنر جو انتظار ڪيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين، جامعہ مليہ دهليءَ وارو ۽ سيد عبدالله بريلوي بہ حاضر هئا.

سادي اٺين بجي ڊنر- ٽيبل تي ۽ سادي نوين بجي اسٽيشن تي رسيس. گاڏيءَ ۾ سر غلام حسين سان گڏ سوار ٿي، 23- تاريخ طوفان ۽ گهمسان اُٿائي، حيدرآباد پهتس. خط شروع بمبئيءَ ۾ ڪيو هوم، ۽ پورو حيدرآباد ۾ ڪيو اٿم.

رستي ۾ 'خانم طريقيءَ' جي صورت، گفتگو ۽ خيالات مون سان حامي هئا. جن سان روح ريجهائي، هتي سنڌ جي صحرا ۾ پهتو آهيان، ۽ ماڻهن سان روز شب بيسود ۽ واهيات ڪمن ۾ مصروف ٿي، روح جي رهاڻين کي مدفون ڪري ڇڏيو اٿم- جيستائين 14- جولاءِ سملي وڃان، يا 20- آگسٽ وري بمبئيءَ وڃي سلسلي جنباني ڪريان.

خانم صاحبہ کي هتان خط لکيو اٿم. ان جو نقل شامل ڪريان ٿو. پڙهي اوهين مطالعو ڪريو. جو جواب ايندو، اهو بہ موڪليندس تہ ٻن طرفين جي خيالات جي آگاهي رهي- متان ڪڏهن جج ٿي، اوهان کي فيصلو بہ ڪرڻو پوي.

نوازش روءِ، هيءَ خط مخفي رکجو، متان سڀ ڪنهن کي ڏيکاريو. اهلِ دل دنيا ۾ ٿورا آهن. بدگمان ۽ حاسدن جو شمار ئي ڪونہ آهي.

پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا. آءٌ 29- جون کان 1- جولاءِ تائين ڪراچيءَ هوندس ۽ 2- جولاءِ تي موٽي حيدرآباد ايندس.

(3)

(خانم طريقيءَ ڏانهن موڪليل خط جو نقل)

حيدرآباد

25- جون 1939ع

پياري طريقي خانم!

توکان موڪلائي، تنهنجي نهايت عجب زندگيءَ جو حال ٻڌي، مون کي رات جو ننڊ ڪانہ آئي. تنهنجيءَ موجوده حالت، تنهنجي ذهني زرخيزيءَ، طريقہ زندگي ۽ اخلاقي بلنديءَ تي گاڏيءَ ۾ بستري تي ليٽي غور ڪندو رهيس. تو مون کي

گفتگوءِ ۾ ٻڌايو هو تہ تون ڪا غير معمولي لياقتن جي عورت ڪانہ آهين. پر پنهنجي تجربي جي بناءَ تي آءٌ ان راءِ تي پهتو آهيان تہ تو جهڙي عورت مون ڪا ڪانہ ڏٺي آهي. تنهنجي گذريل دفعي جي گفتگو ۽ اڄ شام واريءَ ملاقات منهنجي دل تي گهڻو اثر ڪيو آهي. زندگيءَ لاءِ، تنهنجي ذڪر ڪيل منزلِ مقصود نهايت اعليٰ هئي، پر منهنجي نظر ۾ موجوده دنيا جي مادي ماحول اندر عمل ۾ اچڻ جهڙي نظر نٿي اچي. باوجود ان جي، تنهنجو آئڊئلزم جن اعليٰ بنيادن تي بيٺل هو، سو توکي غير معمولي ۾ يگانہ روزگار بنائي ٿو ڇڏي. مون کي يقين آهي تہ هن فلڪ ناهنجار جيڪڏهن تنهنجو حمايتي تي توکي ڪنهن اهڙي ٿي غير معمولي، آئڊئل ماڻهوءَ جو سات ڏياريو تہ تون سوسائٽيءَ جي اقتصادي، اخلاقي ۽ ڪلچرل ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ وڏي خدمت ڪري سگهندينءَ. آءٌ چئي نٿو سگهان تہ اهو ڪهڙو خوش قسمت انسان هوندو جو تنهنجي معياري ترازو ۾ تُري نڪرندو، پر جيڪو بہ ان ڪسوٽيءَ تي پاس ٿيندو، سو بہ نهايت اعليٰ انسان هوندو. اوهان جي شموليت، خلقِ خدا جي ڀلي جو باعث بڻبي. مون کي وڌيڪ اها ڳالهہ معلوم ڪرڻ جو شوق آهي تہ بمبئيءَ جي مادي ۽ چوڻ-چوڻ مربي واري ماحول ڪان تون ڪيتريقدر مطمئن آهين. هن طرف جا ماڻهو سادا ۽ سٻاجهڙا آهن. ملڪ بہ فطري سادگيءَ ڪي ويجهو آهي. جيڪڏهن تنهنجي سيمابي طبيعت توکي هندستان جي ٻين حصن جي ڏسڻ جو شوق پيدا ڪرائي ۽ هن طرف بہ اچڻ جو ارادو ڪرين، تہ مون کي اڱوات اطلاع ڪج. پر جيڪڏهن باوجود بمبئيءَ جي شهري ۽ مادي ماحول جي، جنهن جو تو مون سان اظهار ڪيو هو، اتان ٻاهر نڪري نٿي سگهين، تہ پوءِ جتي هجين اُتي شل خوش هجين!

رات گهڻي گذري چڪي آهي، آرام ڪريان ٿو. جواب موڪليندينءَ تہ مهرباني ڄاڻندس.

(4)

حيدرآباد

3- جولاءِ 1939ع

هڪ خط بمبئيءَ جي احوال بابت رجسٽر ڪري موڪليو اٿم. جواب ڪونہ موڪليو اٿوَ. مهرباني ڪري اطلاع موڪليندا تہ پهتو يا نہ. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(5)

سملا

21- جولاءِ 1939ع

اوهان سان واعدو ڪيو هوم تہ سملي پهچڻ بعد سفر جو احوال لکندس. اڄ پوين ڏينهن آهي، تنهن ڪري انجام موجب سفر جي سر گذشت بابت هيءُ خط موڪليان ٿو.

14- تاريخ لاهور ميل ۾ روانا ٿياسين. منهنجي ڊپٽي اسپيڪر صاحبہ، مس جيٺي سپاهيملاڻي بہ ساڻ هئي. پنجاب جي رستي، واريءَ مٽيءَ ۽ گرميءَ مان گذري، 6 بجي شام جو لاهور جي اسٽيشن تي وارد ٿياسون. سر حاجي عبدالله هارون ۽ راشدي صاحب بہ اسان سان همسفر هئا. سي بہ لاهور لٿا. مس سپاهيملاڻيءَ لاءِ سندس ڪي عزيز ۽ عزيزياڻيون اسٽيشن تي آيل هئا. "ٽريبون" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر بہ اسٽيشن تي موجود هو، جنهن صاحب اسان جو گروپ فوٽو، ۽ منهنجو ۽ ڊپٽي اسپيڪر صاحبہ جو گڏ فوٽو ڪڍيو، جو ٻن ڏينهن بعد "ٽريبون" ۽ "هندستان ٽائيمس" ڇاپيو ويو. جنهن ڪري ڪيترن ئي دوستن کي اسان جي سملي ڏانهن وڃڻ جو پتو پئجي ويو. منهنجي ونڻ لاءِ لاهور اسٽيشن تي چوڌري محمد سليم صاحب موجود هو، جو گهر وٺي ويو. ٽي ڪلاڪ فرجو مليو. جنهن ۾ جهانگير جو مقبرو ۽ نورجهان جي مزار ڏسي، پوءِ اورنگزيب جي نهرايل شاهي مسجد جو معائنو ڪري، جاءِ تي آياسون. جتان ماني کائي، ساڍي نوين بجي رات جو، سملي ميل ۾ سوار ٿي، ڪالڪا پهتاسون. جتان ننڍڙي پٽڙي واري گاڏيءَ ۾ چڙهي، ساڍي ٻارهين بجي منجهند جو سملي پهتاسون.

آءٌ گورنمينٽ آف انڊيا جي نگرانيءَ هيٺ هلندڙ "لانگ ووڊ" هوٽل ۾ اچي رهيس ۽ مس سپاهيملاڻي "ينگ وومينس ڪرسچن ائسوسئيشن" ۾ وڃي رهي.

ٻئي ڏينهن آنربل سر ظفر الله خان منهنجي دعوت ڪئي، جتي مسلمانن جي موجوده پست حالت ۽ مستقبل جي ملڪي نظام جي مسئلن تي گفتگو ٿي. رات جو آنربل خانبهادر عزيزالحق اسپيڪر بنگال اسيمبلي، خواجہ تميز الدين وزير زراعت بنگال، ۽ حميد الحق ڊپٽي پريزيڊنٽ بنگال ڪائونسل، جو ملنسار نوجوان آهي، انهن سان ملاقات ٿي ء حال احوال ڪيا ويا.

18- تاريخ 11 بجي مهل، هز ايڪسيلنسي لارڊ لنلٿگو، وائسراءِ هندستان

سان سندس محلسراءِ ۾ ملاقات ٿي. وائسراءِ جنهن کي عام طور "گريٽ مغل" چوندا آهن، سو هڪ تمام محفوظ ڪوٺيءَ ۾. محل جي هيٺي طبقي تي ويٺل هو. پهريائين دروازي تي چوبدارن ۽ هڪ اي. ڊي. سيءَ، استقبال ڪيو. تنهن بعد اسسٽنٽ ملٽري سيڪريٽريءَ جي آفيس ۾ ويهاريو ويو، جتي وائسراءِ جي هائوس- هولڊ آفيسرن سان تعارف ڪرايو ويو. هڪ ليڊي صاحبہ سان به ملاقات ٿي. ان بعد ورانڊي مان ڦيرائي، مختلف ڪوٺين مان گهمائي، هيٺي طبقي تي، وري هيٺي ڊرائنگ- روم ۾ ترسايو ويو. ورانڊي ۽ رومن ۾ وڏيءَ ٻر سان عمدا عمدا غاليچا پيل هئا. هرهڪ روم جو رنگ، فرنيچر ۽ سجاوٽ مختلف: ڪن ۾ پراڻن مفتوح بادشاهن جا هٿيار پٽين تي ٽنگيل هئا. آخر گهنٽي وڳي. هڪ دروازي مان اندر داخل ٿياسون ته ڏهن- ٻارهن فوٽن تي وري بيو ڳجهو دروازو نظر آيو. ان تي اي. ڊي. سيءَ هٿ هنيو ۽ اندران "ڪم اِن" جو آواز آيو. اندر داخل ٿيڻ سان منهنجو نالو پڪاريو ويو. وائسراءِ صاحب، مهرباني ڪري، اڳي ئي ڪرسي ڇڏي، دروازي جي قريب مون کي ملڻ آيو. ملاقات ۾ ڏهن منٽن کان وڌيڪ دير ٿي هئي، تنهن ڪري اظهار افسوس ڪيائين. آخر ملاقات ۾ گفتگو ٿي. سنڌ کان وٺي بين الاقوامي معاملن تي ذڪر ٿيندو رهيو. تفصيل روبرو ٻڌائيندس. بهرحال، وائسراءِ صاحب نهايت خليق، ڪهنو تجربيڪار، گفتگو جو سنجيدو ۽ قابل نظر آيو. هڪ قوي هيڪل هستي آهي. جن تي ڪاوڙيو هوندو، اهي ڪيس بلاءِ بي درمان سمجهندا هوندا ته عجب ڪونهي- خصوصاً راجائون ۽ نواب، جن سان هن جي فيڊريشن تي گفتگو ٿي رهي آهي. خير، اڌ ڪلاڪ ملاقات بعد موٽي آيس.

اڍائي بجي وري ڪانفرنس شروع ٿي. ان ۾ پنجاب کان سواءِ ٻيا سڀ نمائندا آيل هئا. سر عبدالرحيم، پريزيڊنٽ هند اسيمبلي، ڪانفرنس جو صدر هو. پوڙهو آهي، پر تمام آزمودگار ۽ قابل هستي آهي. قابل قدر هستيون، مردن مان خانبهادر عزيز الحق (بنگال اسيمبليءَ جو اسپيڪر)، مسز سميا مورتي (مدراس)، مسٽر سيتارام (يو- پي) ۽ مسٽر نقي امام (ڊپٽي پريزيڊنٽ) آهن، جن ڪارروائيءَ ۾ گهڻو حصو ورتو. مون به چڱو ڀهرو ورتو. زالن ۾ مسز اعجاز الرسول ڊپٽي پريزيڊنٽ، يو. پي. ڪائونسل، خاص قابل ذڪر ۽ قابل تعريف آهي. هر نقطہ نظر سان- قابليت، ذهانت، فصاحت،

نزاڪت، سجاوٽ، مطلب تہ هر صفت سان موصوف هئي. قدرتا، سندس ياءُ نواب خورشيد علي خان جو اڳي ئي مون سان دوستيءَ جو رشتو هو، جا ڳالهہ پوءِ معلوم ٿيم ۽ ڪيس بہ معلوم ٿي، جنهن ڪري آسانيءَ جو رستو ٿي ويو ۽ لکنو اچڻ جي دعوت ملي. ٻي قابل ذڪر مسز رحمان، اوڙيسا جي ڊپٽي پريزيڊنٽ هئي، جا پڻ نهايت قابل عورت نظر آئي. البت ٿوري عمر ۾ چڙهيل آهي، پر مسجد ڍهڻ بعد بہ محراب بيٺل آهي. ٽي مسڪز ڪالي، ۽ چوٿين اسان جي ڊپٽي اسپيڪر صاحبہ، جن کي هڪ لسٽ ۾ داخل ڪبو. مسز لڪشمي بائي مدراس تہ انڊوڪار هئي، جيتوڻيڪ قابل ڏسجي ٿي. بهرحال، ڪانفرنس ۾ مختلف موضوعن تي بحث ٿيندو رهيو، خصوصاً ميمبرن جي حقن جي بل تي، جو بنگال اسيمبليءَ ۾ پيش ٿي چڪو آهي.

19- تاريخ سر عبدالرحيم سيني کي پارٽي ڏني، جتي مختلف مرد ۽ عورتون آيل هيون. قابل ذڪر سر عبدالرحيم جي ڏهٽي ۽ هڪ يورپين ليڊي، ۽ ٻيون ڪيتريون عورتون هيون، جن سان دور کان سلام ٿيو. پر گفتگو ڪانہ ٿي. اتي سر جگديش پرشاد، ميمبر وائسراءِ جي ڪائونسل، ۽ سر سڪندر حيات سان بہ ملاقات جو وجهہ مليو. مسٽر اعجاز الرسول سان بہ سندس بيگم صاحبہ ملاقات ڪرائي. ان بعد، ساڍي ستين بجي فارغ ٿي، مال روڊ تي سير ڪيم.

20- تاريخ ڪانفرنس ختم ٿي. سيني ڊيليگيشن فوٽو ڪڍايو. شام جو مسٽر ممتاز حسن، جو اسان وٽ آڊٽ ڊپارٽمينٽ ۾ هو، تنهن منهنجي پارٽي ڪئي. گهڻا پنجاب جا سربر آوردا ماڻهو گهرايا هئائين، جن ۾ سندس والد صاحب ۽ مسٽر حسني سيڪريٽري "پنجاب يونينسٽ پارٽي" قابل ذڪر آهن. هي پڪا مسلمان ۽ مسلمانن جي ترقيءَ لاءِ ڪوشان نظر آيا تعليمِ نسوان جا دلدادا هئا. رات گهمڻ ۾ گذري.

اڄ سر ظفر الله خان سان آخرين ملاقات ۽ سر سڪندر حيات خان سان چوٿي ملاقات سملي ۾ ٿيندي. ٻنپهرن جو مسٽر عبدالمجيد، ڊپٽي سيڪريٽري، ليگل ڊپارٽمينٽ، جي دعوت ڪن اسپيڪرن کي آهي، ۽ شام جو مسٽر لڪاني، فائر برگيڊ آفيسر، منهنجي پارٽي ڪئي آهي.

برسات ۽ ڪوهيڙو سخت پوي پيو. اڄ 6 بجي، موٽر- ريل ۾ سوار ٿي، ڪالڪا پهچندس. سياٽي لاهور ويندس. سر عبدالله هارون ۽ راشدي صاحب

ڪالهہ لاهور ويا آهن، جتي، وجي ساڻن ملندس. آءٌ شايد ڪشمير جي سير تي وڃان تہ عجب ڪونہ آهي. سملو تمام ٿڌو آهي، جنهن ڪري دل وڌيڪ رهڻ نٿي چاهي. وڌيڪ احوال ڪشمير ۽ لاهور جو، ٻئي ڪاغذ ۾ لکندس.

(6)

سرينگر، ڪشمير

2- آگسٽ 1939ع

هڪ خط سملي مان لکيو هوم، اميد تہ پهتو هوندو. ان ڪان پوءِ لاهور آيس، جتي محمد صديق ميمڻ کي گهرايو هوم تہ "انجمن حمايت اسلام" لاهور جي انتظام جو معائنو ڪيو وڃي، جو اسان کي بہ "مسلم ادبي سوسائٽي" جي زير سهاري هڪ گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ جاري ڪرڻ جو ارادو آهي. لاهور ۾ تمام گهڻن دلچسپ ماڻهن سان ملاقات ٿي. خصوصاً مسٽر علي محمد جعفري، رٽائرڊ پرنسپال اسلاميہ ڪاليج، حڪيم احمد شجاع صاحب، ڊپٽي سيڪريٽري پنجاب اسيمبلي ۽ نواب شاهنواز خان ممدوٽ سان بہ ملاقات ٿي، جتي علامہ راشدي (علي محمد) بہ ڦڻ ڪڍيو ويٺو هو. مٿيان ماڻهو نهايت دلچسپ هئا. هنن جي مذهبي توڻي سياسي معلومات بلڪل وسيع هئي. مسلمانن جي ترقيءَ لاءِ هرهڪ پنجاب جو باشندو تڙپندو ڏٺم. پنجاب جي منسٽريءَ گهڻو ڪجهہ مسلمانن جي ترقيءَ لاءِ ڪيو آهي. سر سڪندر حيات سان سملي ۾ مليس. ان جا خيالات بہ بلڪل ساڳئي نموني جا هئا. راشدي صاحب واعدو ڪيو هو تہ ڪشمير گڏجي هلنداسون، تنهن ڪري دل تہ ٿي هڪ دفعو وري بهشت برين جو سير ڪجي، پر هو صاحب لاهور اچي ڦري ويو، سو اسين بہ ڇڙا راهي ٿياسون. لاهور ۾ راشدي صاحب جي اثر جو غوغا ٻُڌل هو، پر ثابت ٻيءَ طرح ٿيو. البت شبِ تاريڪ ۾ هڪ دفعي روشنيءَ جو تروررو ڏيکاريائين. محمد زمان شاهہ جي شاديءَ تي آيل ماڻهو لاهور ۾ نہ هئا، تہ خط صحبت ۽ لطفِ انشباط اُنائجي ها.

خير، 24- تاريخ مسٽر ميمڻ ۽ آءٌ ڪشمير روانا ٿياسون. جمون رستي، رات بٽوٽ ۾ رهي پياسون، جو هڪ پُرفضا ۽ دلڪشا منظر جو مڪان آهي. رستي تي بنهال جي وادي ۽ پير پنجال جي 9 هزار فوٽ اُتانهين، قابلِ ديد جايون

هيون- چڙ آسمان جي ستارن سان ڳالهيون ٿي ڪيونسون. بهرحال 3 بجي ڏاري ويريناگ پهتاسون، جو اوهان جو ڏٺل هوندو، جتان جهلم (نديءَ) جي شروعات هڪ چشمي مان ٿئي ٿي. ان چشمي جي چوڌاري جهانگير جو قلعو محل بيٺو هو. 5 بجي سرينگر پهتاسون. نواب ممدوت جي هائوس- بوٽ ۾ اچي رهياسون. سندس فرزند اسان جو حتي المقدور خير مقدم ڪيو ۽ ماني کارائي.

ٽيو ڏينهن هو سير تي ويو ۽ اسان 26- تاريخ پهلگام وياسون، جا هڪ جان بخش وادي آهي. 27- تاريخ موٽي سرينگر ۾ آياسون.

هتي خط بند ڪريان ٿو. سامان موٽر ۾ رکيو آهي، واپس ڳوٺ ڏانهن، راولپنڊيءَ ذريعي روانا ٿيون ٿا. وڌيڪ احوال بعد ۾ لکندس. 4- آگسٽ تي حيدرآباد پهچنداسون.

(7)

حيدرآباد

16- آڪٽوبر 1939ع

سنڌ مدرسه بورڊ جي چونڊ نئين سر ٿئي ٿي. آءٌ اسيمبلي ميمبرن طرفان اميدوار بيهان ٿو، ووٽ ڏيندا.

# فصل چوٿون

## سال 1940ع

(1)

بهاولپور بنگلو، سڪندرا روڊ، نئين دهلي

21- اپريل 1940ع

آءٌ تاريخ 13- جلنڌر پهتس. اسٽيشن تي وڏي مرحبا ڪئي ويئي. ڪيترا معزز ۽ نوجوان مسلمان ملڻ آيا هئا. آءٌ شيخ غلام حسين، خانبهادر نور نبي خان جي ياءُ وٽ مهمان ٿي رهيس، جو ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ آهي. "مدرست البنات" جي شاگردن ۽ انجمن (حمايت الاسلام) جي ميمبرن طرفان منهنجي چڱي خاطر تواضع ٿي. منهنجي لاءِ اهو پهريون دفعو هو جو مسلمان ڇوڪرين کي عربي تعليم، بدني ورزشن ۽ هنرن ۾ دلچسپي وٺندو ڏٺم. مدرسي جو نمونو جديد هو، ليڪن عربي تعليم تي گهڻو زور ٿي ڏنو ويو. هن اسڪول جون تعليم يافته ڇوڪريون نئين نموني جون هونديون. اهو پنهنجي قسم جو ساري هندستان ۾ هڪ ئي ادارو هو، جتي ملڪ جي هر گوشي مان تعليم لاءِ ڇوڪريون اچن ٿيون. تنهن جي ڏسڻ لائق آهي.

15- تاريخ شام جو موٽي لاهور آيس، ۽ سر شهاب الدين، اسپيڪر پنجاب اسيمبلي جو مهمان ٿي رهيس. راشدي صاحب به مهرباني ڪري دعوت تي گهرايو. هو سندس خانگي ۽ سياسي ڳالهين ۾ سارو وقت مشغول رهيو ٿي. هي توڪان ذرا ناراض هو ته ڇو وزارت ورتي اٿئي؟ باوجود ان جي، ملڪي حالتن کي محسوس ڪندي چيائين ٿي ته ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. ميان عبدالحي، پنجاب جي وزير تعليم به دعوت تي گهرايو، جتي پنجاب جا مکيه ماڻهو مليا، ۽ پنجاب اسيمبليءَ جو به مشاهدو ڪيم.

8- تاريخ دهليءَ پهتو آهيان. بهاولپور جي نواب جي بنگلي ۾ رهان ٿو. خانبهادر نبي بخش، محمد حسين جي دعوت تي. هن جو پٽ احمد حسين، جو تازو آڪسفورڊ مان موٽيو آهي ۽ سندس ٻيا دوست گڏ آهن. سندن صحبت ۾ خوش آهيان. نابينا حڪيم جو علاج پيو ڪريان.

هند سرڪار جو دفتر سملي ڏانهن روانو ٿي ويو آهي. هتي ڪي ٿورا ماڻهو وڃي رهيا آهن، تنهن ڪري دهليءَ جو اهڙو لطف نہ آهي. آبهوا اڃا نيڪ آهي. آءٌ مهيني جي آخر تائين رهڻ گهران ٿو. جي وڌيڪ گرمي ٿي تہ مسوريءَ ويندس. يونيورسٽي ڪميٽيءَ بابت ڇا ڪيئي؟ آءٌ دهلي يونيورسٽيءَ جو ڪاروبار ڏسي رهيو آهيان، عليگڑهہ ڏٺو اٿم. ان بابت وڌيڪ احوال روبرو ڏيئي سگهندس. مهرباني ڪري خبر ڏيندا تہ ڪڏهن سملي ايندا؟

(2)

بهاولپور- هائوس، نئين دهلي

27- اپريل 1940ع

هڪ خط اڳي موڪليو اٿم. ڪالهہ قاضي عابد جي تار پهتي تہ سندس چيف آفيسريءَ ۾ پڪي ٿيڻ جو سوال نازڪ صورت اختيار ڪري رهيو آهي، يڪدم اچي ڪيس مدد ڪريان. مون کي خبر نٿي پوي، تون ڇو هي خسيس ڪم نٿو ڪري سگهين. ان ساريءَ ڳالهہ ۾ مير غلام عليءَ جو هٿ آهي. مير غلام عليءَ (قاضي اڪبر) کي اڳي ئي چئلينج ڏنو هو. مير بنده علي خان، عابد جي خلاف نوٽ لکيو، پر خانبهار الهہ بخش ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن تون مير بنده عليءَ کي درست ڪري نٿو سگهين، تہ بهتر آهي تہ اهڙي وزيريءَ کي ڦٿو ڪري ڇڏ! اهڙيءَ صافگوئيءَ کي معاف ڪج- پر آءٌ مورڳو هاڻ تو مان بہ نا اميد ٿيڻ لڳو آهيان. يا تہ تون پنهنجو اثر پوريءَ طرح نٿو هلائين يا تہ تون بيوس آهين. مهرباني ڪري خبر موڪل تہ انهن پنهي ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهہ سچي آهي. هن ننڍڙيءَ ڳالهہ لاءِ منهنجو دوستن اڳيان ڪنڌ هيٺ نہ ڪرائج. هتي ان ڳالهہ منهنجي دلي سڪون کي ٽوڙي ڇڏيو آهي، جيستوڻيڪ تو مون کي يقين ڏياريو آهي تہ ان بابت مون کي ڪابہ ڳڻتي نہ ڪرڻ گهرجي. هاڻ مهرباني ڪري ڪم پورو ڪري اطلاع ڏيندا. نہ تہ پنهنجو آرام ڦٽائي، لاچار مون کي موٽڻو پوندو.

خانبهادر الهہ بخش ڪالهہ هتي آيو. ڪيس وڏي مرحبا ملي. هي ڪانگريس جي همدردي حاصل ڪري ويندو.

(3)

حيدرآباد

17- مئي، 1940ع

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ قاضي عابد جي پڪي ڪرڻ جي سوال تي مير بنده علي خان اختلافي نوٽ لکي، ڪاغذ گورنر کي موڪليا آهن. مهرباني ڪري حقيقتون معلوم ڪري، مون کي حيدرآباد ۾ فون تي خبر موڪل. سڀاڻي 9 بجي رات جو فون ڪندس، بنگلي تي هُجج. مهرباني ڪري اسان جي اهم سوالن ۾ ڪابہ ڪمزوري نہ ڏيکارج. تون مسٽر نهچلداس ۽ راءِ صاحب گوڪلداس سان بہ ڳالهائج. مير اسان کي هتي ڳالهہ ۾ تنگ ڪري رهيا آهن. عابد جو سوال فيصلہ ڪُن آهي. جيڪڏهن هو ان ۾ اسان کي شڪست ڏين تہ اسين هميشہ لاءِ ختم ٿي وينداسون. اهو سوال انصاف تي مبني آهي، ان ڪري توکي ان ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي.

(4)

حيدرآباد

12- جون 1940ع

مسٽر غلام حسين سومري جي پگهار جو فيصلو ڪونہ ٿيو آهي. ٿيو مهينو ٿيو آهي تہ ڪيس پگهار ڪونہ مليو آهي. مهرباني ڪري، ترت فيصلو ڪرائيندا.

(5)

مائونٽ- ابو

2- جون 1940ع

بمبئيءَ ۾ سر شاهنواز ڀٽي وٽ چار ڏينهن رهيس. بمبئيءَ ۾ انڊين شو روم ڪمپني ڏسڻ ويس، جا جديد طرز تي نهيل هئي. مئنيجنگ ڊائريڪٽر مسٽر مغل کي 17 سالن جو آمريڪا ۾ تجربو آهي. ٻيا صوبا ۽ رياستون بہ شو روم کي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. مهرباني ڪري ان شو روم (Show room) ۾ سنڌ جي هنرن لاءِ بہ ڪجهہ حصو رزرو ڪرائيندا. آءٌ اڄ هتي پهتو آهيان. نواب ٽونڪ جي بنگلي ۾ رهيو آهيان.

(6)

مائونٽ- آبو

27- جون 1940ع

افسوس آهي تہ تو منهنجي ٻن خطن جو جواب ڪونہ موڪليو آهي. آءٌ نٿو سمجهان تہ تنهنجي وزارت جي ڪثير مشغولي تنهنجي سڪوت جو باعث ٿي سگهي ٿي. مون کي ارمان ٿيندو، جيڪڏهن تون خطن جو جواب ترت نہ موڪليندو ڪندين.

سنڌ يونيورسٽي ڪميٽيءَ تي مون کي چيئرمين مقرر ڪرڻ لاءِ شڪريو. مون ڊيپوٽي سيڪريٽريءَ کي لکيو آهي تہ ڪميٽيءَ جي پهرين ميٽنگ 6- آگسٽ تي رکي. آءٌ مائونٽ- ابو پهرين آگسٽ تي ڇڏي، 5- آگسٽ تي ڪراچيءَ پهچندس.

مون کي وڏيڪ خوشي ٿي آهي تہ تو ڊاڪٽر دائود پوٽي کي معاف ڪري ڇڏيو آهي. هي مون کي ڀاءُ وانگر آهي. اسڪول جي ڏينهن کان وٺي دوست رهيا آهيون. توکي شايد خبر هوندي تہ مون کي پڙهائڻ ۾ هن گهڻي دلچسپي ورتي. تنهن ڪري، هن کي پنهنجو ڪري سنڀالج. تون هندو دوستن کي نيڪ ڪري ڇڏ تہ سندس برخلاف پروپئگنڊا بند ڪن.

هتي روزاني بارش پئجي رهي آهي. آبهوا نهايت خوشگوار آهي. آءٌ طبعيت ۾ دن بدن بهتر ٿي رهيو آهيان. روزانو ٽڪرين تي چڙهان ٿو. منهنجو ساٿي، سيد احمد ولي محمد شفي، ٽونڪ جو وڪيل آهي. هو مون سان نهايت گهاٽو ٿي ويو آهي.

(7)

حيدرآباد

16- جولاءِ 1940ع

[نوٽ: محمد صديق ميمڻ، پرنسپال ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد، کي فرسٽ گريڊ ۾ پروموشن ڏيڻ لاءِ سفارش لاءِ لکيل خط، جنهن جو متن ڏنو نہ ويو آهي.]

(8)

حيدرآباد سنڌ

23- جولاءِ، 1940ع

"سنڌ آبزرور" ۾ ڇاڇايل آهي تہ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس پهرين آگسٽ تي سڏايو ويجي ٿو. مون کي بمبئي يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ وڃڻو آهي، ازان سواءِ جرمن ڊاڪٽر ڪان پاڻ تپلسارائڻو اٿم. ان ڪري 27- آگسٽ ڌاري اجلاس سڏائيندا. آءٌ 25- جولاءِ ڪراچيءَ ايندس. اسٽيشن تي موٽر موڪلج.

(9)

حيدرآباد

8- آگسٽ، 1940ع

[نوٽ: انڊين مارڪيٽ شو روم جي مدد لاءِ تاڪيد ڪري ٿو. يونيورسٽيءَ جي يتي ياڙي جي فيصلي لاءِ لکي ٿو. 9- تاريخ يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي لاءِ ڪميٽيءَ جي ٻيءَ ميٽنگ تي اچڻ جو اطلاع ڏئي ٿو.]

"سنڌ لٽرري (ادبي) بورڊ" جو اوهان مقرر ڪيو آهي، ۽ چيو اٿوَ تہ ان جو بہ چيئرمين مون کي مقرر ڪيو اٿوَ. اهو آرڊر اجا ڪونہ پهتو آهي. مهرباني جلد آرڊر ڪيائيندا تہ سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم شروع ڪجي.

(10)

ٽاٽو بولا خان

28- سيپٽمبر، 1940ع

توکي فون ڪري، ٽاٽي بولا خان پهتو آهيان. آءٌ 4- آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ايندس. تون ان وقت ٻاهر گشت ۾ هوندين. وڏيري محمد بخش شوري کي ڪليڪٽر ناحق جيل ۾ وڌو آهي، مهرباني ڪري ان کي آزاد ڪرائيندا. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي پڪي ڪرڻ جو سوال مهرباني ڪري جلد فيصلو ڪرائج. چينمل پرسرام جي درخواست ادبي بورڊ ڏانهن موڪلج تہ اتي فيصلو ڪنداسون.

(11)

ٽاٽو بولا خان

15- آڪٽوبر، 1940ع

بابي جي خط مان معلوم ٿيو ته تون 13- تاريخ حيدرآباد مون لاءِ ملڻ آيو هئين، وري ڪئبنيٽ ميٽنگ لاءِ ڪراچيءَ ويو آهين. اميد ته ڪراچيءَ ۾ جلد موٽڻ لاءِ ڪا خاص ڳالهه نه هوندي. ٽنڊي محمد خان ۾ ڊنل انجام تي اميد ته قائم رهندين.

آئيني جماعتن ۾ رهڻ بعد، خودسري اختيار ڪري، پنهنجي جذبي ۾ اچي، وزارت ڪان جماعت جي اجازت ڪان سواءِ استعيفا ڏيڻ ٺيڪ ڪم نه آهي. مهرباني ڪري خبر موڪلج ته آخري طرح ڇا ڪرڻ گهرين ٿو.

منهنجي صحت ۾ اجا اضافو نه ٿيو آهي. اجا آرام ڪري رهيو آهيان. پير ميان باقر شاهه ۽ پير رسول بخش شاهه سارو وقت ساڻ آهن. ڪتاب پڙهي، ريڊيو ٻڌي رهيو آهيان. خانم ڪان ٻيو خط پهتو اٿم، پر اهو ڪم جي سلسلي ۾ آهي. آءٌ 21- تاريخ، ٻن ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ ايندس.

محمد صديق ميمڻ جي فرسٽ گريڊ ۾ پروموشن جا ڪاغذ تو وٽ آيل آهن، ان جي پارٽ اٿئي. هي تعليم کاتي ۾ هن وقت بهترين ماڻهو آهي.

ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته فنانس کاتي يونيورسٽي- ڪميٽيءَ بابت ڪي رنڊڪون وڌيون آهن. ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري، پروفيسر واسواڻيءَ کي گهرائي، احوال پڇي، انهن رنڊڪن کي دور ڪندا.

(12)

ٽاٽو بولا خان

27 آڪٽوبر، 1940ع

ڪالهه ڪراچيءَ مان موٽي آيس. ماسترن ۽ شاگردن کي اطلاع ڪيم ته تون 11، 12، 13- نومبر تي ٽاٽي ايندين. توکي هتي رهڻ وقت سري، ڪلو ڪوهر، ڪرڇات، واهي عارب ٽاٽو احمد خان ڏسڻا پوندا. انهن سيني جاين تي اسڪول آهن. جيڪڏهن طريقي خانم کي هتي آڻڻ نه گهرين ۽ ان کي ڪراچيءَ ۾ ڇڏي اچين، ته اهڙو اطلاع ڪجي. آءٌ وڌيڪ خوش ٿيندس، جيڪڏهن خانم هتي ايندي.

مون کي معلوم ٿيو آهي ته نومبر جي آخر ڌاري اسيمبليءَ جو اجلاس ٿيڻ

وارو آهي. اها ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي؟

سن عيد لاءِ ڪڏهن ويندين؟ آءٌ 31- تاريخ حيدرآباد وڃان ٿو، 6- نومبر واپس ايندس. مهرباني ڪري دائود پوٽي جي ڪاغذن جو جلد نيڪال ڪري ڇڏ. خط جو جواب هن ماڻهوءَ هٿ موڪلج.

## (13)

ٽاڻو بولا خان

8- نومبر، 1940ع

آءٌ منهنجي پٽ قبول محمد شاهه سان هتي پهچي ويو آهيان. اسان تنهنجي تفصيلوار گشت جي پروگرام جو انتظام ڪيو آهي، جنهن جي ڪاپي تنهنجي واقفيت لاءِ موڪليان ٿو. توکي صبح جو 7 بجي سويل نڪرڻ گهرجي، جو 11 بجي هتي پهچي وڃين. وڌيڪ احوال پير محمد بخش شاهه کان معلوم ڪندا، جو روبرو اچي ٿو.

بمبئي بابت ڪهڙو احوال آهي؟ خانم اچي ٿي يا نه؟ جيڪڏهن خانم نٿي اچي ته پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي ساڻ آڻج. ماڻهو ڪيس ملڻ چاهين ٿا. آءٌ دائود پوٽي کي نٿو لکان، ڇاڪاڻ ته بمبئيءَ مان خانم جي خبر اچڻ تائين لکڻ بيسود آهي. حيدرآباد مان به ڪي دوست گهرائي سگهون ٿا، پر انهن سڀني جو مدار بمبئيءَ جي اطلاع تي آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جا ڪاغذ جلد نيڪال ڪج. پيرن جي ڪم جي پارٽ اٿئي. راءِ بهادر ڏرمداس کي سندس لاءِ چئج، جنهن کي مون اڳي ئي چٺي ڇڏيو آهي. پير ٽاڻيوارن جي ڪم ۾ سستي نه ڏيکارج، جو هو اسان جا پنهنجا آهن. خانداني طرح يا سياسي طرح، هو اسان کان جدا ٿي نٿا سگهن. سندن ڪم ۾ مدد ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي. مسٽر نهچلداس کان معلوم ڪج ته علي بخش جي جاگيرن جو ڪهڙو فيصلو ٿيو- منع نامو نڪتو يا نه؟

## (14)

ٽاڻو بولا خان

17- نومبر 1940ع

ڪالهوڪو لکيل خط لاريءَ واري هٿان پهتو، جنهن مان معلوم ٿيو ته:

"اڄ نہ اڳئين ڍار، ڪرهو جيئن ڪالهہ هو!"

سياويڪ آهي، منهنجي دل جي حالت بہ اڳوڻي نہ رهي آهي. البت دنيا جي زهريليءَ هوا ۾ رهي، سچائيءَ ۽ صفائيءَ جو دم ڪڻڻ محال آهي، تہ بہ:

ويهي منجهين وڳ، تہ بہ ڪتوريءَ ڏار چَري،
جڳ سين جهڙو جڳ، هنئين سين هت چَري.

دل جي دل ۾ آهي. هن جي ياد دل جي لاءِ اڪثير جي مثال آهي، جيئن اوهان ان کي مدوجزر سان مثال ڏنو آهي. يعني سورن جون سٽون بہ آهن، ۽ صبر جو سبق بہ آهي. تنهن ڪري:

جيڪي ڏنائون، سو سِرُ ڏيئي سهہ جندڙا!
مَ چوءِ چنائون، ايءَ پڻ ڳنديو سڄڻين!
سور جن کي سرجيو، سري تن صحت،
منئي مصيبت، آهي عاشقن کي.

خانم مرحومہ، باوجود مسلم هئڻ جي، تثليث جي نظريي جو تجربو ڪري رهي هئي: جيئن هڪ دفعي گفتگوءَ ۾ چيو هئائين تہ روحاني، ذهني ۽ جسماني لياقتن جي ترقي انسان کي مڪمل بنائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي. هي ارسطو جو نظريو هو، جنهن جي تجربي جو شوق هوس. شايد هن اوهان جي دوستيءَ کي پهرينءَ قطار ۾ شمار تي ڪيو ۽ مون کي ذهني دوستن جي درجي تي رکيو هئائين، ۽ شانتيءَ کي ٽئي نمبر ۾ رکيو هئائين. اوهان جي دوستيءَ لاءِ شروعات ٿيڻ واري هئي، باقي ٻيون دوستيون ڪجهہ گهاٽيون ٿيل هيون. اوهان واري تجربي جو نتيجو قابل ديد ۽ قابل قدر هو، پر خدا کي ائين منظور نہ هو. چا ڪجي:

سڀ ٿي سور طبيب، جنين سور سَڄ ڪئي،
جو لکيو هت لطيف چوي، سوئي ڪن قريب،
جي نوازيا نصيب، دارون سي درست ڪيا.

لاري صبح جو دروازي تي آواز پيئي ڪري- "جرس فرياد مي دارد ڪہ بر بنديد محملها!" تنهن ڪري هي خط تڪڙ ۾ لکي پورو ڪريان ٿو. پورو احوال پنهنجي زندگيءَ جي احوال ۾ داخل ڪندو وڃان ٿو. خانم مرحومہ جا اوهان ڏانهن موڪليل خط موڪلي سگهو تہ چڱو.

(15)

[مسٽر سنتداس منگهارام ڏانهن موڪليل خط جي ڪاپي- انگريزيءَ تان آزاد ترجمو.]

حيدرآباد

25- ڊسمبر، 1940ع

پيارا مسٽر سنتداس، اوهان جو خط، والد صاحب ڪان ڪلاڪ ڪن اڳ مليو. ان ۾ رئيس پرڳڙي مرحوم جو نالو آيل هو. منهنجو والد ان جو خاص دوست هو. انهن سڀني ڳالهين کي مدنظر رکي، جواب موڪليان ٿو.

اوهان کي خبر آهي ته اوهان سڀني سان گڏ، مون سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هئي. هاڻ جيڪي ان جي مختلف گروهن جي وچ ۾ اختلاف هلي رهيا آهن، ان جو مون کي ڪافي احساس آهي. اوهان ٻين سياستدانن بابت جيڪي چيو آهي، ان سان اتفاق ڪندي، صرف هيترو چوندس ته اوهان جو مون کي ۽ سر شاهنواز ڀٽي کي اهميت ۽ اعتبار وارو سمجهيو آهي، ان سان مون کي اتفاق نه آهي. هر ماڻهو حالات ۽ ماحول جي اثر کان ٻاهر نڪري نٿو سگهي. هاڻي ڏسڻو آهي ته اهي ڪهڙيون حالتون آهن، جي شخصن تي اثر انداز ٿين ٿيون.

انهن مان پهريون اثر بين الاقوامي حالات جو رهي ٿو، ٻيو اثر هندستاني سياست جو آهي، ۽ ٽيو اثر آهي مڪاني سياستدانن جي وچ ۾ اقتدار لاءِ ڪشمڪش جو، عام ماڻهن جي جهالت به مکيه ڪارڻ آهي، جنهن ڪري خود مطلب ماڻهو فرقيوار فساد ڪرائي سگهن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتون ڪيئن اسان جي سياست تي اثر انداز ٿين ٿيون، ان بابت مختصر طور هيٺ تشريح ڪريان ٿو:

(1) بين الاقوامي حالتن اقتصادي جدوجهد ۽ سياسي بحران پيدا ڪيو آهي. ساري دنيا اهڙين مشڪلاتن ۾ ڦاتل آهي. هر هنڌ معاشري ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ڪوشش ٿي رهي آهي. اسين ان کان مستثنيٰ ٿي نٿا سگهون. ٻين ملڪن وانگر، هتي به ڌارين جي سياسي ۽ اقتصادي غلاميءَ کان جدوجهد ٿي رهي آهي.

(2) آل انڊيا سياسي اختلاف جيتوڻيڪ سنڌيءَ طرح بين الاقوامي ڳالهين جي پيداوار نه آهن، تاهم ان ۾ اضافي آڻڻ ۾ انهن جو گهڻو واسطو آهي.

آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد سان گڏ، ملڪ جي هر حصي کي اها خواهش رهي ٿي تہ جدوجهد بعد حاصل ڪيل طاقت ۽ جائداد کي اهڙيءَ طرح ورهاست ڪيو وڃي، جو هرهڪ کي مناسب حصو ان مان حاصل ٿئي. سنڌ هندستان جو هڪ ٽُڪرو آهي ۽ ان جا رهاڪو اهڙي خواهش رکن ٿا. جڏهن مستقبل ۾ حاصل ٿيندڙ طاقت لاءِ ساري هندستان ۾ اختلافي مسئلا چڙي پيا آهن، تہ ان حالت ۾ سنڌ وارا بہ مجبوراً ان وهڪ ۾ وهيو وڃن. هنن جو علحدو ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي. تنهن ڪري، جيستائين آل انڊيا سياسي جماعتون سندن باهمي اختلاف دور نہ ڪري سگهيون آهن، ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ سنڌ بہ انهيءَ چڪر ڪان بچي نہ سگهندي.

اوهين ضرور سوال پڇندا تہ انهيءَ اختلافن کان بچڻ لاءِ ڪهڙو علاج آهي؟ انهيءَ سان گڏ، اوهان اهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ هندو- مسلم اتحاد قائم ڪرڻ ۾، مسلمانن کي راضي ڪري، قوم پرست بنائڻ لاءِ توهين سر بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيو. اهو جذبو تحسين لائق آهي، ليڪن وري سوال اٿندو تہ هندو قوم ۾ مسٽر سنتداس جهڙا گهٽا ماڻهو ليندا؟

تازو هڪ آل انڊيا مسلم ليڊر سان جڏهن، مون مسلم ليگ جماعت جي پاليسيءَ جي صحيح ۽ عملي هئڻ بابت پئي گفتگو ڪئي، ۽ چيو تہ فرقيوار اختلافن جي حالت ۾ ملڪ کي ڪهڙيءَ طرح آزادي ملي سگهندي، تہ هن چيو تہ هو ڪانگريس ۾ رهي، غير فرقيوار پاليسيءَ تي هلڻ جو تجربو ڪري چڪو آهي. اتي هر ڳالهہ کي مغربي طرح جي جمهوري اصولن جي بناءَ تي، اڪثرت راءِ سان فيصلو ڪرڻ جو رجحان زياده پئي ڏسڻ ۾ آيو. ليڪن هن ملڪ جون حالتون علحده هيون. هي ملڪ هڪ برصغير وانگر هو، جنهن ۾ ڪيپ ڪامورن کان وٺي ڪشمير تائين آبهوا، لباس، کاڌ خوراڪ، رسم رواج، عادات ۽ روايات موجب، جدا جدا قسم جا ماڻهو رهندا هئا. اتر هندستان جا مسلمان وچ ايشيا جي ماڻهن سان زياده مشابهت رکندڙ هئا، بنسبت مدراس جي رهاڪن جي. ازانسواءِ، هندن ۽ مسلمانن ۾ ايترو ويڇو پيل هو جو هو نہ گڏ کائي پي سگهيا ٿي، نہ هڪ ٻئي سان شاديون ڪري ٿي سگهيا. اهڙيءَ طرح، جيڪڏهن نظر ڪبي تہ مغربي قسم جي جمهوريت لاءِ هتي ميدان اجا تيار نہ ٿيل هو. اها هڪ ٻاهرينءَ دنيا جي درخت مثل هئي، جو هن بدليل آبهوا

۾ صرف انگريزي حڪومت جي سهاري پرورش پائي رهيو هو، ۽ جنهن وقت بہ اهو هٽ نڪري ويو تہ اهو سُڪي ويندو. ڪنهن بہ مستقبل جي گڏيل مسئلي بابت، قومن جي باهمي رضامنديءَ سان، ڪنهن منصوبي قبول ڪرڻ جي ضرورت هئي. ان لاءِ مون گهڻيون ڪوششون ڪيون، پر ان ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. هندن جي دماغ ۾ اها ڳالهہ ويهي ويئي آهي تہ هندستاني هڪ قوم بنجي ويا آهن، ليڪن منهنجو چوڻ آهي تہ اجا هو هڪ قوم نہ بنيا آهن، جنهن جي بنائڻ لاءِ هندستاني سوسائٽيءَ جي مکيہ عناصر جي باهمي رضامنديءَ جي ضرورت هئي، ۽ نہ اڪثرت تعداد جو فيصلو.

پوءِ هن ڪيترا اختلاف جا ڪارڻ ٻڌايا. جي هندو سنسڪرت زبان کي زنده ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مشغول هئا، تہ مسلمان صدين جي باهمي ميلاپ بعد پيدا ٿيل اردو زبان جي فائدي ۾ هئا. هندو ڳئون جي رکپالي مذهبي فرض ٿا سمجهن، تہ مسلمان ان جي قربانيءَ کي مذهبي اصول ٿا سمجهن. عام ماڻهن جو اڪثرت تعداد اجا تائين انهن اعتقادن ۾ ڦاٿو پيو آهي، جنهن کي اسين ڪڏي نہ سگهيا آهيون.

اهو تہ سياسي پهلو اختلاف جو هو. هاڻ اچو تہ اقتصادي نقطہ نگاهہ کان ان مسئلي تي غور ڪريون. سنڌ ۾ هندو اڪثر واپاري ۽ وياجخور آهي، تہ مسلمان ڪاشتڪار ۽ قرضدار آهي. پهرئين جي قابليت، ٻئي کي ذري گهٽ غلام بنائي رکيو آهي. خود زمين تي بہ هاڻ هندو وڃن ٿا قبضو ڪندا. پنجاب ۾ غير آبادگار طبقي مٿان زمين خريد ڪرڻ تي بندش پيل آهي، پر هتي اهڙي قسم جي قانون رائج ڪرڻ جي خود ڪانگريس جهڙيءَ غير فرقيوار جماعت طرفان مخالف ٿي رهي آهي.

اهڙين حالتن کي نظر ۾ رکي، آءٌ سمجهي نٿو سگهان تہ انهن بنيادي اختلافن کي دور ڪرڻ لاءِ، جيستائين وڏين جماعتن کو فيصلو نہ ڪيو آهي، صرف آءٌ ۽ توهين، باوجود نيڪ جذبات جي، ڪهڙيءَ طرح کو امڪاني حل ڳولي سگهون ٿا.

---

# سال 1941ع

(1)

[مسٽر سنتداس ڏانهن موڪليل خط جي ڪاپي- انگريزيءَ تان ترجمو]

حيدرآباد سنڌ

7- جنوري 1941ع

پيارا مسٽر سنتداس، توهان جو 24- ڊسمبر 1940ع جو خط پهتو. آءٌ سن ويو هوس، اتي درياهہ جي ٿڌيءَ هوا تي ويهي خط جو جواب موڪليان ٿو.

اوهان مون کي سنڌين جي ماضيءَ قريب جي ياد تازه ڏياريندي، رئيس مرحوم پرڳڙيءَ ۽ محمد ناني قاضي اسدالله شاهہ جي ياد تازه ڏياري آهي. مون تعليم رئيس صاحب جي مهربانيءَ سان حاصل ڪئي هئي، ۽ سياست ۾ قاضي صاحب جي هٿ هيٺ تربيت حاصل ڪئي هيم. مون کي پڙهي نهايت ارمان ٿيو تہ اوهان کي سنڌ جي موجوده حالتن کي ڏسي صدمو آيل آهي. اها فطري ڳالهہ آهي جو اوهان جهڙن انسان- دوست ماڻهن کي اهڙين حالتن تي ارمان ٿئي، خصوصاً، جڏهن اوهان بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ اسان سان گڏ ڪوشش ڪئي هئي. اوهان مون کي هندو- مسلم اتحاد جي ضرورت ۽ گڏجي قوم پرستيءَ جي راهہ تي هلڻ جي اهميت طرف ڌيان ڇڪايو آهي. نہ مون کي، ۽ نہ ٻئي ڪنهن مسلمانن کي اوهان جي صداقت ۾ شڪ ٿي سگهي ٿو. ڪاش، جيڪڏهن سنڌ ۾ اوهان جهڙا همدرد ماڻهو گهڻا هجن ها! جيڪڏهن اُهي هجن ها تہ موجوده اختلافي معاملن جي حل ٿيڻ ۾، ذرا پيچيده ڏسڻ ۾ اچن ٿا، گهڻي تڪليف نہ ٿئي ها. اوهان جي دلين ۾ ڪافي قوت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اوهين چئو ٿا تہ موجوده سنڌي مسلمانن جي ليڊر شپ مان اوهان جو اعتبار ٽُٽي ويو آهي، جنهن ۾ اوهان هرهڪ ليڊر تي تبصرو ڪيو آهي. مون بابت جيڪي اوهان لکيو آهي، اهو بہ صحيح آهي. مون اڳي بہ اوهان سان پنهنجي ڪيترين خامين جو اقرار ڪيو آهي. مون ۾ ان کان وڌيڪ خاميون آهن، جي اوهان جي ڌيان تي نہ آيون آهن. انهن خامين ۽ ڪمزورين ڪري آءٌ سنڌي مسلمانن جي ليڊريءَ لاءِ موجوده حالتن هيٺ لائق نہ ٿي سگهيو آهيان. اوهان مون کي سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪري نهايت قابليت سان هلائڻ جو داد ڏنو

آهي، انهيءَ لاءِ شڪرگذار آهيان. منهنجي اسپيڪريءَ جي ڪاميابي، آئين سان پابنديءَ ۽ پارٽي- پاليٽڪس کان ٻاهر رهڻ ڪري آهي. اها ڪاميابي جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل حالتن کان سواءِ حاصل ٿئي ته پوءِ منهنجي لياقت سمجهجي ها. جيڪڏهن آئين جي سخت پابندي منهنجي حفاظت ۽ بچاءَ نه ڪن ها ته آءٌ به موجوده وهڪري ۾ وهي وڃان ها. حقيقت ۾ موجوده حالتن هيٺ رهي سنڌ، هندستان يا دنيا جي ماڻهن جو انهن اثرن کان آزاد رهڻ ذرا مشڪل پيو نظر اچي. روحانيت گهٽجي ويئي آهي، ماڻهو ماده پرستيءَ جي نظرين ۽ شخصي مفاد جي وهڪري کان ٻاهر نڪري نٿا سگهن. انسان جي شخصي ترقي، ان ڪري، گهڻو روڪجي پيئي آهي. مهاتما گانڌيءَ جهڙين اعليٰ شخصيتن جي هندستاني سياست ۾ روحاني اثر داخل ڪرڻ جي ڪوشش جي باوجود، اڪثريت چونڪ طبقاتي مفاد جي ڦندي ۾ ڦاٿي پيئي آهي، ملڪ جي سياست آزاد ٿي هلي نٿي سگهي. منهنجي نظر ۾ سنڌي سياست جي خرابيءَ جو باعث پڻ طبقاتي مفاد ٿيا آهن. نسلي، ثقافتي ۽ لساني ڳالهين کي پڻ انهيءَ طبقاتي اختلافن ڪري بهانو بنايو پيو وڃي. منهنجي نظر ۾، خود موجوده عالمگير جنگ ۽ مختلف ملڪن جا باهمي ٽڪرا انهيءَ طبقاتي ڪشمڪش جو نتيجو آهن. جيستائين انسانن ۾ موجوده مالي گهٽ- وڌايون قائم رهنديون، ان وقت تائين غريب ۽ شاهوڪار جو تصادم هلندو رهندو، پوءِ ان کي ڪهڙا به رنگ ڏنا وڃن.

سنڌ ۾ شاهوڪار طبقي ۽ غريب طبقي ۾ غير مساوات ايتري قدر حائل آهي، جو موجوده سماجي نظام کي درهم برهم ڪرڻ وقت اختلاف پيا پيدا ٿيندا. سنڌ جا عوام اڪثر مسلمان ۽ غريب طبقي جا آهن. ٻئي طرف شاهوڪار ۽ قرضخواهه طبقو هندن جو آهي. پهريون طبقو گونگو ۽ خاموش آهي، ٻيو طبقو بيدار، منظم ۽ چالاڪ آهي. عام ماڻهو، پنهنجي خاموشيءَ ۽ ڪسمپرسيءَ جي باوجود، دل ۾ انهيءَ طبقي لاءِ غصو سانديو وينا آهن، جو ڪنهن به موقعي ملڻ تي هو مختلف طريقن ۽ بهانن تي ظاهر ڪن ٿا. جن مسلمان ليڊرن مسجد منزلگاهه تحريڪ هلائي، انهن جا اصلي مقصد ڪهڙا به هجن، پر عام دهقاني مسلمانن جو وياجخور ۽ شاهوڪار هندوءَ خلاف فساد ڪرڻ جو بنيادي ڪارڻ طبقاتي اختلاف هو. ساڳيءَ طرح جا جذبات مسلم

زميندار طبقي جي خلاف اُڀري رهيا آهن. انهيءَ جا طرفدار پڻ آهستي آهستي ڪري زميندار خلاف نفرت ڦهلائي رهيا آهن، جا شايد ڪنهن وقت به وڌي وڃي.

نوڪرين جي ورهاست جو سوال ٻيو اختلافي مسئلو آهي. مسلمان پڙهيل طبقي ۾ هي خيال ويهي ويو آهي ته ڪين باوجود تعليم حاصل ڪرڻ جي پورو حصو نٿو ڏنو وڃي. اهو به اقتصادي سوال آهي، تنهن ڪري جيستائين نوڪرين ۾ به قانون يا باهمي سمجهوتي جي ذريعي اها شڪايت دور نه ڪئي ويئي آهي، اختلاف هليا هلندا. راءِ بهادر هوتچند چاندومل، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾، انهن خامين جي ڪليءَ طرح اُپٽار ڪندي، هندن کي ڪليءَ طرح مشورو ڏنو آهي. وياجخوريءَ جو ڏندو ڇڏي ڏين. اختلاف گهٽائڻ لاءِ، وياجخورن طرفان آبادگارن جي زمين هضم ڪرڻ تي بندش وجهڻ ۽ نوڪرين مان هڪ طبقي جي هڪ- هٽي دور ڪرڻ ضروري ڳالهه آهي.

ٻيو، توهان پنهنجي خط ۾ هندن جي ڪلچر ۽ زبان تي مسلمانن طرفان دست اندازيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ چيو آهي ته انهيءَ ڪري ممڪن آهي ته موجوده هندو- مسلم تعلقات ۾ وڌيڪ ڪشيدگي پيدا ٿئي. آءٌ اوهان جي بيچاڪائيءَ واري حالت ۾ انهيءَ سوال جي تاريخ ۾ وڃي ڊگهو قصو ڪرڻ نٿو چاهيان. آءٌ صرف ايترو ظاهر ڪندس ته انهيءَ سوال کي غير معمولي اهميت ڏيڻ لاءِ جي طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا، سي مصلحت وارا نه آهن. ادبي ۽ علمي قسم جا سوال، عام هلچل جي ذريعي فيصلو ڪرڻ جي عيوض، عالمن ڏانهن فيصلو ڪرڻ لاءِ موڪلڻا هئا. مون گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ته اختلاف رکندڙ ڌرين کي اهو سوال باهمي گفتگو ذريعي فيصلو ڪرائڻ تي راغب ڪريان، پر افسوس آهي ته هڪ ڌر ان ڳالهه کي ٺوڪاري ڦٽو ڪري ڇڏيو، ۽ عام هلچل شروع ڪري ڏني، جنهن مان، جيئن توهان ظاهر ڪيو، اختلاف وڌڻ جو امڪان آهي.

توهان ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ”ابيات سنڌي“ ۽ ان جي حاشيه بابت ذڪر ڪيو آهي. حقيقت ائين آهي ته اهو ڪتاب ڊاڪٽر صاحب پير لنواري وارن جي چوڻ تي، جڏهن پاڻ بمبئيءَ ۾ پروفيسر هو، لکيو هو. اهو ڪتاب بمبئي يونيورسٽيءَ پنهنجي نصاب ۾ داخل ڪيو هو. نصاب ۾ داخل ڪرڻ واري بورڊ تي اڪثريت هندو ميمبرن جي هئي. جيڪڏهن ان هن کي ڪتاب اعتراض جوڳو ڏسڻ ۾ اچي ها ته پوءِ ان کي يونيورسٽيءَ جي نصاب ۾ داخل نه ڪن ها. ازان

سواءِ، شاگردن لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ تشريح پڙهن. انهيءَ ڪتاب جي شرح لکڻ کي ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن جي عهدي جي لياقت سان ڳنڍڻ ٺيڪ ڪم نہ آهي. اها ڳالھہ غلط آهي تہ ڪو ماڻهو عربيءَ ۾ ماهر هئڻ ڪري انهيءَ عهدي جو لائق ٿي نٿو سگهي. هرڪو مسلمان عربيءَ کي زنده ڪرڻ ۽ پکيڙڻ جي فائدي ۾ آهي- انهيءَ ڪري هندن جي ڪلچر کي ڪوبہ نقصان نٿو پهچي. آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ ڊاڪٽر دائود پوٽو موجوده جديد تعليم ۽ هندستاني- يورپين تهذيب جي ملاوت جي پيداوار آهي. هن جي سوشل زندگي ۽ آزاد خيالي ڪيترن قدامت پسند مسلمانن وٽ پسند نہ آهي. افسوس آهي جو توهان هن کي پوريءَ طرح نٿا سڃاڻو. ان ڪري هڪ طرفو فيصلو ڏنو اٿوَ. اوهان جهڙي فراخدل ماڻهوءَ کي پهرين سوال کي سمجهي، پوءِ فيصلو ڏيڻ گهرجي ها. بهرحال، آءٌ سنڌي زبان ۾ گرامر جي اختلافي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

توهان پنهنجي خط ۾ مسٽر جناح جي سنڌ ۾ آمد ۽ ان جي سنڌي سياست تي رد عمل جو ذڪر بہ ڪيو آهي. آءٌ محسوس ڪري رهيو آهيان تہ اڄ ڪلهہ جيڪي رد عمل هندستان جي ٻين صوبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، سي سنڌ کي اثر انداز ٿيڻ کان نہ ڇڏيندا. هندستان ۾ آل انڊيا جماعتن جو اثر هر هنڌ پئجي رهيو آهي. اسيمبليءَ ۾ هڪ گروهہ ڪنهن سياسي جماعت جو هوندو، تہ لازمي طور ان جو مخالف گروهہ ٻيءَ جماعت جو سهارو وٺندو. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ آل انڊيا سياسي جماعتن جا نظريا ۽ اثر اسان جي صوبي تي وڃن پکڙندا. اسين، هندستان جي برصغير جا جز هئڻ ڪري، انهن اثرن کان جدا ٿي نٿا سگهون. انهيءَ مسئلي جو دائمي حل هندستان جي مکيہ جماعتن، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، جي وچ ۾ سمجهوتي وسيلي حاصل ٿي سگهندو. اهو اسان جي طاقت کان ٻاهر آهي تہ ٻنهي جماعتن کي نزديڪ آڻي سگهون، البت اسين صوبي اندر گڏجي ڪو سمجهوتو ڪري سگهون ٿا. صوبي جي بهتريءَ لاءِ مير بنده علي خان جو مسلم ليگ جي عهدنامي تي صحيح ڪرڻ جو مون کي ڪوبہ فڪر نہ آهي. باوجود ان جي، سمجهوتو ممڪن ٿي سگهي ٿو. جنهن موجب، هڪ ميجارٽي ناهي، گڏيل پروگرام جي بنياد تي صوبي جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري سگهجي ٿو. آئيني طور، اسپيڪر هجڻ جي حالت ۾، آءٌ ڪو گروهہ

ناهي اڳواٽي ڪري نٿو سگهان. بهرحال، جيڪڏهن حالتون اهڙيون بنجن ۽ اهڙو گروهه نهي پوي ته آءٌ صوبي جي بهتريءَ لاءِ ان ۾ مدد ڏيڻ واسطي ٻاهر نڪري سگهان ٿو. حال ته موجوده عهدي جي فرضن بجا آڻڻ ۾ مشغول آهيان. وقت تي تقاضا ٿي ته هن عهدي کي ڇڏي به سگهان ٿو.

مون اوهان جي گهٽي درد سري ڪئي آهي، تنهن ڪري وڏيڪ ڪونه ٿو لکان. اميد ته هن وقت اوهان جي طبيعت سڌري هوندي. جنهن وقت گهرندا، اچي ملاقات ڪندا.

[نوٽ: ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته 25- ڊسمبر وارو ۽ هي خط هڪ ئي خط جي جواب لاءِ تيار ڪيل آهن. جنهن صورت ۾ ٻنهي خطن جون ڪاپيون مون وٽ موجود هيون، ۽ ٻئي خط دلچسپ ۽ وقت جي سياسي مسئلن تي روشني وجهندڙ آهن، تنهن ڪري هن ڪتاب ۾ ٻيئي خط داخل ڪريان ٿو.]

(2)

حيدرآباد

11- جنوري، 1941ع

ڪجهه وقت ٿيو آهي ته توهان کي ڪو خط نه لکيو اٿم. اميد ته اوهين سنڌ جي مستقبل بابت پنهنجي منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ قدم کڻي رهيا هوندا.

آءٌ هن سان گڏ منهنجي ٻئي، مسٽر سنتداس ڏانهن موڪليل خط جي ڪاپي ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. جنهن مان موجوده حالات تي منهنجي خيالات جو اوهان کي پتو پوندو. مون کي اميد آهي ته منهنجي اڳوڻي خط جي ڪاپي اوهان وٽ موجود هوندي.

ايندڙ آدمشماريءَ لاءِ ڇا ٿا ڪريو؟ مسلمانن جي آدمشماريءَ تي ڪين مستقبل ۾ نشستون ملنديون. ڳوٺن ۾ ماڻهو اڪثر سُستي ڪري پورو تعداد نه لکائيندا آهن. اميد ته اوهين مسلم ليگ طرفان عملدارن کي مدد ڏيئي، صحيح تعداد گڏ ڪرائڻ جي ڪوشش وٺندا. مهرباني ڪري ان سوال تي پورو توجهه ڏيندا. مون هتي هڪ ڪميٽي ناهي آهي، جا عملدارن سان گڏجي ڪين ان ڪم ۾ مدد ڪندي رهندي. آءٌ 13- تاريخ شاهه يقيق وڃان ٿو. 16- تاريخ

واپس موٽي، 17- کان 21 تائين ڪراچيءَ رهي 22 تي بمبئي ويندس، جتان ذهلي ۽ ڪلڪتي ڏانهن 10- تاريخ تائين هوندس.

(3)

ڪلڪتو

5- فيبروري، 1941ع

آءٌ هتي 4- تاريخ پهتو آهيان. 6- تاريخ سنڌ لاءِ روانو ٿيندس. پهرين بمبئيءَ ۾ سينيٽ جي ميٽنگ مان ٿي، پوءِ دهلي لکنؤ، الهہ آباد ۽ ڪانپور کان ٿيندو، هتي پهتو آهيان. بينگال اسيمبليءَ جو اجلاس ڏٺو اٿم. ڪلڪتو جديد طرز جو وڏو شهر آهي. ان ۾ گهڻي موج ۽ زرخيزي آهي. وقت ٿوري هئڻ ڪري، آءٌ گهڻو ڪجهہ ڏسي نہ سگهيو آهيان، جو احوال موڪلي سگهان، صرف هتي حاضر هئڻ جو اطلاع اوهان جي رڪارڊ لاءِ موڪليان ٿو.

هن طرف سنڌ بابت گهڻي غلط فهمي آهي. مون ڪي سنڌ ورڪين هڪ چانهہ پارٽي ڏني هئي. ان تي سنڌين ڪي اتحاد ڪرڻ لاءِ مشورو ڏنم. آءٌ 10- تاريخ حيدرآباد پهچندس، جو ان تاريخ تي گورنر جي دربار آهي. اميد تہ هاڻ توهان تعميري ڪمن ڏانهن زياده ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو هوندو، جيئن ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪجهہ خدمت ڪري سگهجي.

آءٌ 8- تاريخ، بمبئيءَ ۾، مرحومہ خانم طريقيءَ جي مزار جي زيارت ڪندس. بمبئيءَ ۾ ميان زاهد علي شوڪت علي، جنهن سندس جنازي نماز پڙهي هئي، تنهن کي ساڻ ڪري، قبرستان ۾ ويندس. مرحومہ بابت وڌيڪ جيڪو احوال ملي سگهيو، اهو بہ توکي روبرو اچي ٻڌائيندس. مسلم ليگ آدمشماريءَ لاءِ ڇا ڪيو؟ جيڪڏهن انهي معاملي ۾ سستي ڏيکاري ويئي تہ پوءِ سمجهبو تہ اها بيڪار جماعت آهي. آدمشماري حقن جو بنياد آهي، ان کان بيپرواهي حقن کان هٿ ڌوئڻ جي برابر آهي.

(4)

بمبئي

9 - فيبروري 1941ع

شاهہ لطيف جي سالگرهہ جو جلسو، سر ليسلي ولسن هاسٽل ۾، 12-

فيبروري 1941ع، ڪراچي ۾، ٿيندو.

1- آنربل شيخ عبدالمجيد، وزير تعليم، جلسي جو افتتاح ڪندو.

2- سيد ميران محمد شاهه، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي، ابتدائي تعليم تي ڳالهائيندو.

3- راڳ، شاهه جي ڪلام تي شعر پڙهڻ ۽ تقريرون ڪرڻ.

صدارت علامه آءِ. آءِ. قاضي ڪندو.

اهو جلسو سنڌ ادبي (صلاحڪار) بورڊ طرفان رٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| ميران محمد شاهه | عثمان علي انصاري | لعل چند امر ڏنومل |
| چيئرمين | سيڪريٽري | جوائنٽ سيڪريٽري |

## (5)

ڪراچي

20- مارچ 1941ع

گهڻو وقت ٿيو آهي ته احوال ڪونه مليو اٿوَ- شايد ٻارن جي بيچاڪائيءَ ڪري. اميد ته هاڻ گهر ۾ چڱيلائي هوندي.

مهرباني ڪري پنهنجو پروگرام موڪليندا ته اوهين اسيمبليءَ ۾ ايندا يا نه. هي اجلاس مهيني جي آخر تائين هلڻ وارو آهي.

اوهان 14- تاريخ جي "الوحيد" اخبار جو ايڊيٽوريل پڙهيو هوندو، جنهن ۾ منهنجي اسپيڪريءَ تي نڪته چيني ۽ منهنجي سياسي زندگيءَ جي خلاف غلط پروپيگنڊا ڪئي ويئي آهي. مسلم ليگ جي جوابدار ماڻهوءَ جي حيثيت ۾، اوهان کي عرض ڪندس ته اسپيڪر جي پوزيشن واري ماڻهوءَ تي حملي ڪرڻ کان اڳ جماعت جي منظوري وٺڻ گهرجي ها. جيتري قدر مون کي معلوم ٿيو آهي، مسلم ليگ اجا تائين اسيمبليءَ جي ايندڙ اليڪشن بابت ڪو فيصلو ڪونه ڪيو آهي. انهيءَ باري ۾ صوبي جي جماعت کي مرڪزي مسلم ليگ ۽ ان جي پرزيڊنٽ جي مشوري سان قدم کڻڻو پوندو. جيڪڏهن مرڪزي مسلم ليگ ۽ ان جو پريزيڊنٽ فيصلو ڪن ته هو اسپيڪرن جي سامهون سندن اميدوار بيهاريندا، ته مون کي اعتراض نه آهي. منهنجي شڪايت صرف هيءَ آهي ته صوبائي جماعت يا مرڪزي جماعت جي فيصلن کان سواءِ "الوحيد" جا مسلم

ليگ جي اخبار سنڌجي ٿي، سا منهنجي خلاف پروپيگنڊا ڪري، اها ڳالهہ ڪيتري قدر مناسب آهي. مهرباني ڪري اهو سوال اوهين جناح صاحب ڏانهن فيصلي لاءِ موڪليندا، ۽ شيخ عبدالمجيد کي چئو تہ هو "الوحيد" اخبار کي اهڙيءَ حرڪت کان باز آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪري، جيستائين ڪنهن جماعت طرفان ڪو فيصلو ٿئي.

(6)

حيدرآباد

28- مئي 1941ع

اڄ خط ذريعي معلوم ٿيو تہ اوهين سن ۾ آهيو. اوهان جي ملاقات جو گهڻو شوق آهي، پر بقادار شاهہ جي پريزيڊنٽيءَ جي هل هلان ۾ مشغول آهيان. جسم ۽ روح، ٻيئي ان ڪم ۾ غرق آهن. نہ جيئرو آهيان، نہ مئل. خبر نہ آهي، ڇا آهيان. بيماريءَ جي حالت بہ ساڳي آهي. ميرن جي پئسي خرچڻ تنگ ڪيو آهي. سنڌ جي پبلڪ لائيف، شاهوڪارن ڪرپٽ ڪري ڇڏي آهي. اخبارون ۽ انجمنون بہ انهيءَ سيلاب ۾ وهيو وڃن. هو مسلم ليگي بہ سڏائين ٿا، ۽ مسلم ليگ کان نفرت جو اظهار بہ ڪن ٿا، تہ بہ هنن کان ڪو باز پرس ڪرڻ وارو نہ آهي نہ مسلم پريس هنن جي خلاف اکر ڪيي ٿي:

هــــر بـــــلا ڪـــــہ از آسمـــــان آيـــــد،
مي پرسـد ڪـہ خانــہ 'انـوري'، ڪجـا اسـت!

اسان کان باديءَ جي شدت ڪري ڪو واءُ نڪري وڃي، تہ اسان غريبن کي، پبلڪ جي صحت بگيڙڻ جي تهمت رکي، سخت ۾ سخت سزا جو لائق ٺهرايو وڃي. لوڪلبورڊ چونڊ ۾ مير غلام علي خان جا ڪرپشن آندي آهي، سا هن کي پبلڪ لائيف ۾ رهڻ جو لائق نٿي ڪري، تہ بہ هو ممتاز مسلم ليگر آهي! ڪٿي آهي حاجي عبدالله هارون؟ ڪٿي آهي شيخ صاحب؟ ڪٿي آهي کهڙو صاحب؟ ڪٿي آهي راشدي صاحب؟ هن کان ڪا بہ باز پرس ٿيندي يا نہ؟ ڇا، مسلم ليگ جا لرتا ڌرتا پئسي وارن جي خلاف ڪجهہ ڪرڻ کان ڊڄن ٿا؟ ان لاءِ 30- مئي شام جو منهنجي بنگلي تي ميٽنگ سڏائي اٿم.

(7)

پونا

20- جون 1941ع

منهنجي پوني مان خط ملڻ تي شايد توکي تعجب ٿئي. آءٌ 22 تاريخ سنڌ ڇڏي، 13 کان 14- تاريخ، بمبئيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ آيل هوس. 17- تاريخ پوني ۾ 'نيچر کيوئر' ڊاڪٽر سان مشوري ڪرڻ لاءِ هتي پهتو آهيان. بدهضميءَ تمام گهڻو ستايو آهي. مسٽر ڪيولرام پنجابيءَ وٽ رهان ٿو. جيتوڻيڪ بارش اجا گهڻي ڪانہ پيئي آهي، پر آبهوا نيڪ آهي. اميد تہ 23- تاريخ پونو ڇڏي، 25- تاريخ ڪراچيءَ پهچي، اسيمبلي اجلاس جي صدارت ڪندس.

بمبئي هاڻ اڳي وانگر ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ڪمزور بدن ۽ پريشان دل، هاڻ بمبئيءَ جي خوش ڪُن سوسائٽيءَ کان علحده رهڻ جو باعث آهي. هي دنيا ڏارين پيئي ڏسڻ ۾ اچي، منهنجيءَ ڪشش جو ڪارڻ هليو ويو آهي. بيو سڀ جيتوڻيڪ گهڻو ئي ڪشش ڪندڙ آهي، ليڪن حالتون بدلجي چڪيون آهن. موجوده دل ۽ بدن جي ناسازيءَ جي حالت ۾، خانم جو وجود وڏي مدد هجي ها- پر اهو پکي پرواز ڪري ويو. اهي آشيانا ۽ درخت هاڻ خالي آهن. خيال ڇڪيو، نيو، ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ ڇڏين، جيتوڻيڪ شهر جي گوڙ گهمسان ۾ رهان ٿو. ان جو ڪو علاج نہ آهي، سواءِ صبر ۽ خدا جي رضامنديءَ تي راضي رهڻ جي. بمبئيءَ شهر ۾ فرقيوار فسادن ڪري خونريزي ٿيل آهي. رڳو سنڌ جو ڏوهہ نہ آهي. حڪومت گورنر جي هٿ ۾ هئڻ ڪري، ڪامورن جو راڄ آهي، تہ بہ قاعدي قانونن ۽ امن امان جي گهٽتائي آهي، اها ڳالهہ عجيب پيئي ڏسڻ ۾ اچي تہ صديءَ جي چوٿين حصي کان جمهوري ادارن جي رائج ٿيڻ جي باوجود، حالتون وريو وريو بدامني طرف گهلجيو وڃن! عام راءِ جو اثر ڪامورن مٿان اڳي ئي ٿورو پوي ٿو، باقي جمهوري ادارن جي بند ٿيڻ ڪري، مورڳو الغرض تي ويا آهن. زمانو شايد انهن فرقيوار فسادن جي زخمن کي ڇٽائڻ ۾ مدد ڪري. ان وچ ۾ صبر سان مستقبل جو انتظار ڪرڻو پوندو.

(8)

حيدرآباد

13- آگسٽ، 1941ع

افسوس جو مختلف ڪمن ڪري تنهنجي ملاقات ڪري ڪون سگهيس. اميد تہ تون جلد بمبئيءَ هلندين. اتي گڏجي رهنداسون ۽ ملاقاتون ٿينديون. آءٌ 15- تاريخ بمبئيءَ لاءِ روانو ٿي رهيو آهيان. رستي ۾ مائونٽ آبو لهندس، جتي سيد احمد سان ملندس، جو اصرار ڪري رهيو آهي تہ ڪيس ملان. بمبئيءَ 19- تاريخ پهچندس. نهايت سٺو ٿيندو، جيڪڏهن تون بہ ابوءَ جي اسٽيشن وٽان 18- تاريخ لنگهين تہ پيئي بمبئي ۾ گڏجي هلون. آءٌ بمبئي 12- تاريخ تائين هوندس. 23- تاريخ پوني ويندس، جتي نيچر ڪيوئر ڪلينڪ ۾ ٻن مهينن لاءِ رهندس. منهنجي صحت ڪري پيئي آهي، آرام ۽ علاج جي ضرورت اٿم.

(9)

نيچرڪيوئر ڪلينڪ، پونا

2- سيپٽمبر 1941ع

اوهان جو 14- آگسٽ تي لکيل خط پهتو، جنهن ۾ لکيو هو تہ 23 آگسٽ تي اوهين بمبئيءَ ايندا. انهيءَ دلاسي تي قانع رهيس تہ آخر بمبئيءَ ۾ وري بہ هلڻ ٿيندو. دورِ گردون جي بدلجڻ ڪري، حالتون جدا آهن. اڳيون مزو نہ ايندو. مون کي اپولو هوٽل ۾ فلوري کي اوهان سان قلابازي ڪرڻ جو منظر اکين اڳيان بيٺو آهيان، جنهن ۾ هن اوهان کي دامِ تزوير ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڪيئي حيلا هلايا هئا، ۽ اوهان باوجود جسماني جوش جي، ضبطِ دل ڪري، انهيءَ کان پاڻ ڇڏائي ويا هئا.

اوهان جي بمبئيءَ اچڻ جي اميد، مارواڙ- گجرات ريلوائين جي بارش ڪري ٻڃڻ جي باوجود، آءٌ روانو ٿي ويس. لاهور، دهلي ۽ آگري کان ڦرندو، 1900 ميلن جو سفر ڪري، بمبئي پهتس. لاهور تائين حاجي مولا بخش سومرو گڏ هو. ان کان پوءِ، ملٽري سولجرن ۽ آفيسرن سان گڏ، اچي بمبئيءَ پهتس. بارشِ جي موسم ڪري سبزه زارن ۽ مرغزارن جي لطف اُٺائيندو رهيس. هوٽل مئجسٽڪ ۾ رهڻ لڳس. حاجي عبدالله هارون اچي وحشتناڪ خبر ٻڌائي تہ اوهان جي ڳوٺ ۾

ڪالرا پوڻ سبب. اوهين مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ اچڻ کي ملتوي ڪري ڇڏيو. الله جل جلاله اوهان ۽ اوهان جي اهل و عيال کي امن ۽ حفظ ۾ رکندو. آمين! خيريت جي خبر جلد ڏيندا تہ خاطر تسلي ٿئي.

آءُ 24- تاريخ شام جو پني پهتس. 'نيچر ڪيئر' ۾ داخل ٿيو آهيان. ڊاڪٽر صاحب گذشتہ جون کان واقف هو. في الحال علاج ڪاڌي جي تبديليءَ مالش ۽ باٿ سان ٿئي ٿو. باٿ جا بہ ڪيئي نمونا آهن: شاور باٿ، هاٽ باٿ، فوم باٿ، اسٽيم باٿ وغيره. انيما روز ڪن ٿا. في الحال صوف ۽ موسمين تي گذارو ڪريان ٿو. هفتي بعد کير يا ڏڌ ڪاڌو پوندو. اٽڪل بہ مهينا اهو علاج هلندو. ان کان پوءِ ٿورو ٿورو هلڪو ڪاڌو ڪائبو ويندو. جيستائين هاضمي جي قوت وري اچي وڃي. في الحال ضعيف ٿيو. پوءِ وري نئون رت ٿيندو تہ وڌبو وجبو. هتي ٽي مهينا رهندس.

مسٽر جناح جي جَءِ تي! سر سڪندر حيات ۽ اسدالله خان، نيشنل ڊفينس ڪائونسل تان استعيفا ڏني. اوهان جو رايو شايد ٻيءَ طرح هو، پر جناح پنهنجي ڳالهہ مٽي ڪئي. هاڻ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. اميد تہ مسلمانن جو اتحاد نہ ٽٽندو. مولوي فضل الحق بوقلمي ڏيکارڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي، ڏسجي تہ ڇا ٿو ڪري. ايران جو مسئلو پيچيدو هو، پر شڪر آهي جو حل ٿي ويو. جرمنيءَ جو رخ هاڻ ترڪيءَ خلاف ڏسجي ٿو، شايد ترڪيءَ تي حملو ڪري. ان جو اثر هندستان جي مسلمانن تي پوندو. ڏسجي، حالتون ڪٿي ٿيون بيهن.

ٻڌو اٿم تہ پروفيسر گهنشام ۽ وليچا اسيمبليءَ جي ميمبريءَ تان استعيفائون ڏنيون آهن، ڇاڪاڻ تہ خانبهادر الهہ بخش ڊفينس ڪائونسل جي ميمبري قبول ڪئي آهي، ۽ جنگ ۾ مدد ڪندو رهي ٿو. ان جو اثر سنڌ جي سياست تي ڇا پوندو، سو لکندا.

سنڌ ۾ مسلم ليگ کي في الحال اوهان واري غير جانبدارانہ پاليسيءَ تي هلڻ گهرجي. پر شيخ صاحب ۽ کهڙو وزارت جا خواب پيا لهن. مسلم ليگ کي انهيءَ ڪري وڏو ڌڪ لڳندو. اسان جي يارن ۾ صبر ۽ برداشت جو مادو ذرا گهٽ آهي، پر دور انديشي لازمي آهي. خير، سندن مرضي. اوهين هن وقت کهڙيءَ مشغوليءَ ۾ آهيو، ان کان واقف ڪندا.

مون کي روحاني سوالن تي ڪتابن پڙهڻ جو شوق آهي، پر ان سان گڏ

اقبال جي اسلامي تشريح مان بہ واقف ٿيڻ گھران ٿو. جيڪڏهن ڪي ڪتاب انهن مسئلن تي روشني وجهڻ لاءِ موڪلي سگهو تہ چڱو. نہ تہ نالا لکي موڪليندا تہ هتي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان.

هڪ نوجوان رفيق، مسٽر پرڪاش ۽ هڪ نوجوان خاتون، مسز مستري پاليٽڪس، جي ڪتابن جا شوقين آهن، انهن لاءِ ڪتابن جا نالا موڪليندا. مسز مستري هڪ پارسي خاتون آهي. دنيا جو چڱو تجربو اٿس. علمي لياقت بہ چڱي خاصي آهيس. پنهنجي حسن ۽ جوانيءَ تي فخر ڪرڻ ڪونہ ٿو ڏسجيس. خوش خلق ۽ ملنسار انسان آهي. ان جي صحبت ۾ وقت سٺو پيو گذري. ڇا ڪريان، جنسِ لطيف جي قرب کان سواءِ زندگي بيسود ٿيو وڃي! ضبط جو مادو معدوم آهي، البت هتي اسين پيئي بيمارن جي قطار ۾ داخل آهيون! خانم جو فوٽو اڳيان رکيو آهي: ان جي ياد ۾ دل کي ڪڏهن مايوسي، ڪڏهن اطمينان اچي ٿو. مڙيئي زندگيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻا آهن.

## (10)

نيچر ڪيوئر ڪلينڪ، پونا

10- سيپٽمبر 1941ع

اوهان جو 5- سيپٽمبر تي لکيل خط پهتو. گھڻي وقت کان پوءِ احوال مليو، ان ڪري نهايت خوشي ٿي. ڪالرا جو انتظار هو، خدا ڪيو آهي تہ اڄا تائين ان طرف خير آهي. وڏيڪ بہ مٿس ننگ آهي.

افسوس آهي تہ اوهان جي طبيعت بيخوش رهي ٿي. اهو سڀ گھڻي دماغ سوزيءَ ۽ جاڪوڙ ڪري ٿئي ٿو. ڍڳي کي طاقت کان وڌيڪ هر ڪَهرائبو تہ آخر ٿڪجي پوندو. تنهن ڪري آرام بہ ڏجيس، تات بہ ڪجيس، تہ پوءِ ڪم ڏيندو رهندو. اوهان، مون ۽ بين دماغي ڪم ڪندڙن جو اڪثر اهو حشر ٿئي ٿو. اسان کي پنهنجي بود باش ۽ زندگيءَ جو طريقو مغربي ماڻهن وانگر ٺاهڻ گھرجي، جنهن ۾ محنت سان گڏ آرام جون گھڙيون بہ هٿ گھرجن. شڪر آهي جو اوهان حيدرآباد يا ڪراچيءَ جهڙن وڏن شهرن ۾ مقيم نہ آهيو، جتي ڪابہ گھڙي اوهان کي پنهنجي نہ آهي- رات ڏينهن، گاهہ بيگاهہ ماڻهن جي سڏوسڏ آهي. اسان جا ماڻهو جيستائين سندن خدمتگارن جي صحبت ۽ زندگيءَ جو

خيال نہ رکندا. تيستائين انهن کان اعليٰ دماغي ڪم جي اميد رکڻ فضول آهي. بهرحال، جنهن صورت ۾ قدرت اوهان جو قيام بهراڙيءَ ۾ ڪيو آهي، هڪ پُرفضا منظر جي قرب ۾ آهيو. تنهن صورت ۾ اوهان جي طبيعت ڪي گوئي نہ ڪرڻ گهرجي. اميد تہ ڪير- مڪڻ ڪائي، وري طبيعت ڏاڪي تي اچي وينديوَ. انشاءَ الله!

اوهان جي تجويز ڪيل ڪتابن مان، سيد اقبال علي شاهہ ۽ ليڊبيٽر جا ڪتاب وٺي پڙهندس. طبيعت جي ناسازيءَ، دماغي ڪمزوري بہ آندي آهي، تنهن ڪري گهڻو پڙهي بہ نٿو سگهان، جيتوڻيڪ پڙهڻ جو شوق گهڻو اٿم.

منهنجي دوست، مسز مستري کي جنرل پاليٽڪس جي معلومات جو گهڻو شوق آهي. پروفيشنل پاليٽيشن ڪونہ ليڊو اٿس. گانڌي، نهرو، هٽلر، مسوليني، ڪمال وغيره جي حياتين تي ڪتاب پڙهي چڪي آهي. "انسائيڊ ايشيا" ۽ "انسائيڊ يورپ"، جان گنٿر جا ڪتاب، پڙهيا اٿس. ڪراڪا جا ڪتاب بہ پڙهيا اٿس. تازو ايڊورڊ ٿامس جو "هائو ٽو ون انڊيا" پڙهي پورو ڪيو اٿس. مون بہ پڙهيو آهي، پروڪانگريس خيال مندرج اٿس. آءٌ هينئر جوزف ڪالنس جو "ڊاڪٽر زندگيءَ ۾ موت کي ڪيئن ڏسي ٿو" پڙهان پيو.

اوهان وارو پاڪستان تي لکيل ڪتاب پورو ڪيو اٿم. هن وقت هوءَ بمبئيءَ ويل آهي. اُن کان سواءِ ساري ڪلينڪ اُپاٽڪي پيئي لڳي! البت ڊاڪٽر صاحب جي همشيره مسز آنيتا، پنهنجي سلوڻائيءَ حليمائيءَ ۽ خوش پيشانيءَ سان ملول دلين کي مرڻ کان بچايو بيٺي آهي. سندس نيم خوابي اکين، لکن جي لوڏ مان، محبت جو دونهون دکيو پوي. سندس منظورِ نظر هتي مهمان طور آيل آهي، دستوري شاديءَ جو بنڌڻ هن جي احساس جي لهر کي لوڏي نہ پئي سگهيو آهي. اسان جهڙن ڪُهنن آئينہ بينن جي نظر ۾ تہ ڳالهہ چوٽ چڙهيل ڏسجي پيئي. مون ڏانهن بہ ڪڏهن شفقت جون اکيون کڻي نهاريندي آهي. بمبئيءَ ۾ سندس دولتخاني تي مدعو ڪيو اٿس. مهمان آهي: اڄ اها بہ رخصت ٿيندي، پوءِ اسين هن دشتِ پرخار ۾ آبا، پائيءَ کان بچندا رهنداسون! قسمت جو لکيو آهي، من ڪو نعم البدل بہ اچي وڃي! هزار بار حسينن جي چار ۾ چنگهون اٽڪائڻ کان دل کي روڪجي ٿو، پر نٿي روڪجي! هاڻ تہ اچي زمين تي ڊري آهي، تہ بہ پنهنجي خباثت جبلي ڇنڊي نہ سگهي آهي. دعا ڪجو تہ

انهن انوکين منزلن کي باسلامت عبور ڪندو رهان!

منهنجي طبيعت اجا ساڳي آهي. الله تي توڪل آهي. آرينج جُوس پيو هلي، اجا ڪير بہ نہ ڏنو اٿن.

بمبئيءَ جي گورنر صاحب جي اڄ لنچ جي دعوت آهي. وڃڻ جي موڪل آهي. ملاقات ڪبي، ڪاڏو ڪونہ ڪائبو.

مسٽر ۽ مسز چيناٽي، مسٽر پنجابيءَ جون ملاقاتون ٿينديون رهن ٿيون. انهن سنڌين جي صحبت ۾ دل ڪجهہ وندريو وڃي.

مولوي فضل الحق مسلم ليگ تان استعيفا ڏني آهي. بنگال جي سياست جو رنگ هاڻ سنڌ جهڙو ٿيندو. ڪانوَ ڪي لُٽ ۾ مزو، ڪانگريس جو هاڻ موقعو آهي. هڪ مسلم صوبي ۾ شرارت ڪندا، افسوس!

(11)

نيچر ڪيوئر ڪلينڪ، پونا

12- نومبر، 1941ع

ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ تنهنجو نينتال مان خط مليو. مون کي خواب خيال بہ نہ هو تہ تون ايترو پري پنڌ جي هِل اسٽيشن تي ويندين، سو بہ نومبر جي مهيني ۾. اتي هاڻ سردي پيئي محسوس ٿيندي هوندي. آءٌ سمجهان ٿو تہ تون هاڻ مونجي گوٺ پهتو هوندين. آءٌ ساڳيءَ طرح بيچاڪ آهيان، پر ڪجهہ تازگي محسوس ڪريان پيو. ٽن مهينن جو ڪورس هن ڪُهنيءَ بيماريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. بهرحال، جلد سنڌ ۾ موٽندس. 19- تاريخ هوائي جهاز رستي ڪراچيءَ پهچندس، حيدرآباد وڃي، وري واپس ٿيندس. تنهنجي بنگلي ۾ رهندس. مهرباني ڪري بئي ڪنهن کي بنگلو رهڻ لاءِ نہ ڏجو. مون کي مڪمل آرام کپي.

مرحوم خانم جي تصوير ڪالهہ رات وري منهنجي دماغ ۾ تازي ٿي- جنهن ساڳيءَ تاريخ، 12- نومبر 1940ع تي، گذريل سال، 10 بجي، ٽاٽي بولا خان ۾، سندس بمبئيءَ مان وفاتيءَ جي تار پڙهي، زارون زار رُنو هوم. مرحومہ مون کي چوي ٿي تہ اڄ ڇو نٿو روئين؟ پر روئي نٿو سگهان! دل ۾ اهو جوش ۽ جذبو نہ رهيو آهي. دنيا جي ڪاروبار ۽ معاملن دل تي ڪٽ جا پڙدا چاڙهي

ڇڏيا هئا. پر سندس اڳيان رڪيل فوٽي وري دل تي رقت آندي:

”روئـي روئـان ڪيتـرو، آءُ روئـي نـہ ڄاڻـان،
متي سـر هٿان، هنجـن هاڻـا هتـڙا.“ (شـاهہ)

پوءِ دعا گهري مرحومہ کي بخشيم. حقيقت اها آهي تہ مرحومہ جو خيال اڪثر منهنجي دل تي تري ايندو آهي ۽ ڪڏهن بہ دل تان نہ وسريو آهي. وٽس پهچي نٿو سگهان. ليڪن سندس يادگيريون دل تي تازيون ٿينديون رهن ٿيون. خدا اسان تي رحم ڪري!

(12)

ڪراچي، حيدر منزل

27- نومبر 1941ع

آءُ هتي هوائي جهاز رستي پهتو هوس، جتان حيدرآباد وجي، وري سنڌ يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ هتي پهتو آهيان. تنهنجي بنگلي ۾ رهان ٿو، آرام اٿم. وري 30- تاريخ حيدرآباد وجي، 4- ڊسمبر موٽي، يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي رپورٽ تي آخري نظر ڪري متي موڪليندس. وري ڳوٺ ويندس، جتان 14- تاريخ ڪراچيءَ اچي، 15- کان 23- تاريخ تائين اسيمبليءَ جي اجلاس جي صدارت ڪندس. منهنجي صحت ساڳي آهي، جهڙي ڏٺي هيئي. تنهنجي تندرستيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟ اميد تہ هن وقت صحت نيڪ هوندئي. ڪراچيءَ اجلاس ۾ اچڻ لاءِ ڪهڙو ارادو اٿئي؟ توسان ملڻ جو گهڻو شوق اٿم، جلد خبرچار موڪليندا.

## سال 1942ع

(1)

حيدرآباد

25- جنوري، 1942ع

آءُ ۽ خانصاحب محمد صديق ميمڻ اڄ رات جيڪب آباد هارس- شو جي موقعي تي وڃون ٿا، حيدرآباد "مسلم گرلس هاءِ اسڪول" لاءِ چندي ڪٺي ڪرڻ لاءِ. سردار عبدالرحيم ڪوسي ۽ ٻين دوستن جي چوڻ تي وڃي رهيا آهيون. اهي اسان کي وائسراءِ جي دربار جي موقعي تي مليا هئا. موٽندي، 23- تاريخ لاڙڪاڻي لهنداسون. آءُ حيدرآباد ايندي، توکي ملڻ گهران ٿو. 24- تاريخ سن پهچندس ۽ ٻئي ڏينهن حيدرآباد موٽندس. اميد ته تون ڳوٺ هوندين. اسٽيشن تي پنهنجو نوڪر ونڻ لاءِ موڪليندين ته چڱو. جيڪڏهن لاڙڪاڻي ۾ وقت لڳي ويو ته پوءِ سن 25- تاريخ پهچندس. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(2)

حيدرآباد

3- مئي، 1942ع

مون کي معلوم ٿيو آهي ته تون اتر سرحد صوبي جو ڊگهو سفر ڪري، ڪشمير ڏسي، خير سان ڳوٺ موٽيو آهين. اتي خان عبدالغفار ۽ ڊاڪٽر خانصاحب سان مليو آهين. هيءَ خبر اخبارن ۾ شايع ٿي هئي. انهن ڪانگريسي ليڊرن سان ڇا لاءِ ملئين، گفتگو ڪهڙي ٿي، نتيجو ڪهڙو نڪتو، ان جي خبر نه آهي. تو ضرور انهن جي صحبت مان فائدو حاصل ڪيو هوندو.

مهرباني ڪري، مسلم ليگ جي پروگرام کان واقف ڪندا. توکي سر حاجي عبدالله هارون جي اوچتيءَ وفات جي خبر پهتي هوندي. گذريل آرتوار تي گذر ڪيائين. قوم لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي. ڪراچيءَ عذر خواهي لاءِ ڪڏهن ويندين؟

يوسف هارون جو نالو اسيمبليءَ جي ووٽرن جي لسٽ تي نه آهي. مولا بخش سومرو بيهڻ گهري ٿو. ان معاملي ۾ ڇا ڪرڻ گهرين ٿو؟

## سال 1943ع

(1)

حيدرآباد

14- جنوري، 1943ع

تنهنجو محبت ڀريو خط 8- جنوريءَ تي پهتو. تنهنجي نياپي آٽينڊز جي حتي الامڪان مدد ڪندس. يوسف هارون جي اليڪشن جي سلسلي ۾ مون کي اميد هئي ته تون حيدرآباد ايندين، چاڪاڻ ته مون ورڪرن جي ميٽنگ سڏائي هئي.

تنهنجي اميدوار جي بنا مقابلي ڪامياب ٿيڻ ڪري، توسان ملاقات ٿي نه سگهي. مولا بخش کي سندس ڪاميابيءَ جي پڪ نه هئي، ان ڪري دوستن جي زور ڀرڻ تي هٿ کڻي ڇڏيائين. مسلم ليگ اميدوار جي ڪاميابيءَ لاءِ توکي مبارڪ ڏيان ٿو. اهو نتيجو تنهنجي همت ڪري نڪتو آهي.

مون کي جناح صاحب لاءِ عزت آهي، پر سڪندر حيات سان محبت هيم. جيتوڻيڪ مون ساڻس گهاٽائي پيدا نه ڪئي هئي، پر ساڻس وقت بوقت ملاقات ۾ خوشي حاصل ٿيندي هئي. پر خدا جي ڳُهر اها هئي، مسلمانن جو هڪ نهايت ڪارآمد ڪارڪن وفات ڪري ويو.

تو مون کان پڇيو آهي ته اڄ ڪڏهن تو چين جو سفير ٿيان. پريس ۾ خبر ڇپي، ۽ ماڻهن جي ڇوپڇو ملڪ ۾ ڳالهه پکيڙي ڇڏي. اها ڳالهه اتي رهجي ويئي، ان کان وڌيڪ مون کي ڪابه خبر نه آهي. ممڪن آهي، ڪتي ڳالهيون پيرن ٻنبيون هونديون، پر اجا تائين ڪو خاص نتيجو ڪونه نڪتو آهي. جيئن خدا کي منظور هوندو، ائين ٿيندو.

وچ مشرق ۾ منهنجي وڃڻ بابت تو پڇيو آهي. سرڪار جو چوڻ آهي ته جنگ جي دوران ۾ اوڏانهن وڃڻ خطري کان خالي نه آهي، ان ڪري اوڏانهن وڃڻ جو حال امڪان نه آهي.

اڄ 18- تاريخ ڪراچيءَ وڃان ٿو، جتي نئين قسم جي جنگي هٿيارن ۽ فوج جو معائنو ڪندس. ڪمانڊنگ آفيسر ڪيترن ئي جڳهين تي مون سان ساڻ هوندو. مون کي سنڌين جي فوج ۾ ڀرتيءَ جو ڏاڍو شوق آهي. افسوس ته اسان رڳو ڪلارڪ ۽ اسڪول ماستر پيدا ڪيا آهن. اسين دوربين نه

آهيون. تون خيال ڪري ڏس تہ ڪلارڪن جي قوم بہ ڪڏهن حڪومت ڪئي آهي؟ حڪومتون ۽ ڪلچر هميشہ جنگي ڪامياببن جي پويان پئي هليا آهن. علم ۽ تهذيب جنگي فتحيابين بعد قومن کي حاصل ٿيا آهن. جهاد جو نظريو منهنجي نقطہ نگاهہ کي ثابت ڪري ٿو. موجوده دور ۾ جنگ هـَـر جي چونبن، ڪهاڙين ۽ تلوارن سان ٿي ڪانہ سگهندي، پنهنجن نوجوانن کي جديد جنگي طريقن موجب تربيت ڏيڻ گهرجي، جنهن ڪري اسين ڌارين يا گهرو دشمنن جي مقابلي جا لائق بنجي سگهون. تون ان معاملي ۾ ڇا ڪرڻ گهرين ٿو؟ تنهنجن بلوچن ۽ سنڌين کي ان ڳالهہ ۾ ڪهڙو پارٽ ادا ڪرڻو آهي؟ ڪمزور مدراسي ۽ هڏن جي هـُـٺ بينگالي، جنگي تربيت حاصل ڪري، مستقبل لاءِ تيار ٿي رهيا آهن، پر قديم روايتي سنڌي پهلوان وجن ٿا روز بروز بزدل بنبا ۽ پنهنجن وڏن جون روايتون وساريندا! ڇا انهن کي سدائين زميندار جو غلام ۽ واڻئي جو زيردست ٿي رهڻو آهي؟ هنن جو پيرن ۾ اعتقاد ۽ مـَـڪي ڍنڍ ۾ رهي ڏاڙا هڻڻ ڪين ڪتب ڪين ايندا. انهن کي باقاعدي تربيت ڏياري، جنگي طاقت ۾ بدلائڻ ضروري آهي. آءٌ توکي واعظ ڪرڻ ڪونہ وينو آهيان، پر صرف تنهنجو توجهہ هن دور جي اهم ضروريات طرف ڇڪائي رهيو آهيان. هي دور نئين ۽ پراڻي دورن جي وچ ۾ عارضي دور آهي.

آءٌ 19- تاريخ جنوريءَ تي دهليءَ وڃي رهيو آهيان، جتي نئشنل دفينس ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻي اٿم. دهليءَ ۾ 21 کان 26- تاريخ تائين رهندس، پوءِ لاهور ۽ ملتان مان ٿيندو، 30- تاريخ موٽي ايندس. مهرباني ڪري پنهنجي احوال ۽ راءِ کان واقف ڪندا.

(2)

فليٽي هوٽل لاهور

28- جنوري، 1943ع

آءٌ دهليءَ کان موٽيو آهيان، جتي نئشنل دفينس ڪائونسل ۽ سول دفينس ڪائونسل جي ميٽنگن ۾ شرڪت لاءِ ويو هوس. اتي آءٌ مخدوم غلام ميران شاهہ جي بنگلي ۾ رهندو هوس. سندس فرزند، حسن محمود، مون سان گڏ هو. مسٽر ۽ مسز پاربيا سان ملندو رهيس. پاربيا تازو دهليءَ ڪامرس ڪاتي ۾

بدلي ٿيو آهي. مون سنڌس ليڊي مسعود ۽ سنڌس ننهن سلطانہ سان واقفيت ڪرائي آهي ۽ ڪين پڪاڊليءَ ۾ ڊنر پارٽي ڏنيم. پوءِ ڪين امپيريل جمخاني ۾ وٺي ويس، جتي دوستن سان ملياسون ۽ ڊانس ٿيو. اتي گهڻيئي حسين عورتون آيل هيون، مسز پارپيا حسن، متانت ۽ رعب ۾ سيني کان سرس هئي. هاڻ وڃي سوسائٽيءَ ۾ پسند پوندي. حسن جو هتي زور ۽ ان جي نمائش آهي. مون کي اتي رهڻ جي وقت ۾ مسٽر گرڊاريمل ۽ سنڌس انگريز زال سان بہ واقفيت ٿي ويئي، جي نهايت مهربان هئا. منهنجي هوٽل مرينا ۾ نهايت شاندار دعوت ڪيائون. برساتن ڪري البت تڏ هئي. آءٌ سر سلطان احمد سان بہ مليس، جو يوسف هارون جي ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو هو. اتي سر اين. آر. سرڪار سان بہ ملاقات ٿي. اتي پنهنجي پراڻي بمبئيءَ جي دوست، ڊاڪٽر امبيڊڪر سان بہ ملڻ ٿيو، جنهن منهنجي اعزاز ۾ چانهہ جي دعوت ڪئي. مهاراجا ڪپورٿالا ۽ نواب بهاولپور نهايت مهربان هئا. مون کي سنڌن رياستن ۾ اچڻ جي دعوت ڏنائون. جي قسمت گهريو تہ ڪڏهن وڃي ملاقات ڪري اچبي. ڪمانڊر ان چيف نهايت سٺو ماڻهو آهي. جنگ بابت هر سوال کي نهايت پوريءَ طرح سمجهاڻيءَ سان جواب ڏنائين ٿي. آءٌ ميجر جنرل موليڪمورٽ، چيف آف اسٽاف، سان بہ مليو آهيان، جنهن کي سنڌين ۽ بلوچن کي فوج ۾ پرتي ڪرڻ لاءِ زور پريم. ان تي غور ٿي رهيو آهي. وڏيڪ ڪراچي ۾ معائنو ڪبو. 30- تاريخ حيدرآباد پهچندس.

## (3)

ڪراچي

7- فيبروري 1943ع

راهہ مين وه ملي، کهان بزم مين وه بلاتي، کيون!

انور تنهنجو خط ڏنو. رضا کي چيم، ان ڪيس ڪنگس ڪميشن ۾ ڪٽڻ کان عذر واريو. بهرحال، ڪيس وائسراءِ جي ڪميشن ۾ ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪندس. سياڻ بمبئيءَ وڃان ٿو. 15- تاريخ موٽندس. ڏاڍي خواهش هيم تہ توکي ملان. آءٌ ان خيال جو هوس تہ 15- تاريخ تائين ڪراچي هوندين، جتي ملنداسون، پر هتي اچڻ بعد معلوم ٿيو تہ تون ڳوٺ هليو ويو آهين. ڪي خيال

منهنجي دل ۾ چڪر ڏيئي رهيا آهن: خيال هوم تہ اهي توسان اوري، رهبريءَ ۽ صلاح سان ڪي فيصلا ڪندس. خير، حياتي آهي تہ اسيمبليءَ جي موقعي تي ملي احوال ڪندس.

چه خوش است پيش زلفت سر شڪوه باز ڪردن،
گلـه هـاي روزِ هجـران بشـب دراز ڪـردن.

اميد تہ توکي منهنجو ٽائپ ٿيل خط ناتال ۾ ماڻهوءَ هٿان پهتو هوندو. مون لاهور مان بہ خط لکيو هو. منهنجي خواهش آهي تہ سلسلو خطن جو قائم رهي، ۽ ڪوبہ خط گم نہ ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ خبر اٿم تہ تون اهي محفوظ ڪندو آهين. اهي خط منهنجي زندگيءَ جي تاريخ جون ڪَڙيون آهن.

(4)

وندسر پئليس، نئين دهلي
13- اپريل، 1943ع

آءٌ دهليءَ ۾ تاريخ 10- صبح جو پهتو آهيان. نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگ پوري ڪرڻ بعد ڪلڪتي روانو ٿيندس، جتي ساٿين سان گڏ ملٽري ڪئمپون ڏسنداسون. افسوس آهي جو پروگرام اهڙيءَ طرح رکيو ويو آهي جو مسلم ليگ ميٽنگون ڏسي، يا توسان ۽ ٻين دوستن سان ملي ڪونہ سگهندس. بهرحال، ڪوشش ڪندس تہ ڪلڪتي مان جلد نڪري، 26- تاريخ هتي دهليءَ ۾ پهچان. گريٽ ايسٽرن هوٽل ڪلڪتي ۾ مون ڪي تار ڪج. جيڪڏهن ٿورو دير سان اچان تہ مهرباني ڪري ترسي پئج.

اهو افواهہ اُتي رهيو آهي تہ شايد سر عزيزالحق وائسراءِ جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل تي ڪجي، ۽ لنڊن ۾ هاءِ ڪمشنر جي جاءِ خالي ٿئي. جيتوڻيڪ موقعو موزون نہ آهي، پر ممڪن آهي تہ تون يوسف هارون ۽ ٻين جي مدد سان منهنجي ان جاءِ لاءِ سفارش ڪرائي سگهين. مون پاڻ لاءِ از خود گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، پر پنهنجي لاءِ ڪوشش ايتري موثر ڪانہ آهي، جيترو دوستن معرفت ڪوشش مفيد ثابت ٿئي ٿي. سنڌ جو عيوضي جيڪڏهن ڪجي پوي تہ ڏاڍو چڱو. سر غلامُ حسين جي مدد بہ تون ان ڪم لاءِ وٺي سگهين ٿو. اميد تہ تون هرڪا ڪوشش ڪندين. وڌيڪ خدا تي ڇڏيان ٿو.

## (5)

ديرادون

17- مئي 1943ع

منهنجو 15 ڏينهن وارو مسوريءَ جو قيام اچي پورو ٿيو آهي. تنهنجي وچڻ کان پوءِ مون ڊانس جا سبق وٺڻ شروع ڪيا. سيڪاريندڙ، مس شيري باسفورڊ سان پير ڪٽندو، سڪندو رهيس. ازان سواءِ، اسڪيٽنگ بہ سکيو آهيان. هاڻي اهي مزا ڦتا ڪرڻا ٿا پون.

نواب صاحب پالپور ۽ بيگم صاحبہ سان چڱو خوشيءَ جو وقت گذريو. ٻئي نهايت شريف ۽ مهربان آهن. مون ڪڏهن بہ شاهي گهراڻي جي ماڻهن کي اهڙو خوش خلق ۽ ملنسار ۽ مهذب نہ ڏٺو آهي. آءُ ڪين، پالنپور ۾، آگسٽ ۾، سندن دعوت تي وڃي ملندس.

الهہ بخش مرحوم وفات ڪري ويو- خدا کيس جنت نصيب ڪري! مون کي پڪ آهي تہ انهيءَ خبر توتي گهڻو اثر ڪيو هوندو. جنهن نموني کيس شڪارپور ۾، 14- مئي 1943ع تي قتل ڪيو ويو آهي، سا ڳالهہ نهايت وحشت خيز آهي. جيڪڏهن شخصي يا سياسي انتقام وٺڻ جو طريقو اهو آهي تہ ڪوبہ ماڻهو اسان جي صوبي ۾ سلامت رهي نہ سگهندو. اهي طريقا، سياسي مخالفن کي ختم ڪرڻ جا، سختيءَ سان بند ڪرڻ گهرجن. بهرحال، هڪ نهايت ڪارائتو ماڻهو اسان کان جدا ڪيو ويو آهي. اسان مان ڪن کي هن جي سياسي نظرين سان ڪٽي اختلاف هجن، پر سياسي رايا حالتن موجب پيا بدلجن، ۽ ممڪن آهي تہ هي بہ بدلجي، ڪارآمد ٿي سگهي ها. خانبهادر کهڙو هاڻ پاڻ کي محفوظ سمجهندو هوندو. هاڻ کان وٺي هو شايد ڊڪٽيٽري نمونو اختيار ڪري. سر غلام حسين جهڙو آزمودگار ماڻهو آهي، پر هاڻي شايد کهڙو هن تي قابض ٿي وڃي. خير، وقت زخم ڇٽايو ڇڏي، وڏيڪ احوال روبرو ڪبا.

## (6)

بمبئي

10- جولاءِ، 1943ع

توکي خبر آهي تہ آءُ 29- تاريخ سنڌ مان نئشنل ڊفينس ڪائونسل

جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو هوس. منهنجو پُٽ قبول محمد شاهه ۽ فيروز نانا مون سان گڏ هئا. دهليءَ جي ميٽنگ ۾ گهڻو ڪڙ-تيل نه هو، پر دهليءَ جي سوسائٽيءَ جي واقفيت ۾ اضافو ضرور ٿيو. مون سر سلطان احمد، سر عزيز الحق، ڊاڪٽر ڪاري ۽ ڊاڪٽر اسپيڊڪر سان ملاقاتون ڪيون آهن. ازان سواءِ، سر فيروز خان نون جي مشهور معروف نميس سان تعارف جو شرف به سر سرينتانه جي پارٽيءَ ۾ حاصل ٿيو. هز هائينس مهاراجا پٽيالا ۽ رامپور به حاضر هئا. شام نهايت مزي سان گذاري ويئي. بئي ڏينهن بيگم شاهنواز مون کي لنچ ڏني، جتي ڪيترن مردن ۽ عورتن کي گهرايو هئائين. گهڻو مزو ڪونه هو، پر وقت گذاريو ويو. بيگم صاحبه باوجود عمر ۾ وڏي هئڻ جي، بين جي وچ ۾ تارن ۾ چنڊ هئي. هن جي شاديءَ جا افواهه هلي رهيا هئا. بيگم سلطانه سان به ملاقات جو وقت مليو، جنهن وقت هوءَ اجمير وڃي رهي هئي. مسز بتي لعل اڄڪلهه نظر نه آئي، اهائي آهي، جا دهليءَ ۾ منهنجي قيام کي وڏيڪ زيب آور بنائيندي هئي. مسٽر لعل غمگين ڏسڻ ۾ پئي آيو. ٻنهي زال-مڙس جي وچ ۾ غلط فهمي پيدا ٿيل هئي. آخر مون وچ ۾ پئي ٻنهي جو رضانامو ڪرايو. هاڻ اميد ته پاڻ ۾ غلط فهمي نه ٿيندن. پوءِ مقيم شاهه بخاريءَ جي اصرار تي، آءٌ 7- تاريخ بمبئيءَ ۾ آيس، مقيم شاهه کي سندس زال ڪُٺنيءَ سان خوش ڏٺم. مون انهن ٻنهي کي جڏهن گڏ ڏٺو تڏهن مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. منهنجو دوست عثمان ڪين بمبئيءَ جي اعليٰ سوسائٽيءَ ۾ متعارف ڪرائي رهيو هو. پر مون کي تعجب لڳو ته بخاريءَ ڪانسواءِ باقي سڀ خوش هئا. هي هڪ شيءِ تي راضي رهڻ وارو نه آهي، ڪٺني، جنهن لاءِ هو رات ڏينهن حيران هو، جڏهن ساڻس ڪني ٿي، ته اها سڌ لهي ويس. هتي بمبئيءَ ۾ وري نين عورتن جي ڳولا ۾ آهي. انهن کي به هي ڇڏي ڏيندو. هڪ جاءِ تي ٽڪاءُ ڪونه اٿس. هن زور ڪري مون کي بمبئيءَ ۾ گهرايو. اڇڻ بعد مون ڪان گوشو اختيار ڪري ٿو، چاڪاڻ ته آءٌ ڪيس مشورو ڏيان ٿو ته زال سان وفادار رهه ۽ وڌيڪ نه رل. تنهنجي پيشنگوئي سچي ثابت ٿي. بخاريءَ جي اهڙين ڳالهين مان ماٺهو بيزار ٿيو پوي.

(7)

حيدرآباد

26- جولاءِ 1943ع

توکي فيروز نانا کان منهنجو پيغام پهتو هوندو تہ 30- تاريخ لاهور ميل ۾ ڪراچيءَ ايندس. اسٽيشن تان سڌو تو وٽ اچي، ماني کائي، پوءِ گفتگو ڪنداسون. ڇاڪاڻ تہ تون ٻئي ڏينهن ڳوٺ وڃي رهيو آهين.

(8)

فيروز شاهہ روڊ، نئين دهلي

4- سيپٽمبر 1943ع

سنڌ کي 5- آگسٽ تي ڇڏي 17- تاريخ، بمبئي پهتس. يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم. ڊاڪٽر حميد وٽ لٿل هيس. بمبئيءَ ۾ رهائش جي وقت ڪا خاص ڳالهہ لکڻ جي لائق واقع ڪانہ ٿي.

21- تاريخ مسٽر پارپيا ۽ مسز پارپيا، مسٽر ڪپور ۽ مسز ڪپور، مسٽر سنگهہ ۽ مسز سنگهہ سان، سندن سيلون ۾، پونا روانو ٿيس. ٽيئي جوڙا گڏ هئا. هڪ ٻئي ۾ خوش هئا: آءٌ اڪيلو فرد هوس، جو موجوده جديد سوسائٽيءَ جي خوشقسمتيءَ ۽ خوشيءَ تي غور ۽ فڪر ۾ مستغرق هوس. هي ٽيئي مرد مهذب ۽ تعليم يافتہ هئا. سندن رفيقِ حيات بہ خوبصورتيءَ سان گڏ تهذيب، همخياليءَ ۽ وفاداريءَ ۾ سندن زندگيءَ جي خوشيءَ کي دوبالا ڪريو بيٺيون هيون. هتي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ قدرت ڪيتري هنن ٽنهي جوڙن تي مهربان هئي.

پوني پهچڻ تي آءٌ هنن کان جدا ٿي، وڃي مسٽر ڪيولرام پنجابيءَ وٽ رهيس. پوءِ مٿي ذڪر ڪيل گروپ سان پوني ۾ ريسز تي ويس. ٻئي ڏينهن مقيم شاهہ بخاريءَ سان مليس، جو رٽز هوٽل ۾ رهيل هو. توکي اسان جي مجنون بخاريءَ جي احوال ٻڌڻ ۾ شايد دلچسپي پيدا ٿئي. هو ڇوڏاري مکيہ ائڪٽرن سان رنگ رلين ۾ مشغول هو. هن سان سندس ٻيئي پوپٽ بہ ساڻ هئا، پر هي مٿي واڳ تي هو. هي ساڳيءَ طرح آسمان جي هوا ۾، عجيب خيالن ۾ غرق ڏسڻ ۾ آيو ٿي، جي سندس توفيق ۽ وسعت کان ٻاهر هئا. باوجود سائنس

خيالن جي اختلاف جي، مون کي سندس لاءِ ڪشش رهي. ممڪن آهي، ڪنهن ڳالهہ ۾ همجنسيت هجي. مون سندس صحبت مان ڪافي لطف حاصل ڪيو. پوءِ پنهنجي اڳوڻن ساٿين سان گڏجي، بمبئيءَ روانو ٿيس. انهن ۾ هڪ جوڙيءَ جو اضافو هو: مسٽر ۽ مسز مسلماني.

24- تاريخ شام جو بمبئيءَ آيس. ساڳيءَ شام جو گاڏيءَ ۾ چڙهي، پالنپور ۾، نواب صاحب جي ڏنل دعوت تي پهتس. هن جو پائيٽو ۽ چيف منسٽر مون کي اسٽيشن تان وٺڻ آيا، ۽ محلات ۾ وٺي ويا. توکي منهنجي اڳئين خط مان معلوم آهي تہ نواب صاحب ۽ بيگم مون کي پالنپور ۾ اچڻ لاءِ زور پريو هو. پر بدقسمتيءَ سان هن موقعي تي بيگم صاحبہ دماغي تڪليف ڪري بستري داخل هئي، جا حالت بخار ڪري پيدا ٿي هيس. نواب صاحب بهترين خاوند هئڻ ڪري، سندس بيگم صاحبہ کي نهايت پيار ڪندڙ آهي، تنهن ڪري هن جي دل سندس بيگم صاحبہ جي بيچاڪائيءَ ڪري جمعيت ۾ نہ هئي. سارو وقت انهيءَ انتظار ۾ هو تہ ڪهڙيءَ طرح سندس رفيقہ حيات کي صحتياب ڪرائي. آءٌ پنهنجي طرف گهٽ متوجهہ هئڻ سبب خفا نہ ٿيس، بلڪ هن جو وڏيڪ مداح ٿيس، هو وفاداريءَ ۽ انساني همدرديءَ جو پتلو آهي. خدا ڪري، بيگم صاحبہ جلد تندرست ٿي، نواب صاحب جي خوشيءَ جو باعث بڻجي.

26- تاريخ، نواب صاحب کان موڪلائي، اجمير شريف پهتس. خواجہ صاحب جي درگاهہ ۾ ڪيترا دفعا نواب صاحب ۽ پنهنجي لاءِ دعائون گهريم. مون ۽ نواب کي ساڳي تڪليف هئي: هو سندس پياريءَ بيگم ۽ رفيق حيات جي بيماريءَ ڪري بيچاڪ هو، تہ آءٌ اهڙيءَ رفيق حيات جي عدم موجودگيءَ کان بيجان هوس. آءٌ سمجهان ٿو تہ قدرت بنهي تي ناراض آهي، سواءِ انهيءَ دليل جي تہ دنيائي زندگي رنج ۽ غم سان ڳنڍي پيئي آهي. مون کي جگر مراد آباديءَ جون هيٺيون مصرعون، محمد حسين قوال کان درگاهہ ۾ ٻڌي، نهايت دل سان لڳيون:

بيکيف زندگي هي جئي جا رها هون مين،
شيشہ هي خالي اور پئي جا رها هون مين.
يون زندگي گذار رها هون تيري بغير،
جيسي کوئي گناهہ ڪئي جا رها هون مين.
گلشن پرست هون، مجهي گل هي نهين عزيز،

ڪانٽون سي پي نباهہ ڪئي جارها هون مين.

اجمير ڇڏي، 29- تاريخ شام جو جيپور پهتس، ۽ سر مرزا اسماعيل، چيف منسٽر، وٽ رهيس. اڳيان محل ۽ خوبصورت منظر ڏسڻ کان سواءِ، جيپور ۾ مرزا محمد اسماعيل جي نئين تعميراتي پروگرام جي ڏسڻ جو موقعو بہ مليم. هن جي صحبت هر ڳالهہ ۾ مون کي نئين معلومات ميسر ڪئي.

آءٌ دهليءَ ۾ 31- تاريخ پهتس. منهنجي عجب جي حد ئي نہ رهي، جڏهن اتي بخاريءَ ۽ مير الهہ بچائي جهڙي گدام واري کي ڪَـنو ڏٺم. انهن سان وري مجلسون ڪيون ويون. ساٿن دهليءَ ۾ ٽي راتيون ۽ ڏينهن چڪر لڳايا ويا. انهن نوجوانن جي صحبت ۾ اهي ڳالهيون ڏٺيون ويئون، جي روبرو خدمت ۾ پيش ڪبيون. صرف ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ منهنجي ستل جذبات کي هنن جي صحبت وري جاڳائي وڌو.

منهنجو سياسي ڪاروبار، نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگ پوري ٿيڻ تي، وائسراءِ جي دعوت بعد پورو ٿيندو. هيءُ وائسراءِ پنهنجي عهدي جون واڳون بئي مهيني جي آخر ۾ ڇڏي رهيو آهي.

وڌيڪ ذڪر ڪرڻ جي ڳالهہ، بيگم شاهنواز جي چانهہ جي دعوت هئي. هن جي مجلس کي آءٌ خوش بختي سمجهندو آهيان.

دهلي آءٌ سياٽي ڇڏڻ وارو آهيان. وري سنڌ ۾ ساڳي رگمرول ۾ اچي پئبو. اميد تہ سيپٽمبر ۾ گڏباسون. ڊپ رڳو اهو اٿم تہ مٿان رمضان جو مهينو اچي ٿو، ۽ ان ۾ هميشہ وانگر عبادت ۾ گذارڻ ڪري، ٻاهر نڪري نہ سگهين. بهرحال، پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا.

(9)

حيدرآباد

10- آڪٽوبر، 1943ع

خط پهتو. ڊاڪٽر صاحب کي مليس. هن مشورو ڏنو تہ تنهنجو موڪليل ماڻهو ڪجهہ وقت ترسي تہ پوءِ ڪيس سکر ۾ نوڪريءَ ۾ رکندو. آءٌ 22- آڪٽوبر تي توسان ملڻ جي ڪوشش ڪندس. 24- آڪٽوبر 1943ع تي ڄاموٽ سان سندس ڀاءُ جي مڱڻي تي وڃندس.

(10)

ڪريسينٽ هائوس، بئنگلور

13- نومبر، 1943ع

پهرين توکي مبارڪ ڏيان ٿو، شڪارپور مسلم ليگ جي ڪاميابيءَ تي. مون کي خبر آهي تہ تو ان ۾ ڪيتري محنت ورتي ۽ مهينن جا مهينا وڃي اتي ڪم ۾ گذاريو. مسلم ليگ ڪئمپ ۾ اختلاف هئڻ ۽ مڪاني طرح شدت سان مخالفت جي باوجود، تو ڪاميابي حاصل ڪئي. تو نازڪ صحت جي باوجود، صرف پارٽيءَ جي وقار خاطر، ايتري جاکوڙ برداشت ڪئي. جنهن ڏينهن کان تو ورڪ شروع ڪيو، آخر وقت تائين مون کي انتظار رهندو آهي. نہ رڳو مسلم ليگ سان همدرديءَ خاطر، پر مسلم ليگ جي پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ تنهنجي شخصي عزت ۽ وقار بہ خطري ۾ هو. اڄ مون "هندو" (مدراس) ۾ خبر پڙهي. اميد تہ آءٌ بہ جلد سنڌ موٽندس.

مون کي سارو آڪٽوبر موڪن جي تڪليف ڪري رت ايندو رهيو، پر ان جي باوجود 29- تاريخ دهليءَ لاءِ روانو ٿي ويس. ديرادون ۾ موڪن جي علاج لاءِ راجا چڪرورتيءَ کان دوا وٺڻ ويس. نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ نئين وائسراءِ، لارڊ ويول، سان ملاقات ڪرڻ بعد، اسان ڇئن جو گروهہ سڪندر آباد ۽ حيدرآباد ۾ آيو، جتي اسين نظام دکن جا مهمان هئاسون. 7 کان 9 تاريخ تائين حيدرآباد هئاسون. سندن مهماننوازيءَ کان سواءِ، اسين خوش قسمت ٿياسون جو برار جي شهزادي ۽ شهزاديءَ جي دُر شهوار ترڪيءَ جي اڳوٽي خليفي جي ڌيءَ سان ملڻ جو موقعو مليو. ظاهري حسن ۽ شاهاڻي شوڪت جي علاوه، بيگم صاحبہ کي ماڻهن جي پوري شناس هئي. هو عالمہ ۽ فيلسوف ڏسڻ ۾ آئي. علمي نقسہ نگاهہ کان، هن ۽ مرحومہ طريقي خانہ ۾ ڪيتري مشابهت هئي، پهرين ذڪر ڪيل ملاقات کان مٿي آهي، ۽ بي انهيءَ ملڪ ڏانهن ويئي آهي، جتان ڪر ڪونہ موٽيو آهي. خير، شاهي جوڙي کي الوداع چئي، اسين بئنگلور پهتاسون، جتي ميسور حڪومت جا مهمان آهيون. هتي جي آبهوا نهايت خوشگوار آهي. هتي ملٽري مرڪز کي ڏسي، سياٽي ڪوچين روانا ٿينداسون، جتي بحري لشڪر ڏسي، 18- تاريخ مدراس پهچنداسون. 24- تاريخ واپس دهليءَ اچي، 26- تاريخ سنڌ پهچڻ جي ڪوشش ڪندس. اميد تہ خوش هوندين.

(11)

ڪراچي

23- ڊسمبر 1943ع

خط پهتو تہ آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪارروائي لکڻ لاءِ اسٽينو گرافر ڪليانپوريءَ کي موڪليان. ان لاءِ سرڪار ڪان منظور وٺندا، ۽ ڪيس چڱو معاوضو ڏياريندا.

## سال 1944ع

(1)

ڪراچي

29- فيبروري، 1944ع

مسٽر ڪيولرام پنجابي دهليءَ کان آيو آهي. ان کي پهرين مارچ تي ڪراچي ڪلب ۾ لنچ ڏني اٿم. اوهين مهرباني ڪري ان ۾ شريڪ ٿيندا.

(2)

حيدرآباد

31- مارچ 1944ع

اميد ته هينئر ڪراچيءَ آيل هوندين. آءٌ 13- اپريل دهليءَ وڃڻ گهران ٿو. مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام کان واقف ڪج. جيڪڏهن ڳوٺ موٽڻ وقت حيدرآباد مان مون کي ملندو وڃين ته نهايت چڱو ٿيندو.

ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته وزيرن جي پورٽفولين ۾ تبديلي ٿيڻ واري آهي. مون سر غلام حسين، کهڙي، پير، گزدر، ڊاڪٽر هيمنداس ۽ گوڪلداس سان گفتگو ڪئي آهي، جن کي ٻه- ٽي تجويزون ڏنيون اٿم.

[نوٽ: پوءِ انهن جو لب لباب ڏئي ٿو، ۽ چوي ٿو ته ان معاملي ۾ دلچسپي وٺي، سندس تجويزن مان ڪنهن کي منظور ڪرايان.]

(3)

ونڊسر پئليس، دهلي

21- اپريل 1944ع

هڪ خط اڳي موڪليو اٿم، آءٌ هندستان کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان. اڳي توکي ٻڌائي نه سگهيس جو معاملو مخفي هو. وچ مشرق ۾ جنگي حالتون ڏسڻ لاءِ اسان کي موڪلي رهيا آهن. هي گشت وڏي معلومات ميسر ڪندو. اسين مسلم ملڪ گهمڻ وارا آهيون. خدا خير ڪندو ته جلد موٽي ايندس. اتان توکي خطن ذريعي احوال موڪليندو رهندس. مئي جي ٽئي هفتي ۾ واپس ايندس.

(4)

ڪئريتيا، قبرص

9- مئي 1944ع

جنگ جي زماني ۾ ملڪ ڇڏي هتي اچي پهتا آهيون. هي بيٽ يونچ سمنڊ جي وچ ۾، ايشيا جي زمين کان 120 ميل اندر سمنڊ ۾ آهي. ترڪيءَ جي سرزمين کان 30 ميل پري آهي. هن خط ۾ پنهنجي سفر جو احوال موڪليان ٿو:

هڪ پارٽي، نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي پنجن ميمبرن جي، 21- اپريل تي، دهليءَ ڏانهن هڪ وڏي هوائي جهاز ۾ رواني ٿي، ان ۾ آءٌ بہ هڪ آهيان. آغا عبدالستار جان مون کي هوائي اڏي تي اماڻڻ آيو هو. ڪجهہ وقت جوڌپور ترسي، ڪراچي آياسون. اتان ماريپور ايئرو ڊرم تان، بلوچستان ۽ ايران جي مٿان اُڏامندا، شام جو بصري پهتاسون، جتي اسان کي بهترين هوٽل ۾ رهايو ويو. جا فرات ۽ دجلہ جي ملڻ واريءَ جاءِ تي نهيل آهي ۽ هوائي اڏي جي پر ۾ آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو وري جهاز ۾ چڙهي هبانيا ۾ پهتاسون، جتي راشد عليءَ سان جنگ ٿي هئي. پوءِ شام جو، صحرا پار ڪري، فلسطين جي شهر لئڊا ۾ لٿاسون. ان کان پوءِ، سنا جو صحرا ۽ سئيز ڪئنال ٽپي، ڪيرو ۾ هيليو پوليس هوائي اڏي تي لٿاسون. اسان کي ليفٽيننٽ ڪرنل مجيد ملڪ وٺڻ آيو، جتي پاسپورٽ ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ڏيکاري، اسين ڪيرو جي فيشنبل محلي ۾ وياسون، ۽ هوٽل ڪانٽيننٽل ۾ رهياسون.

توکي ٻڌي تعجب ٿيندو تہ هن فرعونن جي قديم ملڪ ۾ ڪيتري تبديلي آئي آهي. فرينچ ۽ عربي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. تنهن ڪري ذرا تڪليف محسوس ٿيسون. زبان کان اکين کي وڌيڪ ڪم آنداسون. هتي فئشن جي حد لڳي پيئي آهي. وڏو شاهي رستو، درختن ۽ پارڪن سان شهر جي زينت کي دوبالا ڪريو بينو آهي. منجهس وڏيون عمارتون، بهترين شاپون ۽ خوش منظر عياشي جا مرڪز عام آهن. ان ۾ قديم ۽ جديد، ٻنهي قسمن جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پئرامڊ، نيل ندي، هزارين ورهين جي ياد تازي ڪرائين ٿا. ٻئي طرف جديد عمارتون ۽ ماڻهن جي بود باش، نئيءَ دنيا جي رونق ڏيکارين ٿا. پراڻو قلعو، محمد علي پاشا جي مسجد، جامع اظهر يونيورسٽي، ٻيون مسجدون ۽ منارا، مسلماني حڪومتن جي عظمت جون يادگيريون ڏيارين ٿا.

ڪيترن مکيہ ماڻهن سان ملڻ ۽ تبادلہ خيالات ڪرڻ جو موقعو مليو. هيءَ ڳالهہ صاف ڏسڻ ۾ آئي تہ مصري ماڻهو مهاتما گانڌيءَ ۽ ڪانگريس کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا. بنسبت جناح صاحب ۽ مسلم ليگ جي. هنن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ ڇو اسين هندن سان ملي، متحده محاذ بنائي، آزادي لاءِ جهدوجهد نٿا ڪريون. پاڪستان جي ڳالهہ، ڪين سمجهہ ۾ نٿي ويهي. اها حالت اسان جي مسلم ملڪن ۾ پروپئگنڊا نہ هئڻ ڪري پيدا ٿي آهي. ترقيءَ جي باوجود، قدامت پسند مسلم عورتن جي منهن تي اجا ڪارو برقعو ڏسڻ ۾ آيو ٿي. وڏا ماڻهو پردو ڪونہ ٿا ڪن. اهي ڪيرو شهر ۾ ڪافي تعداد ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پڙهيل ماڻهو 14 سيڪڙو آهن. فلاحين (هارين) جي حالت ساڳي، پنهنجي ملڪ جهڙي آهي. هو مٽيءَ جي جهوپڙين ۾ رهن ٿا، جي نهايت سوڙهيون ۽ غليظ آهن. لائق آباد زمين سموري آباديءَ هيٺ آيل آهي. فلاحين جي حالت صرف انقلاب ئي درست ڪري سگهندو. ڪاڌي خوراڪ جي ڪمي نہ آهي، پر ڪاڌي جي شين جون قيمتون هندستان کان گران آهن. جنگ نزديڪ هئڻ ڪري، سياسي هلچل ۾ جمود آيل آهي. جنگ کان پوءِ شايد حالتون بدلجن.

اسين قاهره ۾ ست ڏينهن هئاسون. اسماعيليہ بہ ڏٺوسون، جو بتر ڍنڍ تي بندر آهي ۽ سئيز ڪئنال جي پر ۾ آهي. قاهره کان موٽرن ۾ سوار ٿي، سينا جو سحرا لنگهي، طور سينا جبل ڏٺوسون. پوءِ بيرشيبا جو کوهہ ڏٺو ويو، جتي حضرت يوسفؑ کي سندن ڀائرن قِتو ڪيو هو.

جملي 360 ميل مسافري ڪرڻ کان پوءِ، جيروسلم پهتاسون، جو يهودين، ڪرستانن ۽ مسلمانن جو مقدس شهر آهي. اسان ڪيترن تاريخي جڳهين جو معائنو ڪيو: جهڙوڪ حضرت سليمانؑ جو قلعو، مسجد اقصيٰ، مسجد عمر، حضرت عيسيٰؑ جي ڄمڻ جي جاءِ، بيت الحام ۽ ڪجهہ ميل پري سندس صليب تي چڙهڻ جي جاءِ بہ ڏٺي سون. جيروسلم جدا جدا ٽڪرين تي اڏيل آهي، جنهن جي وچ ۾ ننڍيا ڳوٺ ميويدار وڻن سان ڇانيا پيا هئا. اسين دائود هوٽل ۾ رهياسون، جا نهايت شاندار نظاري تي، جبل غوسين جي سامهون نهيل آهي. اتي حضرت عيسيٰؑ وجي واعظ ڪندو هو. يهودين جو اثر رسوخ گهٽو ڏسڻ ۾ آيو. يهودين ۽ عربن جي وچ ۾ اڪثر فساد ٿيندا رهن ٿا. عرب يهودين جي پئسي ۽ اثر جو مقابلو ڪري

رهيا آهن. انگريز ظاهري طرح عربن سان همدردي ڏيکاري رهيا هئا.

پن ڏينهن بعد، جيروسلم ڇڏي، 120 ميل نهايت زرخيز زمين، ڪڻڪ جي فصل سان ڇانيل مان لنگهي، سنگترن جا باغ ڏسندا، جافا ڏسي، يهودين جي مکيہ شهر تل اويسيا ۾ آياسون، جو جديد طرز تي اڏيل هو. اتان رات جو اچي حيفا ۾ وندبسر هوٽل ۾ رهياسون، جا ڪرمل جي ٽڪريءَ تي اڏيل هئي. هي سمنڊ جي ڪناري تي، فلسطين جو بندر آهي. اتان نڪري، مشهور سمنڊ گليلي تي وياسون. پوءِ جورڊان ندي ڏسي، نظرت شهرو ڏٺو ويو، جتي حضرت عيسيٰ 30 سال رهيو هو. اهو ملڪ نهايت خوبصورت هو. ڇوڏاري گهمي ڏٺوسون. سرسبز ۽ ميويدار وڻن سان پريل هو. چوڌاري گل ميدانن ۾ پکڙيا پيا هئا. اتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي جيروسلم وانگر هئي.

هيفا ڇڏڻ کان پوءِ، سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي، اکرا جي مشهور شهر کان گذري، شام مان لنگهي، لبنان جي مکيہ شهر بيروت ۾ پهتاسون. هي ملڪ فرينچن جي هٿ هيٺ گذريل 22 سالن کان رهيو آهي. اهو شهر ٽڪريءَ تي، يونيچ سمنڊ جي ڪناري تي، وڏو بندرگاهہ آهي. منجهس عمدا رستا ۽ سٺا مڪان آهن. ملڪ ۾ عيسائي ۽ مسلمان تقريباً هڪ جيترا آهن، پر ٻئي گهرن ٿا تہ فرينچن کان آزاد ٿين.

اتان اسين دمشق ۾ وياسين، جو شام جي گاديءَ جو هنڌ آهي. اتي اسان اميہ مسجد ۽ ڊڪ بازار ڏٺي. فرفير ۽ همبرا نديون شهر جي وچان وهندڙ هيون. سامهون هرمان جبل جون چوٽيون برف سان ڍڪيل ڏسڻ ۾ پئي آيون. واديءَ بئلبڪ نهايت خوبصورت هئي. زالن کي برقعا پيل هئا. اهي خوبصورت ڏسڻ ۾ آيون ٿي.

ساڳئي ڏينهن موٽي بيروت آياسون. اتان ٻئي ڏينهن قبرص بيٺ تي پهتا آهيون. هتي ڊوم هوٽل ۾ رهون ٿا. هتي جو احوال پوءِ لکندس. هتي ٽي ڏينهن رهيا آهيون. هتان بغداد وجي، عراق ۽ ايران گهمي، ملڪ موٽنداسون.

## (5)

رٽز هوٽل، تهران

25- مئي، 1944ع

هن کان اڳ ٻہ خط لکيا اٿم، جي اميد تہ پهتا هوندا.

بغداد ۾ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي درگاهه جي زيارت ڪيم. پوءِ بغداد پنج ميل پري، ڪاظمين وجي زيارتون ڪيم، جو فرات درياءَ جي ڀئي طرف آهي. ان کان پوءِ ڪربلا عليٰ ويس، جتي حضرت امام حسين ۽ حضرت عباس علمدار جون بارگاهون ڏٺم، ۽ زيارت ڪيم. شهر ٽنڊي آدم يا ميرپورخاص جي نموني جهڙو آهي. مون سمجهيو هو تہ صحرا هوندو، پر سواءِ مغرب ۾ ڪربلا واري صحرا جي، جتي امام حسين ۽ يزيد جي لشڪر ۾ جنگ ٿي هئي، ٻين سيني طرفن ۾ سبزي ۽ آبادي هئي. ڪربلا جي زيارت ڪرڻ کان پوءِ، 70 ميلن پنڌ تي شاهہ نجف وياسون. حضرت علي عليہ السلام جي زيارت کان سواءِ، حضرت آدم، حضرت نوح، حضرت صالح ۽ حضرت يحييٰ عليهم السلام جا مقبرا بہ ڏٺا ويا، ۽ زيارت ڪئي ويئي. حضرت علي جو قبو نهايت شاندار ۽ سوني گنبذ ۽ نيلن سان نهيل هو. اسين ڪوفي وجي ڪونہ سگهياسون، جو نجف کان 4 ميل پري، فرات جي ڪناري تي اڏيل آهي. ان کان پوءِ بصري ۾ وياسون، جو بغداد کان 350 ميل پري آهي. ايئرڪنڊيشنڊ گاڏيءَ ۾ وڃڻ ٿيو. اتي هڪ ڏينهن رهي، پوءِ آبدان، اهواز، حزم شاهہ کي ڏسي، وري موٽي بصري آياسون، جتان هوائي جهاز ۾ چڙهي، 23- تاريخ تهران پهتاسون. بصري کان تهران 500 ميل آهي. اهو سفر اڍائي ڪلاڪن ۾ طي ٿيو. اتي جبل البرز جي هيٺان، هڪ برف جو پاڻي وهائيندڙ ندي جي مٿان 8000 هزارن فوٽن جي بلنديءَ تي نهيل هوٽل رٽز ۾ رهيا آهيون. هيءَ جڳهہ 'دربند' سڏجي ٿي ۽ تهران کان اڍائي ميل پنڌ تي آهي. هوٽل جديد قسم جي نهيل آهي. نظارو عمدو اٿس. هيٺان سارو ملڪ سبزيءَ سان پريو پيو آهي. چنار جا درخت ۽ جبل جون برف سان پريل چوٽيون منظر کي دوبالا ڪري رهيون آهن. آبهوا نهايت صحت بخش آهي. تهران جو شهر سمنڊ کان 5500 فوٽن جي بلنديءَ تي، جديد طرز تي، ڪيرو، فلسطين ۽ ٻين وچ مشرق جي شهرن وانگر نهيل آهي. ڪيرو ۾ 10- 15 ماڙين جون جايون هيون، جي هتي نہ آهن، پر جايون هتي بہ جديد نموني نهيل آهن. رستا ڪشادا آهن، جن تي چنار جي درختن جون قطارون بيٺل آهن. وڏي رستي جو نالو "خيابان شاهہ رضا" آهي. هتي تهران جي مکيہ ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون آهن. قاچار گهراڻي جو نهرايل "گلستان محل" ۽ پارليامينٽ جي بلڊنگ ڏٺيسون. انشاءَالله 27- تاريخ موٽي ڪراچيءَ پهچنداسون.

(6)

ڪراچي

6- جون، 1944ع

وچ مشرق مان ڪيترا خط لکيا هئم، جي اميد تہ پهتا هوندا. هڪ خط تهران ۾ لکيو هوم، پر ڪراچيءَ مان پوسٽ ڪيو هوم، اميد تہ اهو بہ پهتو هوندو. هتي 31- تاريخ پهتس ۽ لهي، يڪدم حيدرآباد ويس، جتان موٽي اڄ صبح جو ڪراچيءَ پهتو آهيان. اوهان جي حڪم موجب بنگلي ۾ رهڻ لاءِ آيس، پر ڪو پنجابي اچي فيمليءَ سان ان ۾ ويٺو هو، ان ڪري مسٽر انصاريءَ وٽ اچي رهيو آهيان. سياڻي حيدرآباد وڃان ٿو، جتي بہ هفتا ڪن رهندس. ملڻ جي تمام اڪير اٿم. حيدرآباد اچڻ وارو آهين يا نہ؟

مون تنهنجي بنگلي ۾ رهيل ماڻهوءَ کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو آهي. جي خوشيءَ سان نہ نڪتو تہ پوليس گهرائي ٻاهر ڪيندو سانس!

(7)

ڪراچي

9- سيپٽمبر 1944ع

هڪ خط بمبئيءَ مان موڪليو هوم، جو اميد تہ پهتو هوندو. بمبئيءَ مان دهليءَ ويس، جتان 2- تاريخ واپس آيل آهيان. مون سمجهيو تہ تون ڪراچيءَ هوندين تہ روح رهاڻ ٿيندي، پر تون رمضان شريف ڪري ڳوٺ عبادت ۾ مشغول آهين. اميد تہ اتي اڪيلائيءَ ۾ صوبي جي مستقبل لاءِ غور ۽ ويچار ڪري، ڪو مفيد پروگرام بنائيندين.

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ تون جلد ڪمنٽي آف ائڪشن جي ميٽنگ لاءِ دهليءَ وڃڻ وارو آهين. ان کان اڳ توسان ملڻ گهران ٿو. تنهن ڪري پروگرام موڪلينم تہ وقت وٺي توکي اچي ملان.

سياڻي حيدرآباد وڃي رهيو آهيان، جتي 2- آڪٽوبر تائين رهندس- نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگ لاءِ 9، 10 ۽ 11- آڪٽوبر تي دهليءَ وڃڻو اٿم.

مون کي وچ ۾ دل جي تڪليف ٿي هئي. بمبئيءَ جي ڊاڪٽر جو علاج ڪري رهيو آهيان.

(8)

حيدرآباد

3- آڪٽوبر، 1944ع

اميد تہ 5- تاريخ ڪراچيءَ پهچندس، ۽ تو وٽ رهندس. خدا ڪري تہ مهمانن جي گهٽائي نہ هجي تہ اڪيلائيءَ ۾ گفتگو ٿي سگهي. اتان دهليءَ ويندس.

## سال 1947ع

[نوٽ: سال 1945ع ۾ سياسي ڳالهين عارضي طور خطن ۾ رڪاوٽ وڌي، جنهن ڪري ان عرصي ۾ خط ڪونہ لکيائين ليڪن ملاقاتون ٿينديون رهيون.]

### (1)

مسوري

20- مئي 1947ع

هي خط گهڻي وقت کان پوءِ لکان ٿو. وطن جي اڪير، دوستن جي ياد، اڪثر قلم فرسائيءَ تي آماده ڪندڙ هئا. منهنجي دفتر پارينہ تي نظر ڪبي تہ اسان جي خط و ڪتابت ۾ هڪ ڏکهي خليج حائل ٿيل ڏسبي. سياست جي دگر گوني ۽ حالات جي تلون مزاجي انهيءَ خليج عميق جو باعث ٿي آهي، جنهن لاءِ سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجهہ ڪري نٿو سگهجي. گذشتہ را صلوات!

ڪراچيءَ ۾ گڏ هئاسون! اوهان جي طبيعت ناساز هئي، پوءِ الحمدلله ٺيڪ ٿي. اوهين خير سان ڳوٺ روانا ٿي ويا. ان کان پوءِ ڪوبہ احوال ڪونہ مليو. خبر نہ آهي تہ اوهين ڪهڙيءَ مشغوليءَ ۾ مستغرق آهيو ۽ مستقبل لاءِ ڇا سوچيو اٿو.

توهان جي سنڌ اسيمبلي اليڪشن ۾ شڪست سنڌ جي آئيني سياست ۾ هڪ خال وجهي ڇڏيو آهي، جنهن جو احساس توهان جي مخالفن کي بہ آهي- اظهار ڪن يا نہ ڪن، سا ٻي ڳالهہ آهي. هندستان جي مسلم سياستدان طبقي جو اهو رايو آهي.

تازو حيدرآباد مان پهرينءَ مئي تي روانو ٿي، 2- تاريخ لاهور پهتس. مون سان منهنجي وڏي نياڻي همراهہ آهي. هن جي طبيعت بہ مون وانگر غير تسلي بخش آهي. اسين ميان ممتاز دولتانہ وٽ مهمان هئاسون. پاڻ ۽ سندن بيگم صاحبہ تمام گهڻي خدمت ۽ خاطرداري ڪئي. اوهان جي لاءِ گهڻي عزت ۽ پيار هون، پر اوهان جي سياسي ڪارروائين جي خلاف هئا. هنن جو خيال هو

تہ اوهين اجا بہ مسلم ليگ جماعت ۾ داخل ٿي مسلمانن جي خدمت ڪري سگهو ٿا. ڇوتہ اجا گهڻو عرصو مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو سياست تي رسوخ رهندو اوهين ليگ کان ٻاهر رهي ڪجهہ بہ ڪم عملي طرح ڪري نہ سگهندا. جيڪي اندران ڪري سگهو ٿا. بهرحال، اهي انهن جا خيال اوهان جي نسبت هئا. جي قلمبند ڪريان ٿو.

هڪ ڏينهن لاهور گذاري، ٻئي ڏينهن لکنوءَ ۾ وارد ٿياسون. بيگم اعزاز الرسول جا مهمان هئاسون. اتي البت گرمي هئي. نا ڪر ديپ نارائڻ، جو گلي مان جهلي مريض کي بيهوش ڪري پوءِ دوا ڏئي ٿو، تنهن جو علاج ڪرايوسون. ٽي ڏينهن لکنو ۾ چڱا گذريا. ٻئي ڪنهن سياسي ماڻهوءَ سان ملڻ ڪونہ ٿيو.

مسٽر محمد اسحاق، ڊيپوٽي ليڊر مسلم ليگ، جي هتي يو. پي. اسيمبليءَ ۾ اها پوزيشن آهي، جا مسٽر سڏوا جي سنڌ اسيمبليءَ ۾ آهي. گهڻو لکڻ ۽ ڳالهائڻ هن جي ذمي آهي. مسٽر محمد اسحاق، ۽ بيگم صاحبہ ۽ مسٽر حيدر عليءَ جو خيال آهي تہ هن صوبي مسلمانن کي بي دست وپا بنائڻ لاءِ ڪانگريس منصوبہ بنائي رهي آهي. هرهڪ شعبي ۾ مسلمانن کي ڪمزور ڪرڻ جون رٿون رٿجي رهيون آهن. ماڻهو لڏي سنڌ ۾ يا بياباڻن ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهن، ۽ هندن جي تسلط کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪندا. اها آهي ڪانگريس حڪومت جي روش مسلمانن ڏانهن. اسان وٽ تہ هندو سڀ ڪجهہ ماڻي رهيا آهن. هنن جو اڄ تائين وار بہ ونگو نہ ٿيو آهي، تہ بہ پيا دانهون ڪن.

ٽي ڏينهن لکنو رهي، ديرادون پهتاسون، جتي، حاضر صاحب مليٽري ڪنٽرئڪٽر جي گهر ۾ مهمان هئاسون.

ٽي ڏينهن ديرادون ۾ رهي، 10- تاريخ مسوريءَ ۾ آيا آهيون. پهريان ڏينهن ٿوري بارش ۽ بادل هئا. جنهن ڪري سردي محسوس ٿي ٿي، پر هاڻي گرمي ٿي رهي آهي. هوا خوشگوار آهي. وقت چڱو پيو گذري. مسوريءَ جي زندگيءَ جي اوهان کي ڪافي معلومات آهي، پر منهنجي لاءِ نہ پراڻو زمانو، نہ اها دل ۽ نہ ساڳيو شوق رهيو آهي، نہ جسم ۾ طاقت، نہ روح ۾ حرڪت آهي، جو عيش عشرت جو فائدو وٺي سگهجي. اڳيون زمانو گذر ڪري ويو. بيو تہ ڇڏيو، پر هينئر منهنجي قلب ۾ نہ ايتري قوت آهي، نہ قلم ۾ جنبش، جو جنهن

ماحول ۾ رهان ٿو. ان جو صحيح نقشو اوهان جي پيش ڪريان. تنهن ڪري، وڏيڪ اوهان جي دائره تصور جي حوالي ڪريان ٿو. ۽ جيڪي لکي سگهيو آهيان، سو لکيو اٿم. دوست احباب بہ نوان ڪيا اٿم، جن جي صحبت ۾ وقت پيو گذري. جهڙوڪ مسٽر وصال الدين، پريزيڊنٽ مسلم ليگ مسوري، ڊاڪٽر محمد سعيد ۽ هن جي انگلش بيبي، مسٽر عبدالمتين ۽ ان جي فرانسيسي ٻائي، جنهن جون وڏيون نياڻيون منهنجي نياڻيءَ جي خاطر تواضح ڪن ٿيون. مسٽر اصطفيٰ خان، لکنوءَ جو عطر ساز، جنهن کي اوهان اسڪيٽنگ ڪندي ڏٺو هو، سو هن وقت پير مرد حاجي سڳورو آهي. پنج زالون پرڻجي چڪو آهي، تہ بہ اجا زنده دل آهي. رنڪ ۾ پهريون نمبر آهي. ازان سواءِ، مخدوم صاحب غلام ميران شاهہ صاحب جو فرزند، حسن محمود بہ ٻن ميم صاحبن سان تشريف فرما ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح سان ڪجهہ لانگ واڪ، ڪجهہ اسڪيٽنگ، ڪجهہ سئنيما وغيره جي مشغولين ۾ وقت پيو گذاريان.

3- جون 1947ع هندستان جو وائسراءِ، لندن مان موٽي، ملڪ جي آئين بابت آخرين تجويزليڊرن جي ڪانفرنس اڳيان ظاهر ڪندو. اها تجويز ڪهڙي هوندي، تنهن بابت يقين سان هن وقت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. شايد ٽڪرا ٽيل ۽ تُتي ڪاڏل پاڪستان بہ هجي. خبر نہ آهي، ان تي ڪير راضي ٿيندو، ڪير ناراض. هندستان ۾ شايد اجا گهڻا فساد ٿين، تنهن ڪري 30- مئي هتان روانا ٿي، انشاءالله پهرين تاريخ حيدرآباد پهچي ويندا سون.

## سال 1948ع

(1)

سرياب روڊ، خيرپور هائوس، ڪوئيٽا

15 - مئي 1948ع

10- مئي آبهوا جي تبديليءَ لاءِ عيال اطفال سميت هتي پهتو آهيان. مون ٻڌو ته اوهين به عيال سان اچڻ وارا آهيو. مهرباني ڪري خبر ڏيندا ته ڪڏهن ايندا ۽ ڪٿي رهڻ جو بندوبست ڪيو اٿو. اسان کي في الحال پهرين جون تائين خيرپور رياست جو بنگلو مليو آهي. ڏهه ڏينهن زياده رهڻ جو ارادو آهي، پر اجا اجازت نه ملي آهي. جي ٻيو بندوبست نه ٿيو ته شايد زيارت هليا وڃون. اتي سرڪاري بنگلو ملي سگهندو. موسم ۾ ابتدا سرد هئي. گلن جون گلزاريون، چمنن جون چٽساليون خوب هيون، پر هاڻ بهار جو دور ختم ٿيو آهي. گرميءَ جي موسم جي شروعات ٿي آهي. ٻن ڏينهن کان جهڙ ڦڙ جو مانداڻ پيو ڏسڻ ۾ اچي، جنهن ڪري بلوچستان جي خشڪ پهاڙن ڪجهه رنگ بدلايو آهي. شهر جون سڙڪون صاف سٿريون آهن. ساپيدار درختن جون قطارون سائبان جو ڪم ڏين ٿيون. آءٌ روز علي الصباح تازي هوا کائڻ لاءِ چهل قدمي ڪرڻ واسطي نڪري ويندو آهيان. چشمي جو پاڻي پئيندو آهيان، پر طبيعت تي ڪوبه اثر خاص نٿو پوي. ٻارن جو به ساڳيو حال آهي. اسان جي قسمت ۾ شايد صحت لکيل ئي ڪانه آهي. سڀ مريض آهيون. تبديل آبهوا لاءِ بيمارن جهڙو بندل آندو هوسين، اهڙو ئي شايد موٽائي سنڌ ۾ آڻيون. اوهان کي خبر آهي ته سئٽزرلئنڊ جي جان بخش آبهوا ۽ پر فضا ماحول به منهنجيءَ طبيعت تي ڪوبه اثر ڪونه وڌو. شايد زندگيءَ جي انتها ويجهي آهي، جنهن ڪري حياتيءَ کان موت هينئر زياده پيارو ٿيڻ لڳو آهي. اها گهڙي ڪڏهن ايندي، ان جو پتو نه آهي. جواب ڏيندا ته مهرباني، نه ته به ياد ضرور ڪجو.

(2)

ڪوئيٽا

4- جون 1948ع

ايءُ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائن سون تي،

اڃي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پکـن جـي پريـت، مـاڙين تـي نـہ متيـان.

توهان جو محبت ڀريو خط پهتو. ٻہ ڏينهن ٻاهر ويل هوس، طبعيت ۾ بہ بيخوش هوس، ان ڪري جواب ۾ دير ٿي آهي. اوهان منهنجو خط گهڻي زماني بعد ملڻ ڪري تعجب ظاهر ڪيو هو، مگر انهيءَ رسمي دستورن جو قلبي ڳانڍاپن تي اثر ڪونہ پيل آهي. عارضي عناصرن جون تبديليون باغ کي وقتي نقصان رسائي سگهن ٿيون، پر نہ هن جي جهونن درختن کي فنا ڪري سگهنديون آهن، نہ زمين جي زرخيزيءَ ۾ ڦيرو آڻي سگهنديون آهن، موسم ذرا خوشگوار ٿيڻ تي وري ان ۾ تازگي اچڻ لڳندي آهي. سياسي دؤر توهان بہ ڏٺا آهن، ۽ مون بہ چوٽائيءَ صديءَ جو مشاهدو ڪيو آهي. سڀ ڏوڙ جي ڏوڙ آهي. ايماندار ماڻهوءَ لاءِ سواءِ غربت ۽ دشمنيءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ آهي. انهن تجربن بعد، آءٌ هاڻ هن خيال جو ٿيندو وڃان تہ سياسي ميدان کان ڪناره ڪشي ڪري، عبادت الاهي ۽ خلق خدا جي بيلوث خدمت ۾ وقت صرف ڪريان. ذريعہ معاش جي تنگي انهن ارادن کي عمل ۾ آڻڻ کان مانع ٿيندي رهي ٿي. پر جي وجهہ مليو تہ- ”جڏهن ڀرين ياد پياس، تہ چرڪ ڇنائين هيڪڙي!“ جو مصداق ٿيندو. اوهان پنهنجي آزاديءَ تي بندش پوڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو گهڻو افسوس اٿم. سڀ اوهان جي طبيعت ۾ ضرورت کان زياده جوش جو ڪارڻ آهي. سياسي ميدان ۾ جيڪڏهن وقت جي تقاضائن موجب پنهنجي طريقہ ڪارِ کي درست ڪريو تہ هوند اهي تڪليفون درپيش نہ اچنوَ:

”دروغ مصلحت آميز بهہ راستي فتنہ انگيز.“

هيءُ سعديءَ جهڙي زمانہ شناس ۽ متشرع هستيءَ جو صدين کان مشورو آهي. خير، اوهان جي غيرت ۽ جوشِ هميت مصلحتِ وقت مطابق طريقہ ڪار ۾ تبديلي آڻڻ جي اجازت ڏين يا نہ، سا ڳالهہ علحده آهي، پر مٿيون مقولو بہ زمانہ شناس ۽ دوربين هستيءَ جو آهي، جنهن مان گهڻن سبق پئي ورتو آهي. هاڻي خط بند ڪريان ٿو. 10- جون حيدرآباد پهچندس. 12- جون ڪراچيءَ ايندس. اتي هوندا تہ تبادلہ خيالات ڪنداسون.

---

## سال 1950ع

[نوٽ: 1949ع ۾ ڪو قابلِ ذڪر خط نہ آيل هو. تنهن ڪري اهو سال خالي ڇڏيل آهي.]

(1)

[وزير سنڌ گورنمينٽ]
ڪراچي
2- مارچ، 1950ع

تنهنجو 16- فيبروريءَ جو لکيل خط پهتو. مون چيف انجنيئر سان ڳالهہ ڪئي آهي. جنهن واعدو ڏنو آهي تہ اڳوٽي محال مانجهندن جي بنجر زمين ڪي آباديءَ هيٺ آڻن لاءِ هو حتي الامڪان ڪوشش ڪندو. هن وقت ڪي ٽرئڪٽر آهن، جي هو درست ڪرائي پيو، نهڙ بعد ڪِرائي تي ڏيئي سگهندو. سن ۾ شاهي رستي لاءِ موڪليل بلڊوزر بابت بہ جاچ ڪرائيندو. جي ڪم جهڙو هوندو تہ اهو بہ ان طرف زمين جي سڌاري لاءِ ڪِرائي تي ڏيندو. انهن مشينن جي ڪِرائي جي شرطن بابت هو اوهان کي لکپڙهہ ذريعي اطلاع ڪندو. آءٌ خود اها ايراضي ڏسي پوءِ فيصلي ڪرڻ وارو هوس، پر شهنشاهہ ايران جي دوري مون کي ڪراچيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. ازان سواءِ، سنڌ اسيمبليءَ جو اينڊڙ اجلاس 8- مارچ تي آهي. انهن سيني ڳالهين جي باوجود، ان طرف جي ڪم کي نہ وساريندس.

پاڪستانين شاهہ ايران کي نهايت شاندار مرحبا ڪئي. ايئرو ڊرم تي فوجن جي پريڊ کان سواءِ، عام ماڻهو ڪثرت تعداد ۾ آيل هئا. شهنشاهہ ايران سندس خوبصورتيءَ ۽ خوش خلقيءَ ڪري پاڪستانين کي سندس گرويده بنائي ڇڏيو آهي. گذريل رات سرڪاري ضيافت ۾ منهنجو ساڻس تعارف ڪرايو ويو. پاڪستان جي وزير اعظم کيس اڄ هڪ رسيپشن ڏني آهي. ازان سواءِ 'پاڪ- ايران تعلقات عام' طرفان بہ هڪ رسيپشن جو انتظام ڪرايل آهي. 14- تاريخ شاهہ ايران سکر هلندو، جتي سنڌ سرڪار سندس مهماني ڪندي. هن کي اسان جي آبپاشي ۽ زراعتي منصوبن ۾ گهڻي دلچسپي آهي. اتي هو سکر بئراج ڏسندو، جنهن اسان جي صوبي کي خوشحال بنايو آهي. 15- مارچ

تي ڪيس پاڪستان پارليامينٽ طرفان ائڊريس ڏني ويندي، پوءِ هو موٽي پنهنجي ملڪ ايران ويندو. تون هتي هجين ها تہ ڏسين ها تہ اسين اسلامي برادريءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي شاهي مهمان جي ڪيتري خوشامند ڪري رهيا آهيون.

(2)

نٿيا گلي

6- جون، 1950ع

آءٌ ۽ قاضي فضل الله، 2- جون تي هوائي جهاز ذريعي راولپنڊيءَ پهچي، سرڪٽ هائوس ۾. راولپنڊيءَ جي ڪمشنر جا مهمان ٿي رهياسون. انهيءَ شام جو قديم ٽيڪسلا جو شهر ڏٺوسون. جيئن تہ اوهان جو ڏٺل هوندو، ان ڪري ان جو احوال نٿو ڏيان.

راولپنڊيءَ ۾ اسان جي چڱي خاطر تواضع ٿي. بيگم نسيم اڪبر خان، بيگم شاهنواز جي ڌيءَ، اسان کي ڪاني تي گهرايو. ٻئي ڏينهن جڏهن اسين مريءَ ڏانهن روانا ٿياسون تہ مهرباني ڪري بيگم صاحبہ پاڻ ۽ سندس دوست اسان سان گڏجي مريءَ ۾ بہ ڪاني جو انتظام ڪيو. پوءِ اسان رئيس، پرڳڙي، ننڊي ۽ وڏي کي ملياسون. شام جو نٿيا گليءَ لاءِ، جا 29 ميل اتان پري آهي، روانا ٿي، خان عبدالقيوم، وزير اعليٰ صوبي سرحد، جا مهمان اچي ٿياسون. خان موصوف فيڊرل ڪميٽيءَ جي ڪم ۾ مشغول آهي، جتي صوبن ۽ مرڪز جي وچ ۾ اختيار وراهڻ تي بحث هلي رهيو آهي.

منهنجي نظر ۾ صوبي سرحد ۾ هي نهايت خوبصورت مڪان آهي. انگريزن سندن حڪومت جي ڏينهن ۾ صحت جي بهتريءَ خاطر هيءَ جاءِ چونڊي هئي، پر پاڪستان نهڻ کان پوءِ ڪي ٿورا يورپين هتي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. بدقسمتيءَ سان، آبهوا بارش پوڻ ڪري اڄڪلهہ نيڪ نہ آهي. سردي بارش ڪري وڌي ويل آهي، تنهن ڪري مون جهڙي ڪمزور ماڻهو جي برداشت کان ٻاهر آهي. مالي نقط نگاهہ کان هن کان بهتر ٻي ڪابہ جڳهہ نہ آهي. سڀ ڪا شي سستي آهي. هتان ڪشمير جي جبلن جون چوٽيون، جي برف سان ڇانيون پيون آهن، ڏسڻ ۾ پيو اچن، جنهن جي هينان ڇلِ ۽ ديال جي درختن جا ٻيلا

ڏسڻ ۾ آيا ٿي. هتي رستي تي اسان برف جا وڏا ٽڪر ڏٺا، جي گذريل سال جي برفباريءَ مان رهيل هئا.

جيڪڏهن طبيعت اجازت ڏني تہ 4- تاريخ تائين هتي رهندس. ان کان پوءِ ايبٽ آباد ويندس، جنهن جي آبهوا معتدل آهي. 22- تاريخ ڌاري موٽي ڪراچي اچڻ جو ارادو آهي.

(3)

مري

22- جون 1950ع

اميد تہ منهنجو نتيا گليءَ مان موڪليل خط پهتو هوندو. جو صوبي سرحد جي حڪومت جو اونهاري لاءِ گاديءَ جو هنڌ آهي. اتي هڪ هفتو رهڻ بعد آءٌ هتي مريءَ ۾ آيو آهيان. رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي وٽ رهون ٿا. مريءَ جي زندگي مسوريءَ سان مقابلي ۾ آٿي سگهجي ٿي، جا هاڻ اسان سان نہ آهي. الهندي پاڪستان جا مٿئين طبقي جا ماڻهو اونهاري ۾ هتي ڪَٽنا ٿين ٿا، خاص ڪري ليڊيز ۽ ٻار گهڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

هتي ڪيترن پراڻن واقفڪارن سان ملڻ جو موقعو مليو اٿم. انهن مان بيگم برگيڊير اختر خان خاص ذڪر جي لائق آهي. هن ۽ لطيف افغان جي همشيره منهنجي چڱيءَ طرح خاطر تواضع ڪئي. اسين مختلف جڳهين تي رئيس پرڳڙي جي عمديءَ فريزر موٽر ۾ گهمڻ وياسون. آبهوا ٻنپهرن جو ذرا گرم پئي محسوس ٿي. آخري ٻن ڏينهن ۾ بارش پوڻ ڪري وري هوا ٿڌي ٿي ويئي. 2- جون تي اسان ڊگهو گول چڪر هنيو، هتان ايبٽ آباد وياسون. نتيا گليءَ کان پوءِ ڪجهہ رستو خراب هو، پر قدرت جو حسن اڪيچار هو. اسان جي چوڌاري ڍنڍن، ٽڪرين، آبشارن ۽ ندين ۽ خوبصورت منظرن جي حد ئي ڪانہ هئي. نظارو دل کي راحت ۽ مغز کي تراوت ڏيندڙ هو. اسين هڪ رات ايبٽ آباد ۾ رهياسون. ڪاڪل ملٽري اڪيڊمي ڏٺيسون. جبل جي پر وارو نظارو عمدو هو. صبح جو اسان مانسره کان ٿيندا، ڳڙهي حبيب الله پهتاسون. اتان ڪاغان واديءَ مان لنگهي، آزاد ڪشمير جي حد ۾ داخل ٿياسون. اسان کي سرحد کان مظفر آباد تائين پوليس جي حفاظت ۾ اچڻو پيو، جتي آزاد

ڪشمير جي سرڪار جي ميمبرن سان ملڻ جو موقعو مليو. سر ڊڪسن، ’يو. ابن‘ جو صلاحڪار، گذريل ڏينهن هتي آيو هو. لنچ کان پوءِ وري سرينگر رستي کان چناري ۾ چڪوٺي ڏانهن وياسون. جا جنگبنديءَ جي لائين آهي. مشهور پاندو چوٽي، جتي هندستاني فوج کي اسان جي فوج شڪست ڏني هئي، اتان ڏسڻ ۾ پئي آئي. جيڪي ڪشميري اسان کي مليا، انهن کي مليا، انهن کي يقين ويٺل هو تہ جي آزاد راءِ شماري ٿي تہ ڪشمير جا ماڻهو پاڪستان ڏانهن اچڻ لاءِ ووٽ ڪندا. ڏسون، هندستان ڇا ٿو ڪري! اسان کي موٽڻ وقت بارش گهڻو تنگ ڪيو. بهرحال، رئيس پرڳڙيءَ جي اٽڪ همت سان ڪوهالا پُل لنگهي، رات جو چيل جي درختن جي جهنگ مان لنگهي، خير سان 11 بجي رات جو، تڪل ۾ بارش ۾ پسيل، اچي مريءَ پهتاسون. پر اهو گشت جهڙو ائڊوينچرس هو، اهڙو مزيدار هو.

آءٌ سيان هتان نڪري، هوائي جهاز رستي، شام جو ڪراچيءَ پهچندس. رئيس صاحب سلام ڏيئي، دعوت ڏئي ٿو تہ مريءَ ۾ اچي ڪتاب لکڻ جو ڪم ڪ ر.

(4)

ڪراچي

12- جولاءِ 1950ع

خط پهتو. ڊاڪٽر قريشيءَ کي چيو اٿم تہ تار ڪري، مشنري ان طرف موڪلي. موري جي جاگيري هارين جي پاٽيءَ لاءِ سپرنٽيڊنٽ انجنيئر کي لکيو اٿم. آءٌ نئي ضلعي جي گشت تان موٽيو آهيان. 19- تاريخ تائين هتي رهي، حيدرآباد ۾ ميرپورخاص ويندس. هفتي جو گشت هوندو. خبر موڪل تہ ڪراچيءَ ڪڏهن ايندين.

(5)

حيدرآباد

20- نومبر 1950ع

جڏهن تون حيدرآباد آيو هئين، مون توسان شاهہ لطيف جي ورسيءَ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ گفتگو ڪئي هئي. وري بہ عرض ڪندس تہ 25، 26- نومبر

تي پتشاهہ تي ضرور اچج. جيترا بہ شاهہ لطيف جا راڳ ڇاٽندڙ ڳائڻا ملي سگهن، سي پاڻ سان وٺيو اچج. خاص ڪري حافظ اسحاق ۽ سندس پارٽيءَ کي ضرور آڻج. جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو سجهيئي جو شاهہ جي ڪلام ۽ فلاسافيءَ تي ڳالهائي سگهي تہ ان کي وٺيو اچج. سيني مهمانن لاءِ پتشاهہ تائين سواري، رهڻ ۽ کاڌي جو انتظام رکيو ويو آهي، ڊاڪٽر شيخ ابراهيم "خليل" کي ان جي چارج ڏنل آهي. مهرباني ڪري احوال موڪلج تہ ڪڏهن ايندين، ۽ ڪير پاڻ سان آڻي رهيو آهين. پنهنجي تقرير لکيو اچج.

---

# فصل پنجون

## سال 1951ع

(1)

ڊاڪٽر پچا جو نرسنگ هوم، بمبئي

19- جنوري 1951ع

11- جنوريءَ هتي پهتو آهيان. 19- تاريخ کان نرسنگ هوم ۾ داخل ٿيو آهيان. اليڪٽرڪ ذريعي موڪن جو علاج ڪرائڻ جو خيال اٿم. ڊاڪٽر پرمار علاج ڪندو. اڄ ڪمر ڪشيو آپريشن لاءِ تيار ٿينو آهيان. جو اڌائي بجي ٿيندو. مسٽر گزدر به پلاٽي ڪري مون لاءِ هتي آيل آهي، ڇوته ڊاڪٽر سندس جهونو دوست آهي. ڊاڪٽر پئسي جو پُٽ آهي. 5 هزار رپيا رڳو آپريشن في وٺندو. پوءِ روزاني وزٽ جا 50 رپيا وٺندو. ڇوي ٿو ته ٽن هفتن ۾ نوينو ٿي ويندين. سڀ ڪجهه الله جي هٿ ۾ آهي: واڳ والي تنهنجي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي! جيڏو تون الله، تيڏو اٿم آسرو! اميد ته فيبروريءَ ڌاري وطن جا وڻ ڏسندس. وري خط شايد. 10-11 ڏينهن کان پوءِ لکي سگهان. احوال خيريت جو موڪليندا رهندا ته مهرباني.

(2)

نرسنگ هوم، بمبئي

2- فيبروري 1951ع

خط پهتو. مهرباني. آپريشن 19- تاريخ ٿيو. خدا جي فضل سان ڪامياب ٿيو. اڄ پندرهون ڏينهن آهي، بستري داخل آهيان. پيشاب به سُتي ڪريان ٿو. اڄ هنڌ تي ويهڻ جي اجازت ملي آهي- پر روز پاخاني بعد 4-5 ڪلاڪ سور ٿئي ٿو، شام جو فرحت ٿئي ٿي. 10- فيبروريءَ ڌاري واپس اچڻ جو ارادو اٿم، پر سڀ ڪجهه الله جي وس ۾ صحت تي مدار رکي ٿو. اجا ڦٽ ڇٽا نه آهن.

ٻڌو اٿم ته قاضي اڪبر ۽ اوهان جو صلح ٿيو آهي: اوهان سيني ڪيسن تان هٿ ڪنيو آهي ۽ قاضيءَ تان بندش لاهرائي اٿوَ. اها خبر ڪيتري قدر صحيح آهي، سو احوال لکجو.

(3)

قلات

27- مئي، 1951ع

هي خط توکي ان جاءِ تان لکي رهيو آهيان، جتي اسان جا ماڻهو گهٽ ايندا آهن. بهرحال، بلوچستان جي وچ ۾ موجود آهيان. هن گشت جي دوران آءٌ ڪوئيٽا ويو هوس، جتي اسان جي وزير اعليٰ بلوچستان ۽ قلات ڪي پاڻي ڏيڻ بابت ميٽنگ گهرائي هئي. اتان موقعو ونئي، زيارت ويس. شايد تون زيارت آيو هجين، مستونگ ۽ قلات نہ ڏٺا هجنئي. هي ملڪ آبهوا ۽ نظارن ڪري مون ڪي پسند آيا آهن. باوجود ان جو جو جوڏاري جبل بي گياهہ آهي، قدرتي واهين مان پاڻيءَ تي باغن جي آبادي آهي. سڀ ڪان وڏيڪ خوبصورت مڪان خان قلات جو محلات آهي. هن جو باغ ۽ محلات سٺي نموني رکيل آهن. پر ۾ مسجد آهي. سوَن قسمن جي گلاب ۽ ٻين گلن جا گل ان جي خوبصورتي وڌائين ٿا. ڪڻڪ جو فصل اجا ڪچو آهي. پاڻي شفاف آهي. آبهوا راحت بخش آهي. خانصاحب جسيم ۽ عمدي اخلاق جو ماڻهو آهي. مهذب ۽ خوش مذاق آهي. سٺن خيالن جو ماڻهو آهي. هن جي مجلس معلومات ۾ اضافو ڪندڙ آهي. شادي هڪ اٿس. ڪنهن وقت ڪيس ملج. سياڻي هتان نڪري، مستونگ ۾ رات رهندس، جو بلوچستان جو مرغزار سڏجي ٿو. قدرتي واهين تي آبادي ٿيندڙ آهي. اتان ڪوئيٽا اچي، هوائي جهاز ۾ چڙهي، ڪراچيءَ روانا ٿينداسون. کهڙو صاحب بہ فيمليءَ سان گڏ جهاز ۾ گڏ هوندو.

(4)

هوٽل ڊيمورن، روم

23- جون 1951ع

ڪراچيءَ مان 21- تاريخ ساڍي اٺين بجي جهاز ۾ سوار ٿي، 6 بجي شام جو قاهره پهتاسون. سيٺ ستار، پاڪستان جو سفير، پنهنجي معمولي لباس ۾ هوائي اڏي تي موجود هو. هڪ ننڍي موٽر بہ هيس. 10 ميل پنڌ ڪري، هوٽل مئٽرو پئلس ۾ اچي رهيس. هي هوٽل نئين قاهره ۾ آهي، جنهن ۾ نيون ۽ پر رونق عمارتون ۽ وڏيون سڙڪون، وڻن ۽ سبزيءَ سان ڇانيل آهن. شام جو

پرامڊ ڏسڻ وياسون، جتي فرعون جو مدفن هو. قلعو، محمد علي مسجد ۽ جامع اظهر ڏٺم. امام حسين جي سر مبارڪ جي مقبري جي زيارت ڪئي ويئي. بازاريون، يونيورسٽي، هوٽل سراميس ۽ نيل درياءَ جو سير ڪري، وري اچي پنهنجيءَ هوٽل ۾ آرام ڪيم.

صبح جو ساڍي پنجين بجي هوائي جهاز ۾ سوار ٿي، روم ڏي رمياسين. جبل ويسوويس، نيپلس جي شهر لڳ آهي. ان مان دونهان نڪرندا ڏٺاسون. 11 بجي روم پهتاسون. ايئروڊروم تي هڪ پاڪستاني ڪلارڪ موجود هو، ۽ هڪ اسٽاف ڪار هئي. نہ منسٽر، نہ سندس سيڪريٽري. هوٽل ڪئبنرنيال ۾ ترسيس. شام جو سير تفريح لاءِ نڪتس. هي شهر يورپ جي وڏن شهرن سان وسعت ۽ نزاڪت ۾ برابر آهي. ان ۾ آثار قديمہ جا نشان ۽ مڪان موجود آهن. شهر سندس قدامت ۽ جدت جي اختلاط سبب دلچسپيءَ جو مرڪز آهي. شهر مٿانهين ۽ هيٺانهينءَ تي آهي. وچان ٽائبر ندي وهي ٿي، جا پلين رستي شهر کي ڳنڍيو ڇڏي. ماڻهو سياهہ چشم ۽ سياهہ زلف آهن، جنهن ڪري اسان جي معيار واري حسن جي حلقي ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. معاشري زندگي يورپ جهڙي اٿس. سندن سڪو اسان جي پائيءَ جيترو آهي، هر شيءَ وٺڻ تي سون ۽ هزارن ۾ اُهو ڏيڻو ٿو پوي، ڳڻڻ ئي مصيبت آهي. ڪالهہ پوپ صاحب جي حڪومت جي ايراضي گهمي ڏٺيسون. جنهن کي 'وئيٽڪن' سڏين ٿا. ان جو عجائبخانو نهايت عمدو آهي. اڌ ميل ۾ هڪ طرف ورانڊو اٿس، هلي هلي ٿڪجي پياسون. ڪالهہ شام جو 22 ميل پري، تريوليءَ جو شهر ڏٺوسون. پهاڙ جي پير ۾ آهي، جتي ٻہ هزار فوهارا لڳل آهن. جي مغلن جي ڪشمير وارن فوهارن کي ٻہ شهہ ڏيو ڇڏين. پُر فضا منظر آهي.

24- تاريخ شام جو لندن ويندس.

## (5)

لندن

5- جولاءِ، 1951ع

اميد تہ روم مان موڪليل خط توکي پهتو هوندو. هاڻ لندن جو احوال ٻڌايان ٿو. هتي 24- تاريخ پهچي، دوستن سان گڏ، سينٽ جيمس هوٽل ۾ رهيو آهيان. هن

وقت تائين برٽش ميلو ۾ پيون دلچسپ جڳھيون ڏٺيون اٿم. ونڊسر قلعو بہ ڏٺم اٿم. ايٽن اسڪول ۾ هئمپٽن ڪورٽ بہ ڏٺم. ڪئمبرج يونيورسٽي ڏسي نہ سگھيس. آڪسفورڊ يونيورسٽي اڳي ڏٺل اٿم. لنڊن جي ڀرواري شهر ڪان وڌيڪ خوبصورت آهي. اسان جي رهائش جي وقت آبهوا سني رهي آهي. هزارها ماڻهو سج ۾ ٻاهر نڪريو. ٿيمس درياءَ ۾ وهنجن. بهاريءَ جي موسم گذري وڃڻ جي باوجود سبزو گھڻو آهي. چمن اجا تائين رونق لايو بيٺا آهن. پارليامينٽ ڏسڻ ويس، ڪجھہ وقت ان جي ڪارروائي بہ ڏٺم. آءٌ توکي يقين ٿو ڏياريان تہ سنڌ اسيمبلي، باوجود ڪن خامين جي، هن ڪان وڌيڪ پُر وقار هئي. هائوس آف ڪامنس جمهوريت جي خامين ڪان خالي نہ هو- تقرير جي آزادي ڪنهن وقت حد لنگھي وڃي ٿي. هائيڊ پارڪ جون تقريرون آزاد خياليءَ جي حد ڏيکارين ٿيون. بهرحال، سڀ جي باوجود، تنظيم ملڪ جي خاص خصوصيت آهي. هزارها موٽرون هارن وڄائڻ ڪان سواءِ، نهايت باضابطگيءَ سان پيون هلن. قيمتون گران آهن، پر انگريز پيا گذر ڪن. هوٽل گھڻا، پر ڪاڏو وافر نہ آهي. گذريل رات پاڪستان جي مالي وزير، برٽش ايڪس چيڪر جي چانسلر کي دعوت ڏني هئي، ان ۾ شرڪت ڪيم. گھڻن وڏين انگريزن شخصيتن سان ملڻ جو موقعو مليو. هنن کي پاڪستان سان همدردي آهي، پر سندن بين الاقوامي مجبوريون اسان جي ڪشمير واري سوال تي کين مدد ڪرڻ ڪان روڪي رهيون آهن.

هتي شاهي ڊاڪٽر، سر جان ويئر، جي زير علاج آهيان. ڪجھہ افاقو ٿيو آهي. سياڻي لنڊن ڇڏي پئرس لاءِ روانو ٿيندس، جتي ڪجھہ وقت رهي، پوءِ الهندي جرمني ويندس. اتان سئٽزرلنڊ، اٽلي ۾ مصر گھمي، 22- جولاءِ ڌاري ڪراچيءَ موٽندس.

ٻيو خط زورق مان لکندس.

(7)

زورق، سئٽزرلنڊ

15- جولاءِ، 1951ع

هڪ خط روم مان ۽ هڪ خط لنڊن مان لکيو اٿم، اميد تہ پهتا هوندا.

هن وقت زورق ۾ آهيان. دريءَ جي سامهون ويٺو آهيان. چانهه جو اسباب پرتڪلف نموني سان اڳيان موجود آهي. هر طرف کان مختلف قومن جا ماڻهو، جدا جدا زبانن وارا، گهمي ڦري رهيا آهن. ٻن ڏينهن جي بارش بعد اڄ سج نڪتو آهي، جنهن ڪري هاليڊي تي پيو آهي. دريءَ جي سامهون هڪ وسيع سبز لان آهي، جنهن جي وچ ۾ ڦوهارن جي ڌار تالاب جي سطح کي سوراخ ڪري رهي آهي. سرو ۽ سنبل جا وڻ لان جي ڪنارن کي ڪناريءَ جو زيب بخشي رهيا آهن. دور کان سبز پهاڙ نظر اچي رهيا آهن، جن جي چوٽيون تان گهٽي برف تہ ڳري چڪي آهي، پر اجا بہ سفيد ڌارَ ميناڪاريءَ جو ڪم ڏيئي رهي آهي. هلڪا هلڪا بادل، سياهہ جبل ۽ سائيءَ ساوڪ کي بغلگير ٿيندا، بوسيبازي ڪندا، هلندا رهن ٿا. هيٺان زورق جي ڍنڍ آهي، جا اٽڪل 15 ميل ڊگهي ٿيندي، ان جو نظارو بہ هن دري مان ڪمال لطف ۽ گهٽيءَ مسرت جو باعث آهي. جهيل جي بلوري سطح تي، مختلف لانچن کان سواءِ، جيڪي ڪشتيون سفيد، سرخ بادبانن سان تري تنبي رهيون آهن، انهن جو نظارو دلڪش ۽ دلفريب آهي. ڍنڍ جي ڪناري سان وڻن جون قطارون آهن ۽ هڪ لنبو سبزگاهہ جو پٽو وچان وجي ٿو، ۽ ڪنارن کان تارن تي بيٺل گلاب جي جهالر اٿس. گلاب بہ هن وقت پنهنجي جوانيءَ جي جوش ۾ تو ڏسجي. خوشبوءِ تہ خير اٿس، پر رنگينيءَ ۾ بيمثال آهي. سورج جي روشني ۾ صنف نازڪ، پنهنجا گرم گِدلا بر طرف ڪري، رنگين ۽ سنهي سلڪي لباس ۾ ملبوس، ڪناري ڪناري، خرامان خرامان نظر اچي ٿي. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ هي انسان دنيا وما فيها کان بيخبر، پنهنجي عيش عشرت ۾ مستغرق آهن. مگر جيڪڏهن ڪنهن سان تعارف بعد گفتگو ڪجي تي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ هن دنيا جي گوناگون اُمورن ۽ پيچيدگين جي زد کان ڪوبہ بَري نہ آهي. هر ڪنهن کي هن دار دلبريءَ ۾ بہ درد جو ڪونہ ڪو قطرو دل ۾ آهي. جنگ جو خوف، مالي حالت جي بي ثباتي، هر زندگي جي ضروري شي جي قيمت جي گراني وغيره، ان جا اسباب آهن. مگر باوجود انهن اندروني انتظارن جي، بيروني فضا پُرسڪون نظر اچي ٿي، جا حالت انگلنڊ، فرانس، توڙي جرمنيءَ جي رهاڪن ۾ نظر نٿي آئي. جرمنيءَ ۾ مون ٽن ڏينهن ۾ قريباً ڇهہ سؤ ميل موٽر ۾ سفر ڪري، ملڪ جي حالت ڏٺي. شهرن جي حالت ذري گهٽ تباهيءَ کي پهتل هئي،

پر ٻهراڙين جي حالت بدرجها بهتر ۽ پر رونق ڏسڻ ۾ آئي. رائين نديءَ جي ڪناري، ڊنسبرگ کان فرئنڪفورٽ تائين سفر ڪيو. ڪئين ڳوٺ ۽ شهر ٽن سون ميلن اندر ڏٺم. ڪارخانا ۽ فئڪٽريون گهميس. ماڻهن ۾ وري جان آيل ڏسجي ٿي. رات ڏينهن محنت ۾ مستغرق آهن ته وري اڳوڻي اوج کي پهچن. ڏسجي ائين پيو ته هيءَ قوم سندس تباهه ٿيل حالت کي جلد سڌاري، دنيا جي ٻين قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلڻ جي لائق بنجي ويندي. اسان سان به ڏاڍا قرب ڪيائون، جي روبرو ٻڌائيندس. اڄ ميلان (اٽلي) ڏانهن ريل رستي وجون ٿا. سئٽزرلينڊ جو ٻيو پُرفضا شهر ليزرن ڏسي چڪا آهيون. وقت پرجي آيو آهي. آلپس جبلن کي عبور ڪري، اڄ شام جو ميلان پهچنداسون. ٻن ڏينهن رهڻ بعد، روم ويندا سون. وري قاهره مان ٻيو دفعو ٿيندا، 22- جولاءِ، 9 بجي رات جو ڪراچيءَ ايندا سون.

## سال 1952ع

(1)

[پراگ، الڪيون هوٽل ۾، لنڊن مان تار ٿو موڪلي تہ 25- اپريل 1952ع تي پهچندس، اُتي ملج.]

(2)

مئڊرڊ

8- جون 1952ع

مون کي تنهنجو هئمبرگ مان 5- تاريخ جو لکيل خط پهتو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تو اجا فيصلو نہ ڪيو آهي تہ سئٽزرلينڊ وڃين يا اسپين اچين، تو سئٽزرلينڊ اڳي ئي مختصر طور ڏٺو آهي، چار- پنج ڏينهن سئٽزرلينڊ لاءِ ڪجهہ نہ آهن. اهو ملڪ نهايت خوبصورت نظارن سان ڀريو پيو آهي، انهن کي پوريءَ طرح ڏسڻ لاءِ مهينو کن کپي. جيڪڏهن توکي وقت ٿورو آهي تہ بهتر آهي تہ اسپين اچي ڏس، جو اڳي ڪونہ ڏٺو اٿئي. خدا کي خبر، وري ڪڏهن ڏسين!

تو خط ۾ پنهنجي پئسي کپي وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪڏهن هن طرف ايندين تہ آءٌ هتي جا خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ان واسطي انتظار جو ضرور نہ آهي. تون مئڊرڊ ۾ منهنجو مهمان ٿي رهج. آءٌ ڪوشش ڪندس تہ توسان گڏجي اسپين جا ٻيا شهر بہ هلي ڏيکاريائين، جي مون بہ نہ ڏٺا آهن. آءٌ هتي سفارتخاني کي درست ڪرڻ ۾ مشغول آهيان، پر ڪوشش ڪري، وقت بچائي، اسپين جو مکيہ حصو توکي ڏيکاريندس. اميد تہ مٿيون لکڻ توکي اسپين ڏسڻ لاءِ ڪافي حرص ڏياريندو. جيڪڏهن ائين اسپين نہ ڏسڻ گهرين، تہ گهٽ ۾ گهٽ مون سان ملڻ ۽ منهن ڏيکارڻ لاءِ اچ تہ ملاقاتون ڪريون. اميد آهي تہ رئيس صاحب جڏهن بارسيلونا موٽندو تہ مون کي ضرور ملندو. هن کي يورپ، مون سان ملڻ کان سواءِ نہ ڇڏڻ گهرجي. کيس اهو پيغام پهچائج. اميد تہ مون کي نا اميد نہ ڪندين، ۽ ضرور هيڏانهن ايندين.

(3)

سين سباشين، اسپين
4- آگسٽ، 1952ع

تنهنجو 27- جولاءِ جو لکيل خط پهتو. ڪيڏو نہ ڳڻتيءَ ڳارو ۽ رنج برداشت ڪيم، سو لکڻ اجايو آهي. پانيم تہ اوهين سنڌ ۾ موٽڻ بعد اتي ڪمن ۾ ايڏو مشغول ٿي ويا جو وساري ڇڏيوَ:

نڪو اير نہ پير، نڪو اوني آئيو!

شڪر جو ڪي نينهن جون نوڙيون ۽ قرب جون ڪَڙيون هن ڏيهہ ۾ اٽڪائي ويا، جنهن ايڪانت ۽ اڪيلائيءَ ۾ اوهان کي فرصت ڏيئي، خط لکڻ لاءِ آماده ڪيو آهي.

اوهان منهنجي مهمانوازيءَ ۽ ان سان گڏ منهنجي ماحول جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ دوستن ۽ دشمنن کي ان کان واقف ڪيو آهي. پنهنجي مهماننوازيءَ جو ذڪر ڪرڻ ڇڻ تہ پاڻيهي پاڻ کي ساراهڻ آهي. باقي منهنجي ماحول جو ذڪر ڪهڙي رنگ ڍنگ ۾ اوهان پيش ڪيو آهي، ۽ ان سان ٻڌندڙن جي دل ۽ دماغ تي ڪهڙو اثر پيو آهي، ان جو قدري فڪر اٿم. شايد سنڌي سوسائٽيءَ جي تنگ ۽ تاريڪ ماحول ۾ اهڙي ذڪر جو اثر مورڳو الٽو نڪري. ليڪن، بهرحال، "اسين اوراڙ پرين پراڙ، وچون دنگ درياءَ جو" جي مصداق، مون پنهنجي زندگيءَ جي واڳ، واليءَ جي وَس ڇڏي آهي، اهو ان کي سنواريندو.

پڙهي خوشي ٿيم تہ اوهان جو وقت اسپين ۾ سنو گذريو. اوهان جيڪي اشارا ۽ ڪنايا ڏنا آهن، انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪن ڇڻن ۽ ڇُنڪن جو اثر توهان جي ڇِتَ تي ڇهڻي ويو آهي. جنهن اندر جي اڪير ۽ قلب جي اُجل سان اوهان منهنجي ڪن ساٿين جو نقشو ڪڍيو آهي، ان مان پڌرو آهي تہ اندلس جي ديس ۾ ڪا لوڻ جي لغار اوهان کي لڳي ويل آهي. اسان جو صوفي سرمست (مسٽر بلوچ) تہ اوهان جي واکاڻ کان زبان ئي نٿو بند ڪري. آخوند پنهنجي شغلن ۾ مشغول آهي. ڪوپلنڊ کي اوهان جي حسن نگاريءَ کان مئڊرڊ واپس پهچڻ تي آگاهہ ڪندس. ڏسان تہ اوهان جي حسن پرستيءَ ۽ عشق طرازيءَ جو ڪهڙو قدر ڪري ٿي! في الحال هتي وحيد ۽ اسابيل ساڻ اٿم. اسابيل کي اوهان جي مضمون مان واقف ڪيم. خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نہ پيئي

ماپي. افسوس آهي تہ مغربي مايہ نازن کي مشرقي سُرمي سينگار جي ڪل ڪانهي، ورنہ اوهين خود سندن ڪارين ڪڪورين اکڙين ۾ ڪَجل جي ڪاني ڏسي، هوند شاهہ لطيف جي 'مومل' سان مشابهت ڏيوس:

گجر ڪي گجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن ڪي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ، قبرون، پَسو پرڏيهين جون!
(شاهہ)

وسيهڙ وارن، ڪنڌڙن ڪارن جو بہ هتي خير ڪو قدر آهي. وارَ ڪياڙيءَ تائين ڪپائي، ڳپرو جوان بنجڻ هنن کي وڏيڪ پسند آهي. توهان خود ان ڪي اهڙو اشارو ڪيو هو، پر بيسود ۽ بي اثر. افسوس جو 'گُجر' بہ ساڳيو گَس ورتو آهي، مگر ساڳيءَ حد تائين نہ. مون توهان جي مضمون جي مطلب جي تشريح ڪئي. سُنَ ۾ پئجي چياٿين تہ 'جي انهيءَ وٽ جو مشرق ۾ قدر ۽ قيمت آهي، تہ اڄ ڪان واعدو آهي تہ ڪارا ڪاڪل ڪلهن کي ڪمر تائين ڏسجو!' توهان کي وري ڏسڻ جو شايد موقعو نہ ملي، مگر تصوير جي معرفت پنهنجيءَ تلقين جو جادو اثر جي انداز کي معلوم ڪري سگهندؤ. ڊسمبر تائين انتظار ڪرڻو پوندوَ، پوءِ توهان ضرور "حافظ" جي هيءَ مصرع ورد ڪندا:

ڪي دهد دست اين غرض، يا رب ڪه هم دستان شوند،
خاطرِ مجموعي مـا، زلفِ پريشـانِ شما.

مئڊرڊ جو ميدان ڇڏي، سرسبز واديون ۽ سربلند جبل جهاڳي، 12- جولاءِ تي سين سباشين ۾ پهتو آهيان. فلڪ نما ۽ پُرفضا مڪانہ۾ مقيم آهيان. پٺ کان ساوا ۽ سرسبز پهاڙ، اڳيان بسڪي جي اُپيپٽ جي نيلي پاڻيءَ جون نهرون، ڪناري تي هزارها انسانن جي نيم برهنگيءَ جو نظارو، پيڙين ۽ ٻتيلن جي جهڳمڳ ۽ جهرمر، جوڙي پنيان جوڙي بغلگير تي صبح شام سمنڊ جي ڪناري تي سير ۽ تفريح، ساز ۽ سرود، رقص ۽ رباب جي هر رات هونگ ۽ هلاچو، قلب جي سڪون کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏين. ڪنهن مهل اچل اچي ٿي تہ ڪٿي "حافظ" جي هدايت تي عمل ڪريان. چوي ٿو تہ:

دمِ فرصت غنيمت دان و دادِ خوشدلي بستان،
بسي گردش ڪند گردون، بسي ليل و نهاو آرد.

ليڪن جڏهن هن دنيا جي ناپائداريءَ، انسانن جي تلون مزاجيءَ، حسينن جي بيرخيءَ ۽ جوانن جي جلد بازيءَ جو جائزو ونجي ٿو تہ شاهہ لطيف اچيو سامهون بيهي ۽ چوي:

پَسي ڳاڙها گل، متان ڪا چانڪي ڪي چاري!
ولڙيون وِهہ وهاتيون، مٿن موريا قل
متان ڪا چانگي ڪي چاري!

منهنجي تجربي مون کي ان ڳالهہ تي آماده ڪيو آهي. لطيف جي لات ۾ وڏي ذات آهي. گوشي نشينيءَ ۾ گذارڻ هن زندگيءَ جي اوڙاهہ ۾ اٽڪڻ کان گهڻو بهتر ڪم آهي. اوهان جي جا هدايت آهي؟ - "حافظ" جو چيو ونجي، يا "لطيف" جي نصيحت تي هلج ي؟

پير محفوظ صاحب ۽ امداد علي شاهہ تشريف فرما ٿيا آهن. انهن جي خدمت جو ارادو آهي. ڪين فرانس جي فردوس سان بہ روشناس ڪرايو ويندو، چوتہ فرانس جي حد هتان فقط 15 ميل آهي. مائونٽ ايگلدو ۽ مائونٽ الايا جو بہ ڪين سير ڪرائبو. پلي قدرت جا نظارا ۽ عبرت خيز منظر ڏسي محظوظ ٿين. هتي چار ڏينهن هوندا. اندلس تہ نہ ڏنائون، نہ تہ اندلس جي چمن جي چٽساليءَ جو قدر پوين ها. تڪڙا آهن، پلي انگلينڊ جي جنت نشان مڪانن ۽ محفلن جي لذت وٺن.

سين سباشين، اسپين جي هِل اسٽيشن (Hill station) ۽ سَمر رزارٽ (Summer resort) آهي. بسڪي جي اُپيٽ جي ڪناري تي واقع آهي. پُٺ کان جبلن جون قطارون اٿس، جن جي ساوڪ ۽ سبزي، ميوا ۽ گل سڄيءَ فضا کي بهشت برين بنايو ڇڏين. پائين جا ٻيلا، سفيدي جون صفون، فر جا جهڳٽا ۽ زمردين فرش، اکين کي تازگي ۽ دل کي فرحت بخشيو ڇڏين. ازان سواءِ ڪيترن ميلن تائين فئڪٽريون پکڙيون پيون آهن، جن ۾ لوهہ، پتل، ٽامي وغيره ڌاتوءَ مان هر شيءِ نهي ٿي- جهڙوڪ مشنري، هٿيار، ڪپڙي جون مشينون، مشين گنون، بم، ڪپڙو، صابڻ، ڪاغذ وغيره. منهنجو مڪان شهر واري اُپسمنڊ جي وچ ۾ ۽ ڪناري تي واقع آهي. سامهون هڪ وسيع بِيچ (beach) اٿس، جنهن ۾ سڄو ڏينهن زالون، مرد ۽ ٻار ترندا ۽ ٽڙڳندا نظر اچن ٿا. اڄ جنرل فرئنڪو بہ هتي آيل آهي. هاڻ ٻيڙين جي ريس (race) جو تماشو ڏسبو. گهڻو ڪري ماڻهو

هتي عيش ۽ آرام لاءِ ايندا آهن. شيون سو مهانگيون آهن، پر عشرت جو سڀ سامان موجود ۽ ميسر آهي. رڳو خريدار ۾ دم هجي.

اوهين پنهنجي خيريت ۽ ملڪ جي حال احوال کان واقف ڪندا رهندا. هن خط کي سنڀالي رکجو. تڪڙ مان لکيو اٿم، اکر خراب ۽ پنو خراب اٿس.

رهـي اڄجـي راتـڙي، تـن واڍوڙيـن وٽـان،
جن کي سڪ سرير ۾، گهڻ منجهاران گهاءَ،
لڪـائي لوڪـان، پـاڻهي ٻـڌن پٽيـون.

22- سيپٽمبر تائين هتي رهندس، پوءِ مڊبرڊ ويندس. پير محفوظ ٻن ڏينهن بعد ويندو. ڪالهه مائونٽ ايگلدو ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويو.

[نوٽ: پير محفوظ واپس اچي سندس مهمان نوازيءَ ۽ خاطر تواضع جو اهو بدلو ڏنو، جو وزير اعظم خواجه ناظم الدين تي، پاڪستان جا سفير کهڙا مزا وٺن ٿا، تنهن جو ذڪر ڪري، خراب اثر ويهاريائين. هن خط سندس دلي تذبذب جو پتو پوي ٿو: ايپيڪيورن نظريه حيات ۽ اسٽوئسزم نظريه حيات، ٻيئي سامهون اٿس- ڪنهن تي عمل ڪري؟]

(4)

بيوني، فرانس
5- سيپٽمبر 1952ع

اڄ هتان فرانس جي خوبصورت مڪان تان خط لکي رهيو آهيان. مون خط لکيا آهن، پر جواب ڪونه پهتو آهي. ٻه- ٽي خوبصورت جڳهيون گهمي، وري سين سباشين موٽي ويندس. 'ايسابيل' مون سان گڏ آهي. توکي سلام موڪلي ٿي.

(5)

سين سباشين [اصل انگريزيءَ ۾]
22- سيپٽمبر 1952ع

ارمان آهي ته منهنجي اڳئين سنڌيءَ ۾ لکيل خط ۾ جواب نه ڏنو اٿيئي، جو خط مون تنهنجي خط جي جواب ۾ موڪليو هو. شايد پهتو نه اٿئي. مون عيد ڪارڊ بزارتا (فرانس) مان موڪليو هو، جو هتان هڪ ڪلاڪ پنڌ تي آهي.

تون هتي رهڻ جي زماني جي مشغولين جو احوال معلوم ڪرڻ چاهيندو هوندين. سين سباشين، اسپين سرڪار جو، اونهاري جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جتي سرڪار سفارتخانن سميت جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۾ ويندي آهي. اهو شهر صوبي جو هيڊ ڪوارٽر آهي، جنهن صوبي جو نالو بسڪ آهي. هيءَ جاءِ جبلن ۽ ساوڪ جي ڪري خوبصورتيءَ ۾ مشهور آهي. هتي طرح طرح جا صوف ۽ بيا ميوات ٿئي ٿي. شهر بي آف بسڪي (Bay of biskey) جي ڪناري تي اڏيل آهي، جتي عمدو بيچ (Beach) سورج جي روشنيءَ سان وهنجندڙن جي آرام لاءِ موجود آهي. ريگتا نالي ٻيڙين جون هتي ريسون ٿين ٿيون، جن ۾ ماڻهو گهڻي دلچسپي وٺن ٿا. فرانس هتان 20 منٽن جي پنڌ تي آهي، جنهن جي ڪيترين ئي خوبصورت ۽ دلچسپ جڳهين کي هتي رهائش جي وقت ۾ ڏٺم اٿم- جهڙوڪ سينٽ جين ڊيلوز، بزرتا، بايان، اوريٽز وغيره. اهو ڳوٺ سڀ بي آف بسڪي تي، فرانس ۾ اڏيل آهن.

جتي ماڻهو تفريح لاءِ ويندا آهن، بزرتا انهن مان سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ۽ پرمنظر آهي. تازو اتي هوٽل دي پئليس ۾ (جو نيپولين سندس اونهاري جي رهائش لاءِ محل اڏيو هو)، ڊيوڪ ۽ ڊچيس آف ونڊسر جي اعزاز ۾، فينسي ڊريس جو انتظام ٿيل هو. آءٌ بہ ان موقعي تي اتي هوس. ڊيوڪ ۽ ڊچيس، رهندڙ بہ اتي ئي هئا. اها عاليشان عمارت خوبصورت ۽ جڙادار فرينچر سان سجايل هئي. ناچ جي رات ان کي خوب سينگاريو ويو هو. دنيا جا شاهوڪار ان ڊانس ۾ عجيب غريب لباسن ۾ حصو وٺي رهيا هئا. انهيءَ مان يورپ جي خوشحاليءَ جو اندازو ٿي سگهيو ٿي.

فرانس کان علاوه، بي آف بسڪي جي اسپين وارين ڪيترين اهميت وارين ۽ دلچسپ جاين تي بہ ويو آهيان. جيئن تہ اوريز، زروز، همايا، ديوا، ايبار. سيني جاين تي عيش آرام لاءِ هاليڊي تفريحگاهون ٺهيل آهن. ايبار فئڪٽرين سان پريو پيو آهي، جتي ڪپڙي سبڻ جون مشينون، بائسڪلون، هٿيار، عمارتي سامان وغيره ٺهن ٿا. مطلب تہ سارو بسڪ جو صوبو اسپين جي فئڪٽرين جو مرڪز آهي. مون کي هر هنڌ گهمايو ويو ۽ مهمانوازي ڪئي ويئي. بہ هفتا اڳ هڪ شهر، پمپلونا جبل تي، نديءَ جي مٿان اڏيل، ڏسڻ جو موقعو مليم، جنهن جي چوڌاري سبز وادي پکڙي پيئي آهي. اوو اسپين جي

نوارا صوبي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ عيسائين جي مشهور جيزسٽ فرقي جو مرڪزي ادارو ڏسڻ ويس. لويالا ۾ هنن جي مصر جي الازهر يونيورسٽيءَ جي طريقي تي هڪ وڏي يونيورسٽي نهيل آهي، جا اسلامي ملڪن ۾ ڪرشچنٽي ڦهلائڻ لاءِ مرڪز طور ڪم اچي ٿي.

سين سباشين ۾ پاڪستان جي پنجين يوم آزاديءَ جي موقعي تي هڪ وڏي دعوت ڏنيم. جتي وزير، آفيسر، سفير ۽ شهر جي مکيہ ماڻهن کي گهرايو ويو هو. اهو فنڪشن نهايت ڪامياب ٿيو. سڀ ڪنهن کي خبر پيئي تہ پاڪستان بہ هڪ اهم ملڪ آهي. ان موقعي تي نڪتل فوٽو ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. مون هتي بہ 'اسپين ۽ پاڪستان ڪلچر ائسوسئيشن' جي شاخ کولي آهي. منهنجي ڪلچرل اتيچي، عزيز بلوچ، پاڪستان جو راڳ عمدي انداز ۾ حاضرين کي ٻڌائي گهڻو خوش ڪيو. انهيءَ ڪيترن مشرق ۾ دلچسپي وٺندڙن کي پاڪستان جي معلومات لاءِ دلچسپي وٺڻ تي راغب ڪيو.

هتي هڪ فلاسافر، ڊان ميراوريٽرجو ذڪر ڪرڻ بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو. هن کي مشرق جي روحاني معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ خاص دلچسپي هئي. ٻي هڪ ليڊي بہ ساڳئي خيال ڏٺم. جنهن جو نالو سيفريتا مونيڪا آهي، جا چليءَ جي سفير پنهنجي گود جي ڌيءَ ڪئي آهي. باوجود جوان هئڻ جي، مسٽيزم، تصوف ۽ رهبانيت جي گهڻي ڄاڻ هيس. هوءَ هن فاني دنيا کان عالم جاودانيءَ جي علم حاصل ڪرڻ طرف گهڻو مائل هئي.

منهنجو خط ڊگهو ٿي ويو آهي، تنهن ڪري ان کي ختم ٿو ڪريان. سين سباشين ۾ قيام جو ٽائيم جلد پورو ٿيندو. ڪيترا سرڪاري دفتر مئڊرڊ وجي رهيا آهن. آءٌ 26- تاريخ هتان نڪري، بلبو ڏسي، 27- تاريخ مئڊرڊ پهچندس. خط لکين تہ اتي لکج. پنهنجي يورپ جي سياحت جي احوال مان واقف ڪج. وحيد ۽ اسابيل جا سلام پهچن.

-

## (6)

اندلس، سيويا

15- آڪٽوبر 1952ع

هن پراٽي پـَٽ کي خيرباد چئي، ڪاديز رستي، جبرالٽر وڃان ٿو. اوهان

سان گڏ جيڪي پراڻا تاڻا ۽ تاڪ ڏناسين، اتان آديسي اتي ويا تا ڏسجن. نہ اهي مچر نہ مگريون، نہ اهي سگر نہ سهيليون، نہ اها رونق نہ رنگ، نہ اهو ڊول نہ ڍنگ ڏسڻ ۾ آيو. پڇا ڪرڻ بعد معلوم ٿيو تہ اهي پکي پرواز ڪري، خزان جي خوف کان، اتر طرف وڃي رهاڪو ٿيل هئا. انهن پرديسي پکين جي آمد بهار جي رُت ۽ اونهاري سان جڙيل آهي. اپريل ۾ بهار جي فيسٽا ٿيندي آهي، ان ۾ اهي سڀ رنگ رچندا آهن. حياتي هوندي، ۽ جي ياڳ پڙايو تہ اپريل ۾ هي ماڳ نظر مان ڪيبا.

هتي رات هڪ ڪانفرنس ڪري، "اسپين- پاڪستان ائسوسئيشن" برپا ڪئي ويئي. اخبارن ۽ ريڊيي ذريعي پاڪستان جي خوب پروپئگندا ڪئي ويئي. ڪانفرنس نهايت ڪامياب ٿي [عزيز] بلوچ صاحب اندلسين کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. وحيد ۽ آخوند مون سان گڏ آهن.

جبرالٽر ۾ تارڪ جا تاڻا وڃي ڏسنداسون. وري ملاگا مان ٿيندا، ڪاردوا ۾ منهن وجهنداسون. اوهين خبر نہ آهي تہ ڇو خطن جو جواب نٿا موڪليو. ڪهڙي ڏنڌي ۾ مشغول آهيو؟ طبيعت نيڪ نہ اٿم، تہ بہ گشت ڪريان پيو. الله ساٿ ڏيندو.

(7)

مئڊرڊ

24- آڪٽوبر 1952ع

اوهان جا قرب ڀريا ڪاغذ 30- سيپٽمبر ۽ 8- آڪٽوبر جا لکيل پڙهي، تعجب ۾ پئجي ويس تہ هڪ سيد سگورو، نہ اسڪول ويو نہ ڪاليج ڏنائين ۽ نہ يونيورسٽيءَ جي ماحول مان واقف، جنهن جو خاندان ۽ ڪٽنب اڄ بہ پراڻي رسومات جي زنجير ۾ جڪڙيل آهي، سو نہ فقط يورپ جو سير ڪري ٿو، پر دنيا جي مختلف اقوام جي سياسي، معاشرتي ۽ اقتصادي زندگيءَ جي معائني لاءِ منتخب ڪيو وڃي ٿو!

اپريل، مئي، جون ۽ جولاءِ تہ رشيا جي مغربي يورپ جي معائني ۽ مطالعي ۾ گذاريائين، مگر حيرت جي حد نہ رهي تہ آگسٽ ۽ سيپٽمبر وطن ۾ رهي، وري مشرق جي ڏورانهين، عجب العجائب ملڪ ۾ وڃي پهتو آهي.

اوهان جي ٻارن ٻچن کان اوهان ڀڃيو آهي تہ سندن دل ۾ ان لاءِ ڇا گذرندو هوندو. بهرحال، اميد اٿم تہ اوهين جلد واپس وطن وري ٻچن سان وڃي ملندا.

اوهين مهرباني ڪري جذبات کان ڪم نہ وٺندا. بلڪ پنهنجي عقل سليم کي رهبر ڪندا. پرايون ماڙيون ڏسي پنهنجين پونگين ڊاهڻ جو ڪم نہ ڪندا! بيشڪ پنهنجن تجربن کي عملي جامي پهرائڻ جي ڪوشش ڪريو. مگر اهڙي طريقي سان، جيئن وقت، مقام ۽ حالات جي تقاضا هئڻ گهرجي. قومون هڪ لمحي ۾ نہ نهنديون آهن- جيئن ڪو زيور ڪاڻ مان نڪتل سون مان يڪدم نہ نهندو آهي، پر ان کي ڪيترن ئي مدارج مان لنگهي، پوءِ زيور جي شڪل وٺڻي پوي ٿي. اوهين بہ انهن تجويزن کي ذهن ۾ رکي، پنهنجي طرزِ عمل جو پروگرام بنائيندا تہ بهتر ٿيندو. گهر ٻار جو اوهان تي اولين حق آهي، ان کي فراموش نہ ڪندا.

اڄ هڪ خط جبرالٽر مان لکي چڪو آهيان. جبرالٽر، ملاگا ۽ ڪارڊوا جو سير ڪيو اٿم. ياٽي پرتاب ۽ دولت جي ياٽرن گهڻي خاطرداري ڪئي. ڪجهہ بيچاڪ آهيان، الله شفا ڏيندو. وڌيڪ احوال پوءِ موڪليندس. سينسر جي ڊپ کان هي خط عبدالهاديءَ جي معرفت موڪليان ٿو.

(8)

پاڪستان ائبمسي، مئڊرڊ

18- نومبر 1952ع

اوهان جا چين مان لکيل بہ خط پهتا هئا، جن جو جواب بروقت ڏنو هوم، جو مليو هوندو. اميد تہ هن وقت تائين اوهين وطن پهچي چڪا هوندا. وري سياسي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا هوندا. مستقبل کي استوار ڪرڻ ۾ ڪو سوچي سمجهي قدم کڻندا. ابهرائيءَ کان ڪم نہ وٺندا. دين محمد (گورنر) جي رواني ٿيڻ بعد، سنڌ جي سياست يا نظام حڪومت ۾ ڪهڙو ڦيرو آيو آهي، ان کان واقف ڪندا. اڄ 8- ڊسمبر تي لنڊن ويندس، جتان هڪ هفتي جي قيام بعد، 16- تاريخ، ڪراچيءَ روانو ٿيندس هڪ ڏينهن قاهره ۾ رهي، 18- تاريخ ڪراچي پهچندس. اميد تہ اوهان سان ملاقات جو موقعو ملندو.

جبرالٽر، ملاگا ۽ ڪارڊوا جي گشت تان موٽڻ بعد زڪام ۽ ڪنگهہ جي

تڪليف تي هيم، هاڻ بهتر آهيان. هتي هاڻي سرديءَ منهن ڪڍيو آهي. سچ ڪنهن مهل ظاهر تہ ڪنهن مهل گم آهي. هن وقت فليٽ مسواڙ تي وٺي ان ۾ رهان ٿو. پنهنجي گهر جي مائي مس مس ٿي آهي. اسابيل گهر جي انتظام جي حوالي آهي، جيستائين فيملي مڊبرڊ پهچي. جاءِ ملڻ بعد، خيال آهي تہ ٻارن کي وٺي هيڏانهن اچان. گهر جو انتظام انهن ڪان سواءِ ٺيڪ نہ ٿيندو. مهينو ٿيو آهي تہ موڪل لاءِ لکيو اٿم، پر اڃا جواب ڪونہ آيو آهي.

## (9)

مڊبرڊ

22- نومبر 1952ع

هڪ خط اوهان جي خط کان اڳ لکيو اٿم، جنهن ۾ اوهان جي خاموشيءَ تي افسوس ظاهر ڪيو اٿم. پر ٻن ڏينهن کان اوهان جا ٻہ خط مليا، خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيس. آخوند، بلوچ، وحيد ۽ اسابيل سان انهن خطن جو لب لباب بيان ڪيم.

الله جي قدرت جي انتظام تي حيرت ۽ عبرت سان غور ڪيم تہ ڇا سن، ڇا ٽڪر سن جو هڪ باشندو مغرب کان مشرق تائين سير سياحت پيو ڪري، ۽ قومن جي مختلف روايات، تاريخ، تمدن ۽ ترقيءَ جي اڀياس ۾ مشغول آهي: ٻئي پاسي، ٽڪر جو هڪ ڳوٺاڻو، اسلامي دنيا جي عظيم المرتبت قلمروجي نمائندگي ڪري رهيو آهي! هي سڀ الله جل جلاله جي بي انت قدرت جا ڪيل آهن. هي تجربا جي ٻن ساڳئي خاندان جي فردن کي حاصل ٿيا آهن، سنڌ اسيمبليءَ جي صدارت يا صوبي جي وزارت جي واڳ انهن تجربن اڳيان هيچ آهن. اوهان خود پنهنجي دوران سفر ۾ محسوس ڪيو هوندو تہ اسين پنهنجي ديس ۾ فقط اکين ٻڌل اُٺ وانگر گهاڻي جي ارد گرد ڦري رهيا هئاسون. بني نوع انسان جديد سائنس جي طريقن تي هلي، زندگيءَ جي معيار کي جيترو بلند ڪيو آهي، ان جي تڏهن خبر پوي ٿي، جڏهن گهر جي لوڙهي کان ٻاهر نڪري، سمنڊ جهاڳي، ترقي پذير ملڪ ۽ ماحول ۾ اچي واقعات جو مطالعو ڪجي ٿو. البت، ڏسڻ جون اکيون هئڻ گهرجن. جيڪڏهن فقط عيش عشرت، محبت ۽ مودت، رقص ۽ راڳ جو متمني ٿجي، تہ بہ دنيا جي هر گوشي ۾ جسماني تفريحات اڪيچار موجود ملندا. پر جي زندگيءَ جي عميق بحر ذخار ۾

غوطيزني ڪبي، تہ ڪائنات ۽ ان جي انتظامات جي پيچيدگين ۾ دل ۽ دماغ کي توازن ۾ رکي ڪم وٺڻو پوندو. اوهان ڪِي سيويا جو تجربو آهي: اهڙي هنڌ جو انسان نفساني خواهشن جو شڪار ٿيڻ گهرندو تہ ان جي لهرن ۾ لڙهي ويندو. بهرحال، دنيا ۾ توازن رکڻ عقلمنديءَ جو ڪم آهي.

اوهان سنڌ جي سياست جو مختصر نقشو چٽيو، منهنجي معلومات ۾ اضافو ڪيو آهي. سنڌ جو گورنر ميان دين محمد روانو ٿي ويو. ميان امين الدين چا ٿو ڪري، اهو ڏسي وٺبو. يوسف هارون سنڌ لاءِ ڪهڙو پروگرام ٿيو آهي، ان لاءِ ڪابہ پيشنگوئي ڪري نٿي سگهجي. اوهين جذبات کان ڪم نہ وٺو. پر دماغ ۽ تجربي کان ڪم وٺي، پنهنجو نصب العين مقرر ڪريو. پاڪستان جو وجود ۽ استحڪام سڀ کان اول هئڻ گهرجي. صوبن جي حقوق جي ورهاست پوءِ ڪبي. پهرين گهر کي مضبوط ڪجي، پوءِ انهيءَ ۾ پيل املاڪ ۽ سامان جي ورهاست جو فڪر ڪجي. گهر ئي گهر گِهنو ٿي ويو. تہ ان ۾ پيل اسباب جي ورهاڱي جو سوال بي معنيٰ ٿيندو.

اوهان ڪوپلن جي نقل حرڪت جي پيا ڪئي آهي. ان جو دماغ انگريزي روايات موجب لبِ بام تي وڃي پهتو هو. اسان جي سني برتاءَ کي هن آبائي حق سمجهي، ڪم کان بي اعتنائي ۽ فرض فراموشيءَ جو رويو اختيار ڪيو. اسان انهيءَ ناز برداريءَ جي بوجي کي برداشت نہ ڪري، کيس رخصت ڏني. ان ڪري هوءَ ويئي، ۽ ان جي جاءِ تي اسابيل ڪم ڪري رهي آهي. وڏي خاندان سان تعلق هئڻ ڪري، هن ۾ سنجيدگي، بردباري ۽ فضيلت آهي. فرض شناسيءَ جو پورو احساس اٿس. پنهنجي ڊيوٽيءَ جو ڪم پوريءَ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏئي ٿي.

17- ڊسمبر ڌاري انشاءَ الله آءٌ ڪراچيءَ ايندس. جيتوڻيڪ اجا موڪل منظور نہ ٿي آهي، پر ٽڪيٽ وغيره سڀ خريد ڪري ڇڏيا اٿم. اميد تہ ڪراچيءَ ملنداسون.

---

## سال 1953ع

(1)

حيدرآباد

1- فيبروري 1953ع

18- ڊسمبر تي، ٻن مهينن جي موڪل ورتي، هتي آيل آهيان. انهيءَ عرصي ۾ نياڻيءَ جي شاديءَ جو اهتمام ڪيم، ان فرض کان فارغ ٿيس. اوهان تہ خير سان هڪڙي ئي سال ۾ وري ٻيو دفعو يورپ جو سير ڪيو، چين جو بہ چڪر هڻي آيا، يعني پراڻي دنيا جي پڙتال ذري گهٽ پوري ڪيوَ. خدا مبارڪ ڪري اوهان جو سفر! شل لوڪن سان لهہ وچڙ ۽ حقيقتن جو هجوم توهان جي دماغ جي ساميءَ کي سڌو رکي، اُٿل- ۽ اُٿلَ کان آجو رکي! سينالي وات مان ڪجهہ ورجائجو. پنڌ ۽ نصيحت جي نيت سان نہ، پر حالتن کي هنڊائي، خير خواهيءَ طور عرض ڪريان ٿو.

هيستائين وزير اعظم پاڪستان ۽ گورنر جنرل سان ملاقات ڪري چڪو آهيان. يوسف هارون ۽ مير غلام علي خان سان بہ تبادلہ خيال ڪيو اٿم. ڪهڙي صاحب ۽ قاضي صاحب جي ڪاٽا ٽيڻ ڪري، سنڌ جي سياست ۾ ڪي قدر خال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. آئيندي اها جاءِ راشدي صاحب پري، يوسف هارون والاري، يا مير غلام علي خان گاديءَ ڏٺي ٿئي، تنهن جي پرروڙ ڪانہ ٿي پوي. مٿين خانن کي خيال ئي ٻيا آهن. اليڪشن ڪرڻ جو ڪو تڪڙو ارادو ڪونہ ٿو ڏسجين.

منهنجي موڪل 15- فيبروريءَ تي پوري ٿيندي، پر گهرو حالتون واپس وڃڻ کان مانع آهي. صحت اسپين ۾ بہ نہ سڌري. ذهني ڪشمڪش ۾ آهيان تہ هن عهدي مان ڪو سود ڪونہ ٿو نظر اچي. ڪم جي سُجاڻ بہ هت خير ڪا تي ڏسجي، بلڪ دل پيچڻ جي روش آهي. هاڻ ٻيو سوچيان تہ ڇا ڪريان.

اوهين تہ خبر نہ آهي تہ ڪڏهن ملندا. جي تي سگهي تہ هڪ دفعو ڪراچيءَ ڏانهن ويندي منهنجو ڏيکاري ويندا. آءٌ بہ دفعا ڪراچيءَ 'حيدر منزل' تي ويس، پر اوهين غير حاضر هئا. وري شايد 8، 9- تاريخ ڪراچيءَ وڃان، ۽ وزير اعظم سان دل جا حال ڪريان. جي موٽي ويس تہ 16- فيبروريءَ روانو ٿي ويندس. پنهنجي نقل حرڪت جو پروگرام لکندا.

(2)

پونچ سمنڊ مٿان، هوائي جهاز مان

20- مارچ 1953ع

مون سمجهيو ته اوهان سان ملي پوءِ موٽي مئڊرڊ ڏانهن ويندس. 18- تاريخ جڏهن اوهان جي بنگلي تي آيس ته امداد ٻڌايو ته اوهين گشت ۾ ويا آهيو. آءُ توکي هتان جهاز مان ياد ڪري رهيو آهيان. اڄ 2 بجي روم پهچندس. سياٽي مئڊرڊ پهچڻ جو پروگرام آهي. مون کي ڪراچيءَ ۾ معلوم ٿيو ته راشدي صاحب، چاموٽ ۽ بقادار شاهه کي منهنجي سامهون بيهڻ لاءِ زور پيري رهيو آهي. مون کي خبر نٿي پوي ته راشدي صاحب مون کي ڇو سياسي ميدان مان ٻاهر ڪڍڻ ٿو گهري. ان ڏس ۾ جي ڪجهه تون ڪري سگهين ته راشدي صاحب، چاموٽ ۽ بقادار شاهه سان ڳالهائج. آءُ پهرين اپريل تي بستر سميت واپس ايندس. ڪراچيءَ 2، 3- اپريل تي پهچندس. ان وچ ۾ مهرباني ڪري منهنجي لاءِ ڪجهه ڪندا.

(3)

ڪراچي

12- مئي، 1953ع

موٽي حڪيم عبدالحميد خان، مالڪ همدرد دواخانه دهلي کي، هوٽل ميٽروپول ۾، 16- مئي 1953ع تي سادي ستين بجي شام جو دعوت تي گهرايو آهي. مهرباني ڪري اوهين ان ۾ اچي شريڪ ٿيندا.

(4)

حيدرآباد

11- آڪٽوبر 1953ع

مير غلام علي خان ائگريڪلچرل ڪميشن جي ميٽنگ 22- آڪٽوبر تي رکي آهي. پر 23، 24- آڪٽوبر تي شاهه لطيف جي سالگره ملهائڻ جو انتظام ڪيل آهي. اسين رات ڏينهن ان ڪم ۾ مشغول آهيون. 25، 27- آڪٽوبر ذاري مَسَ واندا ٿينداسون. مهرباني ڪري مير کي خط لکي، ميٽنگون پهرين نومبر کان پوءِ

رڪائيندا. موقعي لاءِ مضمون لکيو ايندا. ڪتاب مان مضمون پڙهڻ نيڪ نہ ٿيندو. ڳائيندڙ وٺيو ايندا.

(5)

ڪراچي

11- آڪٽوبر، 1953ع

خط پهتو. ڪراچيءَ اچڻ تي معلوم ٿيو تہ اوهين ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا هئا. ٺهلراماڻيءَ ۾ راڪ هائوس وارن لاءِ تنبوءَ جو بندوبست ڪيل آهي. ڪين اهڙو اطلاع ڏنو اٿم. اوهين حافظ اسحاق ۽ ٻين ڳائڻن کي پٽ شاهہ تي وٺيو ايندا. انتظام 1951ع جي پيماني تي ڪيو ويو آهي.

## سال 1954ع

(1)

هوٽل ائمبيسيڊر، نئين دهلي

15- فيبروري، 1954ع

هتي، دهليءَ ۾، لئنڊ امپرومينٽ ۽ گهٽ درجي جي گهرن ناهڻ واسطي ڏکڻ- اوڀرندي ايشيا جي ملڪن جي سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيل آهيان. اها ڪانفرنس اقوام متحده جي ماتحت ڪوٺائي ويئي آهي. هن ڪانفرنس ۾ زمين درست ڪرڻ ۽ گهر اڏڻ لاءِ دنيا جا بهترين ماهر اچي حصو وٺڻ وارا آهن. گهرن ناهڻ جي ماڊلن جي نمائش جو بہ انتظام ڪيو ويو آهي. اهي گهر 700 رپين کان پنجن هزارن رپين تائين خرچ سان تيار ڪري سگهبا. نمائش ۽ بحث مان توکي گهڻو لطف اچي ها، جو "ڳوٺ سڌار" لاءِ تو سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن اڳيان اهي سوال آندا هئا. آءٌ توسان ڳوٺ سڌار تعمير بابت روبرو گفتگو ڪندس تہ ڪيئن اسين پنهنجي ٻهراڙيءَ کي درست ڪري سگهون ٿا. 17- تاريخ سيمينار پورو ٿيندو، ساڳيءَ شام جو ڪراچيءَ پهچندس. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(2)

پاڪستان انٽرنيشنل جهاز

18- جولاءِ، 1954ع

مفت را چہ بايد گفت! ٻن ڏينهن جي ڪانفرنس لاءِ ٽڪيٽ ملي ويئي. چيڙ جي سرهہ وانگر (جي هو سنڌ ۾ لهندو آهي، تہ بہ جبل جي سار رکندو آهي)، اسان کي بہ گرميءَ جي موسم ۾ ولايت جي سير جو خيال جاڳندو آهي. هيءَ اڙانِ P.I.A جي، افتتاحي، جنيوا تائين. 10 بجي رات ڪراچيءَ، تہ صبح ويل نيل، تہ ٻنپهرن جو جنت نشان سئٽزرلنڊ ۾ پهچنداسون. زماني کهڙو نہ ڦيرو کاڌو آهي! اڳيون مثال آهي تہ:

نارا هليا ننگرين، ڪري بديٽڪو وَرُ،
يَتُ بديٽڪو ويجهڙو، هي بہ اسان جو گهر.

ويچاري حضرت موسيٰ کي گڏهن تي سواري ڪري بيت المقدس پهچڻ ۾ 4 مهينا لڳا. اسان ساڳيو سفر هڪ ڪلاڪ ۾ طي ڪيو- تعجب! بهرحال اسان جي جهاز ۾ چند مقدس هستيون بہ سوار آهن. جهڙو کهڙو صاحب، سندس نياڻي، بيگم عرفان الله، جهانگير خان وغيره. هي حضرات لينن جي ارض مقدس جا پانڌيڙا آهن. اسين محروم رهجي وياسون. خير، جنيوا ۽ ان جو ماحول بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ هوندو. آءٌ 1948ع ۾ پهريون دفعو جنيوا ويو هوس. جتي پاڪستان ڊيليگشن جو، فرسٽ ورلڊ هيلٿ ڪانفرنس لاءِ ليڊر ٿي ويو هوس.

# سال 1955ع

(1)

حيدرآباد

19- مارچ 1955ع

ڪراچيءَ ۾ معلوم ٿيو تہ اوهين اڄ خير سان آزاد ٿيندا. ڪالهونڪر آرڊرن جو پيرو ڪنيوسون، پر خبر پئجي نہ سگهي. اڄ جيل جي دروازي تي امداد سان گڏ آياسون، پر معلوم ٿيو تہ اوهان کي هڪ بجي موٽر جي رستي سوار ڪري، سن وٺي ويا. ملڻ جي گهڻي خواهش هئي. حال اوهان کي پين خفن کان ڪناره ڪشي ڪرڻ گهرجي- جيتوڻيڪ اوهان کي نصيحت ڏيڻ لقمان کي حڪمت سيکارڻ آهي. آءٌ سڀاڻي ڪراچيءَ موٽي ويندس. اوهان سان اميد تہ جلد ملاقات ٿيندي.

(2)

زورق

23- جون 1955ع

هڪ خط ۽ ڪارڊ هوٽل 'والدرون' مان لکيو هو. جو مليو هوندو. ان ۾ ابتدائي احوال لکيو هوم. تپاس ڪان پوءِ ڊاڪٽر روزيءَ ضروري سمجهيو تہ منهنجي وڏيڪ تپاس ڪرائي باضابطي علاج ڪرائي، ان ڪري اڄ مون کي بات روم وارو ڪمرو هٿ ڪري، ان ۾ داخل ڪيو اٿس. شايد ڪاڌي سميت 45 فرئنڪ وٺندا. هوٽل ۾ بہ ايترو خرچ ٿئي ٿو. باقي ڊاڪٽرن جون فيون ڳاٽي پڳيون آهن. اجا ٻڌايو ڪونہ اٿن، پر هڪ ايڪسري جا اڊائي سؤ فرئنڪ ورتا اٿن. مون کان ڊپازٽ بہ هزار گهريائون، پر في الحال 5 سؤ فرئنڪ ڏنا اٿم. اڳتي ڏسجي تہ ڪهڙيون تا طلبون ڪن. روم ۾ بلڪل آرام آهي، سڄي زورق جو نظارو، ڍنڍ سميت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سڀ ڳالهہ عمدي آهي، پر مهانگائي آهي. خدا ڪري، جنهن ڳالهہ لاءِ خرچ ڪيو اٿم، سو خرچ ۽ سفر صاب پوي.

هاڻ اليڪشنون ختم ٿيون هونديون. اوهان جو ڇا ارادو آهي: جيڪڏهن پڪو ارادو هجي تہ واضح طور لکو تہ ان موجب ڊاڪٽر سان ڳالهايان. خرچ

هڪ سؤ رپيا روزانو. پاڙو ٿي هزار. جملي ست هزار رپين جو بندوبست ڪري، پوءِ سفر لاءِ تياري ڪجو.

(3)

زورق
13- جولاءِ 1955ع

هڪ خط ۽ ڪارڊ روانو ڪيو اٿم، پر جواب ڪونہ موڪليوَ. شايد سياسي چڪر ۾ اهڙا جڪڙجي ويا آهيون، جو دوست احباب جي يادگيريءَ لاءِ فرصت بہ ڪانہ اٿوَ. بهرحال، مون وري بہ مناسب سمجهيو تہ ٿيون دفعو بہ خط لکان. شايد سينسر اوهان جا خط گم ڪريو ڇڏي، اهڙو ناحق نہ ٿيڻ گهرجي. مون کي زورق ۾ آئي اڄ مهينو ٿيو آهي. ڏهہ ڏينهن تپاسڻ ۾ ويا، 20 ڏينهن کن علاج ٿيو آهي، فائدو نہ دوا مان، نہ آبهوا مان پهتو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ خرچ ئي برباد ٿيو. منهنجي بيماري پراڻي، ويهن سالن جي، سا هڪ يا سوا مهيني علاج سان سڌرڻ عبث آهي. مون کي شايد زندگيءَ جا ڏينهڙا ائين گذارڻا پوندا. اوهان جو ڪيس بہ ٻڌو اٿم تہ آخري فيصلو نہ ٿيو آهي، ان ڪري اوهان جو ڪراچيءَ مان نڪرڻ محال پيو ڏسڻ ۾ اچي. آءٌ بہ اوهان جي هتي اچڻ جو آسرو لاهي وينو آهيان. اڪيلائيءَ جا ڀوت ڏسي، پوڙهين نرسن جا ٻوٿ پَسي، 20- جولاءِ لنڊن وڃان ٿو، اتي ڪونہ ڪو يار دوست ملي ويندو. وڏيڪ سفر جو ارادو ڊينمارڪ، سويڊن، جرمني، فرانس، اٽلي وغيره طرف وڃڻ لاءِ هوم، پر ان جي خاطري نہ آهي. لنڊن وڃي پروگرام کي آخرين طور ٺاهيندس ۽ اطلاع ڪندس.

اوهين جواب ڏيو تہ يڪدم ڏجو. جي دير سان جواب ڏنوَ تہ پاڪستان هاءِ ڪميشن لنڊن جي معرفت ڏيندا. جي جواب ڏيڻ مناسب نہ سمجهو تہ شال خوش هجو- اوهين، ۽ اوهان جي سياست!

هيسين تائين، اسپتال مان جند ڇڏائي، هڪ ڏينهن نوزرن برجن اسٽاڪ ۾ ٻرن ڏسي آيو آهيان. پرينءَ انٽرلاڪن ڏسڻ جو ارادو اٿم، جتي آلپس جي جگفرن چوٽي ڏسي ايندس. ڊاڪٽر مڃي نہ مڃي، وڃي ٻــَن پوي- ملڪ مولا جو تہ ڏسي وٺان! ڪمي فقط ساٿيءَ جي آهي. اڪيلو نہ روئندو سونهي، نہ

پٽيندو نهي. ڪالهہ ڪي حيدرآباد جا سنڌي خواجا ملي ويا. بـرن گـڏجي وياسون. ڏاڍا لطيف جا بيت سبز پهاڙن، آبشارن، ۽ پائين ۽ چنار درختن مـان لنگهندي ڳائيندا وياسون. ڏاڍو مزو آيو پنهنجي ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪرڻ مـان. سڀا سارا پنج ڄڻا هئاسون. گاڏيءَ ۾ بہ پنهنجي محفل لڳايو وينا هئاسون. منع هوندي بہ، سگريٽن جي ڏم لڳايو وينا هئاسون- ڇڻ تہ سئٽزرلنڊ جو سبز خطو خدا اسان لاءِ ٺاهيو هو. پر اهي يار بہ سيان ويندا. پوءِ نانيءَ جا ڪَن وجي رهندا: ”سسئي ۽ سُور، پٽيندا پاڻ ۾“ جو مصداق بجي ويندس. خير، الله تي ننگ آهي!

## سال 1956ع

(1)

ايويان، فرانس (ڪارڊ)

15- جولاءِ 1956ع

18- جولاءِ جنيوا پهتس. ڪجهه علاج ڪرايم. اڄ ايويان آيو آهيان. آبهوا سٺي، پاڻي آبحيات، انسان حور پري، پر "يارِ من ترڪي ومن ترڪي نميدانم" وارو معاملو آهي. باغ ۾ بينچ تي ويٺو آهيان. هڪ پَـري وشِ پاسي ۾ ويٺي آهي. مشـڪي پيئـي. سـگريٽ ڏنومـانس، جـو ورتـائين. فوٽـو ورتومـانس، اعتراض نہ ڪيائين. ائڊريس بہ نہ ڏني اٿس. پر زبان نہ آءٌ هن جي سمجهان ٿو، نہ هوءَ منهنجي سمجهي ٿي- فقط اشارا آهن! ڪاش، اوهين اهو تماشو ڏسو ها! دوست ڪان سواءِ، اڪيلي سفر تي لعنت آهي! گونگو عشق بہ خواري آهي!

سيان برن مان ٿي وائنا ويندس. اتان غالباً مئڊرڊ ويندس.

(2)

مئڊرڊ

5- آگسٽ 1956ع

اوهان کي جنيوا ۽ وائنا مان ڪارڊ لکيا اٿم، اميد تہ پهتا هوندا. باوجود سئٽزرلنڊ جي خوشگوار آبهوا ۽ دلپسند ماحول جي اسپين جي پراڻن تعلقاتن ڪشش ڪيم، جنهن ڪري آگسٽ ۾ اچي هتي پر گهٽ ٿيو آهيان. ائمبسيءَ وارن چڱي آجيان ڪئي آهي، جنهن ڪري اطمينان جو وقت پيو گذري. پراڻن ياڻن کي ڏسيو، حسرت جي نگاهن سان پيو نهارجي. پر نہ اهي ماڻهو، نہ اهو ماحول! اسان جي پراڻن هڏن ۾ بہ دم ڪونهي جو شوق شڪار ڪجي.

مئڊرڊ جي ميدان ۾ ڪافي وسعت آهي. اکين جو ڪاڏو ڪافي آهي، پر جسم ۾ جنبش ڪٿان آڻجي! تنهن ڪري 'غالب' جي مقولي تي اڪتفا ڪجي ٿي:

گـو هـاٿ ميـن جنبـش نهيـن آنکهـون ميـن تـو دم هـي،
رهنـــي دو ايـــي ســـاغر و مينـــا ميـــري آگـــي!

پراڻا يار ڪافي ملن ٿا. تعجب آهي تہ هو اڄا تائين هن بندي جي دورِ سفارت جي تعريف ڪري رهيا آهن. ڇوتہ هن وقت سفارتخاني طرفان ڪابہ نقل حرڪت نہ آهي، عالمِ سڪوت ۾، معمولي ڪاغذن جي ڦير گهير ٿي رهي آهي. هيءَ هرهڪ ائمبسيءَ جي ملازم جي وات جي ڳالھہ آهي، منهنجي راءِ نہ آهي. عزيز بلوچ جي وڃڻ بعد، پاڪستان جو ذڪرِ خير بند ٿي ويو آهي. منهنجو هن لکڻ مان نڪتہ چيني مقصد نہ آهي، پر حقيقتن جو اظهار آهي.

آءٌ هتان 14- تاريخ روانو ٿي، نيس پهچندس. جتان 15- شام جو وري جنيوا پهچندس. 17- تاريخ ڌاري انشاءَالله ڪراچيءَ پهچندس.

اميد تہ اوهين ۽ اوهان جو ملڪ سرسبز ۽ آباد هوندو. شال سنڌڙي سدائين سرسبز ۽ شاداب رهي!

(3)

نيس (فرانس)

15- آگسٽ 1956ع

منهنجا اڳيان خط پهتا هوندا، مئڊرڊ ۾ 14 ڏينهن هوس. باوجود آگسٽ جي، آبهوا خوشگوار هئي. ائمبسي مددگار ۽ ماحول سازگار هو. جيڪا مئڊرڊ ۾ اميد هير، انهيءَ مطابق سڀ سهولتون مهيا ۽ ميسر ٿي ويون. پراڻا دوست بہ ڳولي لڌاسون. گمان هو تہ ڇئن سالن بعد بي اعتنائيءَ جا پردا چڙهي ويا هوندا، پر شايد اسپينين جي خمير ۾ وفاداريءَ جو ڪافي جزو شامل آهي، جنهن ڪري هڪ دفعي دوستي ڳنڍي ويهن ٿا تہ پوءِ ان کي حتي الامڪان نباهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هي اصول ڪن خاص شخصن سان تعلق نٿو رکي، پر مون هرهڪ اسپيني دوست مان اهائي قرب ۽ محبت جي چاش چکي آهي، جا بہ سال اڳي سفارت جي زماني ۾ ڏٺي هير. زبان بہ ڪنهن طرح چالو ٿي ويئي. هرڪو حيران تہ زبان تي هيترو عبور ڪيئن باقي رهيو هو.

چام انور علي ۽ ٻيا دوست بہ اچي اتي نڪتا. گهمڻ گهتڻ ۾ آءٌ سندن ترجمان هوس. هيءَ سڀ قرب جي ڳالھہ آهي، جنهن جو قلب سان واسطو آهي. جا شيءِ پياري هوندي آهي، اها غائبانہ بہ ايتري پسند ايندي آهي، جهڙي حاضرانہ. مئڊرڊ ڇڏي ٻئي پاسي وڃڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿي. فقط

اسڪوريال وياسون، ۽ فلپ اسڪندو جي هوٽل ۾ ماني کائي موٽي آياسون. اسان سيني دک مان مئڊرڊ کي الوداع چئي.

ڪالهہ هتي پهتو آهيان. بيشڪ، بيچ جون بهاريون، هوٽلون ۽ برک بازاريون هتي آهن، پر ڪٿي آهي اُهو اسپين جو گلوسوز؟ ڪٿي آهي اها نزاڪت ۽ لطافت؟ ڪٿي آهي اها سادگي ۽ سعادت؟ سڙڪ ڏي نهار تہ سهڻي، صورت ڏي نهار تہ اروڪي! چا ڪبو انهيءَ سمنڊ کي، جتي حسن لهريون نٿو هڻي؟ چا ڪبو ان پريت کي، جتي محبت پنهنجو ديرو نٿي دمائي؟ چا ڪبو ان بازار کي، جنهن ۾ نفاست ۽ نزاڪت جو سامان موجود هجي، پر وفا جي وٿ عدم موجود هجي؟ هڪ ڏينهن هتي ورهيہ ٿي پيو آهي. جنهن ڪري، اڄ ٿي شام جو جنيوا وينديس، جتان سياٽي 16- تاريخ سوار ٿي ڪراچيءَ وينديس.

توهان کي نئين پارٽي ناهڻ جي مبارڪ هجي. مينهن پاٽين هيل ٻڌو اٿم تہ راڳا ڪري وڌا آهن. خدا پيو خير ڪري!

"سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار!"

## سال 1957ع

(1)

ڪراچي

9- مارچ 1957ع

[هڪ خط پيرزادي عبدالستار، وزير مغربي پاڪستان، ڏانهن "شاهه لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ" جي مسئلي بابت لکي، ان جي ڪاپي موڪلي ٿو ۽ لکي ٿو تہ ڪيس تاڪيد ڪريان تہ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ جلد سڏائي وڃي.]

(2)

ڪراچي (تار)

17- سيپٽمبر 1957ع

خدا توتي ۽ تنهنجي ساٿين تي رحمت جو هٿ ڌري، جو اوهين مارئيءَ ڪي عمر سومري جي بند مان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوشش وٺي رهيا آهيو.

[نوٽ: هيءَ تار مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ کي ختم ڪرائڻ واري ٺهراءَ جي اڪثريت راءِ سان پاس ڪرائڻ بعد موڪلي هئائين.]

## سال 1958ع

(1)

حيدرآباد

1- جنوري 1958ع

اڄ ڪم تي پيو اٿم. ان ڪري سنيري وري ويهي رهيس. بيو سڀ ڪتنب اڄي ٿو. سن ۾، امداد جي شاديءَ تي، پير عالي شاهه اچڻ جو واعدو ڪيو آهي. مخدوم صاحب چاڪ نہ آهي. پير صاحب پاڳاري جي اچڻ جي پڪ نہ آهي. چاموٺ محمد علي شاهه لاءِ اهڙي جاءِ رکندا، جنهن ۾ بات روم ۽ ڪموڊ هجي.

(2)

حيدرآباد

29- جنوري، 1958ع

گهر احوال ٻڌايم تہ امداد جي شادي ساڳين تاريخن تي ٿيندي، سڀ ماڻهو تيار ٿيا آهن. ننڍا وڏا، پنج ايندا، 9، 10- تاريخ يـَـت ڪائي، 11- تاريخ واپس موٽندا. ازان سواءِ منهنجي گهر واري ۽ نياٽي، امداد جي شاديءَ تي پاٽوٺ بہ اچڻ جو ارادو رکن ٿيون. خبر ڏيندا تہ ڄڃ حيدرآباد مان ڪنهن مهل لنگهندي. اسان وٽان ٿي ويندا. منهنجو عيال پنهنجيءَ جيپ ۾ پاٽوٺ هلندو. اسين سڀ هوند پاٽوٺ هلون، پر ننڍڙا ٻار هاڻ تپن ۽ اُرڙي مان اُٿيا آهن. انشاءالله. سن سڀ ايندا سون.

(3)

حيدرآباد

10- اپريل، 1958ع

رات جو دارالخلافہ ۾ انقلاب آيو: ٻہ سنڌي وزير مرڪزي ڪئبنيٽ ۾ منسلڪ ٿيا. کهڙو صاحب وزير دفاع ٿيو، ۽ مير غلام علي خان ڪان وزارت داخلہ ڪسي، جلال بابا کي ڏنائون، جو چپراسين کي پاڪر پائي آفيس ۾ گهڙيو. اِها ڪسر نفسي، يا خود نمائي؟

بهرحال، اهو ٿيو پراڻو قصو: ابي چاڙهي، ادي چاڙهي، مون نـ چاڙهي تـ کنهن نـ چاڙهي. اسان کي ڇا هٿ حاصل ٿيو! ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تـ کهڙو صاحب قاضي اڪبر کي بـ صوبائي وزارت وٺائي ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ هو ميمبر بـ نـ آهي. کهڙو صاحب مسلم ليگ ڇڏي ويو. پنهنجن ليفٽيننٽن کي بـ لالچ ڏيئي، 'ليگ' ڇڏارائڻ چاهي ٿو. سبحان الله، ڇا زمانو آهي!

اوچتو ٻن وزارتن جو ٻڌم تـ منهنجي بـ ٻُڌ ڦري ويئي. مغز چڪر کائڻ لڳو. پبلڪ سروس جي جاءِ خالي ٿي آهي. مير صاحب غلام علي خان کي تنهنجي پاران تار ڪئي اٿم تـ ميران محمد شاهہ کي ان لاءِ مدد ڪر. جذبات جي رو ۾ اچي، اها تار اوهان جي اجازت کان سواءِ هتان ڪئي اٿم. اڳي ائين نـ ڪيو اٿم. تار ڪري پوءِ پڇتايم. معافي طلب آهيان!

عبدالستار صاحب پيرزادي "لطيف ڪلچرل سينٽر" جي ميٽنگ 14- اپريل تي، ساڍي پنجين بجي، ڪراچيءَ ۾ رکي آهي. اوهين ميٽنگ ۾ ضرور شريڪ ٿيندا. اها ميٽنگ ملتوي ٿي تـ ڪم رهجي ويندو.

(4)

ڪراچي

12- اپريل 1958ع

ڪالهہ اوهان کان موڪلائي هتي پهتو آهيان. اڄ شام جو مير صاحب ۽ کهڙي صاحب سان ملندس. پر منهنجو اثر ڪونـ پوندين- اهڙا ڪيئي آزمودا اٿم- جيستائين ڪو اهڙو ماڻهو نـ چوندن، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هنن جو بـ ڪم پوندو هجي. جيڪڏهن اوهين هڪ ڏينهن لاءِ هتي اچي سگهو تـ تمام سٺو ٿيندو. اچي لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ بـ شرڪت ڪريو.

پير صاحب پاڳارو سياڻي ايندو. ڇاموٺ محمد علي شاهہ بـ ايندو.

(5)

حيدرآباد

[پيرزادي عبدالستار، وزير مغربي پاڪستان، کي تار ڪيائين تـ ڏهہ هزار رپيا شاهہ لطيف جي ميلي لاءِ ڪافي رقم نـ آهي، پيا 15 هزار رپيا منظور

ڪيا وڃن. ان تار جي ڪاپي موڪلي، تاڪيد ڪري ٿو تہ پيرزادي کي چئي، وڏيڪ رقم منظور ڪرايان.]

## (6)

سعدو شريف، سوات هوٽل

15- سيپٽمبر 1958ع

اخبار ۾ پڙهيم تہ مولانا ڀاشاني ۽ خان بادشاهہ سان مليو. اوهين موٽي سن ويا آهيو. آرام جي اوهان کي گهڻي ضرورت آهي. هاڻي اوهان جي هڏ ۽ جسم ۾ اها طاقت نہ هوندي، جا 5- 10 سال اڳي هئي. تازي گهوڙي کي بہ ڊڪڻ ۾ ساهي ڏبي آهي، تڏهين جوهر ڏيکاريندو. نہ تہ اوچتو گوڏا ڪوڙي ويهندو. ساڳيو مثال مون سان بہ لاڳو ٿئي ٿو.

20- ڏينهن شاهہ لطيف جي ميلي جو ٽڪ پچي، تازو توانو ٿي، پوءِ موٽندس. هتي آبهوا ۽ موسم ڪا خاص خوشگوار نہ آهي، بلڪ گرمي آهي، پر ماحول پُر سڪون آهي. ٻنيون ٻارا، ندي‍ون نالا، واديون ۽ هريالا ڏسيو. نيڻ پيا ٺرن. ڪراچيءَ جي بري شهر ۾، سواءِ گهر جي لانِ جي، ٻي سبزي نظر نہ ايندي، ان ڪان هيءَ هزار دفعا بهتر منظر آهي. اجا بہ موٽر يا جيپ هجي تہ پوءِ گهٽائي مڪان ڏسي سگهجن ٿا. جتي روح جي راحت ۽ قلب جو اسباب مهيا ٿي سگهي ٿو، ور مون کي اها سهولت ميسر نہ آهي. بهرحال، ڪجهہ وقت هتي گذريو آهي، ڪجهہ گذري ويندو. اميد تہ اهل عيال ۽ اوهان محبن کي اچي اکين سان ڏسي خوش ٿيندس. 25- تاريخ سوات ڇڏڻ جو ارادو آهي. خان بادشاهہ کي ڪوئيٽا ۾ گرفتار ڪري وري ڇڏي ڏنائون، اين چه بو العجب است!

## سال 1959ع

(1)

حيدرآباد (جيل ۾ موڪليل)

18- جون 1959ع

ڪنهن جنهن نينهن نڏاهه، مون وانجهائيندي نـه ورو،
جيڪي پـوءِ ڪنـداهه، سـو جـانب ڪريـو جيئـري.

حيرت جي حد نـه رهي، جڏهن ٽپاليءَ اوهـان جو پـرزو ڏنـو- مختصر پـر مائيدار، چڻ مارئيءَ جو پيغام، ڪوٽ ڪٽي، پتيون پچي، آڪاس تان اڏامـي، اباڻن وٽ آيو آهي. اباڻن جو جواب هن ڪان سواءِ ڇا ٿي سگهي ٿو. شاهه لطيف جي لفظن ۾:

مَ ڪـي روءِ مَ ڪـي رڙ، نــه ڪــي ڪــر دانهــون،
سـُـتي لـوڪَ لطيـف چئـي، ٻئـي ڪٽــج ٻــانهون،
لــڌءِ جــت لائــون، ســو ملــڪ پســنديئن مـــارئي!

فقط اوهان جي صحت جو انتظار رهي ٿـو. خدا شال اوهـان کـي جسماني صحت ۽ روحاني عافيت بخشي، آمين!

آءٌ 27- فيبروريءَ کان بيمار گذاريان ٿو. دم وڌي ويو آهـي. پيـٽ بلڪل خراب آهي. علاج ڪري ٿڪجي پيو آهيان. جي اجازت ملي تـه ولايت ويندس.

شاهه لطيف ۽ ان سان متعلق ڳـالهين بـابت خيـال اوهـان کـي نـه هونـدو تـه ٻئي ڪنهن کـي هونـدو. مـگر: ”هڪـڙي بنـدي مـن ۾، ٻـي جـا ڪـري الله.“ ’ڪلچرل بورڊ‘ جي تشڪيل ڦيرائي ويئي آهي. نئون بـورڊ بـه مهيني کـن کـان وجود ۾ آيو آهي. ان مان پيرزادو، آءٌ ۽ اوهين خارج ڪيا ويا آهيـون. پيـرزادي جي جاءِ تي ڪمشنر حيدرآباد کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. مير علي نـواز خان ۽ مسٽر حنيف صديقي ان تي ميمبر آهن. هن ميلي جو انتظام بـه اهو بـورڊ ڪندو. ”لطيف يادگار ڪميٽي“، جنهن جو آءٌ چيئرمن آهيان، جا هميشــه ميلـي جو انتظـام رکندي هئي، ان جو هـاڻ واسـطو ڪـديو ويـو آهي. سچو انتظـام

آفيشل هوندو. اسان جون اکيون ٺڏيون، خدا ڪري لطيف جي پيغام ڪي دنيا جي هر گوشي ۾ مشتهري ٿئي. ٿي لک رپيا ڪلچرل سينٽر جي بلڊنگن لاءِ پيا بہ مليا آهن. اسان تہ في الحال گوشي نشيني اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي. جي وڃبو تہ فقير ٿي وڃبو، نہ امير ٿي. خدا اوهان کي خوش آباد رکي!

(2)

ايسٽ بورن (ڪارڊ- جيل ۾)

13- آگسٽ 1959ع

[ايسٽ بورن مان، خوش خير عافيت پڇڻ لاءِ ميران محمد شاهہ، بيبي شمس النهار، اسدالله شاهہ ٽکڙائي، مخدوم محمد زمان طالب المولا، محمد حسين شاهہ نقوي جو فرزند، ڪارڊ موڪلين ٿا.]

(3)

حيدرآباد

12- سيپٽمبر 1959ع

توهان کي معلوم هوندو تہ آءٌ لنڊن منهنجيءَ پيائٽيءَ بيبي شمس النهار کي، جا بيمار هئي، ڏسڻ لاءِ ويو هوس. مخدوم صاحب بہ هليو هو. اتي نقي صاحب ۽ عزيز بلوچ صاحب بہ مليا هئا، جن سلام ڏنا اٿوَ. اوهان کي ايسٽ بورن مان گڏجي ڪارڊ موڪليو هوسين، پهتو هوندو. هتي برساتون اجا پيون پون. دم ٿي پيو اٿم. بنگلي تي ڪراچيءَ ويو هوس. ننڊن شاهن مان پهر ڪانہ هئي. خليفي آچر ڪان خبرون پڇي آيس. طبيعت جو احوال ڏيندا تہ ڪيئن آهي.

(4)

حيدرآباد

1- ڊسمبر 1959ع

اڄ اخبار ۾ پڙهيم تہ والده جي بيماري ڪري سرڪار اوهان کي پئرول تي ڳوٺ ڇڏيو آهي. آءٌ هوند اوهان وٽ اچان ها، پر بيمار آهيان.

(5)

حيدرآباد

28- ڊسمبر 1959ع

اسين سڀ بنيادي جمهوريت جي چونڊن ۾ حصو وٺي رهيا آهيون. اسان جي ڪٽنب جا چند نوجوان اليڪشن ۾ لڙي رهيا آهن. الحمدلله، ٻه- ٽي ڪامياب ٿيا آهن. قمر الزمان ڪالهه ڪئنٽومينٽ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. پهرين جنوريءَ تي حاجي غلام احمد شاهه اليڪشن لڙي رهيو آهي. ڪوسا ووٽر چون ٿا ته جي. ايم. سيد جا فرزند جيئن چوندا، ان طرف ووٽ ڏينداسون. سندن ماڻهو وٺڻ لاءِ هي خط موڪلجي ٿو.

## سال 1960ع

(1)

حيدرآباد

12- جنوري 1960ع

سن ۾ درگاهه شاهه حيدر عليه جي ميلي تي اچڻ جو شوق اٿم. ان موقعي تي اچي روح رهاڻ ڪبي. خدا ڪري، منهنجي طبيعت استوار رهي. پيريءَ جا آثار مختلف روپن ۾ ظاهر ٿيو پون. ڪڏهن ڪمر جو درد، ڪڏهن بدهاضمو، ڪڏهن پيشاب ۾ حرڪت- اِهي سڀ حالتون بستري گول ڪرڻ جا اهڃاڻ آهن: "جرس فرياد مي دارد ڪہ بر بنديد محملها!" خدا ڪري، اوهين با عيال خوش هجو!

اوهان ڪي پنهنجي گام مان باهر نڪرڻ تي بندش پيل آهي، پر الحمدالله، پنهنجن ٻچن سان، پنهنجي وطن ۾ مقيم آهيو: هن وقت فرصت بہ اٿو ۽ آرام جو موقعو بہ اٿوَ: ڪجهہ روح جا رنگين جذبات ۽ خيال قلمبند ڪري سگهون ٿا. واقعات تہ پيا بہ ظاهر پيا ڪندا، پر روحاني تاثرات ڪو ڪو شخص تحرير ڪري سگهندو. بهرحال، قلم ۾ جو آيو، لکي ويٺو آهيان. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(2)

حيدرآباد

20- فيبروري 1960ع

31- جنوريءَ اوهان وٽ موسيقي مجلس ۾ شامل ٿي، پهرينءَ تاريخ حيدرآباد پهتو آهيان. ان بعد اک جي آپريشن ڪرائي اٿم. ان کي 15- ڏينهن ٿيا آهن. تازو فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي صدارت جي چونڊ جو جشن ملهايو ويو. سارو شهر چراغان هو. پر اکين جي تڪليف ڪري ڪنهن بہ تقريب ۾ شامل ٿي نہ سگهيو آهيان.

(3)

حيدرآباد

27- مارچ 1960ع

اڄ ڪراچيءَ ويو هوس. امداد سان مليس، جنهن ٻڌايو تہ اوهان جي

طبيعت وري خراب ٿي پيئي هئي. هاڻ نيڪ ٿيا آهيو. آءٌ بہ اڄ ڇاڪ، اڄ بيمار آهيان. پيري ويڙهي ويل آهي:

"ولين جيئڻ وريامر، گوندر غم پرين جا!"

19- مارچ 1960ع تي، 61 سال گذاري، 62 سال ۾ پير پاتو اٿم. ٿوري بَرٿ ڊي سيريمني منهنجي عزيزن ڪئي. 60 سالن گذرڻ تي وڏو جشن ڪيو هئائون. ڪتابچو ڇپايو هئائون، جو توکي موڪليندس.

## (4)

حيدرآباد

18- جولاءِ 1960ع

هڪ ميٽنگ "شاهہ لطيف ميموريل ڪائونسل" جي، 13- آگسٽ 1960ع تي، منهنجي جاءِ تي ڪني ٿي، جتي فيصلو ٿيو تہ 17- ڊسمبر 1960ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاهہ لطيف جي ورسي ملهائي وڃي. مهرباني ڪري ان لاءِ مضمون موڪلي مدد ڪندا.

## (5)

حيدرآباد

21- سيپٽمبر 1960ع

دعوتنامو شاهہ لطيف جي ورسيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ موڪليو هوسين. اوهين بندش ڪري اچي نہ سگهيا. بروهي صاحب جي تقرير بصيرت افروز هئي. ڀڳت مولچند بيشڪ پاڻ ملهايو. ليلا- چنيسر جو ڊرامو سيني کي پسند آيو. شاهہ لطيف جي لفظن ۾ تيار ڪيل هي پهريون اسٽيج ڊرامو هو، جنهن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين پارٽ ورتو.

30- تاريخ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان سان منهنجي ملاقات ٿي. شاهہ لطيف جو ذڪر هليو. جيءُ لطيف.

## (6)

ڪراچي

2- آڪٽوبر 1960ع

خط اوهان جو پهتو، مهرباني. اميد تہ اوهان جي طبيعت ذرا سڌري هوندي. مون کي دم ٿي پيو آهي، خصوصاً ماڪ پوڻ ڪري. وڃان ٿو وڏيڪ

ڀڄو ٿيندو. عمر جي تقاضا ۽ صحت جي ناهمواري.... آخر هلبو! اهو ڪي ڪجي، جي ٻيءَ دنيا ۾ ڪم اچي.

”وڃڻ تـِت پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري!“

ٿيو ڏينهن سنڌ مدرسي جي پلئيٽنم جبلي هئي. آءٌ سنڌ مدرسي جو شاگرد آهيان، سو وچي جشن ۾ شريڪ ٿيس. صدر پاڪستان افتتاح ڪيو. اٽڪل 5 هزار ماڻهن کي دعوت هئي. ڪافي هجوم هو. رات وري لطيف ڏي ملهايو ويو. مون کي صدارت جي ڪرسي ڏنائون. سوشيلا مهتاڻي، روبينا، ابراهيم، نارو پگت ۽ مهراج مولچند ڳايو. مهراج جو چڱو اثر ٿيو. ليلان-چنيسر جو اسٽيج تي فيچر پيش ڪيو ويو، جو منهنجو مرتب ڪيل هو. بروهي صاحب جي تقرير لکيل نه آهي، باقي رڪارڊ ڪئي ويئي هئي. گهڻن ماڻهن جي تقاضا آهي ته اسٽينو گرافر کان رڪارڊ تان لکارائي، ڇپارائي، وراهجي. ان ۾ مکيه ڳالهه هيءَ هئي ته ”جيئن ته لطيف جي لات منهنجي ڪَن ۾ ماءُ جي کير سان گڏ پيئي آهي، تنهن ڪري منهنجي رڳ رڳ مان اها لات ڪارفرما رهي ٿي: جيڪڏهن آءٌ اهو اعتقاد رکان ها ته ٻيءَ جوڻ ۾ وري دنيا ۾ ايندس، ۽ يونانين وانگر فرشتا مون کان پڇن ته ٻيو دفعو دنيا ۾ ڇا ٿيڻ گهرين ٿو، ته آءٌ چونديس ته آءٌ وري به سنڌي ٿيڻ گهران ٿو!“

مٽياري سيدن جو شجرو، ڇپا ڪرائي، ڪاپي ڪرائڻ بعد اوهان کي موڪليندس.

(7)

حيدرآباد

12- ڊسمبر 1960ع

مٽياري سيدن جي شجري کي ڪنو ڪري لکڻ جو نيڪ ڪم اوهان هٿ ۾ ڪنيو آهي. خدا اوهان کي اجورو ڏيندو. اسان جي خانداني تاريخ ۾ اوهان جو نالو حرف زرين ۾ لکيو ويندو.

شجرو ڪاپي ڪرائي، جلد موڪليندس.

ٽڪڙ کي زنده ڪرڻ گهرون ٿا، ڏسون مـُردا ڪيئن ٿا زنده ٿين.

## سال 1961ع

(1)

جاويد ڪلينڪ، ڪراچي

7- جنوري 1961ع

اوهان جو خط نئين سال جي پهرينءَ تاريخ پهتو. راڻي وٽان نئون نياپو آيل هو. اسان وٽ هينئر قاضي اسدالله شاهه صاحب جون سڪون سندس پوٽو اسدالله شاهه لاهي ٿو. علم ادب سان دلچسپي رکندڙ آهي. لنڊن جي اڍائي سالن جي قيام ۽ تربيت سندس معلومات، فهم ۽ ادراڪ، سوشل معيار ۽ زندگيءَ جي اصولن جي ڄاڻ ۾ گهڻو اضافو ڪيو آهي. مون کي سندس صحبت مان حظ حاصل ٿيندو آهي. پاڻ بمع ڀاءُ شبير علي شاهه ۽ سوٽ امداد علي شاهه جي، 4، 5- فيبروريءَ تي سن اچڻ گهرن ٿا، جي اوهين اتي هجو ته اطلاع ڏجو ته پهچي وڃن.

آءٌ ڪالهه کان اسپتال ۾ داخل ٿيو آهيان. منهنجي طبعيت اجازت ڏني ته اچي حاضر ٿيندس.

شجري جي ڪاپيءَ ڪرڻ لاءِ ماڻهو رکيو اٿئون.

(2)

حيدرآباد

21- جنوري 1961ع

هاڻ ڳوٺ آيل آهيان، اسان جي سَن اچڻ جي پروگرام ۾ ڪجهه تبديلي آئي آهي. منهنجي والد جي تاريخ وفات وسري ويل هئي، جا 5- فيبروري 1950ع آهي. ان تاريخ تي مقبري تي ويندا آهيون. ان ڪري، هاڻ 7- فيبروريءَ سن ايندا سون. اسدالله شاهه، شبير علي شاهه، امداد علي شاهه، غلام رسول شاهه، شمس العارفين شاهه، انهيءَ 'ڊيليگيشن' جا ميمبر هونداسون. جيپ موڪلي سگهو ته بهتر.

(3)

حيدرآباد

1- فيبروري 1961ع

اوهان جو خط 28- جنوريءَ جو لکيل، 31- جنوريءَ تي پهتو. مون به پڙهي اطمينان حاصل ڪيو. شام جو اسان جي روزاني ڪچهريءَ ۾ نوجوانن کي پڙهي ٻڌايو ويو. اوهان منهنجي اچڻ لاءِ اصرار ڪيو آهي، سو پڙهي جواب چوڻ لڳا ته پوڙها ضرور پوڙهن کي جوانن تي ترجيح ڏيندا. بهرحال، ڪين اوهان جي ملڻ جو شوق ڪافي آهي، تنهن ڪري باوجود نوڪرين جي به، موڪلون وٺي، اوهان جي درِ دولت تي پهچندا. البت وڏيڪ خوشي ٿي جو اوهان خط ۾ سواريءَ جو لکيو آهي. خدا ڪري، سواري ميان يار محمد شاهه جو پراڻو فورڊ (موٽر) نه هجي، نه ته اسان جو مڙهه به رُلي وڃڻ جو احتمال آهي! جيڪڏهن ڪا نئين سواري ملي ته واهه، نه ته ريل بهتر آهي. دل ڏاڍو چوي ٿي ته آءٌ به اچان، پر ضعف ڪمال آهي. شايد اوهان وٽ هن ڪان بعد اچڻ مشڪل ٿي پوي. الله تي ننگ آهي. بدن ۾ سيءُ گهڻو اٿم. ٿوري ٿڌ به سهي نٿو سگهان. دم ان ڪان سواءِ آهي. پيريءَ جون سڀ نشانيون موجود آهن. ڪوشش ڪنداسون ته ٻنپهرن جو پهچي وڃون. اسان سان چون- چون مربو آهي. ست ڄڻا آهيون. مولچند سڪرنڊ واري جي راڳ ٻڌڻ جو شوق آهي.

(4)

حيدرآباد

7- فيبروري، 1961ع

اسين ٽپڙ ٻڌي، مڪمل تياري ڪري، فقط سواريءَ جي انتظار ۾ ويناسون. اهو خيال هو ته جيڪڏهن موزون موٽر سواريءَ لاءِ سن مان نه آئي ته ڪرائي تي ڪري به سن ضرور ايندا سون. اوچتو اوهان جو پيغام آيو. اوهان جو خط ڏنائين، جنهن جي پڙهڻ سان سنگت کي محسوس ٿيو ته پوڙهن جي صحبت ڪنهن وقت ڪارائتي ۽ بعضي دلچسپ ٿئي ٿي، پر هميشه هنن تي ياڙڻ به غير معقول ٿيندو. مون ڪان سواءِ، ٻين کي پروگرام جي منسوخ ٿيڻ جو گهڻو ڏک ٿيو.

شجرو تيار ٿي چڪو آهي، باقي ولين جون ڪرامتون ۽ ٻيا احوال درج نہ ڪرايا اٿئون. اهي اوهان کي ڏيکاري، پوءِ ضروري اقتباس ڪبو. في الحال اسان جو اچڻ نہ ٿيو. جنهن لاءِ مکيہ مانع رستن جي بارش ۽ اوهان جي طبع جي ناسازگي ڇئبو، ورنہ اسان جا جوان ڪيئن بہ اچي نڪرن ها. هنن جي رڳن ۾ گرم خون روان ۽ دوان آهي، تنهن ڪري سياري جي هنن کي پرواهہ نہ آهي. سندن موڪل 12- فيبروريءَ تي پوري ٿيندي. اپريل تائين امتحان هوندا. مئي ۾ واندا ٿيندا. تيستائين سرديءَ مان گرمي ٿي ويندي. ٻيو بہ الله کي معلوم:

"واڳ ڌڻي تنهنجي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي"

منهنجا هيٺ صحيح ڪندڙ، مٿين خيالن جا آهن:

(1) اسدالله شاهہ (2) شبير علي شاهہ 'هاتف' (3) غلام رسول شاهہ 'سوز' (4) امداد حسيني.

## (5)

حيدرآباد

12- آڪٽوبر 1961ع

ماستر عنايت الله، ادبي بورڊ وارو، آيو. ان کي "تذڪرت الشعراءِ ٺٽڙ" جو ڪتاب، اسدالله شاهہ کان وٺي، مارڪ ڪري ڏنو اٿم. ان ۾ حاجي عبدالحڪيم شاهہ جو ذڪر بہ آهي، ليڪن ڏاڏي ميران محمد شاهہ ۽ قاضي اسدالله شاهہ جو تفصيلوار ذڪر ڏنل آهي. حقيقت ۾ اهي ٻہ شخص ٺٽڙ جي خاندان ۾ نمايان هستيون هئا. ان کان پوءِ اگر ٻاهرينءَ دنيا جي احاتي کي ملحوظ رکبو تہ هي بندو بہ ٺٽڙ جي باشندن ۾ مخصوص حيثيت رکي ٿو. هنن کان بعد ٺٽڙ نہ رهي آهي. شهر سڄو سر، ڪلر ۽ بيروزگاريءَ ڪري تباهہ ٿي ويو آهي. گهڻا لڏي وڃي شهرن ۾ ويٺا آهن، علي اصغر شاهہ جو احوال سندس فرزند غلام حسين شاهہ کان لکايل آهي، اهو ڪافي آهي. اميد تہ ڪتاب جي مختلف مرحلن کان واقف ڪندا ايندا.

آءٌ 18- آڪٽوبر تي ڪراچيءَ وڃڻ جو ارادو رکان ٿو.

---

## سال 1962ع

(1)

حيدرآباد

1962ع

اڄوڪيءَ "عبرت" مان معلوم ٿيو تہ اوهان جي والده اوهان کي داغ مفارقت ڏيئي هِن جهان ڏي راهي ٿي ويئي. خدا کيس جوارِ رحمت عطا فرمائي ۽ اوهان کي صبر جميل بخشي!

آءٌ ۽ پنهنجي بيبي (baby) اچون ها، پر بيمار هئڻ ڪري اچي نٿا سگهون. ان ڪري، عذر خواهيءَ لاءِ هي خط موڪليون ٿا.

(2)

حيدرآباد

16- مارچ 1962ع

هٿ ڏکي ٿو. اکر خراب آهن، معاف ڪندا. اوهان پنهنجي طبعيت جي ناسازيءَ کان مطلع ڪيو آهي. خدا ڪري، تندرست تنومند هجو! گهر ۾ لڳاتار ويهڻ ڪري ان تي اثر پوندو هوندو، تہ بہ رب جو شڪر آهي جو پرائي نہ، پر پنهنجي گهر ۾ محفوظ آهيو!

ويچارا وائِوڙ، سدا شاڪر سور سين،
تاڙين مٿي توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

آءٌ پنجن مهينن کان لاڳيتو بيمار آهيان. اوهان وٽ فاتح خوانيءَ لاءِ اچي نہ سگهيو آهيان. جيڪڏهن آبهوا موافق رهي تہ غالباً مارچ جي 22- تاريخ سن ايندس. جيپ اسٽيشن تي موڪليندا.

مير (غلام علي) ۽ ڪرنل (حيدر) جي اليڪشن طرف اوهان اشارو ڪيو آهي. مون کي خبر آهي تہ اوهين ڪنهن جو طرف ڪونہ ٿا وٺو. پر حق جو ڪلمو چوندا تہ سنڌ جي پبلڪ لائيف کي جيترو مير غلام علي خان ڪَرپٽ (Corrupt) ڪيو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن بہ نہ ڪيو آهي! هن جو سارو خزانو حاڪمن جي ضيافتن ۽ شڪارن تي خرچ ٿيو آهي. هڪ پائي بہ اسڪول يا

اسپتال ۾ خرچ نہ ڪئي اٿس. وزارت ۽ آمارت پاڻ ۾ سندس ياءُ لاءِ وٺڻ واسطي تمام طاقتون صرف ڪيائين. اها ڪرپشن جي مانا پولي (Manapolly) هاڻ ختم ٿيڻ گهرجي.

(3)

حيدرآباد

12- نومبر 1962ع

امید تہ اوهان پنهنجي وطن ۾ گهٽو رهي سڪونِ دل حاصل ڪيو هوندو، ۽ ڪجهہ طبعزاد لٽريچر بہ پيدا ڪيو هوندو، جو شايد طباعت هيٺ اچي وڃي. جيڪڏهن انهيءَ لٽريچر کي منهنجي هوندي ڇپايو تہ نهايت چڱو.

آءٌ گذريل هفتي ڪان ڪراچيءَ ويل هوس. آءٌ ۽ منهنجي اهليہ رات جو اچي اوهان جي بنگلي تي ترسندا هئاسون. اهڙيءَ طرح هڪ هفتو گذري ويو. انهيءَ عرصي ۾ اوهان جي نياڻين اسان پوڙهن ڪراڙن جي جا خدمت ڪئي، ان جي تعريف ڪري نہ سگهبي. صالح مائٽ جو اولاد بہ صالح ٿيندو آهي. تنهن ڪري، هي خط پنهنجي ۽ اهليہ جي طرفان شڪريي جو موڪليان ٿو. نہ رڳو خدمت ڪيائون، پر سوکڙيون پاکڙيون بہ ڏنائون.

اوهان جي جاءِ جوانيءَ ۾ ڪم نہ آئي تہ پيريءَ ۾ تہ آئي!

## سال 1963ع

(1)

حيدرآباد

17- اپريل 1963ع

اوهان جو خط گهڻي عرصي کان پهتل آهي، پر زماني جي ايڏين الجهنن ۾ مستغرق آهيان جو دل جون تاڪيون کولي احوال لکڻ ڏانهن رغبت نٿي ٿئي. آءٌ سياري ۾ ٻه دفعا بيمار ٿي وري صحتياب ٿيو آهيان. سڄو سيارو ڪوٺين اندر گذاريو اٿم. دم جي بيماريءَ ڦڦڙن جي فعل کي زائل ڪري ڇڏيو آهي. ٻه- ٽي ڪلاڪ ڪم ڪرڻ بعد ٿڪجيو پوان. اسان سواءِ باقي دنيا ۾ ساٿي زال هيم، اها به بيمار ٿي پيئي آهي. جڏهن حڪيم سعيد جي علاج مان صحتياب ٿي ته وري اک خراب ٿي پيس. خدا شفا بخشيندس! ٻه همراهه حياتيءَ جي شاهراهه جي پوين منزلن کي طي ڪرڻ جي جدوجهد ڪري رهيا آهيون: ڏسجي ته ڪير اڳي، ڪير پوءِ! باوجود بيمارين ۽ ٻين مال ۽ گهرو نا اتفاقين جي، زندگيءَ جي ڪشتيءَ، زماني جي حوادث جي ڇُڦيڙن جو مقابلو ڪندي، گذرندي رهي ٿي.

پيري تمام ذڪرِ جواني مين ڪَٽ گئي،
ڪيا رات ٿي ڪ ايڪ ڪهاني مين ڪٽ گئي!

اوهان ڪڏهن نه وسريا آهيو. نه وسرندا. خطن جي ديرمدار ٿي اسان جي قلب جي ڪاڍي جو وزن نه وڌندا، سدائين ياد آهيو. ڪراچيءَ هلڻ ٿئي ته اطلاع ڏيندا ته ڪوشش ڪري اچي ملانوَ.

"سنڌي ادبي بورڊ" جو ڪم، باوجود بيماريءَ جي، باقاعدي ڪندو رهان ٿو. مخدوم صاحب جي مدد آهي. حسام الدين شاهه معاون آهي. محمد ابراهيم جويي لاءِ ٺهراءُ پاس ڪري سرڪار کي موڪليو اٿئون، ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي.

وڏي نوازش جو پنهنجي تذڪري ۾ مون کي ڪافي جاءِ ڏني اٿو. اهو ڪتاب سنڌ جي سياسي تاريخ تي ليکبي.

محمد عالم شاهه ڏاڏاهيءَ جو حال ڪونه ٿو ملي. هو سدائين ناري ۽ ٿر جو گشت ڪندو هو. پير صاحب پاڳاري جو خليفو هو. چانهه جو سخت عادي

هو. ڪٿلي هميشہ ساڻ هوندي هيس. اڪثر راڄوڻا فيصلا ڪندو هو. ان ڪري راڄن ۾ مڃتا گهڻي هوندي هيس.

(2)

حيدرآباد

6- جولاءِ، 1963ع

ڪيترا ڏهاڙا ٿي ويا آهن، مگر اوهان وٽان احوال نہ آيو آهي:

”نڪو خبر نڪو خواب، نڪو اوني آئيو!“

ٽپال جي ٽيڙائپ ۽ رائڙن جي روندائي، شايد چنين چپاٽين ڪي چپاڙيو ڇڏين. لاچار، قاصد هٿ خط موڪلجي ٿو. ملڻ الاجي ڪڏهن ٿيندو. اوهان جو ٻاهر نڪرڻ ٻين جي اختيار ۾ آهي. آءٌ هلڻ کان معذور آهيان، دوائون گهڻيون ڪيون اٿم، پر بيسود:

جان جان ڪري طبيب، دارون هن درد جا،

سي هٿيو هٿ حبيب، اڪوڙيو اڌ ڪري!

جڏو جيءُ پيو جياريان. حڪيم محمد سعيد جو علاج جاري آهي. سياٽي هالن وڃان ٿو. مخدوم صاحب جي پڦي وفات ڪري ويئي آهي. حسام الدين شاهہ ايندو تہ ادبي بورڊ جي ترقيءَ لاءِ تجويزون رٿبيون. آءٌ سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏيان ٿو. جويو صاحب ڊبل چارج وٺندو. خدا ڪري تہ بورڊ من هن جي هٿان بچي وڃي. اوهين هجو ها تہ بورڊ جي ڳالهہ ئي ٻي هجي ها، پر اهو وقت اڃا پري آهي. سنڌ جو الله تي ننگ آهي. دعا ڪجو، دين ايمان ۽ عزت سان لاڏاٽو ٿئي!

(3)

ڪراچي

24- آگسٽ، 1963ع

دمشڪيءَ ايترو ستايم جو ڪراچيءَ اچڻو پيو. هاڻ اهو حال آهي جو سنئون قدم بنا سهڪڻ جي ڪٽي نٿو سگهان. جڏهن لنڊن ۾ مخدوم صاحب سان گڏجي ويو هوس، تڏهن کان سگريٽ ڇڏي ڏنو اٿم. پوءِ بہ خبر نہ آهي، ڇو

ڦڦڙ خراب ٿي پيو آهي. ڪالهہ ڊاڪٽر قاسم، ڪرنل شوڪت ۽ ڪرنل شاهہ مون کي تپاسيو، ۽ ساڳي ڦڦڙ جي مستقل خراب ٿيڻ جي راءِ ڏني. دوا تجويز ڪئي اٿن، پر اها سمجهو تہ عارضي آهي، موٽر جي خراب ٿيل مشين وري نئين ٿي نہ سگهندي. پنج ڏينهن هتي علاج ڪري، وري حيدرآباد ويندس.

حيدرآباد جو حال هي آهي جو منهنجو ننڍو ڀاءُ محمد قاسم شاهہ سمجهي ٿو تہ منهنجو ڀاءُ مئو وينو آهي: متان سندس ملڪيت مان ٻيا وارث- وڏي نياڻي ۽ زال- بہ حصو وٺن، تنهن ڪري هينئر ئي مون کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو اٿس. فصل تي زوريءَ قبضي ڪرڻ جو خيال اٿس گهر ۾ منهنجو سوشل بائڪاٽ ڪيو اٿن- يعني نہ پاڻ ڳالهائي، نہ سندس تعلق جو ماڻهو ڳالهائي. هي آهي نتيجو! قاسم شاهہ کي نپائي، سانڍي، سندس اولاد کي بہ نپائي سانڍي وڏو ڪيم. اوهين بند ٿيا وڃنا آهيو- ڪهڙي ڪم جا! جي آزاد هجو ها تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ اڃ ڪم اچو ها، جيئن منهنجي ابتدائي سياسي زندگيءَ ۾ ڪارآمد ٿيا هئا. اوهان اڳي خط ۾ اڻسڌيءَ طرح ٽوڪ هنئي آهي، مگر اهي ٽوڪون جيئن اڳي برداشت ڪيون اٿم، تيئن هينئر بہ برداشت ڪندو ايندس. منهنجي اوهان سان شخصي محبت رهي آهي ۽ نہ سياسي: اها محبت اميد تہ قبر تائين قائم رهندي. آءٌ ۽ اوهين ڪهڙيءَ حالت ۾ بہ هجون، باوجود سياسي اختلاف راءِ جي، شخصي محبت هميشہ قائم پئي رکي اٿئون. منهنجي هميشہ دعا رهي آهي تہ خدا ڪري اوهين آزاد ۽ خوش هجو!

(4)

آخري خط

حيدرآباد

26- آڪٽوبر 1963ع

خط اوهان جو ميان يار محمد شاهہ هٿان مليو. وري شاهہ صاحب ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. سندس ڪم لاءِ ڪوشش وٺبي. ڪاميابي الله جي هٿ ۾ آهي. نور چشم امداد ڪالهہ آيو. منهنجي حالت روبرو ڏنائين. مطلب تہ دم زور وٺي ويو آهي ۽ ضعف وڌندو وڃي ٿو، جنهن ڪري گذريل ٻارهن ڏينهن کان گهر ۾ وينو آهيان. ادبي بورڊ جي ميٽنگ ۾ بہ شامل ٿي ڪونہ سگهيس. دعا ڪندا،

الله شفايابي بخشي، ڪنهن جو محتاج نه ڪري!

جنهن صورت ۾ اوهين هن وقت سنڌ جا تاريخدان سڏجي سگهو ٿا- خصوصاً خاندان مٽياري جا- منهنجي راءِ آهي ته اوهين پنهنجين تحريرن کي ڪتابي صورت ڏيڻ کان اڳ، مختلف مضمونن جي شڪل ۾، اسان جي خاندان جي چند شخصيتن بنسبت مضمون لکي اخبارن ۾ شايع ڪرايو ته عوام جي معلومات ۾ اضافو ٿئي، ۽ اوهان جيڪو تاريخ نويسيءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي، ان جو به عوام کي اندازو لڳي. انهيءَ ڏس ۾ قاضي اسدالله شاهه 'فدا' جو نالو پيش ڪندس. ڇوته، منهنجي خيال ۾، جن ماڻهن جي هن سرپرستي ڪئي هئي، اهي به ڪيس وساري وينا آهن. مهرباني ڪري پنهنجيءَ راءِ ۽ احوال کان واقف ڪندا. حيدرآباد ڪڏهن ايندا؟ ڪراچيءَ ڪڏهن ويندؤ؟ ملڻ جي گهڻي خواهش آهي. دعا سلام سيني جا قبول ڪندا.

- ميران محمد شاهه

[نوٽ: هيءُ سندس پويون خط هو. ان جو جواب ڪيس موڪليو هوم ته مون کي، بيماريءَ کان سواءِ، اجازت سان به ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هئڻ ڪري، حال ملڻ جو امڪان ڪونه آهي. ڪتاب لکڻ جو تفصيل موڪليو هيومانس- غلام مرتضيٰ]



# سيد غلام مرتضيٰ شاهه سيد محمد شاهه سنائي

عرف

# جي. ايم. سيد صاحب

- هن ڪتاب جو لائق مصنف: سندس جنم 17- جنوري 1904ع تي، ڇنڇر ڏينهن، سن جي ڳوٺ ۾ ٿيو.

پاڻ مٽياري سيدن مان، سيد شاهه حيدر عليه الرحمت جي اولاد مان چوڏهون نمبر سجاده نشين هو. تعليم مڪاني طرح ورتائين.

14 ورهين جي عمر ۾ سن جي شهر ۾ "انجمن مسلمين سن" برپا ڪري، شاديءَ، غميءَ ۽ ٻين رسمن جي اصلاح ڪرايائين.

مارچ 1924ع ۾، سنڌ جي سيدن جي تعليم، معاشرتي اصلاح ۽ تنظيم لاءِ سن ۾ مٽياري سادات ڪانفرنس سڏائي، "انجمن سادات مٽياري" قائم ڪرايائين.

آڪٽوبر 1925ع ۾، ڪراچي ضلعي جي "آبادگار ۽ زميندارن جي ائسوسئيشن" برپا ڪرڻ ۾ سيٺ محمد جعفر خواجه سان گڏ مکيه حصو ورتائين.

1926ع ۾، ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ ۽ اسڪولبورڊ جي ميمبريءَ وقت سن جي ڳوٺ ۾ زنانه اسڪول، انگريزي ڪلاس ۽ شبينه اسڪول قائم ڪرايائين.

1926ع کان، سيد حيدر عليه الرحمت جي درگاهه جي ساليانې ميلي جي موقعي تي، محال مانجهندن جي تعليمي ترقيءَ ۽ معاشرتي اصلاح لاءِ ڪانفرنس سڏائڻ جو دستور وڌائين، ۽ سنڌ جي ميلن ڪي اهڙيءَ طرح ڪتب آڻڻ لاءِ نهراءُ پاس ڪرايائين.

1928ع، ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽ چونڊجڻ بعد، ڪراچي ضلعي ۾ ڳوٺ سڌار هلچل شروع ڪرائي، ساري ضلعي ۾ جلسا سڏائي، ان جو پرچار ڪرايائين.

ڪراچي ضلعي لاءِ هينيون جماعتون نهرائي، انهن ذريعي سماجي خدمت ڪيائين:

| | |
|---|---|
| 1- ڪراچي، ضلع ڳوٺ سڌار ائسوسئيشن) | صدر: جمشيد ميهتا<br>سيڪريٽري: پاڻ |
| 2- زالن جي بهتريءَ لاءِ جماعت | صدر: مسز مومي ميهتا<br>سيڪريٽري: مس آڏواڻي |
| 3- مالدارن جي بچاءُ لاءِ ائسوسئيشن | صدر: حاجي مير محمد بلوچ<br>سيڪريٽري: پاڻ |
| 4- ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ | صدر: جمشيد ميهتا<br>سيڪريٽري: پاڻ |
| 5- مير بحرن جي حقن جي حفاظت لاءِ جماعت | صدر: جمشيد ميهتا<br>سيڪريٽري: پاڻ |
| 6- زميندار ۽ آبادگار جماعت | صدر: سيد حاجي عبدالرحيم شاهه<br>سيڪريٽري: پاڻ |

1930ع ۾، سيد ميران محمد شاهه سان گڏجي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي جي موقعي تي، ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسون ڪوٺائڻ جي شروعات ڪيائين.

ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي رستو پڪو ڪرايائين ۽ ڪراچي لوڪل بورڊ بلڊنگ، جنهن ۾ هن وقت ريڊيو پاڪستان ڪراچي آهي، نهرايائين.

1930ع ۾، ميرپورخاص ۾ "سنڌ هاري ڪانفرنس" سڏايائين، جنهن جي استقباليه ڪاميٽيءَ جو پاڻ چيئرمين هو. ڪانفرنس جي صدارت جمشيد ميهتا ڪئي. اتي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو بنياد وڌو ويو. ان جا پهريان عهديدار هي هئا: پرنسپال

گوڪلي، صدر: ڇيتمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد ۽ جي. ايم. سيد سڪيريٽري هئا.

1930ع کان 1936ع تائين، خانبهادر عظيم خان ۽ جمشيد ميهتا سان گڏ، ڪوآپريٽو تحريڪ ۾ ڪم ڪيائين. سنڌ ۾ ڇيتمل پرسرام سان گڏ "صوفي سماگم" مجلسن سڏائڻ جو دستور وڌائين.

1931ع کان سنڌ ۾ ديسي هنرن کي زور وٺائڻ ۽ کاڌي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ ديسي نمائشن کي قائم ڪرڻ ۾ حصو ورتائين.

1940ع ۾، سنڌ سرڪار جي وزير تعليم، انڊسٽريز ۽ ليبر ٿيڻ بعد، هيٺيان ڪم ڪيائين:

(1) سنڌ ۾ جدا يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ ميران محمد شاهه جي صدارت هيٺ ڪميٽي مقرر ڪيائين.

(2) ڊسمبر 1944ع ۾حيدرآباد ۾ گڏ ٿيل "سنڌ تعليمي ڪانفرنس" ۾ خاص حصو ۽ دلچسپي ورتائين.

(3) سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ "سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ" ميران محمد شاهه جي چيئرمينيءَ ۾ قائم ڪيائين، جنهن جو سيڪريٽري عثمان علي انصاري هو، جو پوءِ غلام نبي پناڻ جي تعليمي وزيريءَ جي ڏينهن ۾ وڌي، 1951ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" نالي سان سڃاڻڻ لڳو.

(3) اسڪولن ۾ راڳ، رقص، مصوريءَ جي تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪيائين.

(4) سيڪنڊري تعليم جي زور وٺائڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪيائين، جا آخر بدلجي "سيڪنڊري ايڊيوڪيشن بورڊ" جي صورت اختيار ڪري ويئي.

(5) ماڻهن طرفان اسڪولن ۾ زوري مذهبي تعليم رائج ڪرڻ جي سوال تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي صدارت هيٺ قائم ڪيائين، جنهن سفارش ڪئي تہ (تڏهوڪي صورتحال ۾) مذهبي تعليم جو اسڪولن ۾ رواج فائدي بدران نقصان جو ڪارڻ بڻبو.

(6) مزورن جي آرام ۽ ڪم جي وقت جي عرصي مقرر ڪرڻ لاءِ قانون پاس ڪرايائين.

(7) "انڊين نيشنل پلئننگ ڪميشن" (پنڊت جواهر لعل نهروءَ جي صدارت ۾ قائم ٿيل) تي ڪم ڪيائين.

”سنڌي ادبي بورڊ“ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي چيئرمين طور 1953ع کان 1958ع تائين ڪم ڪيائين.

”شاهه لطيف ڪلچرل بورڊ“ قائم ڪرائي، ان تي ميمبر طور ڪم ڪيائين. شاهه لطيف جي درگاهه تي ثقافتي مرڪز جي تجويز تيار ڪري، ان کي بحال ڪرائڻ ۾ سندس مکيه هٿ هو.

هينيان ڪتاب تصنيف ڪيا اٿس، جن مان ڪي ڇپجي ويا آهن ۽ ڪي اجا نہ ڇپجي سگهيا آهن:

1- محال مانجهندن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام (ڇپيل)

2- پاڪستان قائم ٿيڻ لاءِ دليل- ترجمو (ڇپيل)

3- جديشري کان انتظامي کاتي کي جدا ڪرڻ- (علي محمد شاهه راشديءَ جي مدد سان لکيل) (ڇپيل)

4- جنب گذاريم جن سين- بہ ڇاپا- ٻن جلدن ۾ (ڇپيل، جنهن ۾ 167 مکيہ ماڻهن جي حياتيءَ جا احوال آيل آهن).

5- پاڪستان ۽ مسلمان- ترجمو (ڇپيل)

6- سنڌ جا سورما (ڇپيل)

7- سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي (ڇپيل)

8- ساهڙ جا سينگار- علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جا خط (ڇپيل)

9- سنڌي ڪلچر (ڇپيل)

10- بزم صوفياءَ سنڌ جا خطبا (ڇپيل)

11- چونڊ سياسي مضمون ۽ تقريرون 1962ع (ڇپيل)

12- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني- خاڪو (ڇپيل)

13- جديد عالمي سياست (ڇپيل)

14- اڄ پڻ ڇڪيم ڇاڪ (ڇپيل)

15- پيغام لطيف (ڇپيل)

16- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون ڪافيون (ڇپيل)

17- رهاڻ: سيد ميران محمد شاهه جا سندس ڏانهن لکيل خطن مان چونڊيل خطن جو مجموعو- بہ ڇاپا (ڇپيل)

18- سيد علي محمد شاهه راشدي جا سندس ڏانهن لکيل خطن مان

چونديل خطن جو مجموعو (ڇپيل)

19- پيغامِ لطيف (درست ڇپيل صورت ۾) (ڇپيل)

20- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني: 5 جلدن ۾ (پهريون جلد ڇپيل باقي جلد اڻ ڇپيل)

21- جيئن ڏٺو آ مون (ڇپيل، سنڌيءَ ۾ ضبط ٿيل ۽ اردو ترجمو ملنڊڙ)

22- موجوده سياسي مسئلا: قوميت، زبان، مسلم ليگ ۽ سنڌ جي مسئلن تي مضمون (ڇپيل)، جيڪو پوءِ ضبط ٿيو.

23- نئين سنڌ لاءِ جدوجهد- سنڌي ۽ انگريزي (بندش پيل ڇپيل)

24- موجوده سياسي مسئلا (بندش پيل ڇپيل)

25- ديارِ دل ۽ داستانِ محبت (بندش پيل ڇپيل)

26- جديد سياست جا نوَ رتن (بندش پيل ڇپيل)

27- ادبي مضمون (اڻ ڇپيل)

28- اسلامي سربراهي ڪانفرنس- تبصرو (اڻ ڇپيل)

29- جناح سان لکپڙهه (اڻ ڇپيل)

30- سنڌ ۽ هند جي مک سياستدانن ۽ عالمن جا خط (اڻ ڇپيل)

31- تاريخ متعلوي سادات بمع شجره (اڻ ڇپيل)

32- محمد امين کوسي جي خطن جو مجموعو (اڻ ڇپيل)

33- سنڌ جي ساجاهه (اڻ ڇپيل)

34- مٽياري ۽ سنائي سيدن جي تاريخ ۽ شجرا (اڻ ڇپيل)

35- پنهنجي مکيه سياسي مضمونن جو مجموعو (اڻ ڇپيل)

36- پنهنجن مکيه ثقافتي مضمونن جو مجموعو (اڻ ڇپيل)

37- حالات حاضره تي مضمون: مذهب، ثقافت، جدائيءَ جا ڪارڻ، مستقل وغيره (اڻ ڇپيل)

۽ ٻيا ڪيئي مضمون ۽ ڪتابچا، ڪي ڇپيل ۽ ڪي اجا اڻ ڇپيل آهن.

● "سيد ميران محمد شاهہ سان منهنجي واقفيت مارچ 1924ع ۾، متياري سادات ڪانفرنس جي موقعي تي ، سن ۾ ٿي، جا سگهوئي وڌي وڃي راز محرم دوستيءَ جي درجي تائين پهتي. سندس حياتيءَ جو مختصر احوال هن ڪتاب جي پهرئين فصل ۾ ڏنو ويو آهي. هتي سندس مون ڏانهن لکيل اٽڪل هزار ڪن خطن مان، جي مون وٽ سڀ محفوظ آهن، فقط 243 خطن جو مجموعو پيش ڪريان ٿو.جنهن ۾ مرحوم جا مختلف موقعن تي لکيل خط ڏنل آهن. انهن مان تاريخي مواد هڪ طرف ملي سگهندو ۽ ٻئي طرف سندس واقع نگاري، ادبي مذاق، زنده دلي ۽ فلسفهٔ حيات تي بہ روشني پئجي سگهندي.

هنن خطن مان ڪن جو اختصار ڪيل آهي. ڪي سواءِ عبارتن ۽ غير ضروري مواد جي، سمورا ڏنل آهن. ڪن جو انگريزيءَ مان آزاد ترجمو ڪيل آهي. هڪ خط منهنجو لکيل بہ ڏنل آهي. ڪن خطن جي هيٺان نوٽ لڳل آهي. اسان جي دوستي شخصي رفاقت جي بنياد تي ٻڌل هئي. هو بہ جذباتي هو، ۽ آءُ بہ جذباتي پئي رهيو آهيان. هن تي ايراني تهذيب جي رند و مشرب جو اثر وڌيڪ هو. آءُ بہ، مشرق جي اڪثر مسلمانن وانگر هوس. انهيءَ فضا جي پيدائش يونان جي ايپيڪيورين ۽ اسٽوئسزم واري فلسفي جو مقصد گهٽو ڪري ساڳيو وڃي بيهي."

● "انسان ويچارو دائمي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪري ٿو.بهشتي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ عبادتون ڪري ٿو. دوستيون ڳنڍي ٿو.هر ستي شيءِ مان لطف حاصل ڪري ٿو. ليڪن ڪهڙي خبر آهي تہ اهي سڀ زندگيءَ وانگر عارضي آهن. جنهن ڪي ساٿيهہ ٿو چاڙجي، سي ڳالهيون مانجهاندي جو ماڳ آهن. ماڻهوءَ جي آٿت لاءِ، ٻئي جنم ۾ گڏجڻ جو دلاسو ڏنو، سڀ ڪجهہ ڪيو، ليڪن يقين سان ڪجهہ چوڻ جي اهل نہ بنيو آهي.

هن ڌرتيءَ تي لکها ورهين کان زندگيءَ جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شايد اڳتي بہ زندگي هلندي اچي. اهي سڀ ثبوت "حيات ڪل" جا آهن. ليڪن شخصي زندگيءَ جو تسلسل اجا بہ تشنهٔ ثبوت رهيو پيو آهي. جهڙيءَ طرح شخصي حيات جو تسلسل مشڪوڪ آهي، اهڙيءَ طرح سان شخصي خوشي بہ عارضي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ويچارن فيلسوفن گهڻي متا ماري ڪئي آهي. ڪي رهبانيت جا قائل ٿي، هن زندگيءَ کي عارضي سمجهي، دائمي زندگي ۽ دائمي خوشيءَ جي ڳولا ۾ سرگردان رهيا. تہ ڪي رند بنجي، ايپيڪيورين فلسفي جا پوئلڳ ٿي، نقد حيات حاصل ڪرڻ ۾ مستغرق رهيا. پر ڏسڻ ۾ شايد ائين اچي ٿو تہ ٻنهي ڌرين شخصي زندگيءَ جي تسلسل تي بنياد رکي پنهنجا نظريا بنايا آهن. بهرحال، جيستائين زندگيءَ جو تعلق آهي، دائمي حيات ۽ دائمي خوشيءَ جي کوجنا جاري رهندي."

جي قيامَ مَرِڻ، تہ ڪَرَ اوڏا سپرين.

(شاهہ)

غلام مرتضيٰ

14 - ڊسمبر 1963ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.